ABC
CERTIFIED

# هراڻ

جلد - ۴۴
نمبر ۳/۱۹۹۵ع
(جولاءِ-سيپٽمبر ۱۹۹۵ع)



ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو



سنڌ جي تاريخ جو مرڪز - ٺٽو
(رهائشي جاين جو روايتي اڏاوتي نمونو)
-تصوير: سيد حسام الدين راشدي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز]

جلد ۴۴] جولاءِ-سيپٽمبر ١٩٩٥ع [نمبر ٣

نگران

**حسين شاهه راشدي**

ايڊيٽر

**نفيس احمد شيخ**

سب ايڊيٽر

**طارق عالم**



## سنڌي ادبي بورڊ

جامشورو سنڌ

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ
## ڄامشورو سنڌ

**(Regd. No. SC-372)**

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 44, No: 3, Year: 1995
(Established in 1955)


An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi Literature.
Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Education, Music, Folklore, Archaeology, Numismatics, Lexicography and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.
Besides translations of World literature are also presented.
Correspondence about publication be addressed to:


Editor
"Mehran" Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro (Post Code: 76070)
Via: Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (0221) 771276

For Subscription please contact:
Manager Book -Stall
Sindhi Adabi Board
Tilk Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone: (0221) 615179

مواد موڪلڻ لاءِ
ايڊيٽر
"مهراڻ" ٽماهي
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ
(پوسٽ ڪوڊ ٧٦٠٧٠)
فون نمبر: ٧٧١٢٧٦

خريداريءَ لاءِ لکپڙهه
مئنيجر بڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد، سنڌ.
فون نمبر: ٦١٥١٧٩


ساليانو چندو: ١٠٠-٠٠ رپيا

في پرچو: ٣٠-٠٠ رپيا

(نوٽ: خريدارن کي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ ساليانو چندو چار سؤ رپيا)


Printed and Published by Murad Ali Mirza
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, JAMSHORO Sindh.
(Composed by Aijaz Jafri and printing supervised by Publication Officer Allah Bachayo Yousufzai and Manager Press Sikander Ali Shah)



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# گذارش

## سنڌ جا قديم آثار ۽ انهن جي سنڀال

"...... آءٌ سنڌ جي سرڪار کي، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي تهذيب جو واسطو وجهي عرض ڪندس تہ محڪمہ آثار قديمہ ۽ محڪمہ اوقاف جي گڏيل وسيلي سان، ٺٽي شهر ۽ مڪليءَ جي آثارن جي حفاظت لاءِ قدم کڻي... اهو وقت جو آواز آهي ۽ اها تاريخ جي صدا آهي، جنهن کي پورو ڪرڻ اسان جو فرض آهي. موجوده حڪومت، انهيءَ عمل ڪري، دائمي طرح سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو ثبت ڪري ويندي....."

مٿينءَ جيءَ جنجهوڙيندڙ اپيل، سنڌ جي تاريخ جي عظيم ڄاڻو ۽ ناميار دانشور، مرحوم پير حسام الدين راشدي جي آهي، جا سندس مشهور تحقيقي مقالي-- "ٺٽي شهر جي آڳاٽي جاگرافي"-- جي پڇاڙيءَ ۾ ڪيل آهي.

١٩٧٢ع ۾ پير صاحب جي ڪيل ان اپيل جي افاديت اڄ بہ جيئن جو تيئن قائم آهي، بلڪ ايترن سالن گذري وڃڻ جي ڪري ان جي اهميت ۾ واڌارو اچي ويل آهي. پير صاحب جي ان اپيل جو واسطو فقط ٺٽي ۽ مڪليءَ جي آثارن تائين محدود نہ سمجهڻ کپي، پر سنڌ جي سمورن قديم آثارن، تهذيبي ماڳن ۽ ثقافتي مرڪزن سان لاڳو سمجهڻ کپي، جي واسطيدار کاتن جي بيڌياني، سرڪاري حلقن جي بي توجهي ۽ خود اسان جي عام ماڻهن طرفان ڄاڻي ٻجهي نقصان پهچائڻ وارين ڪوششن جي ڪري ڏينهون ڏينهن برباد ٿي رهيا آهن.

تهذيب يافتہ مُلڪن ۽ قومن پنهنجن تاريخي آثارن ۽ ثقافتي ماڳن جي سار سنڀال لاءِ جيڪي اپاءَ ورتا آهن، تن کان علمي حلقا چڱيءَ طرح واقف آهن. ان جي ڀيٽ ۾ اسان جي سنڌ جي قديم آثارن سان جيڪو سلوڪ شروع کان وٺي روا رکيو ويو آهي، اهو بيحد ڏکوئيندڙ آهي. هن وقت سنڌ جا آثار تباهيءَ جي سنجيده مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن ۽ انهن کي بچائڻ لاءِ ڪنهن بہ کاتي يا اٿارٽي، سرڪار يا ڪنهن اداري طرفان جوڳا اپاءَ ڪونہ ٿا ورتا وڃن.

حالت اها آهي جو دنيا جي عظيم ترين تهذيبي مرڪز "موهن جي دڙي" جي تحفظ لاءِ هڪ اٿارٽي هڪ ڊگهي زماني کان وٺي قائم آهي، پر اڄ تائين ان جي ڪارڪردگي ڇا رهي آهي، ان کان عام ماڻهو تہ ڇڏيو، پر سنڌ جا علمي حلقا بہ اڻواقف آهن تہ اٿارٽي دڙي کي بچائڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا آهن ۽ انهن ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويئي آهي. ٻئي طرف دڙي لاءِ اهي خبرون اينديون ٿيون رهن تہ باقي ڪيترن سالن جو مهمان آهي!

سنڌ جي ٻئي وڏي تهذيبي مرڪز مڪليءَ جي حالت هاڻي اها وڃي بيٺي آهي، جو سنڌ جي سپوت جام نظام الدين سمي جو آخري آرامگاهہ-- جيڪو مڪليءَ جي سموري تعميرات جو نڪُ آهي-- مرامت کان بيڌيانيءَ ڪري لاوارثي جي حالت ۾ زبون ٿي رهيو آهي. سنڌ جي سدا حيات هيرو دولهہ درياخان جي مزار جي مرامت نہ ٿي تہ اڪثر جنڊ پٿرن کي ٽڳائڻ کان ڪوبہ بچائي نہ سگهندو. جيئن مڪليءَ جا چٽسالي وارا سوين پٿر، ڪراچيءَ ۾ بنگلن جي زينت بنيل آهن. يونيسڪو طرفان قرار ڏنل عظيم تاريخي مرڪز "مڪلي" ڏينهون ڏينهن برباد ٿي رهيو آهي ۽ هاڻي تہ حالت هيءَ بہ آهي جو ڪن بااثر ماڻهن پنهنجي ذاتي سهوليت لاءِ مقرره ثقافتي حدن اندر بلڊوزر گهمائي، قبرن کي مسمار ڪري، رستا بہ ڪڍي ورتا آهن!

اسان کي قديم آثارن وارو کاتو ٻڌائي سگهندو تہ خداآباد ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي تاريخي مسجد جي تازه بربادي، تي انهن ڪهڙو تحرڪ ورتو آهي، جو ان جو هڪ حصو اوچتو ڌهي پَٽ ٿي پيو آهي.

ان طرح ننگرپارڪر پاسي، آڳاٽي زماني جي قديم آثارن جي برباديءَ جو ڪڏهن ڪنهن اهلڪار معائنو بہ ڪيو آهي؟ ساڳيءَ ريت ٺُل مير رُڪڻ ۽ چٽوڙيءَ جو قبرستان بہ محڪمي جي بيڌيانيءَ ڪري زبون ٿي رهيا آهن. حيدرآباد ۾ ميان غلام نبي ڪلهوڙي جي مقبري واري چوديواريءَ اندر خانگي قبرستان ٺهڻ شروع ٿي ويو آهي.

وري بہ آفرين آهي سنڌ جي وڏي وزير سيد عبدالله شاهہ کي، جنهن عمرڪوٽ جي قلعي جي نگهداشت لاءِ چوڌاري ناجائز قبضن ۽ تازه تعميرات کي هٽائڻ جو حڪم ڏنو آهي، جيئن انٽيڪئيٽيز ائڪٽ جي حوالي سان قومي ثقافتي ماڳ کي بچائي سگهجي. واضح رهي تہ ڪجهہ وقت اڳ ۾ عمرڪوٽ جي قلعي جي ديوار جي پرسان شاپنگ سينٽر جي اڏاوت جي حوالي سان سنڌ جي علمي ۽ ادبي، سماجي ۽ ثقافتي حلقن ۾ بي چينيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي هئي ۽ سنڌ جي باشعور حلقن گهُر ڪئي هئي تہ ان قسم جي اڏاوت کي روڪي، قلعي کي برباد ٿيڻ کان بچايو وڃي. اهڙي وقتائتي احتجاج جي حوالي سان، اسان سنڌ جي سجاڳ علمي حلقن جي ڪوشش کي بہ قدر جي نظر سان ڏسون ٿا.

سنڌ جي قديم آثارن جي سنڀال کي اسان اڄ ان ڪري بہ موضوع بنايو آهي، جو مرڪزي حڪومت پاڪستان جي آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ جو هاڻوڪو ڊئريڪٽرجنرل ۽ اسان جو عزيز دوست ڊاڪٽر محمد رفيق مُغل، نہ فقط عالمي طور تي مڃيل عالم، محقق ۽ قديم آثارن جو ماهر آهي، پر ان سان گڏ سنڌ جي قديم ماڳن جي کوٽائين ۽ انهن تي تحقيق ڪرڻ وارين ڪوششن ۾ سندس پراڻو ۽ گهرو واسطو بہ رهيو آهي. ديبل ۽ منصوره سان گڏ ڀنڀور جي پڙي ۽ ٻين آثارن جي کوٽائين ۾ ڊاڪٽر صاحب ماضيءَ ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب تي سندس تحقيقي مقالن کي علمي دنيا ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. اهڙي فاضل شخص جي اياڻڪاريءَ ۽ سندس نگرانيءَ ۾ سنڌ جي قديم آثارن سان بيڌيانيءَ وارو سلوڪ نہ ٿيڻ کپي.

ٻئي طرف، اسان سنڌ جي سپوت سائين حسام الدين راشديءَ جي تاثرات جي روشنيءَ ۾ سنڌ سرڪار، خاص ڪري سائين عبدالله شاهہ کي عرض ڪنداسين تہ "تاريخ جي صدا" تي ڌيان ڌريندي، برباديءَ ڏانهن وڌندڙ سنڌ جي قديم آثارن جي سارَ سنڀال لاءِ نہ صرف پنهنجي طرفان اپاءَ ورتا وڃن، پر ان سان گڏ ذاتي دلچسپيءَ سان مرڪزي حڪومت کي بہ آماده ڪيو وڃي، جيئن سنڌ جي ادبي ۽ علمي، ثقافتي ۽ سماجي حلقن جي ان شڪايت جو خاتمو ٿئي تہ محڪمي جي غفلت ڪري، سنڌ جا ثقافتي آثار برباد ٿي رهيا آهن.

## ڪجهہ "مهراڻ" بابت

مهراڻ جو هيءَ ٽيون پرچو آهي، جو هن سال، پوري وقت تي پڌرو ٿي رهيو آهي. چوٿون پرچو بہ وقت کان اڳ شايع ڪرڻ لاءِ جتن ڪيا پيا وڃن. مهراڻ جي ديرمدار جيَ خاتمي جو سڄو اهتمام ۽ ڪريڊٽ، بورڊ جي فاضل چيئرمن، سينيٽر حسين شاهہ راشديءَ جي تحرڪ ۽ ڪوشش سان وابستہ آهي، جنهن صاحب مهراڻ لاءِ خاص ڌيان ڏيندي هڪ طرف انتظامي طور مون کي ڪي وڌندڙ اپاءَ فراهم ڪري ڏنا آهن تہ ٻئي طرف پنهنجي شفقت ۽ محبت سان مڪمل ساٿ سهڪار سان نوازيو آهي، جيڪا هن اداري ۾ ماضيءَ جي هڪ بنيادي ۽ اهم روايت پئي رهي آهي.

ان طرح سنڌ جي انتهائي ٻاجهارن ليکڪن، اديبن، شاعرن، محققن ۽ علمي حلقن جي ادبي سهڪار کي بہ وساري نٿو سگهجي، جي پنهنجا دستوري پال پلاٽيِ، مهراڻ کي قلمي سهڪار سان نوازيندا رهن ٿا. ان ڏس ۾ اسان جي نئين ٽهيءَ جي مهربان ليکڪن جي تعاون لاءِ خاص طرح سان سندن لک لائق ۽ احسان. -- ن.ا.ش.

## ★ شاعري

سچل سرمست (ترجمو: امير علي چانڊيو) ٩
شيخ اياز ١٠
تنوير عباسي / شمشيرالحيدري ١٢
تاجل بيوس ١٣
عنايت بلوچ / نورالهديٰ شاهه / نصير مرزا ١٤
انيس انصاري / ادل سومرو ١٥
عبدالقيوم صائب / غلام حسين رنگريز /
آثم ناٿن شاهي / منير سولنگي ١٦
اياز گل/ بخشڻ مهراڻوي / سوزهالاڻي / احمد ٽالپر ١٧
مير محمد پيرزادو / بادل / سقراط سيتائي /
مختيار گهمرو ١٨
ڪرم ٽالپر ١٩
مانڪ ملاح / فياض چند ڪليري / اقبال رند ٢٠
وسيم سومرو / زوار نقوي / راشد موراڻي ٢١
مقصود گل / منظر راجپر / محسن عباسي /
ضمير قل ٢٢
نياز پنهور / معشوق ڌاريجو / معصوم بخاري /
بشير احمد شاد ٢٣
سعيد ميمڻ / روشن گهانگهرو / عزيز ڪنگراڻي/
سرڪش سنڌي ٢٤
مسڪين ملاح / آدرش / روبينه ابڙو ٢٥
ستار/ سميع ڪنڌر/ انجم قاضي/ آصف منياڻوي ٢٦
مهرخادم / پريم پتافي / درد سولنگي /
سڪندر مگسي ٢٧
امين زرداري / فهميده شرف بلوچ / ناصر چاچڙ /
بيخود بلوچ / عبيد ڪٽپر ٢٨
آڪاش بوزدار/ سلمان سومرو/ جبار تاثير سومرو/
شڪيل پارس ٢٩
غلام حسين ڏيپر / باري ابڙو / عادل سومرو /
بانو محبوب جوکيو ٣٠
اسلم چنا / ضياءُ شاهه / آزاد انور ڪانڌڙو ٣١
احسان دانش / راهي چنا / سلميٰ پنهور /
اسحاق سميجو ٣٢

## ★ مقالا

١ـ ڪڇهري بدين ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٣٥
٢ـ جنگ نامه منظوم فارسي ـ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خاناڻي ٥٠
٣ـ فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما ـ غلام محمد لاکو ٧١
٤ـ نواب شاهه ضلعي جا ڪتبخانا ـ عبدالرسول قادري ٩٤
٥ـ چچ نامي ۾ موجود فارسي شعرن جي باري ۾ هڪ گذارش ـ ڊاڪٽر نذير احمد ١١٠
سنڌيڪار: محمد پُنهل ڏهر
٦ـ ١٨١٩ع کان وٺي ڇپيل سنڌي ڪتابن جو جائزو ـ ڊاڪٽر الهرکيو ٻُٽ ١٢٠
(اسلام، هندو ڌرم ۽ عيسائيت جا ١٩٠٠ع تائين ڇپيل ڪتاب)
٧ـ دستاويزن ۽ مخطوطن جي مرامت جا طريقا ـ گُرڏنو گانگاڻي ١٤١
٨ـ ڇهه ڇهه پنسا، ٻه ٻه پايون ـ نصير مرزا ١٦٠
(ڪشنچند "بيوس" جي ٻارن لاءِ شاعري)

## ★ ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ١ـ ڪجل بنا نيڻ | ـ ماڪن شاھ رضوي | ١٧٩ |
| ٢ـ بوسنيا جي ڌيءَ | ـ شاھ زمان پنگر | ٢١٣ |
| ٣ـ هڪ گُڏيءَ جو زانچو | ـ مظهر الاسلام<br>سنڌيڪار: قاضي اياز مهيسر | ٢١٥ |
| ۴ـ نيري ڍنڍ | ـ هينري ڊي ويري اسٽيڪپول<br>سنڌيڪار: قربان جعفري | ٢١٩ |
| ٥ـ زندگي، هڪ لُچي عورت | ـ ڪرتار سنگھ دُگل<br>سنڌيڪار: محسن عباسي | ٢٥٢ |


## ★ اڄ نہ اوطاقن ۾


| | | |
|---|---|---|
| حاجي ولد محمد جَت (ڪَڇ) | ـ ڊاڪٽر پرسو گدواڻي | ٢٥٥ |




"مختلف دورن ۾ هيتري ترقيءَ جي باوجود بہ برطانوي دور ۾ سنڌي شعر کي هڪ عظيم نقصان سهڻو پيو. هن ڪان اڳ سنڌي شاعري خالص مقامي ماحول جو عڪس هوندي هئي. دوها، بيت ۽ ڪافيون - جن ۾ بولي خالص، تشبيهون ۽ استعارا مقامي، جذبات ۽ تخيل گهريلو، توڙي تصورات جي حد تائين بہ وابستگي سنڌ سان هوندي هئي. ليڪن هن دور ۾ هي خوبيون بلڪل ختم ٿي ويون. بيدل ۽ بيڪس تائين تہ اهائي پراڻي ريت قائم رهي، ليڪن مير حسن علي خان، مير عبدالحسين خان، سيد فاضل شاهہ ۽ مرزا قليچ بيگ روايتي شاعريءَ ڪان منهن موڙي نئين راهہ ڪڍي ۽ ايراني ماحول کي سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ڪيو. ڪانءُ، ڪبر، ڪرڙ، ڪنڊي ۽ پٽن پاڻن جي بجاءِ گل ۽ بلبل توڙي سرو ۽ صنوبر کي اهميت ڏني وئي. جنهنڪري بولي خالص نہ رهي. تصور ۽ خيال جي مطابقت ماحول موجب نہ رهي. تشبيهون، استعارا ۽ ترڪيبون وغيره اهڙي ملڪ مان آندا ويا، جيڪو سنڌي ماڻهن ڪڏهن ڏٺو بہ ڪونہ هو ۽ انهن لاءِ هي صورت حال (شاعري) بلڪل ڪِل جهڙي بنجي پيئي. سنڌي شاعريءَ جو تالو پنهنجي ماڻهن ڪان ٽٽي ويو ۽ شاعري صرف تعليم يافتہ ۽ شهري ماڻهن جي ذهني عياشي لاءِ مخصوص ٿي وئي. سنڌي ادب لاءِ اها اهڙي ڪاري ضرب هئي، جنهن جي اثر هيٺ، اهو اڄ تائين مُئل حالت ۾ پيو آهي. سنڌيءَ جي غزليہ شاعري اهڙي پئي معلوم ٿئي جڻ ڪو گار ڏئي رهيو آهي."

**- سيد حسام الدين راشدي**

**(سنڌي ادب، ١٩٥١ع")**

# شاعري

# لطيفي لات

لڙ لهريون لَس ليت، جت اَت نہ آب جو،
الله اَتِ مَ اولئين، پيڙا متي ٻيٽ،
جوکو تئي مَجَڙاوَ کي، فَرهي اچي مَ فيٽ،
لڳي ڪا مَ لپيٽ، غاريبي غوراب کي.

وَهَہ تِکَ وهڪرا، جت ننگر نہ ٿَهرن،
وڏاندريون وَهہ سامُهيون، جَجهي جورَ جُنبن،
نيڏوءَ ۾ ناتاريون، وٺجارا وجهن،
مُلا معلمن، مون ڳري سُٺائي ڳالهڙي.

اَچارا عَميق جا، ڳڏئا غواصن،
جُهڙيون جهاڳي آئيا، ڪاروٻيار ڪُن،
سمنڊ سُوجهي جن، آٿي اَمُل اولئا.

ڳُوها ڪالهہ ڪٺي، وڏئون اُتر آسري،
الله جهُري مَ ان جي، اولي جي اَٿِي،
وٺجارن وَٽي، وکر وڌو ٻيڙين.

لڳي اُتر هير، سامونڊين سِڙهہ سَنباهيا،
ننگر ڪٺي ناکئا، ٿِئا سَٺائيءَ سِير،
هِنيڙي نِت اکير، ڪاري-ڪيڙائن جي.

ناکئو نگهبانُ، مُنجي مُعلم خَبرون،
جن ساري ڪنيو سمنڊ ۾ سَفر جو سامانُ،
لطف ساڻ لطيف چئي، تَن لنگهئُو طوفانُ،
سنيارِي سُبحانُ، وجي عَدَنئون اڪتا!

**- شاهہ عبداللطيف ڀٽائي**

شيخ اياز

# چوسٽا

## [سلطان باھوءَ جي نالي]

(١)

ھو باھو سلطان بہ آھي، بُلّي شــــــاھہ بہ ھُو،
جڻ تہ پـــــتـــانيءَ جي آويءَ ۾ آ اوچـــو آڙاھہ بہ ھُو،
شال فريدا ھن کي سمجھين مھر بہ ھو ۽ ماھہ بہ ھو،
آھي امن پيـــام اُنھيءَ جـو سڀ ســان آھي نــاھہ بہ ھو.

(٢)

کوبہ نہ رھنـــــو آھي باھو ھرکو مِــــتّي ھُو،
قـــبـــر مـــتـــان چــانڊوکي آھي سڀ جي چِـــتّي ھو،
کير نہ آھي جنھن ھن جڳ سان کونہ کئي آ کِتّي ھو،
انڪاري آ کير خدا کان، ڪنھن جي قسمت ڦِٽي ھو.

(٣)

ھاڻي چــا ٿــيندو بس ويئي منھنجي عـــمـــر اَجــائي ھو،
ھُن جي کيـــــئن تلافي ٿــيندو بيت ھجي يا وائي ھو،
نيٺ تہ مـــــٽي آ پاينده ناھي صـــــورت ڪائي ھو،
باھو جي مـون مُرشد گھرجي ڪافي آھہ پـٽـاني ھو.

(٤)

باھو نانءُ خـــدا جـــو سچـــو ٻيـــو سڀ آھي فـــاني ھو،
جـڳ گھڙيءَ جـو مـيلو آھي ڪوئي خـان نہ خـاني ھو،
حـــرص ھوس انســــان ۾ آھي جڻ ســـاري ناداني ھو،
ھي جيـــڪـو مانداڻ انھيءَ جـو ڪو تہ لڳي ٿو باني ھو.

(٥)

باھو تو جــو عـــشق ڪيـــو سـو نانھہ اجـايو ويـٺو ھوُ،
مان ڄاڻان ٿو ڪنھن ڪنھن تڙ تي توکي پيرو پيٺو ھو،
چنڊ چِڪي ٿو سينگ انھيءَ کي تير تہ توتي سيٺو ھو،
ھڪڙي ڏينھن تہ اچڻو آھي، ماڻھوءَ موت تہ مٺو ھو.

(٦)

بيـــنـــو عـــشق نچـــاني ڪنھن کي تـــيّـــا تـــبا ھوُ،
ڪُن اندر ڦـــــيـــــراٽـــــون ڪــــاني پيـــني نيّـــا ھو،
ھيءَ اڪيـلي ناوَ، انھيءَ جـــو ڪر ڪِــــوَنيـــا ھو،*
اونداھي اڌ رات انـھـيءَ جي ھيّــــــا ھَيّـــــا ھو.

(٧)

ٿـــــــوري دير ھوا ۾ آھي پاڻيءَ ڦـــــوٽو ھوُ،
مــاڻھــو ڪا شيءِ ناھي، جنھن جــو ڪِن ڪِن کــوٽو ھوُ،
ڪوني ڪوني جيءَ لڳي ٿـــو جـــمنا جَل جـــو لوٽو ھوُ،
ھاڻي عمر ڦِٽي ساريندين ڪنھن جو ڪنھن جو جوٽو ھو.

(٨)

باھو تو پنجـــاب ڏٺـــو آ، سنڌ بہ ڏيکاريانءِ ھو،
چولســـتـــان جـــيـــان ھت ٿــر ۾ ڪرھي نِي ناريانءِ ھو،
جي ٻاجھہ ڪاني ٻاجھہ ڪري مان سنگ پٽرايانءِ ھو،
باھو منجـيءَ تي ويھـــــاري ڊوڊو کـــــارايانءِ ھو.

(٩)

باھو چـــــانئٹ تي آيو ٿي، دروازو ڪٿن ٻوٽين ھو،
آھي ھي آواز ازل جــو ان کــان ٻوڙو ڇــا لٺـــ ٿين ھو،
ھو جــو ايڏو ويجھـو آھي، تنھن لئہ ڇو ٿـو ڪاھين ھو،
جيءَ ۾ جھاتي پاءِ ڙي باھو، سڀ ڪجھہ تون ني آھين ھوُ.

(١٠)

توريت پڙھيـــو، انجـــيل پڙھيـــو، قـــرآن پڙھيـــوسي ھوُ،
رومي، ســعـــدي، حـــافظ جـــو ديوان پڙھيـــوسي ھوُ،
آھہ اھوني ڏک نہ ڪڏھن انســـــان پڙھيـــــوسي ھوُ،
ڪونہ ســـجـــاتا درد سندس درمـــان پڙھيـــوسي ھوُ.

(١١)

سڀ ماڻھو ھت مھمان ھيا گھر ڪنھن جو ناھي ھو،
ڪيـــڏا نہ پرندا اُڏري ويا سَـــر ڪنھن جـــو ناھي ھو،
روز ســـيـــان پَرُ تـــيـــٺـــو آ پَرُ ڪنھن جـــو ناھي ھو،
مـــوتہ رڳـــو پاڇـــانون آ ڏَرُ ڪنھن جـــو ناھي ھو.

---

*ڪِونيا:- (ھندي) ناکئو.

## اياز گل

### غزل

درد اسان جي هانوَ ڏي هٿ وڌايو پني،
پاڻ ٻني خاموش هياسي ڳوڙهن ڳالهايو پني.

تنهنجن اکڙين هوريان هوريان ائين کيو سوگهو،
جڻ ڪنهن ماريءَ چار ۾ پنڇي ڦاسايو پني.

هڪڙو ڏاڍو پيارو منظر رات ڏٺو هو مون،
اڪ ٻڪي ٿي تارن ۽ چنڊ لڄايو پني.

سنڌ جي سُورن جون ڳالهيون پني فنڪشن ۾ هليون،
من ني من ۾ ڪيڏن ماڻهن ۽ شرمايو پني.

مون محسوس ڪيو پٿر جو ٻنجي ويو آهيان مان،
هڪڙي پنهنجي ڪُهري لهجي ۾ ڳالهايو پني.

تنهن وٽ تنهنجن يادن جا سَوَ سورج هوندا پڪ،
رات جي پهرين پهر ۾ ني جنهن ديپ اجهايو پني.

## بخشڻ مهراڻوي

### غزل

ڪمڙا لڙڪ لڪان مان ويهي،
دل جا دفتر خالي آهن.

تنهنجي پيرن منجهه پيا هن،
رسُتا پي تہ سوالي آهن.

منهنجا سُڏڪا تنهنجي آڏو،
حالي ۽ احوالي آهن.

منهنجي ٻالڪپڻ جا ساٿي،
ٻير، ٻير ۽ ٽالهي آهن.

مست گگن ۾ چنڊ ستارا،
مون جيئن يار موالي آهن.

## سوز هالائي

### گيت

ڳايون، ڳايون، گيت خوشيءَ جا ڳايون
آيون آيون، روشن گهڙيون آيون.
گيت نگر ۾ گل تڙي پيا،
خوشبوءِ جا دروازا کُلي پيا،
لايون لايون، خوشبو مرڪي لايون،
ڳايون ڳايون گيت خوشيءَ جا ڳايون.
شهنائيءَ جي آلاپن تي،
گيت نچن ٿا مورن وانگي،
پايون پايون، پاڻ ٻہ جهمريون پايون،
ڳايون ڳايون گيت خوشيءَ جا ڳايون.
سُرهي سُرهي هير گهلي آ،
خوشين جي برسات وٺي آ،
چانيون چانيون، سُکن گهٽائون چانيون،
ڳايون ڳايون گيت خوشيءَ جا ڳايون.
ساري جڳ کان نيارو نيارو،
آهي دلبر ديس اسان جو،
لايون لايون، تن من تنهن سان لايون،
ڳايون ڳايون گيت خوشيءَ جا ڳايون.
سُر سان سُر کي لڳائي ڳايون،
تن تنبور بڻائي ڳايون،
وايون وايون، شاهہ لطيف جون وايون،
ڳايون ڳايون، گيت خوشيءَ جا ڳايون.

## احمد ٽالپر

### وائي

ساجن! ترسي پئو، ڪو پل قرب ڪري،
تو بن ڪانہ سري.
اڏمن لاٽي آڳ اندر ۾، تن تتو جڻ تنو،
ساجن ترسي پئو.
ٿوري هاءِ حياتي ويتر، موت مٿي جو پنو،
ساجن ترسي پئو.
نُور پٽاري ڪونہ ٿيو آ، ڍوليا تو مان ڏٺو،
ساجن ترسي پئو.
"احمد" پيار گهڙي ٽان گهوريان، هوند حياتيون سئو،
ساجن ترسي پئو.

## مير محمد پيرزادو

### گيت

آني ننڊ اگهور.
دکن ڪملي جو پيڙو آهي!
ساجن سپني ۾ جو آيا، جيئن نيِ تن سان نيڻ ملايا.
گهاءَ چڪايا گهُور،
تير نظر جا تکڙا تاني!
هيل بہ هيڪل ڪنڌو پوندو، جوڀن ڪنهن جي مور نہ مجندو،
مکٿي ڪني آ مُور،
سک بہ پٺي ٿي پرڙا ساهي!
چڏ تہ سڪي ڙي! ڪيچل هاٿي، اڄ بہ نہ موٽيو، جواني ماٿي،
ناهيان چتَ ۾ نُور،
ڳالهين جيءَ وڏو آ ڳاهي!
جنڊڙو ڪاني سڪل آ چڻ، جنڊن ڪِي ڪين قُناني سانوڻ
ساهہ سجي تي سُور،
گهاءَ ويا هن گهرا ناهي!
وسڪاري جا رنگ رچن ٿا، پوئنن تان پڙلاءَ اچن ٿا،
چنگ ڪيا هن چُور،
چاڪ اندر جا چاهہ وڌاني!
پکي پکين کي ڳر لڳائن، سک سِتل کي جيئن جاڳائن،
انبن جهليا هن ٻورَ،
جاني آءُ جواني ڪاني!
گڏجي ڳائل گيت رهي ٿو، توريءِ ڳايان ڪين پلا سو،
سيڪا ساري تُور،
مُندَ ويا هن مينهن بناني!

## بادل

### غزل

ڪيڏو اڳتي نڪري ويو آهيان!
شايد رستو ڀلجي ويو آهيان.
هيءُ بہ راهن جو ٿوررو آهي،
جو پنهنجي گهر پهچي ويو آهيان.
هانو! ملاقاتن ۾ ڪاوڙيس،
ساروٺين ۾ سڙجي ويو آهيان.
ڪوني مون کي مون ۾ ڳولي پيو،
پنهنجي پاڻ ۾ گم ٿي ويو آهيان.
ڪجهہ ڪجهہ تنهنجون ڳالهيون ڪريان پيو،
ڪجهہ ڪجهہ شاعر بنجي پيو آهيان.

## سقراط سيتائي

### غزل

حسرتن جو حجتون وڏنديون وڃن،
خواهشن جا ڪنپ ڪمري ۾ اڏن،

چٺني ديوارن تي تصويرون ٽنگيل،
چت ۾ آکيرا اچي ناهيا پکين.

مان سندن ني نانوَ ۾ لُٽبو رهيس،
پوءِ بہ مون کي جيڪڏهن پنهنجو نہ ڪن!

شهر جي گهٽين ۾ مان نڪري اچان،
تنهنجي يادن جون جڏهن ڳڙڪيون کُلن.

رات جا پارنهن، لتا جو منڙو سُر،
دل جا تاڪا هڪبني پنيان ٽٽن.

## مختار گهمرو

### وائي

آهہ نشانبر،
نينهن تہ پنهنحو پاڻ نہ چاٿون پيار ڪتابي
خوشيون واسيو سارو سر
مرڪز محور
سونهن سنڌءِ آ ڪڻ تہ پرين او نيڻ شرابي،
جڳ جلي ٿي پل تہ آگر
منهنجو اوڊر
پيار ڪڪر آ، نيت تہ ٿيندي سوڪ ستابي،
پنهنجي دل آ پريم ننگر
منهنجا دلبر،
پيار امر آ، مرڪ تہ مهڪن گل گلابي،
منهنجي دل ۾ تنهنجوگهر.
چمڪي چوڏر
عشق اسان جو، لوڪ پڙهي پل نينهن نصابي،
تنهنجو گهرجي ساٿ سفر

❀❀❀

ڪرم ٽالپر

# نظم

مُنهنجا جاني، مون ڪان ويندي،
مون سان گڏ ڏڪارو ٿيندي،
پيار منجهاران پُٽ ٿيندي،
منهنجي من کي آٿت ڏيندي،
تو تہ چيو هو......

وسندا بيهر ڪچي جا پيلا،
مالوندن جا ٿيندا ميلا،
چٽا متر گاهہ عام ٿي پوندو،
ڪير مکڻ گيهہ جام ٿي پوندو،
فصل پلا، ان پليون پربيون،
روز بيون تازيون مڇيون تربيون،
ماڪين ۾ نت مال بہ ٿيندا،
وٽا پري هڪ ٻئي کي ڏيندا،
جهانگي ڏبندا ڪلي واڌايون،
ٿيندا جهرجهنگ ماڳ مٺايون،
سانوڻ چاڙهہ سنڌوءَ ۾ ايندو.
تڏهين آءٌ بہ موٽي ايندس!

ميها متيرا گدرا چانهيون،
سگر، گولاڙا پلنو ۾ پايون،
ڪُنڀ آڻيندا چنگا ناهي،
سانئين جو پَٽُ پاٽ ۾ لاهي،
آئي وڻي جي هيءَ مهماني،
مکڻ جا چاٺا، باجهر ماني،
وجندا چنگ ۽ چِڙنديون ڪيرون،
پٽن ۾ ٿينديون، رنيون ٿيڙون،
مارُو ستاسا، مال متارا،
ورندا پنهنجي ماڳ لاهيارا،
تر مٿان وسڪارو ٿيندو
تڏهين آءٌ بہ موٽي ايندس!

گهر ڏياٺيون گهر ليپينديون،
سُگهڙون سوڙون، رليون ناهينديون،
هوندا تڏهين ڏڻ ڏياريءَ جا،
سَرءُ، سياري جي تياريءَ جا،
جواريون ۾ ٿيندو لابارو،
پونير سَرءُ ۽ مُنڊ سيارو،
ڦٽين چوندا ختم يا جاري،
ڪٺڪ جي هر ۾ هوندا هاري،
چانور چڙبا، ساريون لُٺبيون،
ڪونجون جڏهين سانگ تي ايندين،
سُگداسي هر گهر سانپيندو،
تڏهين آءٌ بہ موٽي ايندس!

چاڙهہ سنڌوءَ ۾ ڏاڍا آيا،
ٿر ۾ ڪڪرن مينهن وسايا،
ڦُٽيون ميڙيون، ساريون لٺيون،
ڳاهہ واٺُر تي ڪٺڪون ڪبيون،
چيت، ڪتيون ڪيني گُذري ويون،
ڪونجون اچي اچي وري ويون،
ملندين ڪڏهين من پيو جهيڙي،
سيوهڻ ۾، نہ تہ شاهہ جي ميڙي،
راهون تڪيون، نَڪَٽ نهاريا،
تو تہ اچڻ جا قول وساريا،
ٿر پابيهو، هرڻ جيئن رُڃ ۾،
منُ آ سپ سمونڊ جي، اُڃ ۾،
چيڙهہ چڳون ۽ ليڙ لٿا ٿيا،
ورهيہ جون راتيون، ڏينهن ڏُکما ٿيا،
وڪري ويون سڀ منهنجون آسون،
منهنجي وس ۾ رهيون نہ سوچون،
جيون ديپ تہ اِجهي اُجهاٺا،
چاڻ تہ نيڻ بہ ٻري وساٺا
تنهنجي سار اجان پيي من ۾،
اوسيئڙو ٿو تڙڦي تن ۾،
آس نراس ۾ مٽجي ويندي،
لاش بہ تو بن لٽجي ويندي!
اڳ ۾ ايندين؟ يا پوءِ ايندين؟
بنهہ نہ ايندين؟

## وسيم سومرو

ترڙپي پيو آهيان،
تنهنجا خط اڳيان پڙهي.

تنهنجو خط اچي وري، ڪيڏو ٿو چاهيان،
تنهنجا خط اڳيان پڙهي.

جوڙي سوچن جا نوان رستا ٿو ڊاهيان،
تنهنجا خط اڳيان پڙهي.

ماضيءَ جي رڻ راهہ ۾، ڪيڏو ٿو ڪاهيان،
تنهنجا خط اڳيان پڙهي.

پيڙا پوڳيان ٿو مگر، سات نٿو ساهيان،
تنهنجا خط اڳيان پڙهي.

تو وٽ پانيان پاڻ ڪي، هتي تہ مان ناهيان،
تنهنجا خط اڳيان پڙهي.

## زوار نقوي

### يادگيري

تنهنجي دل تان، منهنجو نانءُ
تاريخ جي ڪتاب تان وسري ويل ورق جيان
وسري ويو آ
دلين جي انصاف گهر ۾
منهنجو آتما فريادي جي ڪٽهڙي ۾ بيٺو آ
تنهنجون مرڪون
منافقت جي ڪري پيل پُڙ ۾ پيون آهن
تون جيڏين سرتين سان
زندگي جي خوبصورت رستن تي
ڦڪي مرڪ مُرڪي رهي آهين
تنهنجي اداس مرڪ
مون لاءِ اجنبي ماڻهن کي ڏسي ٿي تہ
ڪڏهن ڪڏهن توکي مون سان گهاريل
بي رحم وقت ياد ايندو آ.

## راشد مورائي

### غزل

يار بيمار کي ڪين ايندا پڇڻ، ڏيان زوريءَ ڇڪايون تہ بي ڳالهہ آ
ڪوبہ زخميءَ جي پرسان نہ ويهي سگهي، گهاءَ پنهنجا لڪايون تہ بي ڳالهہ آ.
هر سيهہ رنگ جي چيز واسينگ ٿئي، سو تہ ممڪن ٿي ناهي هي سمجهڻ کپي،
ڪين جاهي ڪي مرلي نچائي سگهي، ٿالهہ ويهي وڄايون تہ بي ڳالهہ آ.
جڏ مفلسيءَ اچي آه واسو ڪيو، سات سنگت ڇڏيو پيار پاسو ڪيو،
ڇنن ماحول هن ۾ تہ مشڪل ملي، ٻَر وڃي ڪو وسايون تہ بي ڳالهہ آ.
گل آٿي پَرائي گلستان مان، هار ناهي حسينن کي پاتا اسان،
روز ٻني جي چمن ۾ نہ آ آسرو، باغ پنهنجو ٻڌايون تہ بي ڳالهہ آ.
ظالمن جو پُري پور منشور ٿئي، آس آهي تہ پيدا ڪو منصور ٿئي،
ڪنهن کي لاچار آهي جو ڦاهي چڙهي، پاڻ سوري سجايون تہ بي ڳالهہ آ.
هن جي نازن ۽ نخرن نهوڙي نيو، وهم دل مضطرب کي وڪوڙي ويو،
پنهنجي تقدير مشڪل بدلجي سگهي، هو چيڏي ڇِلولايون تہ بي ڳالهہ آ
جاٿي پنهنجو بہ پنهنجو نٿو پيو ٿئي، ات پراون ۾ ڪيئن ڪو اميدون رکي
رس رهائڻ جي لئہ ڪس ڪاني نہ ڪو، پنهنجو گهر تڙ لٽايون تہ بي ڳالهہ آ
چنڊ جو آسرو سو بہ ٿوري گهڙي، پره جا پار راشد اجان پريرو
همسفر پنڌ اونده ۾ ٿيندو بہ ڪيئن، ڪا ڏيائي جلايون تہ بي ڳالهہ آ

## نياز پنهور

### غزل

تون گيتن جي عنوان جيان،
مان خالي آهيان دان جيان.

پيار تنهنجي ۾ ڦيريون گهيريون،
ڇا لئہ سياستدان جيان.

اکيون تنهنجون ڳالهائن ٿيون،
ڪرفيوءَ جي اعلان جيان.

گگهہ اونداهي، ڪمرو منهنجو،
يادون روشندان جيان.

ڪين تون ڪڙڪاءَ دل منهنجي،
آءُ هلي طوفان جيان.

مون کي هو وساري وينو،
منهنجي ڪنهن احسان جيان.

نياز وڃانجي ويو آهي،
شاعر جي ديوان جيان.

## معشوق ڌاريجو

### وائي

آءُ اهوني هان،
توکي ڪينن ڇوان–
تون بدلجي آن ويو.
ڏس پرين! ڪنهن کي پلا، تنهنجي دانهن ڏيان،
تون بدلجي آن ويو.
سوچي ٿڪجي ٿو پوان، ٿڪجي ٿو سوچيان،
تون بدلجي آن ويو.
هاڻي تنهنجي شهر ۾، ڪهڙي منهن اچان،
تون بدلجي آن ويو.
ڪنهن جي ٻانهن ۾ وڃي، هاڻي ٿڪ ڀڃان،
تون بدلجي آن ويو.

## معصوم بخاري

### غزل

ٿيون بند ڇپڙن جون مکڙيون ٽڙن،
گلابن کي معنيٰ ملي ٿي وڃي.
لڪانين ٿي چهرو هٿن ۾ جڏهن،
حجابن کي معنيٰ ملي ٿي وڃي.
نظر جنن نظر تي ٿي چاڙهي نشا،
شرابن کي معنيٰ ملي ٿي وڃي.
ڏکي ٿو ڪکر چنڊ کي، اُن گهڙي،
نقابن کي معنيٰ ملي ٿي وڃي.
جڏهن رڻ ۾ پياسو رُلي ٿو وڃي،
سرابن کي معنيٰ ملي ٿي وڃي.
ڪٿان دل جهٽڻ لئہ اُڏن نيڻ ٿا،
عقابن کي معنيٰ ملي ٿي وڃي.

## بشير احمد شاد

### غزل

گيتن ۾ غزلن ۾ تون،
سازن ۾ نغمن ۾ تون.
تنهنجو چهرو اجرو جاني،
دل جي آن درپن ۾ تون.
ٻي پاسي ڇو ڳوليان توکي،
منهنجي آن پلڪن ۾ تون.
پنهنجي وس ۾ مان ڪٿ آهيان،
ٽهڪن ۾، سڏڪن ۾ تون.
هرسُو تنهنجو جلوو جاني،
ساگر ۾ ڇولين ۾ تون.
تنهنجي دم سان قائم آهيان،
دل جي هر ڌڙڪن ۾ تون.
منهنجا جذبا منهنجا ناهن،
منهنجن سڀ جذبن ۾ تون.
هر پل منهنجو، تنهنجو سانين،
خيالن ۾، خوابن ۾ تون.
چوڏس ڏس هي ڪنهن جو چرچو،
خوشبو ۾ رنگن ۾ تون.
توکي شاد سدائين ڳاني،
ميندن ۾ مرڪن ۾ تون.

### سعيد ميمڻ

## وائي

هينئين جي ٻر ۾؛
خاموشي آهي!
وڻندڙ تمڪ هيا هاڻي ته گهر ۾،
خاموشي آهي!
سج لٿي کان پوءِ چوڌاري ترَ ۾،
خاموشي آهي!
هلڪيون لهرون هن جو اڄ ساگر ۾؟
خاموشي آهي!
چوڌاري، واري ٽاڪ منجهند، ٿر ۾،
خاموشي آهي!
نُوري! تو کان پوءِ ڪيڏي ڪينجهر ۾،
خاموشي آهي!
اوندهه، ڪمرو، سعيد ۽ پس منظر ۾،
خاموشي آهي!

### روشن گهانگهرو

## غزل

ڪو احساس ڪر دلربا دل جليءَ جو.
سوا تو ذڪيو آ سفر زندگيءَ جو.
اڃا چند چهري جي چانڊاڻ گهرجي،
ڪٿي آ وٺو مون مزو چانڊنيءَ جو؟
نظر جي پيالي مان جيڪو پيئي ٿو،
اهوني ٿو ماڻي مزو ميڪشيءَ جو.
پني چند توکان وني چانڊني ٿو،
سدا سرُ جهڪيل تو اڳيان روشنيءَ جو.
چمن تي هلي ٿي سرءُ جي حڪومت،
ڏنو زرد چهرو مون هرهڪ ڪليءَ جو.
رڳو تلخ يادون عجب زندگي آ،
ڪڏهن ڏڳ نه دل آ ڏنو ڪو خوشيءَ جو.
بچائڻ گهرو ٿا جي پنهنجي محل کي،
گهرو خير هردم پين جي جهڳيءَ جو.
پٿر دوستن جي هٿن ۾ ڏسو ٿا،
پڇو ٿا اڃا ڇا قصو دوستيءَ جو.
وڏو ڪو اياڻو، اياڻو آن "روشن"،
نه سمجهيو آ تو فلسفو زندگيءَ جو.

### عزيز ڪنگراڻي

## غزل

ڏورڻن تنهنجو اشارو چمڪيو،
منهنجو شوق اُجارو چمڪيو.
ٻاڪ ڦُٽيءَ جو مرڪ ائين جڻ،
اڀ ۾ پيچرو تارو چمڪيو.
نينهن جي چٽنگ دکي ڀڙڪي ته،
منهنجي من جو انڌارو چمڪيو.
عشق سمنڊ ۾ سارون لهرون،
اٿلي آس ڪنارو چمڪيو.
اڀ ۾ چنڊ ۽ پير ۾ تون آن،
هر هڪ خوب نظارو چمڪيو.
تنهنجي حسن جي موهه ۾ مهڪي،
روح پرين هانيارو چمڪيو.
مينهن ۾ منهنجي ڳلن تي تنهنجن،
چمين جو وسڪارو چمڪيو.
سونهن ۽ موهت فطري سنگم،
سونهن سبب جڳ سارو چمڪيو.
جنهن پاسي تون مرڪي گذرين،
تنهن پاسي هر چارو چمڪيو.

### سرڪش سنڌي

## غزل

ڪيتري ٻي ڪريان مان پلي شاعري،
تنهنجو هڪ تمڪ منهنجي سڄي شاعري.

مُرڪ! مُرڪڻ سان ڪنوڻيون ڪڻن ساز ٿيون،
جيئن ڳائن ڪڪر سونهن جي شاعري.

سون ورني وهي، ٻنسريءَ جي صدا،
تو نه گهوريو ته ويندي وڃي شاعري.

ساءُ صبحن جو نيڻن ۾ رکجانءِ نه ته،
ساري دنيا مان ويندي هلي شاعري.

روح فطرت کي سرڪش ڳلن مان مليو،
ڪني گلابن جي رنگن رچي شاعري.

## مسڪين ملاح

# غزل

سونهن ڇوليون هٽي ٿي ڇني ڇاتيون ساري ست جي سگهو عشق وارا اچو.
سير سيٽهه سوا جيڪي اُڪري سگهن، سيني سورهه اچو سي سگهارا اچو.
جيڪي مقتل ٽپي ٿا پڄن يار ڏي تن لئه منزل ڏکي عشق جي ڪانه آ،
سِرَ ڏنا جن سي سوڀون به ماڻي ويا، هت اچو يار منصور پارا اچو.
جن ڪي سورن ڪان آجو خدا آ رکيو، تن ڪي احساسِ غم يار هوندو ڪٿي،
حال محرم اچو حال اوريون سڀئي، منهنجي سڏ تي سمورا ڏکارا اچو.
مون ڪي اپ جي خبر چار ساري ڏيو، سور ڌرتيءَ جا مون ڪان سمورا ٻڌو،
رات اونده آ ڪڙڳه اڪيلو ني مان، مون سان ڳالهيون ڪريو اي ستارا اچو.
ساز وڄندو رهيو عشق نچندو رهيو، عاشقيءَ تي ڇڪن حسن ٿيندي ڏٺم،
منهن تان پردو هٽائي حسينن ڇڏيو، خوب درشن ڪيو اي سڪارا اچو.
ڪا قضا ڪانه مسڪين ڪي پانءِ پئي، مون ڪفن پوش آهن بهارون ڏٺيون،
دل ڪي آٿت هتي ڪو ڏني ني نٿو، ڳڌجي بادِ صبا سان سهارا اچو.

## آدرش

# هڪ شاعر بابت نظم

شاعر جي زندگي،
هڪ اُهو آلبم آهي،
جنهن ۾،
مينهن ڪٿيون،
سهڻين زالفن جون تصويرون،
ڪنوڻ جهڙا چمڪندڙ نظم،
۽ ساروٽيون هونديون آهن.
شاعر جا نظم،
خوبصورت ڇوڪريءَ جي،
نرم هٿن جهڙا هوندا آهن.
شاعر جو موت ڪٿي به ٿي سگهي ٿو،
محبوبا جي دل ۾،
ڦاسي گهاٽ ۾،
سمنڊ ڇولين ۾،
يا ڳنس چنمبر ۾.
شاعرُ،
ماڻهن، جانورن، وڻن،
۽ محبوبا سان هڪجهڙي ني محبت ڪندو آهي.

## روبينه ابڙو

# غزل

جفائون سڄو جڳ وفائون ڇو جاڳيون؟
وري عشق جون انتهائون ڇو جاڳيون؟

اسان ڪوني ديپڪ جڏهن ٻي آ ٻاريو،
اوهان جي شهر جون هوائون ڇو جاڳيون؟

نه گهربو نه گهربو اوهان ڪي نه گهربو.
جڏهن دل ۾ سوچيو دعائون ڇو جاڳيون؟

اوهان جو حوالو يا نالو جي آيو،
نه ڪڙنا اندر ڪهڪشائون ڇو جاڳيون؟

جڏهن ڪان ڪيو فيصلو آ، نه لکبو،
تڏهن ڪان اوهان جون ادائون ڇو جاڳيون؟

جڏهن ڪنهن انوکو ڪيو عشق آهي،
نه لوڪو اوهان جون سزائون ڇو جاڳيون؟

رهي مات اندر هي ڪاڄڻ لڳو هو،
اجان ٻي پڇين ٿو صدائون ڇو جاڳيون؟

### مهر خادم

## غزل

آني هني مرڪي وني،
ها ياد ڪا گم ٿي وني.

ڳولي لڌم پاڇا هنا.
ڊاهي مگر ڇولي وني.

سپني هنا تحڪن ۾ پر،
مون ڪان ني ڪل وسري وني.

ڪيڏا اجايل ها پني،
سڀ ۽ ڪني هڪ ٿي وني.

مون ساپيا خود ني ڏني،
سپني طرف موتي وني.

### پريم پتافي

## غزل

ڪنهن منظر ۾ گم ٿيا نين،
جن تہ شهر ۾ گم ٿيا نين.

ڪين سگهيو آ ڳولي ڪوني،
جن تہ ڪندر ۾ گم ٿيا نين.

شهر سجي ڪان خوب بچايم.
هڪڙي گهر ۾ گم ٿيا نين.

آئون رهيس هي سوچيندو،
ڪين پٿر ۾ گم ٿيا نين.

آڪاس سمورو خوب لتاڙي،
چند آڳر ۾ گم ٿيا نين.

آئون ڪيڏاري لفظن جو هان،
گيت نگر ۾ گم ٿيا نين.

❖❖❖

### درد سولنگي

## وائي

سوچون ساري رات
ننڊ اچي ني ڪانہ ٿي.
ڪينن اچي آرام ڪو، ساهہ لڳل سڪرات،
ننڊ اچي ني ڪانہ ٿي.
هڪ تہ جدائي پيو وري، دنيا جا فڪرات،
ننڊ اچي ني ڪانہ ٿي.
رات سجي لڇ پڇ رڳو، جاڳي رب جي ذات،
ننڊ اچي ني ڪانہ ٿي.
آءُ اڪيلو ۽ مٿان، لڙڪن جي برسات،
ننڊ اچي ني ڪانہ ٿي.
هِن هُن پاسي ڦٿڪندي، پرهہ ڦٽي پربات،
ننڊ اچي ني ڪانہ ٿي.

### سڪندر مگسي

## وائي

قرب ڪناري ساٿو سانل،
هڏڪين ۾ هر پل!
لهرن لوڙهيو تخت تماچي، ڪينجهر منجهہ ڪنول،
هڏڪين ۾ هر پل!
نيشن نارا سندو ڏارا، پدتر ۾ ساحل،
هڏڪين ۾ هر پل!
ڏور ڪنارو ڪابہ نہ ڪشتي، اُلري پيو تہ اجل،
هڏڪين ۾ هر پل!
تڙپي ڦٿڪان، ڪامي نڙڪان، واري ويل وصل،
هڏڪين ۾ هر پل!
هڏڪين جي پي هڪڙي خواهش، قرب ٿئي ڪامل،
هڏڪين ۾ هر پل!
سَنڌ تہ ساٿا، گهُور بہ گهايل، آڏو امرت جَلُ،
هڏڪين ۾ هر پل!
سارا سپنا، هيڪل وياڪل، پوپازي، جيئن گُل،
هڏڪين ۾ هر پل!
عرش اگهامن ڪينن دعائون، هو بہ نہ آ شامل،
هڏڪين ۾ هر پل!
سڏڪا وايون، ڳوڙها ڪافيون، نوحو گيت غزل،
هڏڪين ۾ هر پل!
ويل تڙي پني هانءَ سڪندر، جذبا ميڙي هَلُ،
هڏڪين ۾ هر پل!

## آڪاش بوزدار

### وائي

مون مستان هوء،
شال! تنهنجو چانورو.

تڪي اُس آرهڙ جي، سانڙي پيئي لوء،
شال! تنهنجو چانورو.

تون چمڙُ، آءٌ ٿوهر، هائو! پرين پوء.
شال! تنهنجو چانورو.

دوري سڌ ڳيهي پئي، وو وو سپرين ووء.
شال! تنهنجو چانورو.

## سلمان سومرو

### پيار

تون اُهو سپنو آهين،
جيڪو ڪنهن بہ ناهي ڏٺو.
تون اهو نظم آهين،
جيڪو ڪنهن بہ ناهي لکيو.
تون اها خوشبو آهين،
جيڪا ڪنهن بہ ناهي سنگهي.
تون اهو لفظ آهين،
جيڪو ڪنهن بہ ناهي پڙهيو.
تون اهڙو رقص ڪرين ٿي،
جهڙو ڪنهن بہ ناهي ڪيو.
تون اهڙو پيار ڪرين ٿي،
جهڙو ڪنهن بہ ناهي ڪيو،
تون ۽ مان-
هڪ ٻئي جي دل ۾ ائين آهيون،
جيئن ڪوبہ ناهي هوندو.
انهيءَ ڪري ٿي،
اسان جو پيار-
هر پيار کان زوراور آهي.

## جبار "تاثير" سومرو

### غزل

مون کي تنهنجي ياد ستايو آ،
منهنجي اکڙين مينهن وسايو آ.
جو سڏڪا سڏڪا چوڏس هن،
ڪنهن گيت غمن جو ڳايو آ.
هر پور مٿان ٿو پور پوي،
هڪ درد ويو، ٻيو آيو آ.
هن ڏيهہ جا ماڻهو ڏائڻ هن،
مون تن کان پيار لڪايو آ.
مون پنهنجي پيار جي ڪشتي کي،
لهرن مان پار پڄايو آ.
سڀ تنهنجي نانءُ تي ڏئي وينس،
مون ڪجهہ بہ ڪين بچايو آ.
تنهنجي ابرن ڪا دل زخمي ڪئي،
تنهنجي گهورن ڪنهن کي گهايو آ.
جو توکان مليو غم درد و الم،
مون سيني ساڻ لڳايو آ.
سڀ ٻيئي تنهنجي ياد اچي،
منهنجي دل جو در کڙڪايو آ.
ڪنهن لڙڪ اگهيا "تاثير" نہ ڪو،
ڪنهن پي بہ نہ اچي پرچايو آ.

## شڪيل پارس

### وائي

تون جو مرڪي ملئين، سارو جڻ سنسار،
خوشبو خوشبو ٿي ويو!
لفظن سان سُرهاڻ ڦٽي، چاهت جو اظهار،
خوشبو خوشبو ٿي ويو!
لوڪ ڪيئن پڪڙيندو پنهنجو پرين پيار،
خوشبو خوشبو ٿي ويو!
ڪوني وارن چانءُ ۾، گهاري پل بہ چار،
خوشبو خوشبو ٿي ويو!

## غلام حسين ڏيپر

### غزل

رات جيڪي رهجي ويا آهن،
ڇا ڇوان، ڇا ڇني ويا آهن.
مرڪ منهنجي کسي ويا مون کان،
لڙڪ مون کي ڏئي ويا آهن.
گل هنيائون انهن پنهنجي ڇاتي
جن کي پٿر هڻي ويا آهن.
هي وريو واءُ آ وري ڪهڙو،
شاخ کان گل ڇڄي ويا آهن.
عندليبن جو هاڻ ڇا ٿيندو،
ساهه جن جا سڪي ويا آهن.
هاڻي پرواز جون پڇ تنهن کان،
ڪنب جنهن جا ڪسي ويا آهن.
ڳالهه جي پيار جي ڪٿي نڪتي،
پاند پنهنجا پسي ويا آهن،
ڳالهه ڪهڙي الائي هئي ساحر،
تنهنجو مون کان پڇي ويا آهن.

## باري ابڙو

### غزل

چنڊ پڇرينءَ سان رات ٻرتي آ،
موت سان ڪا حيات پرتي آ.
تنهنجي پرچڻ کان پوءِ انهن پاسير،
جڻ تہ شاعر سان ذات پرتي آ.
پيار ۾ پڪ سان پار ٿي وڃبو،
پاڻ سان پل صراط پرتي آ.
خودڪشي هاڻ عيب ٿي ويندي،
عشق سان آپگهات پرتي آ.
تون تہ ماکي آن ڪينن پو مون جهڙي،
زهر سان تنهنجي دات پرتي آ.
او زمانا! نہ وچ ۾ پئہ هاڻي،
جيت سان مس تہ مات پرتي آ.

## عادل سومرو

### غزل

ويراني آ ڪيڏي راهن رستن تي
خاموشي جا پهرا آهن چونڪن تي.
سانت صحن ۾ وار وکيري ويٺي آ،
مات اجا بہ قابض آ دروازن تي.
منهنجي غم تي پل تون ڪوئي لڙڪ نہ هار،
ليڪن ٽهڪ نہ ڏي تون منهنجن لڙڪن تي.
هرڪو هن کي ڏسندي ڏسندي گذري ويو،
ڪنهن ڪنهن آهہ ڀري ٿي هن جي سڏڪن تي.
ڪنهن فرصت ملندي، ابندو ڪير رکڻ!
همدردي جي مرهم دل جي زخمن تي.
مايوسي ۾ مڪڙيون گلڙا ڏسجن ٿا،
نيٺ خزائن حملو ڪيو آ گلشن تي.
خيال اچي ويا مونجهارن جي گهيري ۾،
مايوسي ٿي وار ڪري پنهي سوچن تي.
رات جي اونداهي تي دل جي دشمن پنهي،
ڪينن ڪريون ويساهہ بہ چنڊ ستارن تي.
ڪاڏي ٿي تاريخ سڏي سوچين بہ ٿئو،
وينو وقت وڃائين عادل شعرن تي.

## بانو محبوب جوکيو

### "اڄ جي التجا"

سڀ شيون پل!...
جيڏيون وٺو!...
مهانگيون ڪري ڇڏيو!...
پر...
خدارا!....
ماني ۽ دوا
هن دؤر ۾
مُفت ڏيو-
هن جهان ۾ اسان غريبن کي بہ
جيئڻ ڏيو.

سچ پچو تہ سنڌ جا ماڻهو پنهنجن هيرن سان هميشہ هاڃا ڪندا پئي رهيا آهن. ’گهر جو پير چلهہ جو مارنگ‘ سنڌن اصول بڻي رهيو آهي. ورنہ سنڌ اهڙا ماڻهو پيدا ڪندي رهي آهي. جو جيڪڏهن انهن جي حياتين جو حال عام ٿئي تہ دهشت وچان ڏونگر ڏري پون. پر اڄ انهن جو نالو بہ ڪنهن کي ياد ڪونہ آهي. مثال طور اسان ڪڏهن دولهہ دريا خان جو ڏينهن بہ ملهايو آهي؟ گهڻن ماڻهن کي اڄ معلوم آهي تہ دولهہ دريا خان ڪير هو؟ ڪڏهن ڪنهن سندس تربت جي زيارت جي زحمت بہ برداشت ڪئي آهي؟

مخدوم بلاول رحہ تي سندس روحانيت جا قائل تہ ميلو لڳائيندا رهن ٿا. پر سندس سياست جي قائلن مان بہ ڪڏهن ڪنهن چار ٻير ٻري وڃي ڪيس ختمو ڏنو آهي؟

مرحوم مغفور رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي. سنڌ جي جديد دور جي سياست جو پايو وجهندڙ هو. انگريزن جي اونداهي زماني ۾ سندس وجود آزادي پسند سنڌين لاءِ اميد ۽ امنگ جو ڏيئو هو. پر اڄ تائين نہ سندس سوانح حيات لکي وئي ۽ نہ سندس يادگار قائم ڪيو ويو! ڇا ٿي پئي ها. جيڪڏهن سال ۾ هڪ دفعو چند ماڻهو گڏجي سندس ڪارنامن کي ياد ڪن ها. سندس ڏينهن ملهائن ها ۽ سندس مزار تي چار قل پڙهي ڪيس ثواب پهچائين ها؟

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحہ پنهنجي زماني ۾ سنڌ جي ”باغين“ جو امام هو. انگريز بادشاهہ اڌ دنيا فتح ڪئي پر هو سنڌ جي هن سپوت کي مسخر نہ ڪري سگهيو. جابر حاڪم کي ”عدم تعاون“ جي خالي هٿن سان ڪيئن پڇائجي. سو نسخو مولانا جي فڪري مطب ۾ تيار ٿيو ۽ ساري هندستان استعمال ڪيو. پر آهي اڄ ڪا ڇوڪري ٻچؤ اهڙي مٺي نالي جي؟ ڇڻ ڄائو ئي ڪونہ هو!

رئيس جان محمد جوڻيجو مرحوم ڪيڏو نہ ڪونڌر مڙس هو؟ هجرت جي تحريڪ هلايائين. جلاوطني قبول ڪيائين ۽ ڏيهان ڏور وڃي جان ڏنائين. ڪڏهن انگريز جي صاحبيءَ اڳيان سيس نہ نوايائين. پر سنڌ جي ماڻهن. مٿي پڇاڻان ساٽس ڪهڙا ڀال ڀلايا؟

ڇڙي لباڙ هڻڻ سان مقصد حاصل ڪونہ ٿيندا آهن. دنيا ۾ زنده رهڻ لاءِ عمل جي ضرورت ٿئي ٿي. -پير علي محمد راشدي

# مقالا

پروفيسر چيتن مارئي والا سنڌ جي اِتهاس جو اڌو اڀياس ڪيو آهي ۽ ڪن اهم مسئلن تي کوجنا ڪري تن تي روشني وڌي اٿس. تاريخي مضمون اڳي به گهڻن صاحبن لکيا آهن، پر اهڙن مضمونن جو الڳ ڪتاب اڄ تائين شايع نه ٿيو آهي. هر هڪ مضمون تصديق ٿيل حقيقتن سان ڀرپور آهي ۽ نهايت سليس مگر مائيدار عبارت ۾ لکيل آهي. ڪتاب جي پڙهڻ مان نه فقط علمي خزاني جي واڌاري ٿيڻ جو امڪان آهي، پر لطف ۽ مزو به حاصل ٿيندو.

مونکي قوي اُميد آهي ته سنڌي تاريخ ۽ ساهت جا کوجيا هن ڪتاب جي لکندڙ جي هر طرح همت افزائي ڪندا.

هوتچند مولچند گربخشاڻي

ڪراچي

٢٠ مئي ١٩٤٦ع

---

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا هٿ اکر

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# ڪچهري بدين

[هيءُ مضمون جڻ هڪ لاڳيتي هلندڙ ڪچهري يا رهاڻ آهي، جنهن ۾ ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي ۽ ائين ٻڌندڙ کي ڪيتي ڳالهيون ٻڌايون وينديون ۽ ڪيتي نيون معنائون وهجايون وينديون. راقم اهي ڳالهيون جدا جدا موقعن تي جدا جدا ڪچهرين ۾ ٻڌيون ۽ ني سکهي ٿو ته ڪي صحيح نموني سان نه ٻڌايون ويون هجن يا نه سمجهيون ويون هجن. ٻيو ته ڪافي وڏي وقفي کان پوءِ بيان ٿيون ڪجن ۽ شايد ڪي پوريءَ طرح ياد نه رهيون هجن. انهيءَ ڪري ٻڌندڙ صاحبن کي گذارش آهي ته جي ڪا ڳالهه ڏسن ته راقم کي صحيح صورتحال کان آگاهه ڪن. ن. ب.]

سدا سلامت هجين! سڻ ته، 'سنئين وات' سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ وڏي معنيٰ وارو محاورو آهي. اصل ۾ 'وات' معنيٰ پنڌ واري وات. پر پوءِ ليکي حساب ۾ ۽ هڪ ٻئي سان وهنوار ۾ 'وات' جي ڳالهه آئي ۽ 'سنئين وات' جو قدر ٿيو. سنڌي وات 'سُوات' آهي ۽ ڏنگي ڏکي وات 'ڪُواتَ'. سُوانا اهي جيڪي ليکي وهنوار ۾ توڙي لچڻ ۾ سڌا سنوان هجن؛ ٻيا 'آواتا' جيڪي وات سان نه هلن. چوندا ته: وات سنئين ونجي توڙي ڦيري واري هجي. سونهين کي چوندا ته: ادا، ڦيرو ڪونه ماريندو، وات سنئين وٺ. ٻيو ته وات وهندڙ هجي توڙي ڦيري واري هجي. چوندا ته: "سڌ کان وَر ڀلو، توڙي وَلو هوءِ."

چوندا فلاڻو مون کي وات ۾ گڏيو، وات ويندي گڏيو. حُب خير سان پڇندا ته ادا! واٽان پنڌان خير سان آيو. وات ۽ راهه ساڳي ڳالهه آهي، پر محل موقعي سان ٻنهي ۾ فرق ٿيندو. جڏهن ڪنهن ڏورانهين ماڳ ني ڪير پيرين پيادا ويا ته چئبو ته "راهه جي پنڌ سان ويا"؛ اتي "وات جي پنڌ سان ويا" ڪونه چئبو. سنڌ مان غوث جا فقير راهه جي پنڌ سان ملتان ويندا هئا؛ اڳ سنڌ مان حاجي راهه جي پنڌ سان حج تي ويندا هئا، جو سمنڊ رستي جهازن ۾ سفر ڪرڻ لاءِ وٽن ڀاڙو خرچ ڪونه هوندو هو.

پر وات اها جا وهندڙ هجي، يعني ماڻهو ان وات سان ايندا ويندا هجن؛ ڦٽل وات کي "واتَ" ڪونه چئبو. وات سنئين آهي يا وات وهندڙ آهي ته سياڳي آهي؛ انهيءَ ڪري ماڻهو جو نالو "واٽُو" يا "راهُو" رکيانون، يعني وات وارو يا راهه وارو. چوندا "فلاڻو وات سان آهي"، يعني جاڻ ۽ سُڌ وارو آهي ۽ جيڪي ڪري ٿو تنهن جي کيس خبر آهي.

البت جهنگ جهر ۾ نئين وات تڏهن نڪري ٿي جڏهن ماڻهو اوجهڙ مان هلن ٿا ۽ پيچرو نهي ٿو. جڏهن ڪو اوجهڙ ۾ پوي ٿو ۽ اُجهي منجهي ٿو ۽ آخر منزل تي پهچي ٿو ته انهيءَ ڪشالي مان هو گهڻو سکي ٿو؛ پر جيڪي جاٺي ٻجهي وهندڙ وات ڇڏي اوجهڙ ۾ ٿا پون تن مان ڪي ورلا ٿا وڃي منزل کي رسن. صوفين جي خاص اصطلاح ۾ عام کان الڳ "الٽي وات" اها آهي جيڪا حقيقي منزل تي پهچائي ۽ جنهن مان سالڪ گهڻو ڪجهه سکي سمجهي. شاهه صاحب چيو ته:

ويجهو وڃ مَ واتَ کي ڪَمِج ڏانهن ڪُواتَ
اُجهِي منجهان آتَ، اويسي ٿي آءُ تون.

هن بيت ۾ صوفين جي خاص فڪر وارو نازڪ نڪتو سمايل آهي. ان کي شاهه صاحب جن ائين وهجايو ته اي سالڪ! اُلٽي وات ڪُوات سان انهيءَ لاءِ هَلُ ته ان مان اجهي منجهي، سختيون سهي، "اويسي" ٿي پوين: يعني تون پاڻ پنهنجو سونهون يا مرشد بنجي پوين. صوفين جي 'اويسي طريقي' ني اهو نالو 'اويس قرني' جي نالي تان پيو

جيڪو نبي ڪريم ﷺ تي پريت عاشق ٿيو. انهيءَ لحاظ سان اويسي درويش اهو جيڪو ظاهري مرشد بدران غائبانہ طور عقيدتمند ٿيو هجي. شاهہ عبداللطيف ڪي سندس والد شاهہ حبيب، الله ۽ رسول ﷺ جي محبت جو سبق ڏنو، پر شاهہ عبداللطيف عاقل بالغ ٿي پاڻ پنهنجو روحاني رشتو سڌو حضرت نبي ڪريم ﷺ سان ڳنڍيو ۽ پڻ تاڪيد ڪيائين تہ:

وَحَدہُ لاشريڪَ لَہُ جان تو چئين ايئن
تہ مڃ مُحمدُ ڪارڻي نِرتئون منجهان نيهن

شاهہ صاحب سسنيءَ جي زباني چيو آهي تہ "واٽون ويهہ ٿيون، ڪُہ ڄاڻان ڪيهيءَ ويا." ويهن واٽن واري ظاهري حقيقت انهن کي معلوم هوندي جيڪي وڏن غيرآباد پٽن پوڻن مان ويندڙ واٽن کا واقف هوندا. اتي ماٺهو اها واٽ وٺي هلندا ۽ انهيءَ رخ تي هلندا جيڏانهن منزل هوندي. اسان بيلپٽ کان فتح پور وياسون ۽ وري فتح پور کان شورڻ وياسون تہ هڪ ٻئي سان لاڳو ڪيئي واٽون نظر آيون ۽ ويهن واٽن واري حقيقت سمجهہ ۾ آئي، پر برن پوڻن جي پنڌ وقت سونهين جي ضرورت آهي جيڪو منزل تي پهچائيندڙ واٽ وٺائي.

ڪنهن وقت ڌرتيءَ تي ڪي وڏيون واٽون هيون جيڪي صدين تائين وهنديون رهيون، پر آخر ڦٽي ويون. اهڙي هڪ 'سِلڪ واري واٽ' هئي، جنهن سان قافلا چين مان سِلڪ جو ڪپڙو ڪٺي وچ ايشيا، سنڌ-هند، وچ مشرق ۽ يورپ آڻيندا هئا. اسان رڳ ڪنهن وقت سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ وهندڙ ڊگهيون واٽون هيون جن مان ڪي اڳ ۽ ڪي پوءِ پاڪستان ۽ هندستان جي ١٩٤٧ع واري ورهاڱي بعد ڦِٽي ويون. انهن مان هڪ وڏي وهندڙ واٽ راهموڪي بازار واري هئي جنهن جي ڦٽي وڃڻ تي احمد فقير جت عبرت ۾ پئي واٽ کان پڇيو تہ:

آ ڪا خبر احوال جي، تون واٽ ڪهڙي وار جي؟
ڏي سڀ حقيقت حال جي تون واٽ ڪهڙي وار جي؟
رڻ ۾ رَهينءَ راتيون گهٽيون، ڪَيَڙيون ڪَلر تو ۾ ڪٽيون
ٻيون پڻ پيون توتي پٽيون، تون واٽ ڪهڙي وار جي؟
رڻ ۾ گهٽيون راتيون رَهي، ڪنهن پر وڃائي تو وَهي
ڪَئين سي هليا تو تان ڪهي، تون واٽ ڪهڙي وار جي؟
ڪاني ويو اڄ لُوڻ جن، تون ڏي سندو مضمون تن
جن جو پَسان ڪاني نہ پَن، تون واٽ ڪهڙي وار جي؟
اڄ ڪا عجيبن جي اچي، ڏي پڻ حقيقت سڀ سچي،
ڪهڙي ويا رِڻ ۾ رَچي، تون واٽ ڪهڙي وار جي؟

تڏهن خود احمد فقير جي زباني واٽ ڪيس جواب ڏنو تہ:

آدم ٿيو پيدا جڏهن، مون کي خدا خلقيو تڏهن،
هوني حوا نا هت هڏهن آءٌ واٽ اُنهيءَ وار جي!
پهرين خلافت شيث جي، پوءِ ٿي ادا ادريس جي،
اُت تند لڳي تَدريس جي، آءٌ واٽ انهيءَ وار جي!
آدم کنا نوح تائين ڪي، ايڪيهہ سَو ٿيا سال سي،
فاني ٿيا في الحال سي، آءٌ واٽ انهيءَ وار جي.

هني. هن پاڻ ۽ پٽس رمضان جيڪي بيت فقيرن وٽان ٻڌا سي گڏ ڪري لکيا ۽ هڪ رسالو جوڙيو. جيڪو رمضان پوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم کي ڏنو جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر مرحوم پنهنجي ڪنهن مضمون ۾ ڪيو آهي. راقم سان اها ڳالهه رمضان ڪئي جنهن سان رسالي بابت رهاڻيون ٿيون. احمد فقير اڳ گذاري ويو هو. رمضان جيو ته: اسان کي هڪ قلمي رسالو هٿ آيو جيڪو سسئيءَ جي سُر سان شروع ٿي ٿيو. اسان ان ۾ فقيرن کان ٻڌل بيت شامل ڪري هڪ نئون رسالو سُر ڪلياڻ سان لکيو. جيڪو مون ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب کي ڏنو.

شال جيئين! آڳاٽي وقت کان، ڪراچي کان وٺي بدين تائين سنڌ ۾ رهندڙ ۽ ٻئي طرف ڪچ ۾ رهندڙ جتن بلوچن جي عرارت حي ڪري توڙي مال جي سانگي، پاڻ ۾ اچ وڃ هئي. ڀاڳيا ماڻهو سانون ڪچ ۾ ته سيارو سنڌ ۾ گذاريندا هئا. احـــ ـنير جي علڻ فقير يوسفاڻي لُنڊ سان دوستي هئي. يوسفاڻي انهيءَ ڪري جو يوسف فقير جي اولاد مان هو. هن وقت ناٿو فقير درگاهه کي سنڀالي ٿو. اهو ماڳ تعلقي بدين جي ڏکڻ المندين سرحد تي شيخاڻي گهاڙي لڳ اهي. جتان ڪچ ڏانهن هڪ واٽ شيخاڻي گهاڙي کان ٻٽيهه ميل ڏکڻ اولهه سنڌ جي ڪوٽڙي بندر تان وبندي هئي جتان چار ميل سامهون ڪچ جو لکپت بندر هو. وچان ڪُهري هئي جنهن مان ٻيڙين ذريعي ماڻهو لکپت پهچندا هئا.

'ڪهري' لفظ جي نسبت پاڻي سان آهي. پر عام تلفظ ۾ 'ڪوري' ٿيندو. پڙهيلن پوءِ ان کي هميشه لاءِ 'ڪوري' ڪيو. ڪهري هڪ وڏي ويڪري سامونڊي گهار يا نار آهي، جنهن ۾ وير چڙهڻ سان سمنڊ جو پاڻي ڀرجي ٿو ۽ پڻ هندستان جي نيڙ علائقي ۽ سنڌ جي سرحد سان لاڳو رڻ مان مينهن جو پاڻي ان ڪهري ۾ پوي ٿو. ڪوٽڙي ۽ ڪُهري واري ان واٽ کان الڳ ٻي 'رڻ واري واٽ' هئي جيڪا ڪچ جي ڳوٺ لوٽيي وٽان رڻ ۾ لهي، رڻ جهاڳي 'ڪريم شاهي' وٽان 'راهموڪي' اتي ايندي هئي. لوٽيو يا لُوٽو، راهموڪي بازار کان چوويهه ڪوهه ڏکڻ اوڀر جي ڪنڊ تي رڻ واري واٽ سان ڪچ جو پهريون مهڙ وارو ناڻو هو. 'راهموڪي' يعني راهومن جي وسين (بستي) جنهن کي هن پوئين ويجهي دور ۾ ڪي پڙهيل غلطي وچان 'راهه مڪي' (مڪي جي راهه) سمجهڻ لڳا. راهموڪي واري واٽ گهٽي وقت تائين وهندي رهي. ان کان اڳ ٻي هڪ واٽ اجيا ٻه اولهه طرفان الله بند ۽ سنڌڙي وٽان هئي. راهموڪي کان ڪريم شاهي نوَ ڪوهه ڏکڻ ۽ ڪريم شاهي کان الله بند تي ڪوهه ڏکڻ هو ۽ سنڌڙي پنج ڪوهه ڪن اولهه طرف هئي. اٺيهين صدي ۾ ڌرتي ڌٻڻ سبٻان سنڌڙي شهر ڦٽي ويو ۽ هن وقت اهو ڦٽل شهر سامونڊي ڪُهري واري چاڙهه جي وچ ۾ آهي. سنڌڙي سنڌ جو شهر هو پر ايوب خان جي دور ۾ سنڌ ڪچ سرحدي ورهاڱي واري ڪيس ۾ وڏي غفلت ٿي جنهن ڪري سنڌڙي سان گڏ ٻيو ٻه سنڌ جو سرحدي علائقو هندستان کي مليو. راقم سان آدم مهراڻ پوٽي نهڙيي (پٽ عثمان پٽ ابراهيم پٽ حافظ صالح پٽ مَيَدُ پٽ راجن پٽ مَيدُ پٽ مبين پٽ بلهادي- يعني عبدالهادي- پٽ چنو پٽ مهراڻ پٽ ٻڍو پٽ نهڙيو )؛ خبر ڪئي ته سندس ڀڙ ڏاڏي حافظ صالح سنڌڙي ۾ جمعي نماز پڙهائي هئي. هو چوندو هو ته سنڌڙي کي ٻه ڪوٽ هئا: هڪ ٻاهران پٿرن جو ۽ ٻيو اندران سرن جو: شهر جريب ڪن جي پکيڙ ۾ هو ۽ ان اندر بازار جو رخ سر اولهه طرف هو.

آڳاٽو جڏهن سنڌوندي جو پراڻ وارو وهڪرو نئين ڪوٽ کان ڏکڻ تي ڍوري (يعني ڍوري ناري يا اپرندي ناري) ۾ اچي چوڙ ڪندو هو ۽ ڍوري کي پاڻي سان ڀريندو هو، تڏهن ڍوري تي پٽڻ هئا. ڍنڍون هيون ۽ مڇيءَ جون مياڻيون هيون. ان کان پوءِ ٻئي دور ۾، ساڱرو درياءَ ولاسيي مان وهي اچي شيخاڻي گهاڙي ۾ پوندو هو، جيڪا وچي ڪُهري ۾ چوڙ ڪندي هئي. شيخاڻي گهاڙي، ساڱري درياءَ جي جڻ پوڇڙي هئي. ولاسيو، بدين تعلقي جو اپرنديون پاڳو آهي جنهن مان ساڱرو وهندو هو جو چيانون ته:

"ساڱري جي سير، وهي ولاسيي سامهين

سنڌ طرف گهاڙيءَ واري پاڳي ۾ سندس اچ وڃ هئي. لاکو مُنو ۽ ڄَج وقت گهاڙي ڏانهن کونہ آيو، تڏهن ڪنهن چيو تہ:

لاکا لکين ڏينهن، گهاڙيءَ ري ڪيئن گهاريين
مـتـان وسـي مـيـنـهن، واٽون ولين ڇانئيـون،

هن ملڪ ۾ سانوڻ جي مينهن ۽ وڄڙين جي وس جو ذڪر ٻئي هڪ بيت ۾ بہ آهي تہ:

اچـي اُچ اکـتـيـون، ڪـيـانـون پـُر پُـراڻ
وسـي وڄـڙيـن ڪـاڻ، لاٿـي ڪـڄ وٺـن تـان.

اچ هڪ ڍنڍ آهي جيڪا شڪور ڍنڍ جي الهندي طرف آهي. ويڪر ۾ شڪور کان وڏي آهي پر لانڍ ۾ ننڍي. 'اچي اکتيون' معنيٰ 'اچي نڪتيون' . جڏهن مينهيون وڏو پاڻي جهاڳي اچي ڪنڌيءَ تي چڙهنديون تہ چئبو تہ 'پتاريون فلاڻي هنڌان اچي اکتيون.' اچ ڍنڍ کان ڍورو اپرندان آهي. حقيقت ۾ (ناري ۽ پراڻ واري گڏيل) ڍوري ۾ پاڻي گهٽجڻ سببان هيءَ ملڪ ڦٽو:

ڪنڌيءَ اَکَ ڦلاريا، ساونگيءَ سُڪو گاهہ
مـهـراڻـي وٺـاءِ، رويـو راڄ رضـا گـهـري.

ساونگيءَ جو ڳوٺ ڍوري کان اوڀر-ڏکڻ طرف آهي.

مٿي ڏنل مولوي احمد واري پهرين بيت ۾ 'ڏنگ ڏڙي' جو ذڪر آهي. ان حوالي مان هيٺين چوڻي ڪجهہ سمجهہ ۾ آئي جنهن بابت اسان سالن کان وڏي پڇا ڳاڇا ڪئي. چوڻي آهي تہ:

ڪان تان ڏنگ ڏڙو، ڪان تان ڪپو ڪڇ ۾.

پاڻنجي ٿو تہ ڪنهن موقعي يا واقعي تي ڪنهن ائين چيو جنهن جون بہ معنائون ٿي سگهن ٿيون. هڪ اها جو ڪنهن مسڪين مسافر ائين چيو تہ: 'يا تہ ڏنگ ڏڙي' جي ميان تي پهچندس، يا تہ مون کي ڪُپو (گڏون) اڱڻي ڪڇ ۾ آهي ۽ پيو پنندس کائيندس." ٻي معنيٰ شايد اها جو "يا تہ 'ڏنگ ڏڙي' تي يا تہ ڪَڇ (ملڪ) ۾ ڪُپو هوندو." پر ڪُپو ڇا؟ ڪنهن سنواربي کي سمجهہ ۾ اچي تہ هوند اها چوڻي چٽي ٿئي: ڪان تان واري محاوري جي معني آهي "يا تان." جملي ۾ اهو لازمي طور بہ ٻيرا آئبو، جيئن تہ مٿين چوڻي ۾ آهي. هيءَ لاڙي ٻوليءَ جو هڪ انوکو محاورو آهي.

هاڻي سڻ تہ توکي سمجهايان تہ 'شيخاڻي گهاڙي' کي چو انهيءَ نالي سان سڏيانون. اهو نالو ان تي درويش 'شيخ زڪريا' جي نالي تان پيو. سندس قبو سيراڻي کان پنج ميل ڪن پري آهي پر سندس بہ خليفا گهاڙي تي رڪيل آهن. هڪ شيخ زڪريو جيڪو ملتان جي ولي غوث بهاؤالدين زڪريا جي خاندان مان هو ۽ پڻ خليفو هو. انهيءَ جي معنيٰ تہ سنڌ ۾ سهروردي غوثي طريقي جي آڳاٽي پلٽ پکيڙ بدين جي ان ڏاکڻي حد تائين پهتي. ٻيو شيخ نوريو جيڪو سيراڻي کان اولهہ طرف مدفون آهي ۽ ڳاڙهي پوٽرا ملاح سندس مجاور آهن؛ بزرگ ميون جميل پراڻ کان اوڀر ولهاري (تعلقو ڏيپلو) ۾ مدفون آهي.

يوسف فقير لُنڊ، جنهن جو قبو شيخاڻي گهاڙي کان اتر طرف آهي، سو ميانوالي طريقي جو وڏي اثر وارو درويش هو. اصل ڪاڇي جي لنڊن بلوچن جي ڦيرواڻي پاڙي مان هو؛ گاجي شاهہ گنج بخش جو خليفو هو ۽ اتي چڪي پيهندو هو. ڪڇ ني چڙهائي وقت ميان غلام شاهہ يوسف فقير کي گمرايو ۽ پوءِ هو هتي ئي رهيو. سندس پيءُ موجن کي بہ پٽ ٿيا ۽ ٻئي فقير ٿيا: هڪ يوسف فقير جيڪو سَني جَتي تي رهيو ۽ ٻيو تگيو فقير جنهن جو اولاد موجود آهي. جاڙو فقير لُنڊ، پاڙو شيرواڻي، جنهن جو مزار علي بندر کان اتر ۽ ڍوري جي اپرنديين پاسي 'سوني ڪويري

جي آخر ۾ مبين شاهه عنات جيو تہ:

سَرُ سُپَرُ ساڱرو، جنھن جي لھر سپڪا لال

مٿان اتر طرفان ويندي ٺٽدي غلام علي تائين،ساڱري ۽ رڻ جا وهڪرا جدا جدا هئا، پر هيٺ انهن مان نڪتل واهن جا پاڻي ڳڏبا هئا. ساڱري کي پوءِ 'ساڱرو نيرو' بہ سڏيائون: 'نيرو' يعني ننڍو وهڪرو. اهو نيرو ڍورو هو، جيڪو ساڱري جي ڇاڙهہ هو ۽ تلهار وٽان ٺٽدي باڳي تعلقي مان وهندو هو. نيري ڍوري جي نسبت سان 'نيري وارا جمالي' سڏجن، جيڪي ڳوٺ ڏاتو خان جمالي ۾ رهن. ڏاتو خان ٽالپورن جي دور ۾ فوجي جرنيل هو، جنهن تي پڻ ڪڇ-سنڌ سرحد سنڀالڻ جي ذميواري هئي. پراڻ ڍوري تي ڏاتي جي نالي سان "ڏاتي جو پتڻ" مشهور آهي. ڏاتي جو قبو، ڪوسڪي کان ڇهہ ميل ڏکڻ طرف آنهيري (جي جوءِ) ۾ آهي.

ان وقت 'رڻ' وڏو وهڪرو هئي. رڻ جي الهنديين پاسي مانتر هئي ۽ اپرنديين پاسي ولاسيو، جنهن جي وچان ساڱري درياءَ جي سير هئي. بعدمي جو شهر ساڱري جي اپرنديين ڪپ تي هو ۽ پڻ مَل مياڻي، ڪڻ ۽ هبي، ان وچ واري پرڳڻي کي ساڱرو پاڻي ڏيندو هو. ساڱري کان الهندي 'رڻ' جي آبادي هئي. روپاهہ، داسزاهہ، مرڪان، مانجهي، واڳر پير (يا وانر پير) ڪرهيو پانداري ۽ حاجي بدرالدين رڻ جي اپرندين ڪنڌي جا شهر هئا ۽ رڻ تي آباد رهيا. جڏهن مٿان درياءَ جو وهڪرو ڦريو ۽ رڻ ڦاٽ جي بدران گوني ڦاٽ ٿيو، تڏهن روپاهہ ۽ داسزاهہ آخري طور ڦٽا. رڻ ڦاٽ جو سمنڊ ۾ جوڙ سيراٽي کان هو.

پراڻ درياءَ، جي پاڻي کان پوءِ بدين واري سڄي ملڪ کي رڻ ۽ ساڱري جي پاڻي آباد ڪيو: تڏهن درويش شهاب الدين جي اني اچي ويهڻ سان بدين جو شهر آباد ٿيو. شال جيئين! چاڻ تہ بعضي عوام جي ٻوليءَ سان ماڳن مڪانن تي نالا پوندا آهن. هڪ روايت موجب شاهه قادري جنهن جي بدين ۾ درگاهہ آهي، تنهن جو نالو شهاب الدين هو ۽ سندس رهڻ واري ماڳ کي بہ 'شهاب الدين' سڏيو ويو: پر جيئن تہ عوام لاءِ اهو نالو ڳالهائڻ ۾ ڳرو هو انهيءَ ڪري عوامي زبان ۾ 'شاهہ بدين' سڏيو ويو، جيڪو وقت گذرڻ سان باقي وڃي 'بدين' بچيو. ٻيءَ روايت موجب ڪو درويش شهاب الدين اني جو هو جنهن جو مقام موجوده بدين شهر کان ميل ڏيڍ اتر اولهہ طرف آهي. اجا تائين شهر کان ٻاهر اهو 'شاهہ بدي جو مقام' سڏجي ٿو. شاهہ عبداللطيف جو وڏو ڏاڏو ۽ مبين شاهہ ڪريم جو والد لعل محمد شاهہ عرف شاهہ لَلوُ بہ انهيءَ مقام ۾ مدفون آهي. ڪن جي چوڻ موجب شهاب الدين قريشي پير هو ۽ ملتان جي غوث بهاؤالدين زڪريا رحہ جي اولاد مان هو. هن وقت 'شهاب الدين جي مقام' کان اتر طرف قريشي پيرن جو وسندڙ ڳوٺ آهي.

مٿي بيان تي چڪو آهي تہ ڪنهن وقت شيخاڻي گهاڙي واري پاڳي کان وٺي جاڙي فقير واري قبي تائين لُنڊ قبيلي جي آبادي هئي. لُنڊن، چانڊين ۽ جمالين، ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي دور ۾ ڪڇ سان لاڳو سنڌ جي هن ڏاڪڻي سرحد کي سنڀاليو. بدين جي وچنين ۽ اترين پاڳي ۾ جيڪي قبيلا آباد رهيا تن مان مکيہ بہ هئا: رڻ جي اولهہ طرف منترا چاچڪان ۾ ۽ اوبر طرف نوتيار ولاسيي ۾. چاچڪان ۽ ولاسيي جي وچان رڻ درياءَ ڊنگ هو: اپرندي طرف ولاسيو ۽ اولهہ طرف چاچڪان هو. چاچڪان جو مرڪز بدين هو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ "چاچڪان سرڪار" هڪ انتظامي پرڳڻو هو. ان تي اهو نالو نوتيارن جي نک چاچڪ جي ڪري پيو. ان مان پاڻنجي ٿو تہ چاچڪان کي ٻھريائين نوتيارن آباد ڪيو. سومرن کان پوءِ هن ملڪ ۾ نوتيارين جي مقامي رياست هئي ۽ انان نوتيار لکپت ۽ اڳتي ڪڇ طرف بہ ويا. ڪلهوڙن جي دور ۾ هتان جي ڪن مک مقامي قبيلن جهڙوڪ جتن، منڊرن، نوتيارن ۽ دلن تي چڙهايون ڪري انهن کي هيسائي هيڻو ڪيو ويو، جنهن ڪري گهڻا نوتيار ڪڇ طرف لڏي ويا ۽ پوءِ

جڏهن ڪلهوڙن ڪڇ تي ڪاهيو تڏهن نوتيار ۽ جت قبيلا راجا جي طرف ٿيا. ٽالپورن جي دور ۾ انهن قبيلن جي دلجوئي ٿي. سنڌن راڄن کي مانائتو ڪيو ويو، جنهن ڪري هو هميشه لاءِ سنڌ جي حڪومت جا خيرخواهه ٿي ويا. ان پاليسي مطابق مراد خان لاشاري کي موڪليو ويو ۽ هو ڪڇ مان نوتيارن کي دوستيءَ جي ناتي سان وٺي آيو. جن مان گهڻا ڏيپلي واري پاڳي ۾ اچي آباد ٿيا. مراد خان لاشاري وينل ولهاري جو (تعلقو ڏيپلو. جتي اولياءِ ميون جمبل آهي) هو جتي سندس نالي سان 'ديهه مراد' يادگار آهي. نوتيارن جي هڪ نک 'ٿوريا' آهي، جنهن مان سنهڙو نوتيار مشهور ٿيو: جنهن سنهڙو واهه کٽايو ۽ جنهن جي طاقت جو مرڪز علي بندر هو. علي بندر ني اهو نالو علي نوتيار جي نالي سان پيو. ٽالپورن جي آخري دور ۾، سنڌ جي سامهون ڪڇ جي لکپت واري علائقي ۾ آباد نوتيارن مان ناميارو اڳواڻ جمعدار فتح محمد هو جيڪو پڻ 'ٿوريا' نُک مان هو. جمعدار فتح محمد کي سنڌ مان ٽالپور حڪمرانن جي وري پنيرائي هئي ۽ هو اتي ايترو طاقتور ٿيو جو شايد ٿوري وقت ۾ ڪڇ تي سندس حڪومت قائم ٿي وڃي ها: پر ان وقت انگريزن ڪڇ ۽ سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ ٽالپورن جي زوال سان گڏ فتح محمد به انگريزن جي طاقت جو شڪار ٿي ويو. لکپت شهر لڳ ڏکڻ اوڀر طرف جمعدار فتح محمد جو قبو هن تاريخي شخصيت جو يادگار آهي. سنهڙي نوتيار کي راهومن ڪانجي ڪوٽ ۾ گهيرو ڪري ماريو ۽ نوتيارن جي طاقت گهٽجي وئي.

ميان غلام شاهه جڏهن چڙهايون ڪري انهن قبيلن کي هيسائي هيٺو پني ڪيو، تڏهن منڌرن مان راڌڻ ۽ تاجن پني مشهور اڳواڻ هئا. راڌڻ جو مرڪزي ماڳ 'مالهين جو دڙو' هو جيڪو سيراٽي کان ڇهه ميل کن اتر اوڀر طرف آهي. تاجن جو مرڪز ڳنو هو، جيڪو تاجهيري واري علائقي ۾ هو، اتي سندس تاجن ڪوٽ هو جيڪو سيراٽي کان پنج ميل کن اولهه طرف آهي. تاجن منڌرو اهڙو ته ارڏو ۽ اڙٻنگ ساماٺو جو چڙهي چوڏاري هلاٽون پيو ڪري؛ رڳو پاڻ تي نظر هئس باقي پني ڪنهن تي مڇ ني نه پيو چندي:

تاجن تاجهيريءَ جو، ڳنو سندس ڳوٺ
چڙهي چوڏاري پوي مور نه ڪاني موٺ
جو ڪوٺرسر پريان ڪوٽ، ان تي مڇ نه چندي منڌرو.

هن وقت تاجهيري ديهه آهي ۽ بدين کان ڏکڻ اولهه طرف آهي. ڪوٺرسر جو ڪوٽ، روپاهه ماڙي لڳ اتر طرف هو. شايد اتي ميان غلام شاهه جي طرفان ڪو حاڪم رهندو هو، پر تاجن منڌري ميان غلام شاهه جي به ڪاڻ نه ڪڍي، جنهن ڪري اها چوڻي مشهور ٿي ته:

تاجن مٿان تاج، مڇ نه چندي منڌرو.

يعني تخت تاج (واري حاڪم) جي مٿان به تاجن منڌرو مڇ ني نه پيو چندي. پني ڪنهن سياڻي چيو ته:

سر سُڪو، پيڻ ساني، تاجن ڏني تانگهه
جان سين ڏرتيءَ متي پانگ، تان سين مور نه مڙي منڌرو.

تاجن پنهنجي تنديءَ ۾ نه مڙيو ۽ ميان غلام شاهه سان معاڏو اٽڪايائين، تان جو ڪانجي ڪوٽ واري جنگ ۾ ميان غلام شاهه جي لشڪر هٿان تاجن مارجي ويو.

تاجن جي طاقت جڏهن اوج تي هئي تڏهن سندس ڳوٺ ڳني ۾ توڙي چوڏاري ڪک پن به سندس رضا کان سواءِ چُري نٿي سگهيو. مجال آهي جو سندس موڪل کان سواءِ ڪو پرڻجي ۽ ڪنهن جي شادي ٿئي؛ ڳني ۾ هڪ غريب گهر ۾ پرمان چوڪري ساماڻي جيڪا جيئن پني وڏي ٿي تيئن پني سونهن ۾ سرس ٿي. هن جي حسن جي هاڪ هلي وئي ۽ سيڪو پيو پرمان پرمان ڪري؛ تڏهن پهاڪو هليو ته:

"پرمان تڏهن پسندين، جڏهن ڳني جا وڻ ڏسندين"

پرمان جو پيءُ غريب هو، پر پنهنجي ڳالهه ڳت وارو هو، سو جڏهن تاجن ٻاهر ويل هو تڏهن هن پرمان پرڻائي ڇڏي. چوڏاري ڳالهه هُلي وئي ته پرمان پرڻجي وئي! چيائون ته نکيٽي کيئن ٿيندي ۽ پرمان کي ڳوٺ مان وٺي کيئن ويندا. جر تاجن جي موڪل کان سواءِ پرمان جي شادي ٿي آهي! اهو پوءِ پهاڪو ٿي ويو ته "پرمان ڀلي پرڻي، پر جڏهن ڳني جا وڻ اکري' يعني ڳني ڊوري جا وڻ، ڳنو ڊورو، تاجميري کان الهندي آهي.

اي سڄاڻ! سمجهه ته بدين واري پاڳي ۾ 'نوت' ۽ 'مانتر' سنڌ جي نسب نامن جي لغات وارا نالا آهن. آڳاٽو کنهن وقت ريڻ کان اوپر ولاسيي ۾ نوتيارين جي گهاٽي آبادي هئي، جنهن کي 'نوت' سڏيائون ۽ اولهه طرف منترن جي گهاٽي آبادي هئي، جنهن کي 'مانتر' چيائون، پر بدين سان لاڳو پاڳي کي ڪنهن وقت چاچڪان سڏيائون ۽ اهو نالو، جيئن مٿي بيان ٿيو، نوتيارن جي نُک 'چاچڪ' جي نالي پويان پيو. 'چاچڪان' نالي جي سٽاءُ فارسي ۾ جمع واري ترڪيب مطابق آهي.

سنڌ جي نسب نامن جي اصطلاح ۾ 'نوت' معني اها ايراضي، جنهن ۾ نوتيار گهڻا گهاٽا هجن. اهڙيءَ طرح 'بوف' اها پيٽي جنهن ۾ برفت گهڻا گهاٽا هجن. اها ترڪيب 'او' جي موڙ سان آهي. جاٽي يعني جٽن جو ملڪ ۽ ساهتي يعني سهتن جو ملڪ: اها ترڪيب 'اِي' جي موڙ سان آهي. 'ابڑان' (ابڙن واري ايراضي) فارسي ۾ 'آن' واري موڙ سان آهي. اهڙيءَ طرح ٻين ترڪيبن ۾ ٻيا موڙ آهن، جيئن ته 'سماٽ' يعني اهو علائقو جنهن ۾ 'سمن' جي گهاٽائي هجي، يا 'لاڪاٽ' يعني اهو علائقو جنهن ۾ 'لاکن' جي گهڻائي هجي. سمن جي نسبت سان ڪنهن وقت سمن واري ايراضيءَ کي 'سماواتي' پڻ سڏيو ويو ۽ سمن واري بستي کي 'ساموئي' سڏيو ويو.

پر اي سڄاڻ! تون ڄاڻ ته نوتيار نالو 'نوت' ۽ 'يار' جي جوڙ سان ٺهيو جنهن ۾ فارسي جو لفظ 'يار' شامل آهي: اهڙيءَ طرح 'لاکيار' نالو 'لاکي' ۽ 'يار' جي جوڙ سان ٺهيو. انهن نسبي نالن ۾ آڳاٽو فارسي عنصر شامل آهي. تون انين سنڌ جي مردن ۽ ماين جي نالن تي غور ڪندين ته گهڻو ڪجهه سمجهي سگهندين. هن وقت نوتيار رڳو ولاسيي ۾ ناهن پر ان کان ٻاهر توڙ ۽ ٻيلاٽي ۾ آهن، ۽ پڻ ڏيپلي تعلقي ۾ مهراڻي، سمو دڙو، گجي واري، تلو، پانار، ڪملڙي، لَمَر، ٻيلو ۽ سماٽي ڳوٺن ۾ رهن ٿا. اڳ جڏهن نوت 'نوت' هئي تڏهن 'ڪُري ڪوٽ' نوتيارن جي قبائلي طاقت جو مرڪز هو. چون ٿا ته ان تي 'ڪُهري ڪوٽ' نالو انهيءَ ڪري پيو جو اتي 'ڪُري' اڳاڙيندا هئا: ڪُري معنيٰ ڪُر جو محصول، يعني هر ڊور تي محصول ٻڌل هو. ڪُري ڪوٽ، ڪڍڻ کان ٻه ميل ڪن ڏکڻ اوپر تي آهي ۽ اتي ڪوٽ جا نشان آهن. هن وقت اتي ارباب خير محمد رهي ٿو. چاچڪ، توريا، قاڙها، ساگر، ڪُنَ پاريا، ٻيلاٽي، ڪُڙيا ۽ صوفي نوتيارن جا مکيه ڪڙم آهن. انهن کان سواءِ ناهيان، آلواٽي، فيل، وکيا، ٻاگهل، نوراٽي، موکيا ٻه نوتيارن ۾ ڳڻجن.

چون ٿا ته نوتيارن جي 'قاڙها' پاڙي جي ارباب ٻاهران ڪنهن چڱي گهراڻي مان شادي ڪئي. ان سهاڳڻ جو نالو هَبي هو ۽ هوءَ وڏي عبادت گذار ۽ پرهيزگار هئي، اينترو جو پرڻجڻ کان اڳ ٻه جڏهن هوءَ ڪنهن مائيءَ کي هٿ ڏيندي هئي ته ڪپڙي ۾ ويڙهي ڏيندي هئي. پرڻجڻ کان پوءِ ٻه هن پنهنجو اهو دستور قائم رکيو، جنهن تي نوتيارين ماين اها پنهنجي گهٽتائي سمجهي ۽ سهاڳڻ هبي کي ڪدائڻ جا سانباها ڪيائون. آخرڪار ارباب تي اينترو زور آندائون جو هن سهاڳڻ کي ڏهاڳ ڏنو ۽ ڏهاڳڻ ڪيو. ماني هبي وڏي حوصلي واري هئي، سا مائٽن ڪانه وئي پر پنهنجو جدا ڳوٺ ٻڌي، ماڙي نهراڻي رهڻ لڳي. اتي وڏي سخا ڪيائين ۽ سندس نالو مشهور ٿيو. جڏهن وفات ڪيائين تڏهن سو وصيت ڪيائين ته 'مون کي پنهنجي مائٽاڻي مقام ۾ دفن ڪجو'. ماني هبي وارو ماڳ هاڻي "هبي جا دڙا"

پر جاڻ تہ بدين واري علائقي ۾ گهڻائي کي قبيلا ۽ راڄ آهن. جن گهڻي وقت کان وٺي بدين کي شادآباد ڪيو آهي. بدين جو وڏو ولي شاهہ قادري جيلاني ٿيو، جنهن پنهنجي تبليغ ۽ تربيت سان عوام جي اخلاق کي سنواريو. بدين جي جيلاني پيرن ۽ ڪڇ ۾ لکپت جي جيلاني پيرن سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ صلح ۽ امن جا ناتا وڌايا. بدين جي پرڳڻي ۾ پيا بہ ڪيئي فقير ۽ درويش ستل آهن. انهن مان جيڪي ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي دور ۾ ٿي گذريا تن مان هيبت فقير جمالي وڏي نالي وارو هو. سندس مزار ڳوٺ هيبت فقير جمالي (ٽنڊي شهر کان پنج ميل ڏکڻ اوڀر، ديهہ ڪنڀارڙو، تعلقو بدين) ۾ آهي. جيون ٿا تہ ڪيس 'ميان' وٽان وَٽَ مليل هئي: انهيءَ ڪري ميانوالي طريقي وارا بہ صدا ۾ سندس نالو آڻيندا تہ:

'هيبت فقير حضوري! ڪر مراد پوري.'

بيتن جي مشهور شاعر سانوڻ خاصخيلي پنهنجي هڪ بيت ۾ چيو تہ اسين هيبت فقير کي مراد پوري ڪرڻ لاءِ سڏ ڪنداسون، جنهن ۾جي هر هنڌ هاڪ آهي.

'اسين هڪل ڪنداسون هيبت فقير کي جنهن جو ڏيهن ۾ ڌهڪاءُ'

شادي فقير جمالي جنهن جي تربت هيبت فقير جي مزار کي ويجهي آهي ۽ جيڪو سندس وڏو فقير هو، تنهن هيبت فقير جي شان ۾ هڪ وڏي صدا چئي، جنهن جون کي صاف معنيٰ واريون سٽون هي تہ:

اورون سچ، تي پرون غبارا،
تنهن دي پرون تيڏا اوتارا
سير ڪيتوني، سمونڊ سارا
وچ انجار افضل نام تمهارا

-

هيبت سيتي ڪمي نہ ڪاني
تون ٿي شير تي تون قطباني
تون ٿي روشن، تون روشناني،
جيوين واسو مينهن وسي وسڪارا

-

نسبت نال ڪبيري لوني
ڪل مشڪل آسان هوني

مٿين پهرئين بند مان اظهار آهي تہ هيبت فقير جو نہ فقط بدين ۽ لاڙ ۾ نالو هو پر ڪڇ ۽ اڃا بہ اڳتي انجار تائين سندس وڏي مڃوتي هئي. شادي فقير جي اها صدا راقم ڪڍڻ شهر ۾ الياس فقير جمالي کان ٻڌي جيڪو ملوڪ فقير جمالي جي اولاد مان آهي. ملوڪ فقير کي بہ هيبت فقير جي دعا هئي. ملوڪ فقير جي مريدن مان نيياهو فقير لغاري هو جيڪو ميرن جي ڏينهن ۾ فوجي جرنيل هو. سندس قبو ڪڍڻ شهر کان ڇهہ ميل اوڀر ديهہ مني نمبر-٣ ۾ آهي. هي سڀ ميانوالي طريقي جا فقير هئا، يعني تہ 'ميان' جا مريد هئا. جيڪو ڪلهوڙن گادي نشينن جو موروثي لقب هو ۽ ميان آدم شاهہ کان وٺي پئي هلندو آيو. پر ميانوالي طريقي جا فقير سچا الله لوڪ فقير هئا ۽ رڳو حاڪمن جا پونلڳ نہ هئا. جڏهن ميان سرفراز جي دور کان وٺي ميان صاحبن پنهنجن خيرخواهن مريدن ۽ دربار جي اميرن کي مارائڻ شروع ڪيو، تڏهن سڄي ملڪ جا فقير ۽ درويش ڪلهوڙن جي خلاف اٿي کڙا ٿيا. لاڙ جي روايتن ۾ انين

مشهور آهي ته انهيءَ مخالفت ۾ جن اڳواڻي ڪئي تن ۾ منو فقير ڏير وارو، هيبت فقير جمالي ۽ فقير عبدالرحيم گرهوڙي اڳواڻ هئا. حقيقت ۾ قتل واريون ڪارروايون 'ليکي' درٻارين جي سازش سبٻان ٿيون. پويان ميان حڪمران جيڪي هيٺا ۽ پرمتڙيا هئا سي سازش کي سمجهي نه سگهيا. چون ٿا ته هيبت فقير، منو فقير ڏيرو وارو ۽ ٻيا ميانوال فقير ۽ پڻ فقير عبدالرحيم گرهوڙي گڏجي تاجي ليکي وٽ ويا ته ڪيس وڃي ننبيهه ڪن. تاجي طعنو هنيو ته اوهان ميان جا فقير ٿي ڪري به ٽالپورن جي حمايت ۾ آيا آهيو. انهن چئي، جن گاديلن تي فقير وينا هئا سي جڪي ڪيا يائين، انهيءَ تي فقير رنج ٿي اٿيا ۽ بددعائون ڏنائون. ان وقت سڀني مِني فقير ڏانهن نهاريو جنهن جي زبان مان هي فقرا نڪتا ته:

ڪـــاهـــ، لـــڳـــنـــي بـــاهـــ
لـــيـــڪـــي لـــيـــڪـــي وڃـــون لاهـــ
ٽـــالـــپـــور ڏانـــتـــا، ڪـــلـــهـــوڙا گـــاهـــ
هـيـل ڪروس ڏڳ ته مِنا ڏيوس باهـ

ٻين روايتن موجب پوبون فقرو فقير عبدالرحيم گرهوڙي ڏانهن منسوب آهي. 'ڪاهه' دادو ضلعي ۾ ليڪين جو خاص ماڳ مرڪز هو. 'راڄو ڳيڏيو' جيڪو راڄي ليکي جو ٻڌايل هو سو به اتي هڪ مشهور ماڳ آهي.

بدين جي علائقي ۾ ڪي وڏا سخي به ساماڻا جن ۾ به نامور مايون هيون- اُني ڳوري جمالڻ ۽ ماني آست گهانگهري. ماني آست (ڳوٺ سنڌي گوني لڳ) پوئين انگريزن واري دور ۾ ٿي ۽ ماني ڳوري اڳ ٿي گذري. پوئين ويجهي دور ۾ ڪشيرو خاصخيلي سخي ٿيو، جنهن مسافرن کي ماني کارائي ۽ مهمانن کي مان ڏنو. 'ڪشيرو' معني وڏيڪ ڪنڌ وارو يا 'واڏو' جيڪو پڻ چڱي سپ وارو نالو آهي. بدين کان چار ميل ڏکڻ تي، سيراٽي ڏانهن ويندڙ رستي تي ڪشيري جو ڳوٺ هو. هُو رات جو سمهڻ وقت به ديگڙو پَت جو وڏيڪ رڌاني سيرانديءَ کان رکي ڇڏيندو هو ته من ڪو ڪُمُلو مهمان اچي ڪاني. اجا وڏيڪ هن ويجهي دور ۾ قابل جوکيي وڏي دل سان ماني کارائي. بدين شهر کان ڏکڻ طرف سندس ڳوٺ آهي. ڊسمبر ١٩٨٩ع تائين پنجانوي ورهين جي عمر ۾ اجا حال حيات هو.

ماني ڳوري سپ کان اول سخا ۾ نالو ڪڍيو. ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي گذري. هو محمد خان جمالي جي گهر واري هئي جيڪو ڀاڻ وڏو سخي هو پر سندس وفات کان پوءِ ماني ڳوري اجا اڳتي وڪ وڌائي ۽ آئي وئي کي ماني کارايائين. ٺر مان، علي بندر ۽ ڪيڻ کان جيڪي ماڻهو بدين ايندا هئا سي ماني ڳوري جا مهمان ٿيندا هئا. بس ملڪ ۾ نالو ئي رڳو ماني ڳوري جو هو! هن وقت اهو ڳوٺ اسماعيل خان جمالي جو ڳوٺ سڏجي جيڪو راڄ واهه تي آهي. راڄ واهه جي ٻنهي پاسن سان اٺن ڪن ڪوهن ۾ جمالين جا راڄ آهن. ٽالپورن جي اوائلي دور ۾ جڏهن چانگن ۽ جتن جو مارو ٿيو تڏهن جمالي چانگن سان ڀيڙا هئا. جمالين کان سواءِ ڪيڻ لڳ چانڊين جا راڄ آهن. چانڊيا سنڌ جو هڪ وڏو قبيلو آهي جيڪو ٻن وڏن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. هڪڙا ڪارا چانڊيا، جن جي ٻولي سنڌي آهي ۽ ٻيا ڳورا چانڊيا جن جي گهرو ٻولي سرائڪي آهي. بدين ۾ چانڊيا ميان نور محمد جي دور ۾ آيا ۽ اتي سندن پنج پاڙا آهن. زنگيزا، احمداڻي، ٻهاذراڻي، لهريجا ۽ حڪيماڻي. لهريجا جنگي هٿيارن يعني تلوارن، ڀالن ۽ خنجرن کي تکي ڪرڻ جي حرفت 'صيقل گري' ۾ ماهر هئا ۽ ٽالپورن جي دور ۾ وڏو نالو ڪڍيائون. وڏي مراد خان لهريجي ١٧٨٢ع ۾ وفات ڪئي. هيءَ خبر اسان سان محمد خان لهريجي (پٽ مبارڪ خان پٽ محمد خان پٽ حسين خان پٽ دليل خان پٽ مراد خان) ڪئي.

پر شال وڏي حياتي مائين! مهاڻن ۽ ملاحن جي ذڪر کان سواءِ بدين جو باب پورو نه ٿيندو. بدين لاڳو ڏوري ۽

پراڻ جي گڏيل وهڪري جا پتڻ ٺٽ ۽ سنڌ جي وچ ۾ وڏا لانگها هئا جن کي ملاح سنڀاليندا هئا. مهاڻا سنڌ جا سڀ کان قديم باشندا آهن جن کي اسلام جي آمد بعد ملاح ۽ ميربحر (بحر يا سمنڊ جا مير) جهڙن عزتمند نالن سان سڏيو ويو، پر پيشه ور ملاح ۽ ميربحر اهي هئا جيڪي اصل ۾ وڏا ناکئا ۽ مُعلم هئا. انهن مان ڪي عرب هئا جيڪي هميشه لاءِ سنڌ ۾ گهر ڪري ويٺا. بدين کان ڪراچي تائين ڪي ملاح عرب نسل جا آهن. بدين لاڳو مهاڻن ۽ ملاحن جون چار اوڙڪون مشهور آهن: گُلاٽي، منڇرا،جيڪي منڇر مان آيا، چنڊاٽي جيڪي پڻ اتران آيا ۽ 'محمد حسن' جيڪي نبي سر تي بہ آهن ۽ ناراني سڏجن. گلاٽين مان عرس ملاح جي پيڻ ماني پارسان وڏي مرداني ماني هئي ۽ وڏي همت ۽ هلندي واري هئي. عرس پٽ ڪاري محمد جو اصل علي بندر جو هو. جيڪو ڍوري جو آخري پتڻ هو. ان کان اُتر طرف ڍوري ۽ پُراڻ جا مشهور پتڻ هي هئا: ٻيلي جو پتڻ،، علوُ (مهاڻي) جو پتڻ ۽ چار جو پتڻ جتي پراڻ ۽ ڍورو (نارو) اچي گڏبا هئا. پراڻ ۽ ڍوري واريون ٻيڙيون سڀ سنڌي ٻيڙيون هيون جيڪي ونجهن تي ۽ پڃن تي هاڪاربيون هيون.

هن پوئين ويجهي دور ۾ مولوي احمد ملاح بدين جي ملاحن ۾ جڻ سج ٿي اڀريو، جنهن ملڪ روشن ڪري ڇڏيو. توحيد جو وڏو مبلغ، عالم باعمل ۽ شاعر بي مثل هو. راقم جي سانس سالن تائين صحبت رهي. سنڌي لغات ۽ محاورن تي مهارت سبـبان مولوي احمد پنهنجي سنڌي نظم کي نئون لباس ڍڪايو، جنهن ۾ تجنيس حرفي جا نت نوان گل پوتائين ۽ چونڊ لفظن کي نظم جي ميدان ۾ وڏي لاڏ ڪوڏ سان ڪڏايائين. هن پنهنجن غزلن ۾ غنائي رنگ پريو ۽ توحيدي تبليغي نظمن ۾ زوردار دليلن جا دُرَ پوتا. آخر عمر ۾ قرآن شريف جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪيائين جيڪو سلاست ۽ معنوي معيار جي لحاظ سان هڪ شاهڪار آهي.



ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# جنگ نامہ منظوم فارسي

## (سن ۱۱۱۴هہ/۱۷۰۲ع ۾ بختاور خان جي بغاوت ۽ ان جو انجام)

اڄ کان پنج ورهيہ اڳ جڏهن راقم پنهنجي ڪتاب "تذڪره ڪوتائي سادات روهڙي" جي سلسلي ۾ مواد ڪٺو پئي ڪيو، تڏهن ان خاندان جا ڪيترائي مخطوطا مطالعي هيٺ رهيا. انهيءَ سلسلي ۾ سيد غلام مرتضيٰ بن سيد غلام علي رضويءَ جي لکيل قلمي ڪتاب "شجره سادات رضوي/نقوي" تائين رسالي حاصل ٿي، جنهن جو اڀياس ڪندي مير سيد يعقوب علي خان رضويءَ جي وفات جي ماده تاريخ ملي. ان ماده تاريخ جو وضع ڪندڙ خواجہ عبدالرؤف نالي هڪ شاعر ڄاڻايل هو. انهيءَ وقت کان وٺي خواجہ عبدالرؤف جي باري ۾ تلاش ۽ جستجو جاري رهي ۽ ساڳئي وقت دل ۾ اها هورا ڪورا پئي رهي تہ ايڏو وڏو شاعر، جنهن رضوي سادات جي بزرگن ۽ مشاهيرن جي وفات جون تاريخون چيون آهن، تنهن ضرور فارسي زبان ۾ پنهنجي ڪلام جو ڪو مجموعو يا ديوان يادگار طور ڇڏيو هوندو. ازانسواءِ، سندس زندگيءَ جي حالات جي باري ۾ بہ ڪٿان ڪو سراغ ڪونہ ٿي مليو. آخرڪار، تازو پنهنجي نوجوان علمي دوست سيد عبدالحسين شاهہ "تجمل" موسويءَ جي ذريعي خواجہ عبدالرؤف جو هڪ ننڍڙو قلمي رسالو دستياب ٿيو. انهيءَ رسالي جو مطالعو ڪندي اسان جي گمان کي هٿي ملي ٿي تہ خواجہ عبدالرؤف جون ٻيون بہ ڪيتريون ئي تصنيفات ۽ تاليفات هونديون، جي روهڙيءَ طرف يا سنڌ جي ڪنهن نہ ڪنهن قديم خانوادي جي ڪتبخاني ۾ موجود هونديون.

خواجہ عبدالرؤف جي انهيءَ مٿئين دستياب ٿيل قلمي رسالي جو نالو "جنگ نامہ" آهي، جو روهڙي شهر جي مشهور "آخوند خاندان" جي آخوند ميان عبدالله ✿ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

سنڌ جي تاريخ منعلق هن وقت تائين قديم دور جا جيڪي بہ ڪتاب دستياب ٿيا آهن، تن ۾ رڳو وقت جي بادشاهن ۽ حاڪمن جا احوال، اميرن جو ذڪر، جنگين جا قصا ۽ ملڪ گيريءَ جون ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن. پر هيءُ پهريون رسالو آهي، جنهن ۾ انهن مڙني روايتي ڳالهين کان هٽي، هڪ فساد ۽ فتني جو ذڪر، ان کي ٻنجي ڏيڻ ۽ ناس ڪرڻ جو تذڪرو بيان ڪيو ويو آهي.

### خواجہ عبدالرؤف جي سوانح حيات

اسان مٿي ۾ اهو بيان ڪري آيا آهيون تہ خواجہ عبدالرؤف جي باري ۾ ڪوبہ مستند ۽ مفصل احوال ڪونہ ٿو ملي، پر جيئن تہ هن پاڻ پنهنجي قلمي نسخي جي آخر ۾ پنهنجي نالي سان "خواجہ" جي عرفيت لڳائي آهي، انهيءَ ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ "خواجہ" قوم جو فرد هو.

"خواجہ قوم، قديم زماني کان وٺي روهڙي شهر ۾ ڪافي تعداد ۾ رهندي هئي، ✪ پر هن وقت ان قوم جو

---

✿ آخوند ميان عبدالله ولد محمد جيئل جو تعلق روهڙيءَ جي مشهور "آخوند" خاندان سان آهي. آخوند صاحب تازو سنڌ جو هوم سيڪريٽري ٿي رٽائر ڪيو آهي ۽ هن وقت ڪراچي، ۾ پنهنجي پيريءَ جا ايام نهايت آرام ۽ سڪون سان گذاري رهيو آهي. وٽس پنهنجي خاندان جو وڏو نادر ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ ڇاپي خواهہ قلمي ڪتابن جو هڪ ناياب ۽ قيمتي ذخيرو موجود آهي.

✪ تاريخ جي مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ٿئي ۾ پڻ "خواجہ" قوم جو محلو آباد هو. مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ جي زماني ۾ انهيءَ محلي جو نالو "محلہ نورسر" هو.

از آلِ رسول ثمر عجب رضوي.
۱۰۹۰هه

خواجه صاحب جي وضع ٿيل ٻي ماده تاريخ، روهڙيءَ جي هڪ ولي ۽ ڪامل درويش مولا محب شاهه * جي وفات جي موقعي تي چيل آهي. سيد صاحب سن ۱۱۷۸هه/۱۷۶۴ع ۾ رحلت ڪئي. اها ماده تاريخ هيٺينءَ طرح آهي:

از سـر اخـلاص گـفـتـا هـاتـفـي،
۱
کان محب جان بحق واصل شد است.
۱۱۷۷+۱= ۱۱۷۸هه

جهڙيءَ طرح خواجه عبدالرؤف جي زندگيءَ جي تفصيلي احوال جي ڪا به خبر ڪانه ٿي پوي، اهڙيءَ طرح سندس وفات جي باري ۾ به ڪا صحيح معلومات ميسر ٿي نه سگهي آهي. خواجه صاحب جي باري ۾ دستياب ٿيل مواد جو غور سان مطالعو ڪرڻ کان پوءِ اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته مولا محب شاهه جي وفات جي ماده تاريخ يعني سن ۱۱۷۸هه کان پوءِ ٻيو ڪو به اهڙو مواد يا ماده تاريخ ڪانه ٿي ملي، جا خواجه صاحب ڏانهن منسوب ٿيل هجي. انهيءَ ڪري اسان انهيءَ راءِ جا آهيون ته خواجه عبدالرؤف سن ۱۱۷۸هه/۱۷۴٦ع کان پوءِ جلد وفات ڪئي هوندي.

## جنگ نامي جو ادبي جائزو

جنگ نامي جو هيءُ ننڍڙو رسالو فارسي نظم ۾، مثنويءَ جي طرز تي خواجه عبدالرؤف جو جوڙيل آهي. هيءُ قلمي نسخو ۸×۴ انچن جي سائيز ۾، ۱۴ صفحن تي ڦهليل آهي. هر صفحي تي ۹ سٽون آهن ۽ هر عنوان کي ڳاڙهيءَ مس سان نروار ڪيو ويو آهي. مصنف، هيءُ ڪتاب اصل واقعي جي وقوع پذير ٿيڻ کان پورا ٻه سال پوءِ ٦ محرم‌الحرام سن ۱۱۱٦هه/۱۱/۱۷۰۴ع مئي تي تصنيف ڪيو. هن نسخي جو ڪاتب مصنف خود پاڻ آهي. نسخي جي آخر ۾ هيٺين عبارت تحرير ڪيل آهي:

"مصنف و ڪاتب اين رساله احقر عبدالرؤف ولد خواجه فتح علي بجهت ......... مگر ڪس از.... ديده در حق اين بنده دعائي خير ڪند اميد در عيبش نڪو.... و بذيل الطاف بپوشند. بتاريخ ششم محرم الحرام سن ۱۱۱٦هه تحرير يافت روز شنبه بوقت عصر انجام يافت.

نوشته بماند سيه بر سفيد،
نويسنده را نيست فردا اميد.
والسلام."

خواجه عبدالرؤف پنهنجي هن تاريخي منظوميي کي ڇهن عنوانن تحت بيان ڪيو آهي. رسالي جي شروع ۾، تصنيف جو سبب "در سبب تصنيف اين رساله" عنوان هيٺ لکيو اٿائين، جنهن جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن اهو مذڪور رسالو پنهنجي ڪن دل وارن دوستن ۽ احبابن جي چوڻ تي لکيو هو ته جيئن اهو رزميه داستان تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ٿي وڃي. پاڻ لکي ٿو:

مـرا شـوق بـر شـعـر گـفـتن نـبـود،
بـسـي مـيـل بـا ايـن نـوشـتن نـبـود.

---

* ڳالهه ٿا ڪن ته مولا محب شاهه ڏاڙهي؛ مڇون، مٿو ۽ ڀرون سڀ صاف ڪندو هو، جنهن کي چار ابرو جي صفائي به چوندا آهن. جڏهن نادر شاهه ٻيڙيءَ جي رستي روهڙيءَ کان لانگهانو ٿيو ته فقير کي اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي ڏمريو ۽ فقير کان پڇيائين ته، "ريش چرا تراشيده" يعني ڏاڙهي ڇو ڪوڙائي اٿئي؟ جواب ۾ هه پهه آيس ته، "ريش خود تراشيده ام، دل ڪسي نه خراشيده ام" يعني ڏاڙهي پنهنجي ڪوڙائي اٿم، پر ڪنهن جي دل نه آزاري اٿم. سندس وزير تي اينترو اثر ٿيو، جو اتي جو اتي جوانئي ويهجي ويو. (سيد عطا حسين شاهه موسوي: "ٻه اکر روهڙيءَ به لعثا". (قلمي مضمون)

و ليکن بمرز بکھر مفسدي،
بہ بيختند سرز امر شاھناشاھي.
برو لشکر شہ ظفر يافتند،
سرش را بہ تير و تبر کافتند.
پي سال قتلش رزم داستان،
مگر بعد يکچند صاحبدلان.
تجسس نمايند زان قصہ ناز،
بيابند زين نامہ نغز ساز.

انھيءَ مختصر تعارف کان پوءِ "در آغاز جنگ نامہ" جي عنوان سان بکر جي ان باغي ۽ فساديءَ جو تعارف ڪرائيندي ٻڌائي ٿو تہ بختاور نالي ھڪ شخص بکر ۾ فساد ۽ ظلم جو رڻ ٻاري ڏنو ھو. بکر جو غريب عوام نہ خد . پر شرفاءَ بہ سندس ظلم ۽ ستم جو شڪار ھئا. خواجہ صاحب پنھنجي رسالي ۾ کيس بدخواه، بدڪيش ۽ بدبخت جھڙن لفظن سان ياد ڪيو آھي. اڳتي ھلي، ھن جي ظالمانہ ڪارروائين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ ھن جي ظلم جي انتھا ھئي. بکر جا شھر ۽ راڄ، سندس ظلم جي ڪري تباھہ ۽ برباد ٿي ويا ھئا. سندس ظلمن جو داستان نہ صرف بکر تائين محدود ھو، پر بين علائقن ۾ بہ مشھور ھو.

ان کان پوءِ مغل بادشاھہ اورنگزيب جي مدح ۾ ڏھاڪو کن بيت ڏنا ويا آھن، جنھن مان اھو ظاھر ٿئي ٿو تہ بختاور، بکر ۾ اورنگزيب جي دور حڪومت ۾ ٿي گذريو آھي. جڏھن سندس ظلم ۽ ڏقيڙ حد کان وڌي ويو، تڏھن اورنگزيب پنھنجي پوٽي شھزادي معزالدين کي ملتان مان انھيءَ فساديءَ جي سرڪوبيءَ لاءِ بکر روانو ڪيو. اھڙيءَ طرح خواجہ صاحب اورنگزيب جي مدح کان پوءِ شھزادي معزالدين جي مدح ۾ چند بيت ڏنا آھن.

انھيءَ مدح سرائيءَ کان پوءِ "در آغاز جنگ" جي سري ھيٺ ان لڙائيءَ جو احوال بيان ڪيو ويو آھي، جنھن موجب شاھي فوج ۽ فساديءَ جي درميان ڇتي ويڙھہ شروع ٿي. بختاور جو پاسو ڳرو ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ وڌي ڳالھہ اھا ھئي تہ کيس شاھي لشڪر جو ڪوبہ ماڻھو چڱيءَ طرح سڃاڻي نہ ٿي سگھيو. ملڪ الله بخش افغان ھڪ چڱي اثر رسوخ وارو امير ھو ۽ شھزادي معزالدين جو اتحادي ھو. خواجہ صاحب، ملڪ الله بخش لاءِ عنوان قائم ڪري، ان جي مدح بيان ڪئي آھي: پاڻ ٻڌائي ٿو تہ ملڪ الله بخش، بختاور کي سڃاڻي، بادشاھي لشڪر کي ان جي نشاندھي ڪئي. آخر گھمسان جي لڙائيءَ کان پوءِ بختاور کي قتل ڪيو ويو ۽ سندس سسي ڌڙ کان ڌار ڪئي وئي. شھزادي معزالدين حڪم ڪيو تہ ھن بدبخت جي جسم جا ڳيا ڳيا ڪري،انھن کي وڻن ۾ لٽڪايو وڃي تہ جيئن ڏسندڙ ان مان عبرت حاصل ڪن ۽ آئنده ڪنھن کي بہ نمڪ حراميءَ جي جرئت نہ ٿئي. خواجہ صاحب چوي ٿو:

کہ از حربگہ جسم او آورند،
ڪشيده ورا سوئي بکھر برند.
بسازند آنجا تنش لخت لخت،
معلق نمايند بر ھر درخت.
کہ تابعد زين کس بمثلش مدام،
نسازد دگر ره نمک را حرام.
نمودن آن حسب فرمان شاه،
در آندم بکردند جسمش تباه.

ھيءُ واقعو سن ١١١۴ھ/١٧٠٢ع ۾ ٿيو. بختاور جي قتل جي ماده تاريخ، خواجہ عبدالرؤف ھينئين ريت وضع

ڪني آهي:

شنو اي برادر نصيحت نيوش،
ڪه چون سال فتلش بجستم زهوش.
خرد متفق شد برين مقصدي،
ڪه مقهور دارين شد مفسدي.
۱۱۱۴هه

خواجه عبدالرؤف جو هيءُ ننڍڙو تاريخي رسالو، سنڌ جي تاريخ جو هڪ نادر ۽ قيمتي خزانو آهي، ليڪن افسوس آهي ته مصنف ان کي نهايت ئي مختصر نموني ۾ بيان ڪيو آهي.

خواجه صاحب پنهنجي رسالي ۾ اهو نه ڄاڻايو آهي ته ان وقت بکر جو نواب ڪير هو؟ تاريخ جو مطالعو ڪندي اهو معلوم ٿئي ٿو ته ان دور ۾ بکر جو نواب امين الدين خان حسين * هو. ان سلسلي ۾ "مؤرخ سنڌ" سيد حسام الدين راشدي لکي ٿو:

"مير امين الدين خان ۱۵-۱۱۱۴هه ۾ بکر جو فوجدار هو. نئين مان بدلي ٿي بکر جو فوجدار مقرر ٿي آيو ۽ ان زماني ۾ خانپور جي نيابت به سندس سپرد ٿي. پاڻ سن ۱۱۲۰هه تائين بکر ۾ انهيءَ عهدي تي برقرار رهيو." (۱)

خواجه عبدالرؤف جي لکڻ مان اهو اشارو ملي ٿو ته بختاور ايڏو ته طاقتور ٿي چڪو هو، جو خود بکر جو نواب به شايد ان کي منهن ڏيئي نه ٿي سگهيو: ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن نواب ان فتني ۽ فساد کي بنجو ڏئي ها، ته اورنگزيب تائين اهو معاملو نه وڃي ها. جڏهن بکر جي عوام ۽ شرفاء مغل نواب جي بيوسي يا لاپرواهي ڏٺي، تڏهن مجبور ٿي ان سنگين معاملي کي دربار شاهيءَ تائين پهچايو ويو، جتان ملتان جي حاڪم شهزادي معزالدين کي بختاور جي سرڪوبيءَ لاءِ موڪليو ويو.

ساڳئي وقت ملڪ الله بخش جي باري ۾ به ڪا نشاندهي نه ڪئي وئي آهي. ازان سواءِ "جنگ نامي" ۾ محمد امين نالي هڪ شخص جو ذڪر ملي ٿو، جنهن جي باري ۾ به ڪجهه نه ٻڌايو ويو آهي. افسوس آهي جو ان تاريخي واقعي کي مفصل بيان ڪرڻ بجاءِ نهايت مختصر نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

## "جنگ نامي" ۾ آيل واقعي جو تاريخي جائزو

خواجه عبدالرؤف جي مٿين بيان ڪيل "جنگ نامي" ۾ منظوم ڪيل واقعي جو جڏهن تاريخ جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪجي ٿو ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ ساڳئي واقعي کي سنڌ جي ڪيترن ئي مؤرخن پنهنجي پنهنجي نموني ۾ مختلف روايتن سان بيان ڪيو آهي. جيئن ته هيءُ واقعو خواجه صاحب جي اکين آڏو ٿي گذريو هو، ان صورت ۾ بهتر ائين هو ته ان کي اختصار بجاءِ تفصيل سان بيان ڪيو وڃي ها، ته هوند ڪانئس پوءِ جي مؤرخن جي شڪ ۽ گمان پيدا ڪرڻ وارين روايتن بدران سندس بيان ڪيل واقعو وڌيڪ مستند سمجهيو وڃي ها. بهرحال، تاريخ جو اڀياس ڪندي اسان کي ان واقعي جون ٽي روايتون ملن ٿيون، جن جو هتي بيان ڪجي ٿو:

(الف) "تحفة الڪرام" واري روايت

خواجه عبدالرؤف جي بيان ڪيل واقعي جو جڏهن تاريخ جي روشني ۾ مطالعو ڪجي ٿو ته اهو واضح ٿئي ٿو ته اهو واقعو مغل بادشاهه اورنگزيب جو پوئين دور ۾ ٿي گذريو آهي. ان دور ۾، سنڌ ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙو پنهنجي طاقت کي وڌائڻ لاءِ جيڪي هٿ پير هڻي رهيو هو، ان سنڌ جي مقامي قوتن کي پڻ لوڏي وڌو هو. انهيءَ سلسلي ۾، مير علي شير "قانع" ٺٽوي ان واقعي طرف اشارو ڪندي لکي ٿو:

---

* راقم پنهنجي ڪتاب "بکر جا مغل گورنر" (قلمي) ۾ نواب امين الدين خان حسين جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

"ميان يار محمد قلات ۾ ٻہ سال پريشانيءَ جي حالت ۾ گذاريا. اڪثر سرائي سردار پڻ پاسڙ وٺي ويهي رهيا ۽ سندس ملڪ جي گهڻي پاڱي تي مرزا خان جي پٽ بختاور خان جي ماڻهن (پناڻن) قبضو ڪري ورتو. سن ١١١٣هہ ۾ ميان يار محمد، راڄي فقير ۽ سرائي لشڪر جي اچڻ تي، مريدن ڪان بيعت وٺي التماس خان بروهيءَ کي مدد ۾ ڪٺي، پنهنجي موروثي زمين ڏانهن رخ رکيو. پهريائين زيدي ڪان لنگهي، منزل ڪندا، منڇر ڍنڍ جي ڪناري تي هنڙي تعلقي جي نينڪ ۽ سانوه ڳوٺن ۾ پهتا. جن کي زالون ساڻ هيون سي اتي رهجي پيا ۽ پاڻ اڳتي وڌي پهريائين قيصر پنهور کان سامناٽي وٺي، پوءِ ڳاهن ۾ اچي ڇانوڻي هنيائين. تنهن کان پوءِ، پنهنجي ڀاءُ مير محمد کي سرائي سردارن سان گڏ اڳتي موڪليائين، جنهن وڃي مارڪپور ۽ ڳاهي جمشيد تي قبضو ڪري، فتحپور جو قلعو ڇڏايو." (٢)

مير "قانع" ٺٽويءَ جي انهيءَ مٿين عبارت مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ ميان يار محمد ڪلهوڙي قلات جي حاڪمن، سرائي سردارن ۽ پنهنجن معتقد مريدن جي مدد سان پنهنجي طاقت کي وڌائي، پنهنجبون وجاڳيل زمينون ۽ شهر بيهر فتح ڪري ورتا هئا. مير "قانع" ٺٽوي اڳتي هلي ان واقعي جي نشاندهي ڪري ٿو، جنهن جو خواجہ عبدالرؤف مبهم نموني ۾ ذڪر ڪيو آهي. مير "قانع" ٺٽوي لکي ٿو:

"بختاور خان لاچار ٿي ملتان جي شهزادي معزالدين جي خدمت ۾ عريضو موڪليو تہ دين محمد جي ڀاءُ وري شورش مچائي آهي. هيءُ وقت واهر ڪرڻ جو آهي." (٣)

مير "قانع" ٺٽوي اڳتي هلي بختاور خان جي اصل بدلجندڙ نيت جي باري ۾ لکي ٿو:

"جينوٽيڪ بختاور خان، شهزادي معزالدين کي پنهنجي مطلب لاءِ گمرايو هو. ليڪن ان جو نتيجو ابتو نڪتو. اتفاقاً جڏهن شهزادي سڌو سندس ملڪ جي رستي سان رخ ڪيو، تڏهن ملڪ جي بربادي جي خوف کان عرض ڪيائين، تہ هن رستي کان نہ اچڻ گهرجي. شهزادي کي هي مختلف عريضا ڏسي انهيءَ ۾ خلل ڏسڻ ۾ آيو ۽ انهيءَ پاسي رواںو ٿيو. هن کي ڪُتي ڪنيو بيٺي هئي، تنهن ڪري روڪڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ سخت مقابلي ڪرڻ کان پوءِ قتل ٿي ويو. ايتري ۾ هن طرف جي وڪيلن حاضر ٿي (بادشاهزادي جي) دل تي پنهنجي غلاميءَ ۽ اخلاق جو خاطر خواه اثر وهاريو. شهزادو، بختاور خان کي قتل ڪري، ڪجهہ وقت اچي بکر ۾ رهيو." (٤)

مير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي انهيءَ مٿين عبارت ۾ اهو ڪٿي بہ نہ ڄاڻايو آهي، تہ ڪو بختاور خان، بکر جي شرفاء، عالمن، مخدومن ۽ سرنديءَ وارن ماڻهن کي ستايو هو. ساڳئي وقت بختاور خان جي قتل جو واقعو بہ بکر کان ٻاهر ڄاڻايو اٿائين. مير "قانع" ٺٽويءَ جي پيٽ ۾ خواجہ عبدالرؤف پنهنجي "جنگ نامي" ۾ اڪين ڏٺا احوال ڏنا آهن. خواجہ صاحب ۽ مير "قانع" ٺٽويءَ جي بيان ۾ جينوٽيڪ ڪجهہ تضاد آهي، پر ايترو چئي سگهجي ٿو تہ جڏهن شهزادي معزالدين، بختاور خان طرف رخ ڪيو، تہ ان وقت ممڪن آهي تہ بختاور خان بيو ڪو چارو نہ ڏسي، شهزادي معزالدين کي هراسان ڪرڻ لاءِ بکر جي ماڻهن تي ظلم ڪيو هجي.

<u>(ب) "تاريخ ڪلهوڙا" واري روايت</u>

"تحفة الڪرام" کان پوءِ سنڌ جي هڪ ٻئي مؤرخ مولانا غلام رسول مهر پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب "تاريخ سنڌ-ڪلهوڙا دور" ۾ مرزا خان جي پٽ بختيار خان جي بيان کي مير "قانع" ٺٽويءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪيو آهي ۽ ساڳئي وقت سندس ظالمانہ ۽ سخت گير ڪارروايون، جن جي نشاندهي خواجہ عبدالرؤف پنهنجي "جنگ نامي" ۾ ڪئي آهي، تي پڻ ڪافي روشني وڌي آهي.

مرزا خان پنهنجي جيئري ئي پنهنجن حريفن ۽ مخالفن جو گهڻي قدر صفايو ڪري ڇڏيو هو. ان هوندي بہ عوام ۾ سندس خلاف سخت نفرت ۽ حقارت موجود هئي. جڏهن مرزا خان وفات ڪئي، تہ سندس پٽ بختيار خان سندس

جاءِ نشين ٿيو. عام ماڻهن ۾، سندس پيءُ خواه سندس متعلق جيڪا نفرت جي باهه ڊڀيل هئي، اها پڙڪو کائي اٿي. سندس ڏاڍاين ۽ ظلم کان تنگ ٿي، ماڻهو سندس خلاف ٿي بيٺا ۽ آخر بختيار خان مجبور ٿي ڀڄي وڃي شڪارپور ۾ دائود پوٽن وٽ پناهه ورتي. دائود پوٽن انهيءَ ڏکئي وقت جي گهڙيءَ ۾ سندس ساٿ ڏنو. کيس "بختيار پور" نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهايائون ۽ اڌ ڍل جو کيس مالي مدد طور پڻ ڏنائون. (٥)

بختيار خان جو سيوهڻ ۾ نواب مقرر ٿيڻ: مولانا غلام رسول مهر لکي ٿو ته مٿي بيان ڪيل حالتن دوران بختيار خان کي مغل شاهي دربار مان سيوهڻ جي نوابيءَ جو فرمان پهتو. ان کان پوءِ بختيار خان جي نيت ۾ ورو ڦيرو اچي ويو. هن سيوهڻ جي نوابيءَ کي پنهنجي لاءِ سنو سنوڻ سمجهي دل ۾ پَهُه ڪيو، ته هاڻي پنهنجن دشمنن ۽ مخالفن کان حساب چڪتو ڪرڻ جو بهترين موقعو هٿ آيو آهي. بختيار خان جي دماغ ۾ انتقامي باهه ايتري قدر ته وڌي ويئي هئي، جو هو پنهنجن محسنن دائود پوٽن جي خلاف ٿي بيٺو ۽ هنن جي احسانن کي وساري سندن پاڙون پٽڻ شروع ڪيائين، چاڪاڻ ته کيس اهو ڊپ هو ته اڳتي هلي اٿين نه ٿئي جو دائود پوٽا ۽ سندن پاڙيسري قوتون هن لاءِ خطري جو سبب بڻجن. انهيءَ دوران دائود پوٽن جو سردار بهادر خان فوت ٿي ويو ۽ سندس پٽ محمد مبارڪ خان گادي نشين ٿيو. بختيار خان ۽ دائود پوٽن جا پاڻ ۾ تعلقات خراب ٿيندا ويا. شيخ حامد گنج بخش قادري ❃، جو ٻنهي جو مرشد هو، اُچ شريف مان هلي اچي سندن ناهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي؛ ليڪن بختيار خان جيڪو ڪينه پرور هو، تنهن ناهه ٿيڻ کان صفا نابري واري ڇڏي.

بختيار خان جي انهيءَ روش کان تنگ ٿي، دائود پوٽن جي سردار محمد مبارڪ خان سياسي مصلحت انهيءَ ۾ سمجهي، ته في الحال ڪين ٻئي طرف وڃن گهرجي ۽ شڪارپور کي ڇڏڻ بهتر آهي. دائود پوٽن جو هڪ امير، محمد پنو خان پنهنجي سردار جي چوڻ تي بختيار خان جي پٽ جهان خان جي حد ۾، سندس ڏنل زمين تي "قلعو پنو خان"✱ نهرائي وڃي رهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ سردار محمد مبارڪ خان به پنهنجي اهل عيال، فوج ۽ نوڪرن سميت قلعي پنو خان ۾ پهچي ويو. جهان خان جيتوڻيڪ بختيار خان جو پٽ هو، پر طبع ۾ پنهنجي پيءُ جي بلڪل ابتڙ هو ۽ سياسي شطرنج جي راند جو ماهر کيڏاري هو. هن ان موقعي کي سونهري موقعو سمجهي دائود پوٽن جي ان لحاظ کان مدد ڪئي ته هو ڏهر قوم سان سندس دشمنيءَ ۾ کيس مدد ڪندا. (٦)

دائود پوٽن، جهان خان جي مدد ڪرڻ خاطر، ڏهرن سان جيڪا جنگ ڪئي، مهر صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ان جو تفصيلي احوال "مرات دولت عباسيه" جي حوالي سان ڏنو آهي. ان جو هتي ذڪر ڪرڻ طوالت جو باعث ٿيندو. بهرحال، ان جنگ ۾ ڏهرن کي شڪست ملي ۽ جهان خان جو مقصد به پورو ٿي ويو. ان کان پوءِ بکاري سادات جي سرڪردي امير سيد شير ارزان، جنهن ڏهرن جي مدد ڪئي هئي، کي به ختم ڪيو ويو. انهن ٻنهي واقعن ۾ دائود پوٽن انهيءَ مصلحت کان ڪم ورتو ته جڏهن بختيار خان اهو ٻڌندو ته دائود پوٽن سندس پٽ جهان خان جي مدد ڪئي آهي ته هو ڪانئن خوش ٿيندو ۽ صلح ڪرڻ لاءِ راضي ٿيندو، پر سندن ڪابه اميد پوري ڪانه ٿي (٧).

مبارڪ خان دائود پوٽي جي ملتان جي حاڪم ڏي دانهن: دائود پوٽن جڏهن اهو ڏٺو ته جهان خان جي ايتري قدر مدد ڪرڻ جي باوجود بختيار خان ڪانئن راضي نه ٿيو، ته پوءِ مجبور ٿي هنن اهو بهتر سمجهيو ته ملتان جي حاڪم شهزادي معزالدين کان مدد وٺجي ۽ انهيءَ فتني کان هميشه لاءِ جان ڇڏائجي.

١- ربيع الاول ١١١٣هه/٦-آگسٽ ١٧٠١ع تي محمد مبارڪ خان پنهنجن عزيزن ۽ ملازمن کي ساڻ وٺي، ملتان طرف اسهيو. عزيزن مان بکر فيروزاڻي ۽ ان جا پٽ سنجر خان، هوتي خان ۽ سوڀو خان ۽ وڏيري جوڏي خان جا پٽ پني خان ۽ هوت خان ساڻس گڏ هئا. دائود پوٽا جڏهن ملتان پهتا ته ان کان اڳ بختيار خان شهزادي جي مشيرن کي

❃ شيخ حامد گنج بخش قادري رحه، حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحه جي اولاد مان هو ۽ اُچ شريف ۾ رهندو هو.

✱ اڄڪلهه قلعي پنو خان جو نالو "ميرپور" آهي ۽ خيرپور رياست ۾ آهي.

پنهنجو بنائي چڪو هو، انهيءَ ڪري سندن ڪاٻه حجت ڪانه هلي. ليڪن انهيءَ عرصي ۾ ديري غازي خان جي واليءَ پنهنجن صلاحڪارن قطب خان ۽ عثمان*خان جي غلط صلاحن سان مغل شاهيءَ خلاف بغاوت ڪئي. شهزادي معزالدين انهيءَ بغاوت کي پنجي ڏيڻ لاءِ مٿن حملو ڪيو. دائود پوٽن ان موقعي کي غنيمت سمجهي، انهيءَ ويڙهه ۾ شهزادي جو ساٿ ڏنو. آخر ۾ شهزادي جي فتح ٿي ۽ ديري غازي خان جو والي ۽ سندس صلاحڪار گرفتار ٿيا.

هن موقعي تي سيتپور ۽ جلالپور جي ساداتن، اٺن هزارن جي لشڪر سان باغين جي مدد لاءِ شهزادي معزالدين تي حملو ڪيو. سنجر خان نهايت مردانگيءَ سان منهن ڏنو ۽ سيدن جي هار ٿي. شهزادي خوش ٿي سنجر خان کي پنهنجو خاص خنجر عطا ڪيو ۽ مبارڪ خان کي شاهي منصبدار بڻايو (٨).

انهيءَ واقعي کان پوءِ شهزادي معزالدين جو دائود پوٽن تي وڏو اعتماد ٿيو. شهزادي، بختيار خان خلاف سندن هر شڪايت ٻڌي ۽ شهزادي اهو محسوس ڪيو ته جيڪڏهن بختيار خان جي ڪارروائين کي بند نه ڪيو ويو ته پوءِ پاڻي سر کان مٿي چڙهي ويندو ۽ مغل شاهي سلطنت کي ٻوڙي وجهندو. انهيءَ خيال کان شهزادي معزالدين لشڪر ساڻ ڪري سنڌ جو رخ رکيو. سفر دوران دائود پوٽن پنهنجي چالاڪ ۽ عيار دشمن جي خطري کي محسوس ڪندي اهو بندوبست ڪيو ته ملتان کان سنڌ پهچڻ تائين، رستي ۾ ڪوبه غير ماڻهو شهزادي سان ملاقات نه ڪري. شهزادي جي فوج جڏهن شڪارپور جي ويجهو پهتي ته ان وقت بختيار خان ڪن سيدن ۽ اڪابرن کي پنهنجي پاران وڪيل بڻائي شهزادي ڏانهن موڪليو، ليڪن دائود پوٽن ڪين شهزادي سان ملڻ نه ڏنو. جڏهن بختيار خان اهو محسوس ڪيو ته سندس سڀ تدبيرون ناڪام ٿي چڪيون آهن، تڏهن هن لڙائيءَ لاءِ ڪمر ڪشي. شاهي فوج سان سندس سخت مقابلو ٿيو، جنهن ۾ پاڻ مارجي ويو. شهزادي حڪم ڪيو ته بختيار خان جي لاش کي چار ٽڪرا ڪيو وڃي ۽ هر هڪ ٽڪرو شڪارپور، بختيارپور، خانپور ۽ بکر ۾ ٽنگيو وڃي. (٩)

انهيءَ مٿين روايت کي جيڪڏهن خواجه عبدالرؤف جي منظوم "جنگ نامي" سان ڀيٽجي ٿو ته اهو واقعو صحيح درست معلوم ٿئي ٿو. فرق صرف اهو آهي جو خواجه صاحب نهايت اختصار کان ڪم ورتو آهي.

مولانا غلام رسول مهر پنهنجي ڪتاب "تاريخ ڪلهوڙا" ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي واري روايت بہ بيان ڪئي آهي. اها روايت ڪجهہ لفظي ڦير گهير سان ساڳي مير "قانع" ٺٽويءَ واري ڏني وئي آهي ۽ ان جو ماخذ بہ "تحفة الڪرام" آهي. اسان اها روايت منڍ ۾ ڏئي آيا آهيون.

مهر صاحب، انهيءَ سموري واقعي جي بيان ڪرڻ کان پوءِ لکي ٿو ته بکر ۽ سيوهڻ جي زمينداري ميان يار محمد ڪلهوڙي کي ملي ۽ کيس "خدا يار خان" جو لقب مليو .(١٠) ليڪن "مؤرخ سنڌ" سيد حسام الدين راشديءَ جو قول آهي تہ سن ١١١٤هه/١٧٠٢ع کان ١١٢٢هه/١٧١٠ع تائين بکر جو نواب سيد امين الدين خان حسين هو.(١١)

(ج) "تاريخ بلوچستان" واري روايت

راءِ بهادر هتورام پنهنجي ڪتاب "تاريخ بلوچستان" ۾ لکي ٿو تہ بختيار خان جون عادتون ۽ اخلاق ڪري چڪا هئا. پاڻ اينتري قدر تہ شَهَہ ۾ پئجي ويو هو جو پنهنجي عزيزن ۽ قريبن مان بہ نٿي ڊڄيو. سندس عزيزن مان هڪ شخص پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ پنهنجي ڀائيٽي سان ڪيو هو. بختيار خان وڃهہ وٺي، ان نياڻيءَ کي زوريءَ ڪڍائي پنهنجي گهر ۾ رکيو. انهيءَ بداخلاقيءَ واري ڪارروائيءَ جي، خبر جڏهن ملتان جي حاڪم معزالدين کي پئي، تڏهن هن کيس انهيءَ لاءِ ڪافي هدايت ڪئي. ليڪن بختيار خان جي ڪَنَ تي ڪابہ جونءِ نہ سُري ۽ شهزادي جي حڪم کي پُنيءَ پاسيرو ڪري نظر انداز ڪري ڇڏيو. آخر شهزادي معزالدين ڪاوڙجي مٿس فوج ڪشي ڪئي ۽ بختيار خان انهيءَ ويڙهه ۾ مارجي ويو. (١٢)

"تاريخ بلوچستان" جي حوالي سان اها مٿين روايت پڻ بختيار خان جي ڪُڌن ڪرتوتن جو واضح ثبوت آهي.

اها روايت تاريخي لحاظ کان بلڪل نئين نموني جي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جو ذڪر خواجه عبدالرؤف ڪنهن به نموني سان نه ڪيو آهي ۽ نه وري مير علي شير "قانع" ٺٽوي ان طرف ڪو اشارو ڏنو آهي. البت مولانا غلام رسول مهر پنهنجي ڪتاب "تاريخ ڪلهوڙا" ۾ اها روايت "تاريخ بلوچستان" جي حوالي سان ڏني آهي.

## بختاور خان/بختيار خان نالي جي صحيح پڙهڻي

بختاور خان جي نالي متعلق پڻ ڪجهه مونجهارو نظر اچي ٿو. خواجه عبدالرؤف پنهنجي "جنگ نامي" ۾ "بختاور خان" جو نالو لکيو آهي. اهو ساڳيو نالو مير علي شير "قانع" ٺٽوي پڻ پنهنجي ڪتاب "تحفة الڪرام" جي فارسي متن ۾ ڄاڻايو آهي، جو هن ريت آهي:

"و لاڪانه از دست ملڪ الله بخش برادر بختاور خان بتصرف آمد. بختاور خان بوقوع عجز بخدمت شاهزاده معزالدين در ملتان عرضداشت نموده ڪه: برادر دين محمد باز چنين شورش ڪرده. وقت خبر گيريست." (١٣)

ليڪن تعجب آهي ته مولانا غلام رسول مهر پنهنجي ڪتاب ۾ اصل "بختاور خان" نالي کي "بختيار خان" ڪري لکيو آهي. خواجه عبدالرؤف، جنهن جي زندگيءَ ۾ هيءُ اهم واقعو ٿي گذريو آهي، تنهن پنهنجي "جنگ نامي" ۾ "بختاور" نالو ڄاڻايو آهي ۽ اهو نالو صحيح سمجهڻ گهرجي. بختاور خان جو ڀيءُ مرزا خان سبي ۽ ڍاڍر جو حاڪم هو ۽ اصل ۾ "پني" قوم جو فرد هو.

## ملڪ الله بخش جي سياسي حيثيت

خواجه عبدالرؤف پنهنجي "جنگ نامي" ۾ ملڪ الله بخش افغان جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ سندس چوڻ آهي ته هو بختاور خان کي سڄاڻندو هو ۽ ان جي اشاري سان مغل شاهي فوج ڪيس قتل ڪيو هو. مير "قانع" ٺٽويءَ جو قول آهي ته الله بخش، بختاور خان جو ڀاءُ هو. مولانا غلام رسول مهر جو چوڻ آهي ته هي بختاور خان جو ڀائيٽو هو. بهرحال، دنيوي اقتدار حاصل ڪرڻ، وقت جي حاڪم کي خوش ڪرڻ، يا دنيوي هوس کي پوري ڪرڻ لاءِ انسان پنهنجي رت جا رشتا لتاڙي، پنهنجي ويجهي کان ويجهي عزازت کي به نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي. بختاور خان جي قتل کان پوءِ، الله بخش پنهنجي نمڪ حلاليءَ جي انعام حاصل ڪرڻ لاءِ مغل شاهيءَ جي اثر رسوخ وارن ماڻهن جو پاسو ورتو، ليڪن شروع ۾ ڪيس ڪا به ڪاميابي حاصل نه ٿي. معزالدين، غازي خان کي سبي ۽ ڍاڍر جي حڪومت ڏني، پر هو حڪومت هلائڻ جي اهل نه هو، ان ڪري الله بخش جي ڪيل خدمتن کي نظر ۾ رکي، ڪيس انان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. جيتوڻيڪ اورنگزيب جو سخت حڪم هو ته بختاور خان جي ڪنهن به فرد کي شاهي منصب تي نه رکيو وڃي. خبر ناهي ته شهزادي معزالدين ان شاهي حڪم کي پاسيرو رکي، ڪهڙيءَ سياسي مصلحت تحت الله بخش کي سبي ۽ ڍاڍر جو حاڪم مقرر ڪيو. مولانا غلام رسول مهر جو قول آهي ته الله بخش حڪومت جو انتظام هلائي نه سگهيو ۽ آخر ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي نالي حڪومت جو فرمان جاري ٿيو. (١٤)

# متن جنگ نامه فارسي

## در سبب تصنيف اين رساله

| | |
|---|---|
| مرا شوق بر شعر گفتن نبود | بسي ميل با اين نوشتن نبود |
| و ليڪن بمرز بڪهر مفسدي | به بيختند سر ز امر شاهنشاهي |
| برو لشڪر شه ظفر يافتند | سرش را به تير و تبر ڪافتند |
| پي سال قتلش رزم داستان | مگر بعد يڪچند صاحبدلان |

تجسس نمایند زان قصه ناز      بیابند زین نامه نغز ساز
زخواندن مگر یادم ارو کسي      که این باشد و من نباشیم بسي
چو خواني عبارت چنین خام را      همان به که عیبم نگري فرا
ز عبدالرئوف است این نسخه نو      و لیکن ز خامي تو عیبم مگو
تواني اگر هم صحیحش کني      چنین نامه را باز بغیش کني
مگر خورمي خاطر انرا دهد      بسي لذت، ناظر انرا دهد
چو خواند کش مرد نیکو سیر      بیاد آورد نام من کس مگر
ز گفتار خام و ز اشعار چند      ایا مرد دانائي بر من مَ خند
صحیحش ز لطف و کرم باز کن      اگر بر خطا رفته باشد سخن
زخامي سخن عیب برمن بگیر      که نادان منم هیچ خوانده حقیر
بُر است از خطا نامه ام بسر      منم هیچ دان از خطایم گذر
همان به که خود از خودي بگذرم      قلم را بعرصه عبارت برم
ز سر قصه هیجانمایم بیان      ز فیروزي شاه سازم نشان.

## در آغاز جنگ نامه

به ملک بکهر مفسدي سخت بود      که به خواه بدکیش بدبخت بود
ورا بختاور بخواندند نام      ولي بخت خود چون نبودش بکام
رسانده به هر که و مه گزند      علم ظلم را کشیده بلند
ز دزدي جهانرا پر آواز کرد      در ظلم بر عامیان باز کرد
مجوز بتاراج هر شهر شد      ندا ظلم او در همه دهر شد
نوشتند حکام ز.... نهان      ز ظلمش سویي شاه گیتي ستان
که ملک بکهر شد ز مفسد تباه      بدزدي شده ..... ..... .....
چو کردار کز مفسد آمد پدید      بسمع شه هفت کشور رسید

## در مدح شاهنشاه اورنگزیب بادشاه

شهي افضل العصر جمشید جاه      زهر عادل خسرو دین پناه
سکندر شهامت سلیمان شکوه      چو مرات نگینش تجلي پژوه
سر شهریاران اورنگزیب      جهان یافت از عدل اورنگزیب
زهي خسرو کرد نان کود کن      زهي پهلوان دهر رستم فکن
زهي مطلع شعشه سروري      زهي کان فضل و جهان بروري
زهي رستم هفت اقلیم گیر      بنا خج نمانیده اعدا اسیر
بشهزاده فرمود فرمان چنان      که بالشکر و خیل کردن کشان
ز ملتان روان سوني بکهر شود      بسر جنگ آن مفسدي بد رود

که از حربگه جسم او آورند — کشیده ورا سوئي بکهر برند
بسازند آنجا تنش لخت لخت — معلق نمايند هر هر درخت
که تابعد زين کس بمثلش مدام — نسازد دگر ره نمک را حرام
نمودند آن حسب فرمان شاه — در آندم بکردند جسمش تباه
بس ازوي خلف چند وامانده بود — باوطان خود مسکنت مينمود
جورامات اقبال شاه جهان — بس آنکه سوئي خانپور شد دوان
بفرمود که اين رخت آن و از بخت — پسر دختر و زيور وزا درخت
عمه را از آنجا بدست آورند — بنانبي بدش را شکست آورند
بر اعداي شد شاه فيروزه مند — علم عدل شد درجهان سربلند
ندائي امان در انام اوفتاد — همبشه حين شاه فيروزه باد
اثر چون به عالم ز مفسد نديد — به يکچند در ملک بکهر رسيد
همان به که اين قصه ماضي کنم — پي سال تاريخ سازي کنم
که کز سال اقتال باغي زمان — شود کس پس از عهد پرسش کنان
بيابد ازي نسخه دلنواز — بياد آورد کس ازين بنده ساز
شنو اي برادر نصيحت نيوش — که چون سال قتلش بجستم زهوش
خرد متفق شد برين مقصدي — که مقهور دارين شد مفسدي.

١١١٤هـ

مصنف و کاتب اين رساله احقر عبدالرئوف ولد
خواجه فتح علي بجهت ... ... ... مگر کس از ...
ديده در حق اين بنده دعائي خير کند اميد
در عيبش نکو ... و بذيل الطاف بپوشند.
بتاريخ ششم محرم‌الحرام سن ١١١٦هـ تحرير
يافت روز شنبه بوقت عصر انجام يافت.

نوشته بماند سيه بر سفيد
نويسنده را نيست فردا اميد.

والسلام.

## حوالا

(١) سيد حسام‌الدين راشدي: "تذکره اميرخاني"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، ١٩٦١ع، ص ٣٥٩.
(٢) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الکرام"، مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، ١٩٥٧ع، ص ٢٦٢.
(٣) ايضاً، ص ٢٦٣.
(٤) ايضاً.

(۵) غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ- ڪلهوڙا دور" جلد پهريون، مترجم يار محمد ابن حيات پنهور ۽ شمشيرالحيدري، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۶۳ع، ص ۱۷۶.

(۶) ايضاً، ص ۷۸-۱۷۶

(۷) ايضاً، ص ۸۱-۱۷۸

(۸) ايضاً، ص ۸۳-۱۸۱

(۹) ايضاً، ص ۸۴-۱۸۳

(۱۰) ايضا، ص ۱۹۵ع.

(۱۱) سيد حسام الدين راشدي: "تذڪره امير خاني"،

(۱۲) غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ- ڪلهوڙا دور"، ص ۱۸۴ ۽ ۱۸۵، بحوالہ راءِ بهادر هتورام: "تاريخ بلوچستان"، ص ۸۱- ۱۸۰.

(۱۳) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفة الڪرام" (فارسي)، تصحيح و تحشيه سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، ۱۹۷۱ع، ص ۳۸-۴۳۷.

(۱۴) غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ-ڪلهوڙا دور"، ص ۱۹۲.


در سبب تصنیف این رساله

مرا شوق بر شعر آرائی نبود

پی ال تنش زوم دستان / مگر سعد بگیرد صاحبدلان
تجسس نمایند زان قصه باز / بیابند زین نامه نغز ساز
زخواندن مگر یادم آرد کسی / گر این باشد و من نباشم بسی
چو خوانی عبارت چنین خام را / همان به که عیبم نگیری فرا
زعبد الرؤف است این نسخه نو / ولیکن زخامی تو عیبم مگو
توانی اگر هم صحیحش نما کنی / چنین نامه را باز بغش کنی
مگر خوری خاطر ازرا دهد / بسی لذت ناظر از او دهد
چو خوانند کس مرد نیکو سیر / بیاد آورد نام من پس مگر
زلفظ رخام ذرا شعار چند / ایا مردو دانائی رسی مخشند

صحیحش زلطف و کرم باز کن / اگر ز خطا رفته باشد سخن
زخامی سخن عیب بر من مگیر / که نادان منم هیچ خواند حقیر
بگردست از خطا نامه ام سر بسر / منم هیچ دان از خطایم گذر
همان به که خود از خودی بگذرم / قلم را بعرصه عبارت برم
زشرح قصه عجب نامم بیان / ز فیروزی شاه سالار نشان

## در آغاز جنگ نامه

بملک ملکه مقصدی بخت بود / که هر خواه بدیش بد بخت بود
در انجا در انجو اندند نام / ولی بخت خود چون نبودش بکام
ز رانده گهرتمسه و مه گرند / نعل طالب دراشته بود مانند

ز روزی جهان را ایر او اگرز ... در اقلیم ترسا میان بار کرد

مجوز تتاراج هر شهر شد ... بند انام او در همه دهر شد

نوشتند حکام ریحان زبان ... ز نامش سوی شاه گیتی ستان

که ملک تا بر تست ز عمده شاه ... ببد روی شده زر در او بستگاه

چو کرد اگر ز مفسد آمد پدید ... به جمع شهه هفت کشور رسید

## در مدح شاهنشاه اورنگ زیب بادشاه

شهی افضل العصر جمشید جاه ... زهی عادل خسرو دین پناه

سکندر همت سلیمان شکوه ... چو مرآت نگینش تجلی پژوه

سرشته مهر ما زان اورنگ زیب ... جهان یافت از عدل او رنگ و زیب

زهی خسرو گردنان انجمن ... زهی پهلوان دهر رستم فکن

زهی مطلع شعشه سروری ... زهی کان فضل و جهان پروری

زهی رستم هفت اقلیم گیر ... به تاراج نماید ره اعدا اسیر

بشهزاده فرمود فرمان چنان ... که با لشکر و خیل گردن کشان

ز ملتان روان سوی تته شود ... به جنگ آن مفسدی بد رود

به سرعت زناعی برآرد دمار ... به غارت برد رخت آن نابکار

چو این حکم والا به شه رسید ... ز ملتان به تته علم بر کشید

## در مدح شاهزاده والاتبار محمد معز الدین

شهی کو سزاوار باشد ستایی ... جوانمرد شیر افکن نیک رایی

دلیر زمان رستم روزگار | معلی جناب و بلند اقتدار

معز الدین بهادر خسرو شاه | که در ملک او ظلم را نیست راه

زهی اختر برج شاهنشهی | زهی گوهر درج کار آگهی

شجاع شجاعان شیران فگن | نه شیران که شاه دلیران فکن

## در آغاز جنگ

برآراست لشکر بسر خاص جنت | روان کرد مرکب برای ستم

ز آرای عسکر چو عاصی شنید | چو مرجل شتر خانمان اندر تنید

بدل بست سودای جنگ دام را | که سازد ز موی یکی دام را

در آن دام سلطان مست افگند | به تنها جهانگیر دست افگند

بتاریک بوتی چنین بی نقاب | کند بند کان افلاک را

ولی غافل از انکه خود در دو کار | ز ظالم بسرعت برآرد دمار

چو موران مردم بهم موج موج | بحرب سلیمان برآراست فوج

ز نعم شهنشه فراموش کرد | ز جام جفا بسر غصه نوش کرد

بباغی گرایی مفسدی پیشرو | که تا از شهران کند دست رو

برانگیخت لشکر به بیهوده کی | کمر بست بر پا بیهوده کی

چو ایام فرش بقربت رسید | بحرب شهر آن لشکر کشید

سپه پا را بود ذره بی نور را | که با طلعت خور شود همسرا

رسیده چو اخبار عسکر شاه | که از جنگ مفسد در آمد ز راه

طلب کرد افواج آراسته | بهنگام هیجائی پیراسته
بفرمود فرمان که در روزگار | برآرند زان مرد عاصی دمار
بگردون آسیه دموزون شاه | روان گشت لشکر بفرمان شاه
دو دیده سیه همچو غرنده شیر | همه تاخته سوی دشمن دلیر
چو شد خلط لشکر بلشکر بهم | برون کرده هر یک حسام علم
بیا شد ز لمعات تیغ و رمح غبار | ز قوس فلک ابر شد تیربار
ز سم سمندان جولان رکاب | ز لرزش زمینی برآورد آب
تو گوئی ز کثرت سپر ابر بود | که چون برق از تیغ رو مینمود
نه آواز شد وقت بود اندر آن | ندا رعد بس مینمود اندر آن

دران رزمگه مفسدی واژگون بخت | سوی لشکر شه فرس راند سخت
بهر جانب بر جنگ یلان رسید | سپه کوش بر شور شیران دوید
بنوده لشکری واقفش | که در فوج چندین تنها سدخش

## در مدح ملک ارکس افغان

ولیکن جوانی شیر دارای | قوی هیکل و مرد پولادخایی
ازین نسل افغان او نام وازنست | ولیکن تخلص ملک عالم است
برغبت بمیدان همیشه بتخت | بلشکر ز شاه مشهور بخت
که امنیت عالم مفسدان | همیشه باخی سرور رهبران
چو لشکر سخن این بجز از ملک | بهر زرش درآمد سپه با یکی

بسوی کشتن او فرستاد تاخت | به پرخاش او دست او آخت

جوانی از این فوج جنگ‌آوری | شجاعان شمشیر جنگ‌آوری

برفت آن تهمتن یکی در نبرد | که یک لشکری خصم بر هم نکرد

بحمد این بود ما شتن ز پیش | که تیغش دلی دشمن آمد به پیش

بسوی عدو رفت آراسته | بحقش چه ایزد چنین خواسته

سواری از آن معرکه تاخته | به نیزه تنش را بر انداخته

به تیغ قضا ایزد و لا یموت | که بر جا به جا بست هنگام فوت

ز جنگی برافتاد بر سر زمین | بجو شیری که از زخم ماند حزین

از ضرب تیر او و ترک آن شیر مرد | ز ستانی اجل شربتی نوش کرد

روان جست روشن روانش ز تن | بغلطید چون لاله در خاک و خون

ملک چون ز پیکی خبردار گشت | بپرخاش باغی ز خونخوار گشت

بهمت ز پیوست در کارزار | ز باغی برآورد خالی دمار

بیک ضرب تیغش زمین بر بریخت | چو شیران سر تن را بجماجه ریخت

پس آنکه سپه تاخت یکبارگی | بمیدان دوانید هر بارگی

دلیران رستم دلان بیدریغ | بپرخاش هر یک علم کرد تیغ

سوی دشمنان بارگی تاختند | بسی کس از آن فوج انداختند

فراری شده لشکر آن بد سیر | ز میدان نمانده اثر

الغرض شد قرین لشکر شاه را | که ایزد آورد خود داد را

سر تن را از تنش جدا ساختند — گردند به سوی شاه او شتافتند

بنظر معلی اینش نیافته — فکندند سر بر سر خاک راه

بفرمود فرمان [illegible] — که عالم سراسر شد [illegible]

که از خزانه جسم او [illegible] — آتش ره در ابدی [illegible]

[illegible] زند [illegible] — معلق نمایند بر [illegible] درخت

گر تا ابد [illegible] — نشان دور از ملک [illegible] حرام

[illegible] آن [illegible] فرمان — و را اندر [illegible]

[illegible] — باره [illegible] مملکت [illegible]

[illegible] — [illegible] سوی [illegible] روان

بفرمود کز این درخت آن بار — بسر دختر و زیور و [illegible] درخت

سر را از آنجا بدست آورند — بنیاد [illegible] را شکست آورند

بر اعدای شد شاه فیروزه مند — بنام عدل شد در جهان سربلند

ندا [illegible] امان [illegible] — همیشه جهان شاه فیروزه باد

اثر چون [illegible] عالم [illegible] — به [illegible] در ملک [illegible]

همان به که این [illegible] — [illegible] سال تاریخ [illegible]

اگر سال [illegible] — [illegible]

[illegible] — [illegible]

[illegible] — [illegible]

حروف متفق شد بر این قصیدی | که مقهور و ازین شد مفیدی

سنه ۱۱۱۴

مصنف و کاتب این رساله احقر محمد اکرم ولد خواجه فتح علی

بجهت یادگار نوشته هر که کسی از دوستان دینی

در حق این بنده دعای خیر کند امید

در عقیده نیک زنده شود و بنده را

الیکه بنویسند

قلیل الثنا ۱۱۵۵

دعا

بتاریخ ششم شهر محرم الحرام سنه ۱۱۶۶ تحریر یافت روز سه شنبه

وقت عصر الختام یافت

نوشته بماند سیه بر سفید

نویسنده را نیست فردا امید

والسلام

غلام محمد لاکو

# فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما

سال ١٩٨٦ع ۾ اسلام آباد مان "مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان" نالي اداري "ترجمہ هاي متون فارسي به زبانهاي پاڪستاني" عنوان سان هڪ ڪتاب ڇپيو آهي. هي ڪتاب جناب اختر راهيءَ جو تيار ڪيل آهي، جنهن ۾ انهن فارسي ڪتابن جو ذڪر مليل ٿو، جي پاڪستاني ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن. هن مطالعي جو ٻهريون ۽ وڏو حصو اردو زبان لاءِ وقف آهي، جڏهن تہ ٻئي مختصر حصي ۾ پنجابي، پشتو، سنڌي ۽ براهوي ڪتابن جو اندراج ٿيو آهي. هن اڀياس ۾ صرف ڇتيہ سنڌي ڪتابن (ترجمن) جو ذڪر ٿي سگهيو آهي.

اسلام آباد ۾ ايراني سفارتخاني جي ثقافتي مرڪز پاران سہ ماهي "دانش" نالي هڪ علمي ۽ تحقيقي جرنل شايع ٿئي ٿو. هن جرنل جي چوڏهين شماري ۾ جناب عارف نوشاهيءَ اهڙن ڪتابن جي نشاندهي ڪئي آهي جي راهي صاحب جي مطالعي ۾ شامل نہ ٿي سگهيا آهن. نوشاهي صاحب وڏيڪ ٽن سنڌي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جي پڻ مذڪوره ڪتاب ۾ اچڻ کپن ها. هن کان پوءِ مختلف اديبن هن ڏس ۾ قلم کنيو ۽ "دانش" جي پرچي نمبر: ١٩، ٢٠، ٢١، ٢٢ ۽ ٢٤-٢٥ ۾ پنهنجا مطالعا پيش ڪيا. ليڪن اهڙن ڪوجنائن ۽ تنقيدن جو سڄو محور اردو ٻولي رهيو.

منهنجو تعلق جيئن تہ سنڌي زبان سان آهي، ان ڪري مون کي راهي صاحب جو پنهنجي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪيل مطالعو گهٽو گهٽ نظر آيو. مون ٽڙ تڪڙ ۾ هٿ پير هنيو ۽ ستر کن وڌيڪ ڪتابن جو اڀياس پيش ڪري، جولاءِ ١٩٩١ع ۾ "ايڊيٽر" ڏي موڪلي ڏنو. ليڪن منهنجو اهو مطالعو ڇپجي نہ سگهيو، چو تہ ان صورت ۾ شايد سنڌي زبان جي اهميت وڌيڪ اجاگر ٿئي ها. ان مطالعي کي بہ اڄ ٻريا چار سال گذري ويا آهن. زنده ٻولين ۾ علمي مطالعا، ادبي ڪوجنائون ۽ ٻين ٻولين مان ترجمن جو سلسلو جاري رهندو ايندو آهي. هنن چئن سالن ۾ فارسيءَ مان سنڌي ترجمن جو عمل هلندو رهيو آهي. ان صورت ۾ ڪجهہ وڌيڪ ڪتاب ترجمو ٿيا آهن، يا وري ڇپجي منظر تي آيا آهن. جناب عارف نوشاهيءَ پاران (دانش:١٤) ذڪر ڪيل ٽن سنڌي ترجمن کي ملائي، هتي وڌيڪ ٻياسي ڪتابن جو ذڪر ٿي رهيو آهي. ان ريت فارسيءَ مان سنڌي ترجمن جو هڪ وڏو انگ سامهون اچي ٿو.

هن مطالعي پيش ڪندي طريقہ ڪار ساڳيو اختر راهي صاحب وارو اختيار ڪيو ويو آهي. هر ڪتاب جي مصنف جي نالي اڳيان ڏنگين ۾ وفات جو سن ڏنو ويو آهي، جنهن لاءِ "م" جو اکر ڪتب آندو ويو آهي. تاري جو نشان اصل فارسي ڪتاب لاءِ آهي ۽ سيريل نمبر ترجمن لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. هن اڀياس لاءِ ڪجهہ ڪتاب منهنجي دانشمند دوست محترم عبدالرسول قادري صاحب مهيا ڪيا ۽ پير صاحب پاڳارن جي سلسلي جا ڪتاب امام راشدي صاحب موڪلي ڏنا. خاطري آهي تہ اجا گهٽو مواد هن مطالعي ۾ نہ اچي سگهيو هوندو. اميد تہ ڪو جاکوڙي جوان، هن عنوان تي قلم کڻي وڌيڪ ڪتابن جو اڀياس پيش ڪندو. هيٺ ذڪر ٿيندڙ اڪثر ڪتاب مون پاڻ ڏنا آهن. ڪي ذاتي ڪتبخاني ۾ اٿم، تہ ڪي مختلف لئبررين ۾ نظر مان گذريا. ان هوندي بہ مددي ڪتابن جي ببليوگرافي آخر ۾ ڏني وئي آهي.

**★ الطاف القدس**

هي ڪتاب شاهہ ولي الله دهلويءَ (م. ١١٧٦هہ) تصوف جي علمي تاريخ بابت لکيو آهي.

**(١) ترجمو**

از غلام حسين جلباڻي، هي سنڌي ترجمو شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد پاران سال ١٩٧٦ع ۾ ڇپيو آهي.

## ★ انوار سهيلي

هي ڪتاب ملا ڪمال الدين حسين واعظ ڪاشفيءَ (م. ٩١٠هه) لکيو. جو اصل ۾ هڪ قديم تصنيف "ڪليله ودمنه" تان ورتل آهي. اصل ڪتاب متعدد ڀيرا ڇپيو آهي.

## (٢) گلزار چنبيلي

هن نالي سان مذڪوره ڪتاب جو ترجمو محمد بخش واصف ڪيو. جوڳون ڇاپو ١٩٦٥ع ۾ محمد يوسف اينڊ برادرس حيدرآباد ڇپرو ڪيو. واصف جو هي ترجمو "انوار سهيليءَ" جي پهرئين حصي طور ڇپيو هو.

## (٣) گلزار چنبيلي

ڪتاب جو ٻيو حصو احمد خان آصف مصرائي ۽ محمد خان ٻبر ترجمو ڪيو؛ جو آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس حيدرآباد طرفان ١٩٥٦ع ۾ نروار ٿيو.

## ★ انيس المريدين

خواجه حافظ محمد حسن جان سرهندي پنهنجي والد خواجه عبدالرحمان جي سوانح ۽ نقشبندي سلسلي جي وضاحت ۾ لکيو آهي. شروع ۾ مقدمو، بعد ۾ چار فصل ۽ آخر ۾ خاتمو ڏنو ويو آهي. اصل فارسي ڪتاب ١٢٢٨هه/ ١٩١٠ع ۾ امرتسر مان ڇپيو هو.

## (٤) ترجمو

مترجم مولانا محمد اسحاق محمد صالح انصاري. هي ترجمو خواجه محمد حسن جان اڪيڊمي ٽنڊو سائينداد طرفان ڇپيو آهي. سال ڄاڻايل ڪونهي.

## ★ بابر نامه

ليکڪ ظهيرالدين محمد بابر (م. ٩٣٧هه). ڪتاب تزڪ بابريءَ جي نالي سان بہ مشهور آهي. هي اصل ۾ بابر بادشاهه جي خودنوشته سوانح عمري آهي، ليڪن تاريخي طور تي ڪتاب جي وڏي اهميت آهي. اصل ڪتاب ترڪي زبان ۾ لکيو ويو. بعد ۾ اڪبر اعظم جي حڪم تي، عبدالرحيم خانخانان (م. ١٠٣٦هه)، اهو فارسيءَ ۾ منتقل ڪيو. ننڍي کنڊ ۾ خانخانان جو ترجمو استعمال ۾ رهندو اچي ٿو.

## (٥) فتوحات بابر

عبدالقيوم صائب جو هي ترجمو ۽ انتخاب، سال ١٩٦١ع ۾ اداره آواز ادب حيدرآباد طرفان ڇپرو ٿيو. بعد ۾ بہ هي ترجمو ڇپبو رهيو آهي.

## (٦) بابر نامو

هي ٻيو ترجمو ۽ اختصار آهي. هي الثو ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ ڪيو ۽ ساهتيہ اڪيڊمي دهليءَ سال ١٩٦٤ع ۾ شايع ڪيو. ان جو ٻيو ڇاپو بہ نڪتو آهي. ڊاڪٽر سدارنگاڻيءَ جو تعلق سنڌ سان هو. ورهاڱي کان پوءِ دهلي ويو. سنڌ جي فارسي گو شاعرن تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيائين، جو سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي.

## ★ بوستان

از شيخ سعدي عليه رحمة (م. ٦٩١هه). هي ڪتاب اخلاقيات تي آهي ۽ نظم ۾ آهي. سن ٦٥٥هه ۾ مڪمل ٿيو. هي مشهور ڪتاب هندوستان وانگر سنڌ جي نصاب ۾ ڪن صدين تائين شامل رهيو.

## (٧) علمي خزانو

غلام محمد شهواڻيءَ (م. ١٩٥٠ع)، هي ترجمو ڪيو. هي هڪ انتخاب آهي. پهريون ڇاپو ١٩٤٤ع ۾ نڪتو هو.

## ★ بيان العارفين

از محمد رضا بن عبدالواسع عرف مير درياڻي. هي ڪتاب سن ١٠٣٨هه ۾ تيار ٿيو. هن ۾ شاهه عبدالڪريم

بلڙيءِ واري (م. ١٠٣٢هـ) جا ملفوظات آهن، جي سندس مريد محمد رضا مرتب ڪيا ۽ ان ۾ شاهه ڪريم جو سنڌي ڪلام بہ درج ڪيائين. فارسي ڪتاب ستن بابن ۾ هڪ خاتمي تي مشتمل آهي.

### (٨) شاهه ڪريم بلڙيءِ واري جو ڪلام

ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم (م. ١٩٥٨ع)، ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، مقدمو لکيو ۽ سنڌي شعر کي نروار ڪيو. هي ڪتاب بمبئي يونيورسٽيءَ جي مالي مدد سان سال ١٩٢٧ع ۾ شايع ٿيو. ٻيو ڇاپو ١٩٧٧ع ۾ نڪتو.

### (٩) ڪريم جو ڪلام

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب، ان کي نئين انداز سان سال ١٩٦٣ع ۾ نروار ڪيو. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ١٩٧٦ع ۾ منظر تي آيو. تازو ان جو ٽيون ايڊيشن بہ آيو آهي.

## ★ بيسر نامه

از فريدالدين عطار نيشاپوري (م. ٦٢٧هـ). هي مثنوي سلوڪ ۽ عرفان تي اهي. اڪثر ڀيرا ڇپي آهي.

### (١٠) راز اظهار

هي منظوم ترجمو هدايت علي نجفي تارڪ (م. ١٩٣٩ع) ڪيو. تارڪ مرحوم چاليهن کان بہ وڌيڪ ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا. هو هڪ سنو شاعر بہ ٿي گذريو آهي. سندس ڪجهہ وڌيڪ ترجمن جو ذڪر هيٺ ڏينداسين.

## ★ بيگلار نامه

از ادراڪي بيگلاري. ليڪڪ جا حالات معلوم ڪونهن. پاڻ ارغون-ترخان دور ۾، سنڌ جي طاقتور "بيگلار" خاندان سان لاڳاپيل هو، جن کي نصرپور سرڪار ۾ جاگيرون ۽ اقتدار حاصل هو. بيگلارن جو قبرستان اڄ بہ ٺٽي آدم- ٺٽي الميار روڊ سان موجود آهي. ادراڪيءَ هي ڪتاب بيگلارن جي باري ۾ لکي، سنڌ جي تاريخ جي هڪ مکيہ باب کي محفوظ ڪيو آهي. هي ڪتاب سن ١٠١٧هـ ۾ لکيو ويو. اصل فارسي ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٠ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي. مصنف هڪ تاريخي مثنوي "چنيسر نامه" بہ لکي، جنهن کي سيد حسام الدين راشدي مرحوم مرتب ڪري، تفصيلي مقدمي سان سال ١٩٥٦ع ۾ ادبي بورڊ ذريعي ڇپرايو هو.

### (١١) ترجمو

محمد صديق ميمڻ (م. ١٩٥٨ع) جو اختصاري ترجمو، سال ١٩٤٧ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد شايع ڪيو. هي ترجمو ٻيو ڀيرو سال ١٩٨٣ع ۾ سنڌالاجيءَ ڇپرايو آهي.

## ★ پنج گنج

ليکڪ فقير قادر بخش بيدل (م. ١٢٨٩هـ). بيدل سنڌيءَ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. ڪيس اردو، سنڌي ۽ فارسي ٻولين تي عبور حاصل هو. چاليهن کان مٿي ڪتاب لکيا اٿس. هي ڪتاب تصوف ۽ اخلاقيات تي آهي. ان ۾ قرآن مجيد، حديث، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه ڀٽائي جي بيتن مان انتخاب ڪري پنهنجو مقصد حاصل ڪيو اٿس. بيدل فقير "پنج گنج" سن ١٢٦٤هـ ۾ تيار ڪيو.

### (١٢) ترجمو

فقير صوفي سبحان بخش سجاده نشين درگاهه بيدل فقير روهڙي. ابتدا ۾ مفصل مقدمو آهي، جنهن ۾ بيدل بابت لکيو ويو آهي. هي ترجمو شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران سال ١٩٧٧ع (١٣٩٦هـ) ۾ ڇپيو آهي.

## ★ تاريخ بلده تهته المعروف به تاريخ طاهري

مصنف سيد طاهر محمد نسياني (م. ١٠٥١هـ). هن جو تعلق ٺٽي جي باغائي سادات مان هو. هي ڪتاب

سن ١٠٣٠هه ۾ تيار ٿيو ۽ سنڌ جي ارغون، ترخان ۽ مغل دور جي حوالي سان ان جي وڏي اهميت آهي. طاهر محمد جي مزار مڪليءَ تي، درگاهه عبدالله شاهه جي پنيان موجود آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سعيي سان، اصل فارسي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ١٣٨٤هه/١٩٦٤ع ۾ ڇپرو ڪيو. مصنف سنڌ جي عشقيه داستان "عمر ماروي" کي پڻ "ناز و نياز" جي نالي سان فارسيءَ ۾ تيار ڪيو هو.

**(١٣) انتخاب تاريخ طاهري**

هن ڪتاب جو هي پهريون اختصار ۽ ترجمو محمد صديق ميمڻ ڪيو. ميمڻ صاحب هي ڪم "سنڌ جي قديم تاريخي دستاويزن جي جلد اول" طور ڪيو. هي ايڊيشن شڪارپور جي پوڪرداس ٿانورداس، سنڌ پرنٽنگ پريس نوشهري گيٽ مان ڇپرائي ١٣٤٧هه/١٩٢٨ع ۾ پڌرو ڪيو. ميمڻ صاحب ليکڪ جي هڪ ٻئي ڪتاب بابت هن ريت لکي ٿو: طاهر محمد تاريخ سنڌ کان سواءِ هڪ ڪتاب نظم ۾ "نسياني" جي نالي سان لکيو، جنهن ۾ سنڌ جا قديم قصا ۽ ڪهاڻيون درج آهن. هي ڪتاب لنڊن جي ڪتبخانن ۾ ٻه ڪونهي. البته ٿئي ۽ رياست خيرپور جي شاهي لئبرريءَ ۾ موجود آهي، جنهن ۾ ڪل ٢٥٤ صفحا آهن.

**(١٤) ترجمو**

از نياز همايوني. هي مڪمل ترجمو ڊاڪٽر بلوچ جي ايڊيشن تي مبني آهي. مترجم پنهنجي طرفان آخر ۾ ڪي واڌارا به ڪيا آهن. ليڪن ڪٿي ڪٿي اصل متن سان به هٿچراند ڪئي آهي، جيڪا ترجمي جي اصولن جي ڀيڪڙي آهي. هي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ ١٤٠٨هه/١٩٨٨ع ۾ ڇپيو آهي.

## ★ تاريخ گنجينه جهان نما

مصنف مخدوم محمد عاقل کهڙوي (م. ١٢٣٧هه). هي ڪتاب ٽن جلدن تي آهي. آخري حصو سنڌ جي تاريخ بابت ڏسجي ٿو. ليکڪ جو تعلق کهڙن جي مخدومن مان هو ۽ وڏو عالم دين هو. هن خاندان کي ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور ۾ وڏي اهميت حاصل رهي.

**(١٥) قصص الاولياء سنڌ**

اختصار ۽ ترجمو مخدوم شفيع محمد. مترجم جو واسطو پڻ هن خاندان سان هو. اصل ڪتاب توڙي ترجمو اجا تائين اڻ ڇپيل حالت ۾ آهي.

## ★ تاريخ مظهر شاهجهاني

از يوسف ميرڪ بن ابوالقاسم نمڪين. مصنف جو والد ۽ ڀاءُ مغل دور ۾ نهايت اثر وارا امير ٿي گذريا آهن. هن خاندان جي علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتن بابت سيد حسام الدين راشدي مرحوم "تذڪره اميرخاني" نالي ڪتاب لکيو، جو سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦١ع ۾ ڇاپيو آهي. سنڌ جي تاريخ بابت "مظهر شاهجهاني" مان وڏي ڄاڻ ملي ٿي. خاص ڪري شاهجهان جي دور ۾ سنڌ جي بگڙيل حالتن تي ڀرپور روشني وڌل آهي. مؤرخن هن ڪتاب کي سنڌ جي سترهين صديءَ جو گزيٽيئر به سڏيو آهي. ڪتاب ١٠٤٤هه ۾ تيار ٿيو. ان جا به حصا آهن. پهرئين حصي ۾ نظام الملڪ طوسيءَ جي "سياست نامه" جي طرز تي مواد آهي. ٻيو حصو سنڌ بابت آهي. هي ڪتاب لکجڻ کان پوءِ صدين تائين گم رهيو. راشدي صاحب کي ان جو نسخو ڊاڪٽر محمد ناظم وٽان دستياب ٿيو هو. پاڻ هي ناياب ڪتاب ايڊٽ ڪري، هڪ مفصل مقدمي سان، سنڌي ادبي بورڊ ذريعي سال ١٩٦٢ع ۾ پڌرو ڪيائون.

**(١٦) ترجمو**

از نياز همايوني. پيش لفظ ۽ فرهنگ ايم. ايچ. پنهور جو لکيل آهي، جو سنڌي ترجمي جي معنيٰ ۾ ڏنل آهي. هي ايڊيشن جزوي طرح سان ناقص آهي. سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٩ع ۾ هي ڇاپو نروار ڪيو. تازو ان جو ٻيو ايڊيشن به نڪتو آهي. هن تاريخي ڪتاب جو انگريزي ترجمو ڊاڪٽر سليم اختر صاحب سال ١٩٩٠ع ۾ اسلام آباد مان پڌرو ڪيو آهي.

## ★ تحفة الطاهرين

شيخ محمد اعظم بن محمد شفيع ٺٽويءَ هي ڪتاب ١١٩٠هه ۾ تيار ڪيو. هن ڪتاب ۾ ٺٽي ۽ مڪليءَ تي مدفون ١٦٨ بزرگن جو احوال ڏنل آهي. مصنف ڪلهوڙن جو زمانو ڏٺو ۽ ميرن جي دور ۾ فوت ٿيو. آغا بدر عالم دراني مرحوم سنڌي ادبي بورڊ لاءِ اصل فارسي ڪتاب مرتب ڪيو، ان تي مقدمو ۽ حاشيا سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيائين. هي ڪتاب ١٩٥٦ع ۾ ڇپيو. ليکڪ جاگرافيءَ بابت هڪ ڪتاب "هيئت العالم" نالي سان تيار ڪيو. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي شهرن بابت آيل مواد "تحفة الطاهرين" جي ضميمي ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

**(١٧) ترجمو**

از عبدالرسول قادري. مترجم سليس ترجمو ڪيو، ان تي مختصر حاشيا لکيا ۽ آخر ۾ تصويرن جو عمدو سيٽ بہ شامل ڪيو آهي. آخر ۾ ڏنل انڊيڪس ڪتاب جي اهميت ۾ اجا بہ واڌارو ڪيو آهي. هي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ ١٤١١هه/١٩٩٠ع ۾ شايع ڪيو آهي. بدر عالم دراني مرحوم جي ايڊيشن کان پوءِ، راشدي صاحب "تذڪرة اميرخاني" ۾، شيخ محمد اعظم بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏني هئي، جا پڻ هن سنڌي ڇاپي ۾ اچڻ کپي ها.

## ★ تحفة الڪرام

از مير علي شير قانع (م. ١٢٠٣هه). مصنف ڪنهن بہ رسمي تعارف جو محتاج ڪونهي. فارسيءَ جو سٺو شاعر ۽ نثر نويس هو. چاليهن کان مٿي ڪتاب لکيائين، جن جي سنڌ جي مطالعي ۾ وڏي اهميت آهي. هي ڪتاب ٽن جلدن تي آهي. آخري جلد سنڌ جي تاريخ، شهرن ۽ مشاهيرن بابت لکيائين، جو سن ١٣٠٤هه ۾ مطبع ناصري دهليءَ مان ڇپيو هو. سيد حسام الدين راشدي صاحب، هي ساڳيو جلد سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ايڊٽ ڪيو ۽ سال ١٩٧١ع ۾ (بخش اول) ڇپجي نروار ٿيو. ليڪن ڪم جي طوالت سبب، پير صاحب سنڌ بابت هن اهم جلد جو ٻيو حصو شايع نہ ڪري سگهيو. راشدي صاحب، مير علي شير قانع جا ڪجھ وڌيڪ ڪتاب پڻ ايڊٽ ڪري ڇپرايا هئا.

**(١٨) ترجمو**

از مخدوم امير احمد (م. ١٩٧١ع). هي ايڊيشن مطبع ناصري ڇاپي تي مبني آهي. ڪٿي ڪٿي مترجم پنهنجي طرفان حاشين جو واڌارو بہ ڪيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ "تحفة الڪرام" جو سنڌي ڇاپو ١٩٥٧ع ۾ آندو هو. ان جا متعدد ايڊيشن نڪتا آهن.

## ★ تذڪره الاولياء

از فريدالدين عطار نيشاپوري (م. ٦٢٧هه). تذڪراتي ادب ۾ هن جو شمار آڳاٽن ڪتابن ۾ ٿئي ٿو. اوليائن جي حالات تي مبني هي تذڪرو اڪثر پيرا ڇپيو آهي.

**(١٩) ترجمو**

ميان عنايت الله سومري عام فهم ۽ آسان ترجمو ڪيو آهي. هي سنڌي ترجمو منشي عبدالغفور جوکيي جي نظر ثانيءَ سان، مولوي محمد عظيم اينڊ سنس شڪارپور وارن ڇپيو آهي. منهنجي نظر مان ٻيو ايڊيشن نڪتو. سال معلوم نہ ٿي سگهيو.

## ★ تذڪره مخاديم ڪهڙا

مصنف مخدوم الهہ بخش ڪهڙوي. هن ڪتاب ۾ ڪهڙن جي مخدومن جو احوال ڏنل آهي. مصنف "تاريخ گنجينهءِ جهان نما" جي لکندڙ مخدوم محمد عاقل جو پٽ هو. ان جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

**(٢٠) ترجمو**

مخدوم امير احمد مرحوم جي پٽ مخدوم غلام احمد، هن تذڪري جو ترجمو ڪيو آهي. اصل ڪتاب توڙي ترجمو اجا نہ ڇپيا آهن.

## ★ تذڪره مشايخ سيوستان

ليڪڪ عبدالغفور بن حيدر سيوستاني. هي مختصر ڪتاب سيوهڻ جي صوفين بابت آهي، جو سن ۱۰۳۹ھ ۾ تيار ٿيو. اصل ۾ هي تاريخي تذڪرو سيوهڻ جي نواب دينار خان لاءِ لکيو ويو. سيد حسام‌الدين راشدي مرحوم رسالي "مهراڻ" (۳-۱۹۷۴/۴ع) ۾ ان کي شايع ڪيو آهي.

**(۲۱) ترجمو**

مترجم نياز همايوني. ترجمو پڻ رسالي "مهراڻ" (۳-۱۹۷۹/۴ع) ۾ ڇپيو. هي ترجمو مون پنهنجي ڪتاب "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" ۾ پڻ شامل ڪيو آهي. ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۹۲ع ۾ شايع ڪيو آهي.

## ★ ترخان نامه

سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽويءَ، سن ۱۰۶۵ھ ۾ لکيو. ڪتاب ۾ ترخانن ۽ ارغونن جي تاريخ ڏنل آهي. راشدي صاحب جي سعيي سان ۱۹۶۵ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ اصل فارسي ڪتاب ڇپيو آهي.

**(۲۲) ترجمو**

از مرزا عباس علي بيگ. ترجمو سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۹۴ع ۾ شايع ڪيو. اصل ڪتاب ۾ فهرستون هيون، جي ترجمي ۾ ڪونهن.

## ★ حاصل النهج

ليڪڪ مخدوم جعفر بن ميران بن يعقوب بوبڪائي. مصنف مخدوم نوح عليه الرحمة (م. ۹۹۸ھ) جو همعصر ۽ صحبتي هو. مخدوم جعفر پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ استاد هو. عربي ۽ فارسي ٻولين تي پوري مهارت هيس. ٻنهي ٻولين ۾ ڏهن کن ڪتاب لکيائين. تعليم بابت عربي زبان ۾ هڪ ضخيم ڪتاب "نهج التعليم" ناليِ سان تيار ڪيائين. اڳتي هلي ان جو اختصار فارسي زبان ۾ "حاصل النهج" عنوان سان ترتيب ڏنائين. اهو ۹۷۶ھ ۾ تيار ٿيو، جڏهن هتي ترخانن جي حڪومت هئي. جيتوڻيڪ ڪتاب تعليم جي طور طريقن بابت آهي، پر ان ۾ سنڌ ۾ ان وقت جي نظام تعليم جي باري ۾ اکر بہ نٿو ملي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اصل فارسي ڪتاب ايڊٽ ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ پاران سن ۱۳۸۹ھ/ ۱۹۶۹ع ۾ شايع ڪيو.

**(۲۳) ترجمو**

عبدالرسول قادري صاحب سنڌي ترجمو ڪيو ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" (سنڌي لئنگويج اٿارٽي) ان کي ۱۹۹۳ع ۾ ڇپرو ڪيو. اصل ڪتاب جي ڪاپي مترجم کي راقم‌الحروف مهيا ڪئي.

## ★ حڪايات الصالحين

اصل ڪتاب فارسيءَ ۾ هو جتان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو. تفصيل معلوم ڪونهي.

**(۲۴) ترجمو**

مولوي ولي محمد ۱۲۲۰ھ (ميرن جي دور ۾) ڏاري، منظوم ترجمو ڪيو. متعدد ڀيرا ڇپيو آهي. هڪ ڇاپو پبلشر اردشير رستمجيءَ ايڊورٽائزر پريس ڪراچيءَ مان ۱۸۵۱ع ۾ نروار ڪيو هو.

## ★ خزانة المعرفت

ملفوظات شريف پير پاڳارو سيد صبغت الله شاه اول (م. ۱۲۴۶ھ). مرتب پير پاڳارو سيد علي گوهر شاه (م. ۱۲۶۳ھ).

**(۲۵) ترجمو**

مترجم فقير مفتي محمد رحيم سڪندري ڇپيل ۱۴۱۱ھ. هي ترجمو جمعيت علماء سڪندريہ، پير جو ڳوٺ ضلعي خيرپور پاران شايع ٿيو.

★ **ديوان حافظ**

ايران جي مشهور شاعر حافظ شيرازي (م. ٧٩١هـ) جو ديوان عالمي ادب ۾ وڏي شهرت رکي ٿو. ننڍي کنڊ ۾ ماڻهو حافظ جي ديوان مان فال بہ ڪيندا آهن.

**(٢٦) ترجمو**

ترجمو عبدالقيوم صائب، سڌاريندڙ علي نواز جتوئي. سولو سنڌي نثر ۾ هي ترجمو سنڌ يونيورسٽيءَ جي انٽر آرٽس جي ڪورس لاءِ تيار ڪيو ويو، جنهن کي آزاد بڪ ڊپو حيدرآباد ڇپرو ڪيو. سال معلوم نہ ٿي سگهيو.

**(٢٧) ترجمو**

مترجم محمد يعقوب نياز. آگمر پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد، هي ترجمو ١٩٨٣ع ۾ شايع ڪيو.

★ **ديوان مسڪين**

از پير سيد حزب الله شاهہ "مسڪين" پير صاحب ٽيون پاڳارو ٿي گذريو، جنهن ١٣٠٨هـ ۾ وفات ڪئي.

**(٢٨) ترجمو**

مترجم مفتي محمد رحيم سڪندري. ابتدا ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مقدمو ڏنل آهي. فارسي شعر سان گڏ سنڌي نثر ۾ ترجمو شامل ڪيو ويو آهي. هي ترجمو جمعيت علماءِ سڪندريہ درگاهہ شريف پير جو ڳوٺ ضلعي خيرپور، سال ١٩٨٥ع ۾ وڏي تختيءَ تي ٤٠٢ صفحن تي ڇپيو آهي.

★ **رباعيات خيام**

از عمر خيام (م. ٥١٥هـ) خيام مختلف علمن جو ماهر هو، ليڪن رباعين سبب سندس شهرت وڏي. مشرق کان علاوه مغرب ۾ هن جي رباعين مان فيضياب ٿيو.

**(٢٩) منڪده ناز**

مترجم مير علي نواز خان "ناز" (م. ١٩٣٥ع). مير صاحب رياست خيرپور جو والي هو. پاڻ سنو اديب ۽ شاعر هو. سندس ڪليات عطا محمد حامي مرحوم مرتب ڪئي، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٧ع ۾ شايع ڪيو. ناز مرحوم، خيام جي پنجاهہ رباعين جو منظوم ترجمو ڪيو، جو شيخ مولابخش خان منيجر فيض پريس خيرپور ١٩٣٠ع ۾ ڇپرو ڪيو. حامي مرحوم "ڪليات ناز" ۾ هي رباعيون وري ڇپيون آهن.

★ **رساله اويسيه**

از مخدوم محمد معين (م. ١١٦١هـ). سنڌي زبان جي وڏي شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (م. ١١٦٥هـ)، پنهنجي دوست مخدوم محمد معين کي خط لکي اويسي طريقي بابت ڄاڻ گهري. هي رسالو ان معلومات تي مبني آهي. مخدوم صاحب عربي ۽ فارسي ٻولين جو وڏو اديب ۽ مشهور عالم ٿي گذريو آهي.

**(٣٠) شاهہ جو مخدوم معين ڏانهن خط ۽ ان جو جواب**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اختصار ۽ ترجمو ماهنامہ "نئين زندگي" (نومبر ١٩٥٣ع) ۾ شايع ڪيو هو. هن رسالي جي مڪمل ترجمي ۽ اشاعت جي ضرورت باقي آهي.

★ **رشف الزلال**

تصنيف مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (م. ١١٧٤هـ). مخدوم صاحب ڪلهوڙن جي دور جو وڏو عالم ۽ اديب هو. عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ سوين ڪتاب لکيائين. هن ڪتاب ۾ ٻن پهرن جي نماز جي وقت بابت بحث ڪيو اٿس، جو سن ١١٣٣هـ ۾ تيار ٿيو.

**(٣١) ترجمو**

عبدالرسول قادري صاحب هي ڪتاب ترجمو ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري سال ١٩٩٤ع ۾ ڇپرو ڪيو.

★ روضة الشهداءُ

از ملا كمال الدين واعظ كاشفي (م. ٩١٠هـ). ڏهن بابن ۽ هڪ خاتمي تي مشتمل هن ڪتاب جي فارسي ادبيات ۾ وڏي اهميت آهي.

**(٣٢) ترجمو**

مولوي احمد ١١٧٢هـ ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ منظوم ترجمو ڪيو. برٽش ميوزم ۾ هڪ قلمي نسخو آهي. هي ترجمو ڇپيل بہ آهي.

**(٣٣) ترجمو**

ٻيو ترجمو فقير هدايت علي تارڪ (م. ١٩٣٩ع) ٦ جولاءِ ١٩٣٣ع تي پورو ڪيو. هي ترجمو مختلف نالن: حديقة الاولياء ۽ حديقة الاصفياء سان بہ مشهور ٿيو.

★ ساقي نامہ

از حافظ شيرازي (م. ٧٩١هـ)

**(٣٤) ترجمو**

فقير هدايت علي تارڪ هي منظوم ترجمو بعنوان "ميثاقي عنبر شمامہ" جي نالي سان ١٦ فبروري ١٩٣٥ع تي مڪمل ڪيو.

★ سطعات

از شاھ ولي الله دهلوي (م. ١١٧٦هـ). هي ڪتاب اسلامي فلسفي تي مبني آهي ۽ ان کي مذهبي لٽريچر ۾ وڏي اهميت ڏسجي ٿي.

**(٣٥) ترجمو**

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ترجمي سان گڏ ان ۾ مفيد حاشيا بہ لکيا آهن. شاھ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ١٩٧٦ع ۾ هي ڪتاب ڇپيو آهي.

★ سڪندر نامه

از نظامي گنجوي (م. ٥٩٨هـ). هي مثنوي سن ٥٩٧هـ ۾ مڪمل ٿي ۽ اڪثر ڇپجندي رهي آهي.

**(٣٦) ترجمو**

سيد غلام مرتضيٰ "مرتضائي" ٺٽوي (م. ١٣٢٣هـ) هن مثنويءَ جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو. هي ترجمو محمد يوسف ڪتب فروش ڪراچي، لاهور جي اسلاميہ ليٿو پريس مان ڇپرائي ١٣١٢هـ/١٨٩٤ع ۾ پڌرو ڪيو. "مرتضائي" ٺٽوي سنڌ جو ناليرو شاعر ٿي گذريو آهي.

**(٣٧) ترجمو**

مترجم مولوي غلام محمد خانزئي. برٽش دور ۾ "سڪندر نامه" جو هي پيو سنڌي ترجمو ٿيو.

★ سياست نامه

از نظام الملڪ طوسي (م. ٤٨٥هـ). هي ڪتاب طوسيءَ سن ٤٨٤هـ ڌاري، سلطان سعيد ابوالفتح ملڪ شاھ (م. ٤٨٥هـ) لاءِ لکيو. هن جو تعلق ملڪي معاملن ۽ سياست سان آهي. ان ۾ پنجاهہ باب آهن ۽ اڪثر ڀيرا ڇپيو آهي.

**(٣٨) ترجمو**

پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ عبدالقيوم صائب ڪتاب جي ابتدائي تيرهن بابن جو ترجمو ڪيو ۽ آزاد بڪ ڊپو حيدرآباد ١٩٥٧ع ۾ شايع ڪيو. ان وقت هي ڪتاب سنڌ يونيورسٽيءَ جي انٽر آرٽس جي ڪورس ۾ شامل هو.

★ **شاهد عشرت**

مصنف بابت گهڻي ڄاڻ نٿي ملي. شاعر هن مثنويءَ ۾ پنهنجي محبوب جي هر عضوي جي دل ڪولي تعريف ڪئي آهي.

**(٣٩) ترجمو**

منظوم سنڌي ترجمو فقير هدايت علي تارڪ (م. ١٩٣٩ع)، ١٦ فيبروري ١٩٣٥ع تي مڪمل ڪيو.

★ **شاهنامه فردوسي**

فارسي ادبيات ۾ "شاهنامه" کي وڏي اهميت حاصل آهي. ان جي رسمي تعارف جي ضرورت ڪانهي.

**(٤٠) ترجمو**

سنڌي نثر ۾ هي ترجمو پير پاڳاري سيد صبغة الله راشدي جي فرمائش تي، محمد عاقل عاقليءَ سن ١٣٤٧هه ۾ شروع ڪيو. ڪم جاري هو ته مترجم فوت ٿي ويو. قلمي نسخو سنڌي ادبي بورڊ ۾ هو.

★ **صحبت نامه**

هي ملفوظات پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ (م. ١٢٢٣هه) جي آهي، جنهن کي خليفي محمد حسين مهيسر مرتب ڪيو هو.

**(٤١) صحبت سپيرين جي**

مترجم فقير عبدالرحيم سڪندري، مدرسه صبغت الهُديٰ شاهپور چاڪر ضلعي سانگهڙ پاران هي ڪتاب ١٤١٣هه=١٩٩٣ع ۾ ڇپيو آهي.

★ **طوطي نامه**

از سيد محمد قادري. اصل ۾ هڪ هندي قصو آهي. محمد تغلق جي دور ۾ (م. ٧٥٢هه)، مولانا ضياءالدين نخشبيءَ فارسي زبان ۾ تيار ڪيو ۽ پوءِ سيد محمد قادريءَ ان جو فارسي اختصار ڪيو. ان اختصار کي جان گلڪرسٽ جي حڪم تي سيد حيدر بخش حيدريءَ سال ١٨٠١ع ۾ اردو ۾ ترجمو ڪيو.

**(٤٢) سنڌي طوطي نامه**

از اڌارام ٿانورداس. ڪراچيءَ ۾ ليٿو تي ١٨٦٢ع ۾ ڇپيو. برٽش ميوزم جي فهرست نگار جو خيال آهي ته هي ترجمو سيد محمد قادريءَ جي اختصار تان ڪيل آهي.

★ **فتاوي همايوني**

از مولوي عبدالغفور همايوني (م. ١٣٣٦هه). مولوي صاحب اتر سنڌ جو هڪ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي.

**(٤٣) ترجمو**

مولوي محمد ابراهيم ڳڙهي ياسينويءَ پهريون حصو، سال ١٩٦٩ع ۾ مولوي محمد عظيم اينڊ سنس شڪارپور کان ڇپرايو. ٻيو حصو مولوي نجم‌الدين ڳڙهي ياسينويءَ شايع ڪيو. ان جو سال معلوم نه ٿي سگهيو.

★ **فتح نامه**

از مير صوبدار خان (م. ١٢٦١هه)

**(٤٤) ترجمو**

منظوم سنڌي ترجمو مير حسن علي خان ٽالپور.

★ **فتح نامه سند**

علي بن حامد ڪوفيءَ سن ٦١٣هه ۾ عربيءَ مان فارسيءَ ۾ منتقل ڪيو. مشهور تاريخي ڪتاب آهي. ابتدا ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي ايڊٽ ڪري بمبئيءَ مان ڇپرايو. تازي دور ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وري هي ڪتاب ترتيب ڏئي

نئشنل انسٽيٽوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ اسلام آباد مان ڇپرايو آهي.

**(۴۵) چچ نامه**

مرزا قليچ بيگ (م. ۱۹۲۹ع). مرزا صاحب ان جو انگريزي ڇاپو ۱۹۰۰ع ۾ آندو. بعد ۾ دوستن جي فرمائش تي سنڌي ترجمو بہ ڪيائين. ان جو پهريون حصو چچ جي حڪومت تائين، سال ۱۹۲۳ع ۾ نئين سنڌ لئبرري پنهنجي اشاعتي سلسلي جي ڇهين ڪتاب طور، بليوٽسڪي پريس حيدرآباد ۽ ڪرشنا پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. ٻئي حصي بابت معلومات نہ ملي سگهي.

چچ نامه جو مشهور سنڌي ترجمو، مخدوم امير احمد ڪيو جو سنڌي ادبي بورڊ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نظرثاني ۽ حواشي سان شايع ڪيو آهي. (راهي صاحب هن ترجمي جو ذڪر ڪيو آهي).

**★ فتوحات فيروز شاهي**

از سلطان فيروز تغلق (م. ۷۹۰هـ). گذريل صديءَ ۾ ڪتاب جو مواد ڪتبن تان نقل ڪيو ويو. بادشاهہ فيروز جي فرمانن ۽ حڪمن بابت، هنن ڪتبن مان مواد مليو ٿو. پروفيسر شيخ عبدالرشيد جي ڪوشش سان علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ هي ڪتاب ۱۹۵۴ع ۾ شايع ڪيو.

**(۴٦) ترجمو**

عبدالرسول قادري صاحب ترجمو ڪيو. ڪاپي اڻ ڇپيل حالت ۾ مترجم وٽ موجود آهي.

**★ قوه العاشقين**

از عثمان انصاري. ڪجهہ لکندڙن ان کي لعل شهباز قلندر جي تصنيف بہ سڏيو آهي، جو درست ڪونهي. ڪتاب ۾ عشق جون رمزون ۽ اوليائن جا قصا ڏنل آهن.

**(۴۷) عشقيو**

از حامد بن حسن. ترجمو ۱۳ شعبان ۱۲۴۳هـ تي مڪمل ٿيو. هي هڪ منظوم سنڌي ترجمو آهي. ليٿو تي ڇپيل آهي. آخر ۾ ڪاتب فارسي ٻوليءَ ۾ هي نوٽ لکيو آهي: تمام شد ڪتاب قوة العاشقين مشهور به عشقيه بدست حاجي احمد بن حاجي محمد ڪاتب سمہ عفاالله عنهما بروز پنجشنبه ۱۲ محرم الحرام ۱۲۹۲هجري بارشاد و باهتمام جناب قاضي ابراهيم صاحب ابن جناب حاجي الحرمين قاضي نور محمد صاحب پلبندري غفرالله لهما."

**★ ڪريما**

هي ڪتاب شيخ سعدي عليه رحمة (م. ٦۹۱هـ) ڏي منسوب آهي. صدين تائين برصغير اندر نصاب ۾ شامل رهيو.

**(۴۸) ترجمو**

از نامعلوم. ليٿو تي ڇپيل سنڌالاجيءَ جي ڪتبخاني ۾ نظر مان گذريو. پهريائين فارسي ۽ پوءِ سنڌي منظوم ترجمو ڏنل آهي. هن ۾ ٻيو بہ مواد آهي. سال درج ڪونهي. مون ٿيون ڇاپو ڏٺو جو منشي پوڪرداس ٿانورداس تاجر ڪتب فروش شڪارپور، لاهور جي اسلاميہ پريس مان ڇپرايو هو.

**(۴۹) ترجمو**

مترجم مولانا عبدالڪريم ڪمازو (م. ۱۳۵۸هـ). هي هڪ ئي وقت عربي ۽ سنڌي منظوم ترجمو آهي.

**(۵۰) ترجمو**

از عبدالرئوف. سن ۱۱۷۸هـ. مترجم بابت گهڻو علم ڪونهي. پروفيسر بدويءَ جو خيال آهي تہ هي ڪلواڙي ضلعي سکر جو رهاڪو هو (تذڪره لطفي، جلد ۲، صہ ۷-۲۴۸). هڪ قلمي نسخو مڪتبہ قاسميہ نزد ڪنڌباري ۾ آهي، جنهن ۾ ڪل ۳۹ ورق آهن. ڪاتب لکي ٿو: تمت شد بيدالمسڪين عبدالرحمان ولد ضعيف نحيف عبداللطيف

سڪونت پذير ڪندياره وقت الضحيٰ روز شنبہ بتاريخ هشتم ماه جمادي الاول سن ۱۲۴۹هـ."

**(۵۱) ترجمو**

مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (م. ۱۱۶۶هـ). پير حسامالدين راشدي مرحوم ان جو ذڪر ڪيو آهي. (سنڌي ادب، صہ ۱۱۰) راهي صاحب هڪ ترجمو درج ڪيو آهي جو سن ۱۱۳۷هـ جو آهي ۽ ان جو مترجم عبدالرؤف لکيو آهي. ممڪن آهي تہ هي ساڳيو ڀٽي بزرگن جو ترجمو هجي.

## ★ ڪشف الاسرار

از ابوالحسن علي بن عثمان هجويري (م. ۴۶۵هـ) محققن جو خيال آهي تہ هي تصنيف ڪنهن ٻئي بزرگ جي آهي.

**(۵۲) ترجمو**

از حاجي علي محمد. هي ترجمو "ڪشف المحجوب" سان گڏ ۱۹۸۸ع ۾ ڇپيو آهي.

**(۵۳) رموز الابرار**

مترجم ابو يوسف محمد سليمان ڏوڪري. مترجم پاڻ ڪي خادم جامع مسجد ڏوڪري لکيو آهي. اشاعت جو سال لکيل ڪونهي.

## ★ ڪشف المحجوب

از داتا گنج بخش هجويري (م. ۴۶۵هـ) تصوف جو هڪ بنيادي ڪتاب آهي جو ڪافي ڀيرا ڇپيو آهي.

**(۵۴) ترجمو**

از حاجي علي محمد. هي ترجمو حاجي صاحب پاڻ ڪيو آهي، ليڪن مترجم طور پنهنجي والده حاجياڻي آسو (عائشہ) زال سيٺ پرتو خان ميمڻ جو نالو ڏنل آهي. حاجي صاحب ڏيپلي جو رهاڪو آهي ۽ هي ضخيم ڪتاب ذاتي خرچ تي ڇپايو اٿس. سال ۱۹۸۸ع ۾ هي ترجمو ڇپيو.

**(۵۵) ترجمو**

از عطا محمد حامي (م. ۱۹۸۲ع). هڪ سال اندر ڪتاب جو هي ٻيو سنڌي ترجمو ظاهر ٿيو، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۸۸ع ۾ پڌرو ڪيو.

## ★ ڪلام امام خميني

ايران جو انقلابي ۽ روحاني اڳواڻ امام خميني، جو شاعر بہ ٿي گذريو آهي.

**(۵۶) راه عشق**

ترجمو ۽ انتخاب نياز همايوني. عارفاڻو ڪلام ڏنل آهي. خانہ فرهنگ جمهوري اسلامي ايران حيدرآباد ۱۹۹۳ع ۾ ڇپيو آهي.

## ★ ڪلام قلندر لعل شهباز

فارسي ڪلام سيوهڻ جي قلندر لعل شهباز ڏي منسوب آهي، جنهن ۶۷۳هـ ڌاري وفات ڪئي.

**(۵۷) شاهباز نامه**

هي ڪلام هڪ قلمي نسخي تان ورتل آهي، جو مترجم ميان غوث محمد پيرزادي "گوهر" جي ڪتبخاني ۾ هو. فارسي ۽ سنڌي ڪلام گڏ ڏنل آهي. الڪبير اڪيڊمي ڪوٽڙي ڪبير هي ترجمو ۱۹۹۳ع ۾ ڇپيو آهي.

## ★ ڪنوز المعرفت

ملفوظات خليفو محمود فقير (م. ۱۲۶۷هـ). مرتب خليفو گل محمد هالائي (م. ۱۲۷۲هـ). محمود فقير نظاماڻي روايتي تذڪرن جو آخري ڪتاب "گلشن اولياء" سن ۱۲۵۸هـ ۾ لکيو. ضرورت آهي تہ هن تذڪري جي اصل

توڙي ترجمي جي ڇپائيءَ جو بندوبست ڪيو ويو.

**(٥٨) توفيق الطالبين**

مترجم مولوي حافظ نور محمد. ڪتابت ١٣٣٩هه. پروفيسر مير محمد نظامانيءَ جي سعيي سان، هي ترجمو محموديه اڪيڊمي ڪڙيو گهنور شريف ١٩٩٣ع ۾ ڇپيو آهي.

**★ ڪيميائي سعادت**

امام غزالي (م. ٥٠٥هه) جو مشهور ڪتاب آهي، جنهن مان مشرق سان گڏ مغرب به استفادو ڪيو.

**(٥٩) ترجمو**

مرزا قليچ بيگ (م. ١٩٢٩ع). هي ترجمو پنجن حصن ۾ ١٩٠١ع ۾ مڪمل ٿيو. حصو اول ١٩٨١ع ۽ حصو ٻيو ١٩٨٥ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي. ٽي حصا اڃا اڻ ڇپيل آهن. مرزا صاحب هڪ انگريزي ترجمو The Al-chemy of Happiness جي نالي سان به ڪيو، جو پڻ سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٦ع ۾ ڇپيو آهي.

**(٦٠) احياءُ علوم الدين**

غلام اصغر وندير سٽ جي ڏهاڪي ۾ سٺن حصن ۾ شايع ڪيو آهي.

**★ گلستان بوستان**

از شيخ سعدي عليه رحمة (م. ٦٩١هه). اهي ٻئي ڪتاب- گلستان ۽ بوستان- سنڌي ڪنڌ ۾ صدين تائين نصاب ۾ شامل رهندا آيا.

**(٦١) ترجمو**

علي اڪبر ٿيبو. ٻنهي ڪتابن جو گڏيل انتخاب ۽ ترجمو آهي. هي ايڊيشن سنڌ يونيورسٽيءَ جي مئٽرڪ جي نصاب لاءِ تيار ڪيو ويو. ايجوڪيشنل بڪ ڊپو حيدرآباد ١٩٥٦ع ۾ ڇپيو.

**(٦٢) ترجمو**

اجمل بيگ ولد قليچ بيگ مرزا گڏيل انتخاب ۽ ترجمو ڪيو آهي جو نصابي ضرورتن لاءِ تيار ڪيو ويو. آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس حيدرآباد ١٩٥٥ع ۾ شايع ڪيو.

**★ گلزار سند نادرات هند**

از مولوي عبدالرحيم سومرو. سومرن سنڌ تي ٽي صديون راڄ ڪيو. مقامي خانداني روايتن تي مبني، مولوي صاحب هي تاريخي مثنوي لکي. اصل ڪتاب اڃا نه ڇپيو آهي.

**(٦٣) دولت علويه**

مصنف بعد ۾ صوفي قلندر بخش ۽ مرحوم محمد عثمان سومري جي ارشاد تي هي مثنوي ١٣٤٠هه/١٩٢٢ع ۾ ترجمو ڪئي. مولوي عبيدالله شائق سومري ان کي سڏاري "دولت علويه" جي نالي سان ١٩٢٩ع ۾ شايع ڪئي (١).

**★ لب تاريخ سند**

خانبهادر خداداد خان (م. ١٣٢٠هه). سنڌ جي فارسي تاريخن جو آخري ڪتاب. هي ڪتاب ١٣١٨هه/ ١٩٠٠ع ۾ امرتسر ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سعيي سان وري سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٩ع ۾ شايع ڪيو.

**(٦٤) ترجمو**

از حافظ خير محمد اوحدي. ناشر سنڌي ادبي بورڊ ١٤١٠هه/١٩٨٩ع. فارسي ڇاپي ۾ انڊيڪس هئي، جا هن

---

(١) دولت علويه جي ڪاپي مون وٽ آهي. ان جا ڪجهه اڳيان ۽ پٺيان ورق ڪٽل آهن. ڪنهن علم دوست وٽ ڪاپي هجي ته مهرباني ڪري ان جو اطلاع ڏئي. ڪتاب جو مس مڪمل ڪري اسان شايع ڪرائڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي.

ترجمي ۾ ڏنل ڪانهي.

### ★ لطائف الطوائف

ملا ڪمال الدين حسين واعظ ڪاشفيءَ (م. ٩١٠هـ) جي پُٽ فخرالدين عليءَ (م. ٩٣٩هـ) جي هي تصنيف اخلاقي ۽ اصلاحي آهي. آقاي احمد گلچين معانيءَ جي سعيي سان هي ڪتاب ڇپجي چڪو آهي.

### (٦٥) ترجمو

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ (م. ١٩٢٩ع). طبع سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع. مرزا صاحب مرحوم، ڪتاب جي لکڻ بابت غلطي ڪئي آهي. ان جو ازالو ناشر محمد ابراهيم جويي پنهنجي نوٽ ذريعي ڪيو آهي.

### ★ لطائف لطيفي

مير عبدالحسين خان سانگي (م. ١٣٤٣هـ). پاڻ آخري ٽالپور حاڪم مير نصير خان جو پوٽو هو. سنڌي، فارسي ۽ اردو ٻولين جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. هي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي باري ۾ ١٣٠٥هـ/١٨٨٨ع ۾ لکيائين. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سعيي سان ١٩٦٧ع ۾ شايع ٿيو.

### (٦٦) ترجمو

از عبدالرسول قادري صاحب. طبع ١٤٠٧هـ/١٩٨٦ع. ڪتاب جو فارسي توڙي سنڌي ڇاپو، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جو ڇپيل آهي.

### ★ لطيفة التحقيق

از سيد رفيق علي شاهه (م. ١١٢٤هـ). ترتيب سن ١١٢٢هـ. نقشبندي سلسلي بابت مختصر رسالو آهي. لکندڙ ڪڇ ملڪ جو رهاڪو هو.

### (٦٧) ترجمو

از غلام حسين. پبلشر مير خدا بخش ولد مير حاجي عبدالله ٽالپور جاگيردار ٽنڊو جان محمد جي فرمائش تي هي ترجمو ٿيو. مترجم ان وقت پينشنر هو ۽ تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪري چڪو هو. سال درج ڪونهي.

### ★ مثنوي بو علي قلندر

شرف الدين بو علي قلندر پاڻي پتي (م. ٧٢٤هـ). تصوف ۽ عرفان تي هڪ مثنوي آهي.

### (٦٨) چمڪندڙ گوهر

فقير هدايت علي تارڪ (م. ١٩٣٩ع) منظوم سنڌي ترجمو مارچ ١٩٣٢ع. مطبوعات تارڪ فقير گهوٽڪي ١٩٦٤ع ۾ ڇاپيو.

### ★ مثنوي تحفة الاحرار

شاعر مولانا عبدالرحمان جامي (م. ٨٩٨هـ). هي مثنوي نظامي ۽ خسرو جي تتبع تي لکي وئي.

### (٦٩) ترجمو

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ. هي ترجمو منظوم آهي ۽ ساڳئي بحروزن ۾ ڪيل آهي. ڪئي ڪئي شعر ڇڏيا ويا آهن. نئين سنڌي لئبرري جي چوٿين ڪتاب طور هي ڪتاب بليوٽسڪي پريس حيدرآباد ڇپيو هو.

### ★ مثنوي گلشن راز

از مولانا سعدالدين محمود شبستري (م. ٧٢٠هـ). هي مثنوي ٧١٧هـ ۾ لکي وئي.

### (٧٠) ڪشف اعجاز

از مرزا قليچ بيگ. وڌيڪ تفصيل نه مليو.

★ **مثنوي يوسف زليخا**

از عبدالرحمان جامي (م. ٨٩٨هه) هي مثنوي ٨٨٩هه ۾ تيار ٿي. ڪافي ڀيرا ڇپي آهي.

**(٧١) ترجمو**

از سيد غلام مرتضيٰ ٺٽوي. هي منظوم سنڌي ترجمو آهي ۽ سن ١٣٠٨هه ۾ ليٿو تي ڇپيو.

★ **مجمع الفيوضات**

ملفوظات پير محمد راشد عرف روضي ڌڻي (م. ١٢٢٣هه). مرتب: خليفو محمود نظاماڻي ۽ خليفو محمد حسين مهيسر.

**(٧٢) ترجمو**

مترجم مولوي محمد قاسم مشوري. ٽي جلد. پبلشر ۽ اشاعت جو سال معلوم نہ ٿي سگهيو. البت جمعيت علماءِ سڪندريہ پير جو ڳوٺ پاران ١٩٨١ع ۾ ٽيئون جلد وري ڇپيو آهي.

**(٧٣) ترجمو**

ملفوظات جا رهيل ٽي جلد مفتي در محمد سڪندريءَ ترجمو ڪيا ۽ جمعيت علماءِ سڪندريہ پير جو ڳوٺ شايع ڪيا. جلد چوٿون ١٩٧٤ع ۾ ڇپيو. پنجين ۽ ڇهين جلد جي ڇپجڻ جا سال معلوم نہ ٿي سگهيا.

★ **مدح نامه سند**

از مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (م. ١١٧٤هه). ڪنهن ڌارئين ماڻهوءَ اسان جي "سنڌ" ملڪ جي مخالفت ۾ ڪتاب لکيو. مخدوم صاحب هن ڪتاب ذريعي ان جو جواب ڏنو آهي. قلمي نسخو سنڌي ادبي بورڊ ۾ آهي.

**(٧٤) ترجمو**

مولانا الحاج محمد ادريس ڏاهري. اداره خدمت القرآن و السنة شاهپور جهانيان، سن ١٤١١هه ۾ ترجمو شايع ڪيو.

★ **مقصود العارفين**

از مخدوم عاري. سن ١٢٢٤هه. قلمي نسخو سنڌالاجيءَ ۾ محفوظ آهي. هن ۾ شيخ مغل پيٺءَ جي سوانح ۽ ملفوظات ڏنل آهن.

**(٧٥) ترجمو**

نياز همايونيءَ ترجمو ڪيو ۽ تعليقات لکيا. سنڌالاجيءَ سال ١٩٨٩ع ۾ هي ترجمو ڇپيو آهي.

★ **مڪلي نامه**

از مير علي شير قانع (م. ١٢٠٣هه). مير صاحب ١١٧٤هه ڌاري مڪليءَ تي مدفون هستين بابت هي ڪتاب لکيو. راشدي صاحب سال ١٩٥٦ع ۾ ان کي رسالي "مهراڻ" ۾ شايع ڪرايو.

**(٧٦) ترجمو**

سيد حسام الدين راشديءَ (م. ١٩٨٢ع)، ان کي ايڊٽ ڪيو. مهڙ ۾ اختصار سان ترجمو ڏنو ۽ تفصيلي حاشيا لکيا. ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧ع ۾ ڇپيو.

★ **منشور الوصيت**

ميان نور محمد ڪلهوڙو (م. ١١٦٧هه). سيد حسام الدين راشدي مرحوم جي سعيي سان، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٤ع ۾ پڌرو ڪيو.

**(٧٧) ترجمو**

مولانا عبدالرسول قادري صاحب ترجمو ڪيو، جو اڃا نہ ڇپيو آهي.

★ **منطق الطير**

خواجہ فريدالدين عطار نيشاپوري (م. ٦٢٧هہ). سلوڪ ۽ عرفان تي هي مشهور مثنوي سن ٥٨٣هہ ۾ مڪمل ٿي.

**(٧٨) پڪين جي پارليامينٽ**

از غلام حسين جلباڻي. نثري ترجمو سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٦٢ع ۾ شايع ڪيو.

★ **ميزان الطب فارسي**

از حڪيم محمد اڪبر ارزاني. ترتيب ١١١٢هہ. حڪيم صاحب هي ڪتاب پنهنجن شاگردن لاءِ لکيو، جنهن ۾ هڪ مقدمو ۽ ٽي مقالا آهن.

**(٧٩) ارشادات حڪمت**

فقير هدايت علي تارڪ (م. ١٩٣٩ع)، ترجمو سيپٽمبر ١٩٣١ع ۾ ڪيو.

★ **نظم مقبول**

از بهلول دانا

**(٨٠) ترجمو**

فقير هدايت علي تارڪ (م. ١٩٣٩ع). منظوم سنڌي ترجمو سال ١٩٣١ع ۾ ٿيو.

★ **وامق عذرا**

مرزا صادق نامي. هڪ داستان تي مبني فارسي مثنوي.

**(٨١) ترجمو**

خلاصو ۽ ترجمو مرزا قليچ بيگ مرحوم، ١٩٢٥ع ڌاري تيار ڪيو. باراڻي ادب تحت بار بار ڇپبو رهيو آهي.

★ **هفت مثنويات سچل**

شاعر سچل سرمست (م. ١٢٤٢هہ). ست فارسي مثنويون: ساقي نامو، تارنامو، رازنامو، گدازنامو، عشق نامو، دردنامو ۽ رهبر نامو.

**(٨٢) نينهن جا نعرا**

منظوم ترجمو عطا محمد حامي مرحوم. مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق. مارچ ١٩٨٣ع ۾ ڇپيو. نئون ڇاپو مارچ ١٩٩٢ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ آندو.

## مددي ڪتاب


(١) اختر راهي: "ترجمہ هاي متون فارسي به زبانهاي پاڪستاني"، مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان، اسلام آباد ١٩٨٦ع.

(٢) دانش: اردو فارسي تحقيقي جرنل، ثقافتي مرڪز سفارتخانہ ايران، اسلام آباد: شماره نمبر ١٤، ١٩، ٢٠، ٢١، ٢٢ ۽ ٢٤-٢٥.

(٣) ديوان تارڪ، مقدمو ڊاڪٽر نواز علي شوق، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٩ع.

(٤) ذوالفقار راشدي: "ڪسوٽي"، لاڙڪاڻو سنڌ ١٩٨٦ع.

(٥) سيد حسام الدين راشدي "سنڌي ادب"، مترجم: غلام محمد لاکو، گرامي پبليڪيشن دولتپور صفن ١٩٨١ع.

(٦) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"، سنڌالاجي، ڄامشورو ١٩٨٠ع.

(٧) شايع ٿيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي، ٻہ حصا، سنڌالاجي.

(۸) مخدوم محمد ابراهيم خليل ٺٽوي: "تڪملہ مقالات الشعراء" ايڊٽ سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۸ع.
(۹) ڊاڪٽر محمد رياض ۽ ڊاڪٽر صديق شبلي: "فارسي ادب کي مختصر ترين تاريخ"، سنگ ميل پبليڪيشنس لاهور ۱۹۸۷ع.
(۱۰) سہ ماهي "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ، مختلف پرچا.
(۱۱) مولوي محمد ادريس سومرو: "ڪريما فارسيءَ جو پهريون سنڌي ترجمو"، ماهنامہ الرحيم حيدرآباد، آڪٽوبر ۱۹۹۰ع.
(۱۲) ڊاڪٽر عبدالرزاق سومرو: "مولانا عبدالڪريم ڪهاڙو"، ماهور السنڌ، اسلام آباد مارچ ۱۹۹۴ع.
(13) C. Shackle: Catalogue of the Punjabi and Sindhi manuscripts in the India Office Library London, 1977.
(14) J. F. Blumhardt: Catalogue of the Hindi, Punjabi, Sindhi and Pushto printed books in the library of the British Museum London, 1893.
(15) J. F. Blumhardt: Catalogue of the Marathi, Gujrati, Bengali, Assamese, Oriya, Pushtu and Sindhi Manuscripts in the library of the British Museum London, 1905.

# بخش سوم

## ☆ اخلاق محسنی

از ملا کمال الدین واعظ کاشفی (م ۹۱۰ھ) [رک : قسمت یکم ، بخش فلسفۂ عملی]

۱- ترجمه

چاپ شده است

## ☆ اسرار خودی

از علامه محمد اقبال لاهوری [رک : قسمت یکم ، بخش منظومه ها]

۲- ترجمه

از محمد بخش واصف

چاپ : کراچی ـ ادارۂ مطبوعات پاکستان (س ـ ن)

۳- اسرار و رموز

از لطف الله بدوی

چاپ : کراچی ـ اقبال اکادمی پاکستان (۱۳۸۵ھ)

## ☆ ارمغان حجاز

از علامه اقبال لاهوری [رک : قسمت یکم ، بخش منظومه ها]

٤- ترجمه (به نظم)
از لطف الله بدوی ، ترجمهٔ سندی از هر دو بخش فارسی و اردو
چاپ : کراچی - اقبال اکادمی پاکستان (۱۳۸۲ھ)

## ☆ بوستان
از سعدی شیرازی [رک : قسمت یکم ، بخش منظومه ها]

۵ بهارستان
از آغا تاج محمد خان
چاپ : حیدر آباد (۱۳۷٤ھ)

## ☆ بیان العارفین
از محمد رضا بن عبدالواسع معروف به میر دریائی ، در سخنان و فرمودات شاه عبدالکریم سندی (م ۱۰۳۲ھ) ، به سال ۱۰۳۸ھ به انجام رسانده، در مقدمه و هفت باب و خاتمه

٦- ترجمهٔ منظوم
از عبدالرحمان بن محمد ملوک
چاپ : باهتمام مخدوم عبدالصمد کتب فروش میرپور بٹهورو ، بمبئی - مطبع مرغوب (۱۲۹۳ھ) ، لاهور - مطبع اسلامی (۱۳۲۷ھ)

## ☆ تاریخ معصومی
از میر محمد معصوم بهکری [رک : قسمت یکم ، بخش تاریخ (۲)]

۷- ترجمه
از دیوان نندی رام میرانی ، به سال ۱۲۷۰ھ به سندی ترجمه کرده است
چاپ : کراچی (۱۲۷۹ھ)

۸- ترجمهٔ دیگر
از مخدوم امیر احمد
چاپ : حیدر آباد سنده - سندی ادبی بورد (۱۳۷۲ھ)

## ☆ جامع الفیوضات

مجموعهٔ ملفوظات پیر محمد راشد روضه دهنی (م ۱۲۳۳ ھ) ، گرد آوردهٔ خلیفه محمود (م ۱۲٤۸ ھ) در یک مقدمه و بیست و سه باب و یک خاتمه. جمعاً دو هزار حکایت آورده شده

نسخه های خطی : در کتاب خانه های سند موجود اند

۹- **توفیق الطالبین**

از حاجی محمد عثمان فرزند حاجی احمد صباح

نسخهٔ خطی : کتاب خانهٔ میان شفیع محمد چانڈیه ، لاڑکانه

۱۰- **نفحات الکرامات**

از محمد قاسم

چاپ : فقط سه جزو بچاپ رسیده است

۱۱- **ترجمهٔ دیگر**

از فتح محمد نظامانی

۱۲- **ترجمهٔ دیگر**

از پیر علی محمد راشدی

نسخهٔ خطی : کتاب خانهٔ حسام الدین راشدی ، کراچی

## ☆ جاوید نامه

از علامه اقبال لاهوری [رک : قسمت یکم ، بخش منظومه ها]

۱۳- **ترجمه**

از لطف الله بدوی ، با یک پیش گفتار از مترجم

چاپ : کراچی - اقبال اکادمی پاکستان (۱۳۷۹ ھ)

## ☆ چچ نامه : فتح نامهٔ سند

## ☆ حملهٔ حیدری

از باذل [رک : قسمت یکم ، بخش تاریخ (۱)]

١٤- ترجمه

از میر محمد حسن علی خان حسن (م ١٣٢٤ ه) [رک : سنده میں اردو شاعری ، ص ٢٥٨]

## ☆ رباعیات خیام

از خیام نیشاپوری [رک : قسمت یکم ، بخش منظومه ها]

١٥- ترجمه

از مرزا قلیچ بیگ

## ☆ رسالهٔ فتحیه

از مخدوم فتح محمد متخلص به فقیر ، در سخنان و فرمودات جد پدری خودش مخدوم نوح هالائی (م ٩٩٨ ه) ، به سال ١٠١٩ ه (= فتوحات سندی) نگاشته ، در سه جلد

نسخهٔ خطی : کتاب خانهٔ مخدوم محمد زمان - هاله (سند) ، کتاب خانهٔ دانشگاه سند - حیدر آباد

١٦- تحفة المریدین فی مناجات مخدوم المرشدین

ترجمهٔ منظوم از ناشناس ، به سال ١٢٨٨ ه سروده شده

نسخهٔ خطی : کتاب خانهٔ مخدوم محمد زمان - هاله (سند)

## ☆ رموز بیخودی

از محمد اقبال لاهوری [رک : قسمت یکم ، بخش منظومه ها]

١٧- ترجمه

از محمد بخش واصف

چاپ : کراچی - ادارهٔ مطبوعات پاکستان (س - ن)

## ☆ سفر نامهٔ خواجه محمد حسن جان سرهندی

از خواجه محمد حسن جان سرهندی (م ١٣٦٥ ه) که برای سفر به عراق و شام و عربستان سعودی رفته و یادداشت ها و خاطرات خود را دربارهٔ این

سفر نگاشته

۱۸- ترجمه

چاپ : به ظن قوی بچاپ رسیده است

## ☆ سلامان و ابسال

از عبدالرحمن جامی ، مثنوی عرفانی است ، درین مثنوی با قرار دادن دو مظهر ، یکی برای نیکی (ابسال) و دیگری برای بدی (سلامان) ، حقایق عرفانی بیان شده ، به نام یعقوب بیگ بن حسن بیگ (۸۸۳هـ — ۸۹۶هـ) سروده شده

چاپ : بارها ، لکهنؤ - مطبع منشی نولکشور

۱۹- ترجمه

از پرفسور غلام حسین جلبانی

چاپ : حیدر آباد سنده - سندی ادبی بورد (۱۳۸۲هـ)

## ☆ شاهنامه

از فردوسی [رک : قسمت یکم ، بخش منظومه ها]

۲۰- ترجمهٔ منتخبی از شاهنامه

از غلام مرتضی شاه رضوی مرتضائی تتوی (م ۱۳۱۶هـ) فرزند روشن علی شاه

## ☆ فتح نامه سنده : چچ نامه

از علی بن حامد بن ابی بکر کوفی [رک : قسمت یکم ، بخش تاریخ (۲)]

۲۰- ترجمه

از مخدوم امیر احمد

چاپ : با تصحیح و تحقیق دکتر نبی بخش بلوچ ، حیدر آباد - سندی ادبی بورد (بار دوم : ۱۳۸۶هـ)

## ☆ قصص الانبیاء

[رک : قسمت یکم ، بخش تاریخ (۱)]

۲۲- ترجمه

از مولوی عبدالحی

چاپ : شکار پور - مونوی محمد عظیم تاجر کتب (۱۳۹۰ه)

۲۳- ترجمهٔ دیگر

از محمد حسین ، در سال ۱۱۷۷ ه سروده شده

## ☆ کریما

از سعدی شیرازی [رک : قسمت یکم ، بخش فلسفهٔ عملی]

۲٤- ترجمهٔ منظوم

از هدایت الله فرزند الحاج محمد حسن هالائی سندی (م ۱۳٦۵ه) که در ''کلیات هدایت موسوم به نزهت‌الاحباب'' درج شده، به سال ۱۳۲۰ه سروده شده

نسخهٔ خطی : کتاب خانهٔ کریم بخش خالد ، کراچی

۲۵- ترجمهٔ منظوم

از محمد عارف صنعت شکار پوری (م ۱۲٦۵ه) ، در بحر ''متقارب مثمن محذوف'' ترجمه کرده که به همین بحر کریما سروده شده

۲٦- ترجمهٔ دیگر

از عبدالروف به سال ۱۱۳۷ ه سروده شده

## ☆ کشف المحجوب

از علی هجویری معروف به داتا گنج بخش [رک : قسمت یکم ، بخش عرفان]

۲۷- ترجمه

از دین محمد ادیب فیروز شاهی (م ۱۳۹۳ه)

چاپ : حیدر آباد سند

## ☆ کیمیای سعادت

از امام محمد غزالی طوسی (م ۵۰۵ه) [رک : قسمت یکم، بخش فلسفهٔ عملی]

۲۸- ترجمهٔ منتخبی از کیمیای سعادت
از غلام حسین جلبانی
چاپ : حیدر آباد سند ـ سندی ادبی بورد (۱۳۸۰ھ)

☆ **مثنوی معنوی**
از مولانا روم [رک : قسمت یکم ، بخش منظومه ها]

۲۹- اشرف العلوم (منظوم)
از دین محمد ادیب فیروز شاهی (م ۱۳۹۳ھ)
چاپ : حیدر آباد سند

۳۰- چهره گشای مثنوی
از همان ادیب فیروز شاهی ، در ترجمه و شرح چهل بیت از دیباچهٔ مثنوی
چاپ : حیدر آباد

☆ **مثنوی معنوی** (دفتر هفتم)
از الهی بخش کاندهلوی ، به صورت تکمله مثنوی مولانا روم سروده شده
چاپ : کانپور ـ محمود المطابع

۳۱- ترجمهٔ منظوم
از مولانا دین محمد ادیب فیروز شاهی (م ۱۳۹۳ھ)
چاپ : حیدر آباد سند

☆ **مسایل اربعین**
از شاه محمد اسحاق محدث دهلوی [رک : قسمت یکم ، بخش فقه]

۳۲- ترجمه
از مولوی محمد هالائی
نسخهٔ خطی : کتاب خانهٔ دانشگاه سند ـ حیدر آباد

☆ **مقولات تصوف**
سخنان و فرمودات خواجه محمد زمان نقشبندی متوطن لنواری (۱۱۸۸ھ) :

از خواجه محمد ابراهیم، به سال ۱۱۸۸ ه نگاشته شده

۳۳- ترجمه

از غلام حسین ، در سال ۱۳۷۲ ه به زبان سندی ترجمه شده

چاپ : تا کنون ترجمهٔ کامل بچاپ نرسیده است اما اختصار آن از طرف خانقاه لواری شریف (سند) منتشر شده ـ حیدر آباد (۱۳۹۲ ه)

## ☆ مکتوبات امام ربانی

از شیخ احمد سرهندی [رک : قسمت یکم ، بخش عرفان]

۳۴- ترجمه

از دین محمد ادیب فیروز شاهی

## ☆ منهاج العاشقین

از غلام محمد خانزئی ، در شرح داستان های تمثیلی که شاه لطیف بهتائی در رساله اش ذکر کرده است

۳۵- ترجمه

از شمس العلماء دکتر عمر بن محمد داود پوته (م ۱۳۸۷ ه)

چاپ : از طرف مترجم (۱۳۵۲ ه)

## ☆ وصیت نامه

از شاه ولی الله محدث دهلوی (م ۱۱۷۶ ه) [رک : قسمت یکم ، بخش عقاید]

۳۶- ترجمه

از شفیع محمد پاتانی

چاپ : حیدر آباد سند ، شاه ولی الله اکادمی (۱۳۸٤ ه)

❊

عبدالرسول قادري

# نواب شاهہ ضلعي جا ڪتب خانا

نواب شاهہ ضلعو، وچولي سنڌ جو سرسبز شاداب ۽ آبادي، جي لحاظ کان خوشحال ضلعو آهي. هي شهر هتان جي بااثر شخصيت سيد نواب شاهہ جي نالي سان وجود ۾ آيو. انگريزن جي دور ۾ ۱۹۱۲ع ۾ نواب شاهہ کي ضلعي جي حيثيت ملي ۽ ائين نواب شاهہ ۾ ترقيءَ جو دروازو کليو. جيتوڻيڪ اصل نواب شاهہ اينرو قديم ڪونهي. نواب شاهہ ضلعي بڻجڻ کان اڳ ۾ "ڪنياريون" جي نالي سان ريلوي اسٽيشن هئي، پر پوءِ بہ نواب شاهہ ضلعي جي سرزمين جو ماضي شاندار ۽ منجهس جهجها تاريخي يادگار آهن.

سال ۱۹۵۴ع تائين سنجهورو ۽ شهدادپور تعلقا بہ ضلعي نواب شاهہ ۾ شامل هئا. چند سال اڳ نواب شاهہ ضلعو ساهتي پرڳڻي تائين وسيع هو، جنهن ۾ ڪنڊيارو، نوشهرو فيروز ۽ مورو تعلقا بہ شامل هئا. ساهتي جي حوالي سان ڪوٽڙي ڪبير جو علمي مرڪز، هالاڻي ڀلاڻي، دربيلي جا مخدوم ۽ سندن ديني خدمتون سيد الهندو شاهہ ۽ نوشهرو مدرسو، جتوئي سياستدان، موري جا قاضي ۽ گچيري ۾ مخدوم بلال جي خليفي مخدوم هنگوري جو مقبرو، تاريخي طور هي پراڻا پڊ وڏي اهميت ۽ عظمت جا اهڃاڻ رهيا آهن.

هن وقت ضلعي نواب شاهہ جون حدون گهٽجي، تعلقي نواب شاهہ، سڪرنڊ ۽ دولتپور صفن تائين وڃي محدود رهيون آهن، پر پوءِ بہ موجوده محدود ايراضيءَ ۾ جهجها تاريخي ماڳ مڪان ۽ عظمت جا اهڃاڻ موجود آهن. جيئن چانهوءَ جو دڙو، دليل ڪوٽ، نل مير رڪن، شڪر ڏنڊ، ميان نور محمد ڪلهوڙي جو تاريخي قبرستان، سن ساوڙي، سخي جام ڏاتار، مقبرو جيئو جنگ، مير مناري جي چوڪنڊي، مشهور شاعر حمل فقير جي مزار، درگاهہ ۽ درسگاهہ خياري شريف، درگاهہ قاضي احمد، درگاهہ سيد محمد شاهہ ذاڪري، درگاهہ نظر محمد ناصري، ناز باغ، ڏاهن حڪيمن جا مطب، عالمن اديبن جا ديني مدرسا ۽ ڪتب خانا، درياءَ جي ڪنڌيءَ تي چمچ ساوا ٻيلا ۽ ٻلارن جا ميلا مشهور آهن.

ڪتاب ۽ ڪتب خانا انساني زندگيءَ جو عظيم سرمايو آهن. جن قومن قلم، علم ۽ ڪتاب سان دل لڳائي نينهن نباهيو، اهي ئي قومون سرخرو رهن ٿيون. علم دوست انسان، قلم ۽ ڪتابن جا ڪوڏيا هوندا آهن. نواب شاهہ ضلعي جي سرزمين بہ ڪيئي اهل دل، اهل قلم ۽ ڪتابن جا ڪوڏيا پيدا ڪيا آهن، جن ڪتب خانا قائم ڪري، زنده قومن جو مثال قائم رکيو آهي. سردست، نواب شاهہ ضلعي جي قديم ۽ جديد ڪتب خانن جو تفصيلي تعارف ڏجي ٿو:

## ابوالحسن ڏاهريءَ جو ڪتبخانو

نواب شاهہ ضلعي ۾ سن ساوڙي پراڻو پڊ آهي. ان جو سنڌ جي قديم تاريخ "چچ نامه" ۾ بہ ذڪر آيل آهي. اتان ابوالحسن ڏاهري جهڙو جليل القدر عالم نروار ٿيو. ابوالحسن ڏاهري (۱۱۱٦هہ-۱۱۸۸هہ) ڪلهوڙا دور جو صوفي با صفا، عالم باعمل، مصنف، شاعر ۽ مخدوم محمد شاهہ ٺٽوي ۽ شاهہ ڀٽائيءَ جو همعصر بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس لکيل ڪتاب ينابيع الحياة الابدية، سراج المصلي، ڪچڪول نامه ۽ رفع الفريه والمريه مشهور آهن.

سندس تصنيفات ۾ "ينابيع" تصوف جو شاهڪار ڪتاب آهي. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جي تحقيق موجب، ابوالحسن ڏاهري سنڌي جو لکيل ڪتاب "ينابيع" حضرت امام غزالي جي ڪتابن "ڪيمياءِ سعادت" ۽ "احياء علوم الدين" جي پايي جو ڪتاب آهي.

ابوالحسن ڏاهري وٽ ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هو، ان جي شاهدي مرسندس تصنيفات ۾ آيل سون ڪتابن جا حوالا موجود آهن. جيڪڏهن انهن حوالي طور آيل ڪتابن جي لسٽ ناهجي تہ وڏي علمي خدمت ٿيندي. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ وٽس عربي، فارسي ۽ سنڌي جا گهڻائي ضخيم ڪتاب هئا. اينري قدر جو پنهنجن ڪتابن ۾ همعصر بزرگ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتابن جا حوالا بہ ڏنا اٿس. ان مان ظاهر آهي تہ سندس ڪتب خاني ۾ قديم دور کان وٺي سندس همعصر دور تائين اڪثر مصنفن جا ڪتاب موجود هئا.

سندس وفات کي گهڻو عرصو گذريو آهي، ان ڪري ڪتاب ٽڙي پکڙي ويا. ڪي ڪتاب سن ساوڙي جي قاضين ۽ ڪي ڪتاب سندس پونيرن جي لڏپلاڻ ڪري مديني منوره تائين وڃي پهتا آهن. هن وقت دوڙ جي ويجهو ابوالحسن ڏاهري جو مقبرو موجود آهي. سندس پٽ عبدالرسول بہ مقبري ۾ مدفون آهي ۽ زيارتگاهہ آهي.

سندس ڪتاب ينابيع ۽ سراج المصلي ايڊٽ ڪري احمد اقبال قاسمي ۽ غلام محمد ڏاهري سنڌ يونيورسٽي مان بي. ايچ. ڊي. ڊگري حاصل ڪئي آهي.

## مخدوم غلام محمد بگائيءَ جو ڪتبخانو

هي بزرگ بہ ڪلهوڙا دور جو عالم ۽ حق گو شاعر هو. ان دور جي علمي ذوق مطابق وٽس ڪتب خاني جو هجڻ لازمي امر آهي، پر زماني جي گردش ڪري ڪتب خاني جو نالو نشان بہ نہ رهيو آهي. جڏهن ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾، اتر سنڌ ۾ ڪهڙن جي مخدوم جي شهادت جو واقعو پيش آيو تہ مخدوم بگائي ان واقعي تي سنڌي ۾ دردناڪ شعر ناهيو ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي سامهون پڙهي، حق جو حق ادا ڪيو. اهو شعر تاريخ ۾ اڄ بہ محفوظ آهي ۽ قصيده برده جو سنڌي شرح بہ سندس يادگار آهي. سندس مزار شاهپورجهانيان ضلعي نواب شاهہ ۾ واقع آهي.

## ميان نور محمد ڪلهوڙي جو ڪتبخانو

قدرت جا عجب ڪرشما آهن، فقير مان بادشاهہ بنائي ۽ بادشاهہ ڦري گدا ٿئي!

سنڌ جو حڪمران ميان نور محمد ڪلهوڙو بہ اصل فقير گهراڻي جو فرد هو. فقيري مان بادشاهي نصيب ٿيس. سندس زندگي بہ عجب نموني گذري. پنهنجن جون مخالفتون، نادرشاهہ سان معاڌو، نادري حڪم اڳيان بيوسي، ڏنڊ طور دنيا دولت جو ڪاپاري ڏڪ، اولاد جي يرغمالي ۽ جدائي، ٻيا زماني جا لاها چاڙها ۽ انقلاب ايرانڌ. الله جو شان آهي، ميان ڪٿي ڄائو نپنو، وڏو ٿيو، ڪٿي تختگاهہ ۽ حڪمراني هلايائين. ڪٿي مسافر ٿي ويو. وفات ڪٿي ڪيائين ۽ مٽي جو پنوڙو ڪٿي دفن ٿيو، اهي رنگيءَ جا رنگ آهن.

هن وقت ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو آخري آرامگاهہ، نواب شاهہ ضلعي ۾ دولتپور تعلقي منجهہ، شاهپور جهانيان ويجهو اوبر طرف آهي، ۽ "ميان جا قبا" نالي مشهور آهي. ان ڪري هتي سندس ابدي سڪونت گاهہ جي موجودگيءَ ڪري، نواب شاهہ ضلعي جي حد ۾ قبرستان واقع هجڻ سبب سندس ذڪر مناسب آهي.

ميان نور محمد علم دوست حڪمران هو. وڏو عالم ۽ دورانديش پڻ هو. وٽس بهترين نادرالوجود ڪتب خانو هو، جيڪو ڪانئس نادرشاهہ بادشاهہ لٽي ايران طرف ڪٽي ويو، جنهن جو مذڪور ميان صاحب "منشورالوصيت" ۾ ڏاڍي حسرت ۽ ڏک مان ڪيو آهي. تصنيفات منشورالوصيت ۽ نادرنامه ڏانهنس منسوب آهن. چون ٿا تہ نادر شاهہ جيڪي ميان صاحب جي ڪتب خاني مان ڪتاب لٽي ويو هو، اهي مشهد مقدس جي ڪتب خاني ۾ آهن ۽ ڪيترا ڪتاب ايران جي ٻين ڪتب خانن ۾ پڻ ٻڌجن ٿا. سندس هٿ جو لکيل قرآن مجيد بہ غالباً مشهد ۾ موجود آهي.

## ميان رفيع‌الدين خياروي جو ڪتبخانو

هي لئبرري ڏيڍ سو سال کن اڳ سنہ ١٢٦٤هہ ڌاري ضلعي نواب شاهہ تعلقي سڪرنڊ ڳوٺ ميان شورا ۾ حضرت محمد يوسف عرف "روضي وارو مخدوم" (وفات ١٢٧٧هہ) ديني درسگاهہ سان گڏ قائم ڪئي. چون ٿا تہ

هي خاندان زهد عبادت ۾ مشهور رهيو آهي، ان ڪري "ميان" ۽ "سڳورا" سڏجن ٿا ۽ هاڻي بہ ڳوٺ "خياري شريف" جي نالي سان مشهور آهي.

جيئن تہ هن درگاهہ ۽ درسگاهہ جي مريدن مان عالم گهڻا هئا، ان ڪري اهل علم قلمي ڪتاب لکي ۽ ڪتابت ڪري، عقيدت ۽ محبت خاطر هن ڪتب خاني ۾ تحفي طور ڏيندا هئا ۽ خود بزرگ بہ علم ۽ ڪتابن جو شائق هو، تنهن ڪري هن ڪتب خاني ۾ ڪتابن جو وڏو ذخيرو گڏ ٿي ويو. جيتوڻيڪ اڳئين هلي ڪتب خانو ورهائجي ويو، پر هن ڪتبخاني ۾ عربي ۽ فارسي ۾ تفسير، حديث، فقه ۽ تصوف جا گهڻا ڪتاب هئا.

هن وقت ڳوٺ ميان شورا عرف خياري شريف ۾ ڪتب خاني جو سرپرست حضرت رفيع الدين خياروي سلف صالحين جو يادگار ۽ لائق بزرگ عالم آهي. سندس وڏو فرزند شاهہ ولي الله بہ عالم ۽ علم دوست آهي. هن وقت بہ هن لئبرري ۾ ڪجھ قلمي ڪتابن جو ذخيرو موجود آهي، جن ۾ اڪثريت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي جي ڪتابن جي آهي.

## قاضي احمد جو ڪتبخانو

هن درگاهہ جو باني قاضي احمد ڪوريجو (وفات ١٢٢٣هہ) وڏو بزرگ ۽ خواجہ محمد زمان لواري واري جو مريد هو. پاڻ وڏو فقيہ ۽ قضا جي عهدي تي فائز هو، ان ڪري "قاضي" سڏجڻ لڳو. پهريان دم ۽ پوءِ قاضي احمد ۾ ديني خدمت ۽ رشد و هدايت جو سلسلو جاري ڪيائين. اهڙيءَ ريت سندس وقت ۾ ڪتابن گڏ ٿيڻ جو سلسلو بہ شروع ٿيو. هن وقت درگاهہ قاضي احمد جو گادي نشين پير ميان فيض محمد نقشبندي لائق ۽ علم دوست بزرگ آهي. وٽس وڏن جو ڪتابي ذخيرو محفوظ آهي، جنهن ۾ اڪثريت قلمي ڪتابن جي آهي. خاص ڪري لواري وارن بزرگن جي سلسلي جا ڪتاب ۽ رسالن جي گهڻائي آهي.

## حمل فقير لغاري جو ڪتبخانو

حمل فقير لغاري (وفات ١٢٩٦هہ) علمي لياقت وارو ۽ پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو. پاڻ بنيادي طور تعليم سان چاهہ رکندڙ، استاد ۽ مڪتب ۾ پارسي پاڙهيندو هو. ان مان ظاهر آهي تہ حمل فقير وٽ پارسي ادب ۽ نصاب جا ابتدا کان وٺي رومي جي مثنوي ۽ ديوان حافظ تائين سڀ ڪتاب موجود هئا ۽ وٽس پارسي ادب جي سٺي لئبرري موجود هئي. حمل فقير جو سنڌ جي علمي خاندانن مير علي مراد خان ٽالپر، پير صاحب پاڳارا، لڪي جي سيدن ۽ لواري وارن بزرگن سان گهاٽو واسطو هو.

اڳتي هلي سندس پونيرن ۾ اهو علمي چاهہ نہ رهيو ۽ هن علمي چاهہ رکندڙ، فارسي جي استاد ۽ وڏي شاعر جو پارسي ادب ۽ ڪتابن جو ذخيرو ضايع ٿي ويو. فقط حمل فقير جا لکيل بہ ڪتاب "هزار مسئلا" ۽ "بياض" يادگار رهجي ويا آهن. بياض ۾ بہ حمل فقير رومي، عطار، سڪندر، پٺاڻي، حسين ديدڙ، عثمان فقير سانگي ۽ ٻين شاعرن جا شعر ۽ طب جا نسخا پنهنجي لاءِ يادگار لکيا آهن. سندس شاعري جو مجموعو "ڪليات حمل" ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو آهي.

حمل فقير ڳوٺ محمود لغاري تعلقہ سڪرنڊ ۾ جنهن جاءِ ۽ وڻ هيٺان مڪتب هلائيندو هو، اني هاڻي يادگار طور قوم جي گهڻگهري سيد امداد محمد شاهہ سنائي (سابق ايم. پي. اي) اسڪول کولرايو آهي ۽ هر سال حمل فقير جي علمي ڏيئي کي گهڙيون روشن رکندو آهي.

## مولوي عبدالله يمشي لئبرري

. هي قديمي لئبرري قاضي احمد جي ويجهو ڳوٺ الله بخش ڪبر ۾ قائم آهي. هن ڪتب خاني جو باني مولوي عبدالله "يمشي" ڪبر (وفات ٣ صفر ١٣٦٣هہ) وڏو عالم، خوشنويس ۽ اهل الله هو ۽ بزرگ ملڪاڻي ضلع دادو واري جو مخلص مريد هو. سلوڪ ۾ گهڻو هلڻ ڪري، مرشد طرفان ڪيس لقب بہ "يمشي الي الله" مليل هو. مولوي يمشي

علامه دائود پوٽي جو همدرس هو. ڊاڪٽر دائود پوٽي مولوي يمشي جو احوال پنهنجي "آئنر ڪهاڻي" ۾ به لکيو آهي. هي ڪتب خانو مولوي يمشي "مدرسه اسلاميه" سان گڏ هن ئي ڳوٺ ۾ قائم ڪيو. هن وقت ڪتب خاني ۾ به هزار کن ڪتاب آهن، جن ۾ عربي، فارسي ۽ پراڻن سنڌي ڇاپي ڪتابن جي گهڻائي آهي. هن ڪتب خاني ۾ ٿيهارو کن قلمي نسخا به آهن. انهن ۾ خود مولوي يمشي جا لکيل ڪتاب "مراقبات النقشبنديه" ۽ "فتاويٰ يمشي" قلمي صورت ۾ موجود آهن.

جيتوڻيڪ هن وقت مدرسي جي اڳوڻي رونق نه رهي آهي، پر هينئر مدرسي جو خدمتگار ۽ ڪتب خاني جو سنڀاليندڙ مولوي يمشي جو پوٽو مولوي حبيب الله ڪبر لائق فائق ۽ صوفي سالڪ آهي. سنڌ جي اڪثر سني درگاهن سان سندس سنو واسطو آهي ۽ پنهنجي ڏاڏي جي علمي شمع کي روشن رکيو اچي. هن ڪتب خاني ۾ هينان قلمي ڪتاب محفوظ آهن: سنڌيون شهيد گرهوڙي جون، فتاويٰ احمدي، شجره مبارڪ، ٿيهه اکري، درالمختار، جامع الصغير، جامع معرفة الحديث، تبصرة الجنان، حاشيه اشباه، تنوير الازهان، مختارالفتاويٰ، شرح ڪافيه، ذريعة الامتحان، ضوء العباح، شمائل ترمذي، شنوف الجوهر في سيرت الحبيب الاطهر، وافيه، فوائد الملهمه، الاشباه والنظائر، الحق التعليلات، صرف بهائي، لباب الاخبار، انتخاب نفحات ۽ بياض تصوف. انهن کان سواءِ ڏهه سنڌي، عربي ۽ فارسي مختلف قلمي بياض.

## ذاڪري لئبرري

درگاهه ذاڪري نمبر ١ جو باني حضرت سيد محمد شاهه جيلاني ذاڪري "روضي ڌڻي" (وفات ٢٩ جمادي الاول ١٣٥٥هه) وڏو ڪامل صوفي ۽ اهل طريقت بزرگ هو. سندن خاندان ڪشمير مان سنڌ ۾ آيو. سندن والد بزرگوار جي مزار ۽ درگاهه تلهار جي ويجهو لاڙ ۾ آهي. سيد محمد شاهه ذاڪري لاڙ مان هلي، فقير جي ڪوهي، ڪمنديا ۽ آخر ۾ سڪرنڊ لڳ اتر طرف درگاهه ذاڪري جو بنياد رکي، روحاني تعليم ۽ ذڪر اذڪار جو سلسلو شروع ڪيو. سندن نيڪ ۽ پرتاثير صحبت جي ڪري ڪيترا بيدين ديندار ۽ چور پرهيزگار ٿيا ۽ ذڪر سان لؤن لائي سنت نبوي جا تابعدار بنيا. سندن سلسلو قادري هو ۽ درگاهه تي هر وقت بلند آواز سان توحيدي نار، "لااله الاالله" جي ذڪر جي تنوار جاري هوندي هئي: ان ڪري درگاهه ۽ سيد محمد شاهه جيلاني پاڻ به ذڪر ڪندڙ يا "ذاڪري" جي نالي سان مشهور ٿي ويا. هن درگاهه جا خاص اصول مريدن جي اصلاح واسطي هي رهيا آهن: سنت مطابق ڏاڙهي رکڻ، پٽڪو ٻڌڻ، هر وقت "لااله الاالله" جو ذڪر ڪرڻ، هر ڪم ۾ شريعت پاڪ جي پابندي ڪرڻ ۽ دهل دمامن ۽ هر نشي واري شيءِ کان پرهيز ڪرڻ.

جيئن ته درگاهه جو سلسلهءِطريقت قادري هو، ان ڪري هن ڪتب خاني ۾ تصوف جي ڪتابن جو عمدو ذخيرو گڏ ٿي ويو. سيد محمد شاهه عرف روضي ڌڻي جي وفات کان پوءِ سندن موجوده گادي نشين، لائق فائق ۽ صالح فرزند، عاشق رسول، مرشد، سيد احمد شاهه ذاڪري "سهڻي سائين" هن ڪتب خاني کي ديني ادب ۾ وڏيڪ مالا مال ڪيو آهي. ان سان گڏ سهڻي سائينءَ جي نوجوان فرزندن منير حسين شاهه "سرمد" ۽ محمد حنيف شاهه به هن لئبرريءَ کي تمام گهڻو وڌايو ۽ جديد سياسي ۽ سنڌي ادب جو تمام گهڻو سرمايو گڏ ڪيو آهي.

## مولوي محمد هاشم انصاري لئبرري

مولوي صاحب دادو طرف جو باشندو هو، پر سندس زندگيءَ جو اڪثر وقت نواب شاهه شهر ۾ گذريو. هو وڏو عالم، حافظ، اهل دل، عاشق رسول، شاعر ۽ وڏو مفتي هو. سالن جا سال نواب شاهه جي جامع مسجد جو پيش امام ۽ خطيب ٿي رهيو. وٽس عربي ۽ فارسي ادب جا ڳچ ڪتاب هئا. سندس وفات ١٤ جولاءِ ١٩٦٢ع تي نواب شاهه ۾ ٿي. جامع مسجد جي پر ۾ ڏکڻ طرف مٿيءَ جو پنوڙو جڙيس. غالباً وفات کان پوءِ سندس ڪتاب هٿ مٿي ٿي ويا.

## شاهنواز پيرزادو لئبرري

دراصل شاهنواز پيرزادو ڪنڊياري ۾ جائو نپنو. اڳتي هلي، ڦري گهري نواب شاهه شهر ۾ اچي رهيو. هو تعليمي ماهر، صحافي، سياستدان، وڪيل ۽ اديب هو. بهرحال عجيب طبيعت جو ماڻهو هو. مختلف موضوعن تي سندس چاليهارو کن ڪتاب لکيل ۽ ڇپيل آهن. وٽس ڪتابن جو چڱو ذخيرو هو. ٢٨ فيبروري ١٩٧٤ع تي وفات ڪيائين. لاولديت ۽ سار سنڀال نه هئڻ ڪري، سندس علمي ادبي ذخيرو منتشر ٿي ويو ٿو ڏسجي.

## مولوي عبدالله ڪڍهري لئبرري

مولوي عبدالله جو ڏاڏو مولوي عبدالغني ڪيريو ڪڍهري وڏو عالم ۽ فقيه ٿي گذريو آهي. خود مولوي عبدالله ڪڍهري به سٺو مدرس ۽ فقيه هو. وٽس ڪتابن جو عمدو ذخيرو هو. پاڻ مدرسه دارالرشاد پير جهنڊي ۽ پينڊي واري مدرسي (ضلعي حيدرآباد) ۾ عربي ۽ فارسي جو درس ڏيندو رهيو هو. مولوي عبدالله قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو ۽ بخاري شريف جو ترجمو به ڪيو آهي ۽ پاڻ وڏو مفتي به هو. سندس وفات ١٠ شعبان ١٣٨٤هه مطابق ١٥ ڊسمبر ١٩٦٤ع نواب شاهه ۾ ٿي. سندس پونيرن ۾ اها علمي جوت نه رهي ۽ ڪتابن جي به ڪا خبر ڪانهي.

## مولوي حڪيم معاذ لئبرري

مولوي محمد معاذ سنه ١٨٩٦ع ڌاري سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ قطال شاهه ۾ جائو. اڳتي هلي عالم ۽ حڪيم بڻيو. مولوي صاحب، مولانا عبيدالله سنڌي جي فڪر سان وابسته ۽ قومي ڪارڪن هو، تنهن ڪري وٽس لئبرري ۾ عبيدالله سنڌي جي فڪر، ڪانگريس، خلافت تحريڪ ۽ طب جي ڪتابن جي گهڻائي هئي. مولوي محمد معاذ نواب شاهه شهر ۾ "معاذ دواخانو" کولي رهڻ لڳو هو. سندس وفات ١٩٦٩ع کان پوءِ ڪتب خاني جي خبر ناهي، البت دواخانو هلندڙ آهي. هينئر هن دواخاني جي سندس ٺي نالي ٺاهيل "معاذ ٽاڊل" سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. سندس پٽ حڪيم محمد منير وڏي پيماني تي دواخانو هلائي رهيو آهي.

## ميان معين الدين خياروي لئبرري

ميان معين الدين خياري وارن بزرگن مان وڏو حڪيم ۽ عربي ۽ فارسي جو عالم هو. پاڻ ١٩٢٥ع ڌاري لئبرري قائم ڪيائين. وٽس هزارن جي تعداد ۾ قلمي نسخا، ڇاپي ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون موجود هيون؛ خاص ڪري طب تي گهڻو مواد هو. پاڻ ڪتابن کي ساهه سان سانديندو هو. گهڻو ڪري ڪتاب ڪنهن کي نه ڏيکاريندو هو. سندس پونير انگريزي خوانده آهن. قدرت جا رنگ به نرالا آهن، ٻڌجي ٿو ته سندس وفات (٢٠ فيبروي ١٩٧٠ع) کان پوءِ ڪتاب، پڳڙن جي لپ تي ڏئي ڇڏيا اٿن.

## ميان غلام رسول خياروي لئبرري

هي پلارو به خياري وارن بزرگن جي پونيرن مان هو. سندس زندگيءَ جو پهريون دور غالباً وڏن جي درگاهه خياري شريف ۾ گذريو، البت حياتي جو پويون ڳچ عرصو ڳوٺ منا خان جوکيو تعلقي دولتپور ۾ گذاريائين. پاڻ نهايت پرهيزگار هو. ڪيس ديني تعليم سان گڏ مطالعي جي ونڊر به هئي. وٽس خانداني قلمي ڪتاب ۽ ديني مواد جو چڱو ذخيرو هو. ميان صاحب ويجهڙ ۾ وفات ڪري ويو آهي. بزرگ جا ڪتاب سندس شاگرد مولوي محمد احسان جوکئي وٽ محفوظ آهن. مون پاڻ به ميان صاحب جي زيارت ڪئي. جلالي طبيعت ۽ نهايت خوددار هو. سندس ڪتب خاني جا به ناياب قلمي ڪتاب، بياض هاشمي ۽ بياض عبدالعليم سيوهاڻي راقم فوٽو اسٽيٽ ڪرائي، پنهنجي ڪتب خاني ۾ محفوظ رکيا آهن.

## مولوي علي محمد جمالي لئبرري

مولوي صاحب هالا طرف جمالين جي ڳوٺ جو رهاڪو هو، پر ڊي. سي. هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ ورهين جا ورهيه عربي استاد ٿي رهيو. هو ڪتابن ۽ مطالعي جو وڏو شوقين هو. عربي ۽ فارسي ادب جو عمدو ذخيرو گڏ ڪير

هنائين. چون ٿا تہ سندس کو شاگرد پوليس جو وڏو آفيسر ڪوئيٽا بلوچستان ۾ رهندو هو. مولوي صاحب هر سال سندس دعوت تي اونهاري جي موسم ۾ ڪوئيٽا ويندو هو. پوليس آفيسر کيس سوکڙين پاڪڙين لاءِ چوندو هو. مگر مولوي صاحب کيس ڪتابن جا نالا لکي ڏيندو هو. پوليس آفيسر اهي ڪتاب خوشيءَ مان وٺي سوکڙي طور پيش ڪندو هو. ائين مولوي صاحب بين سوکڙين بجاءِ ڪتابن جي پروڙي بڌي اچي نواب شاهہ پهچندو هو. سندس وفات ٧ جون ١٩٨١ع کان پوءِ ڪتب خانو پونيرن وٽ رهيو. مشهور آهي تہ ميان عبدالرحمان منگيو سڪرنڊ ايجنسي وارو جيپ ٽيڪسي ڪري ڪتب خانو ڏسڻ ويو. پونيرن ڪتاب وڪڻڻ جي ڳالهہ ڪئي. منگيو صاحب ان وقت جي قيمت موجب ٣٥- ٤٠ هزارن جي جيپ ٽيڪسي، ڪتابن جي عيوض ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو، پر ڏٺي لڪ بہ بڌيو وينا هئا. هينئر خبر ناهي تہ ڪتب خاني جو ڇا ٿيو.

## دارالرشاد لئبرري

هي لئبرري مولوي دوست محمد لڪمير، مولانا عبيدالله سنڌي جي مشوري سان ڳوٺ ڪيڙ لڪمير لڳ نواب شاهہ ۾ مدرسه دارالرشاد نالي سان گڏ قائم ڪئي. هن لئبريءَ ۾ قلمي ڪتابن جو چڱو ذخيرو آهي. مولوي صاحب جي وفات ١٩٣٦ع کان پوءِ سندس پٽ مولوي ابوالحسن لڪمير مدرسي ۽ لئبريءَ کي سنڀاليو. هن وقت بہ مدرسو ۽ ڪتب خانو هلندڙ آهي، پر اڳوڻي علمي روشني نہ رهي آهي. فرائض‌الاسلام جو فارسي واحد ترجمو بہ هتي موجود آهي.

## مولوي غلام حسين جمالي لئبرري

مولوي صاحب صابو راهو ۽ سڪرنڊ جي ويجهو ڳوٺ عثمان جمالي جو رهاڪو هو. پاڻ فقه ۽ فتاويٰ جو ماهر ۽ سادگي پسند انسان هو. آڳاٽي دور جي عالمن جو نمونو هو. وٽس ڪتابن جو سٺو ذخيرو هو. مولوي صاحب پوئين دور ۾ سڪرنڊ جي جامع نور مسجد ۾ پيش امام ٿي رهيو. مون کيس جڏهن بہ ڏٺو تہ پيرسنيءَ جي باوجود سندس هٿ ۾ ڪتاب ۽ مطالعي ۾ مشغول هوندو هو. سندس وفات (١٥ فيبروري ١٩٧٨ع) بعد سندس لائق فرزند مولوي محمد خان جمالي (عربي استاد) وڏن جي ورثي کي سنڀاليو وينو آهي.

## مولوي عبدالعزيز چانڊيو لئبرري

هيءُ ڪتب خانو مولوي صاحب اڌ صدي اڳ ڳوٺ دينو شاهہ لڳ قائم ڪيو. هن ڪتب خاني ۾ عربيءَ فارسي ڪتابن سان گڏ پراڻا سنڌي ڇاپي ڪتاب ۽ طب جي ڪتابن جو بہ ججهو تعداد آهي. مولوي صاحب جي وفات کان پوءِ سندس نوجوان فرزند مولوي سراج احمد چانڊيو ان لئبريءَ کي سنڀالي رهيو آهي. هتي ڪجهہ قلمي بياض بہ آهن. مولوي صاحب پاڻ ۽ سندس فرزند سڪرنڊ جي جامع نور مسجد ۾ پيش امام بہ ٿي رهيا آهن. مولوي عبدالعزيز جي وفات تاريخ ١ فيبروري ١٩٧٨ع ڳوٺ دينو شاهہ لڳ ٿي.

## ڪامريڊ محمد لاکو لئبرري

سڪرنڊ جي هي پراڻي لئبرري آهي. ڪامريڊ محمد لاکو مولوي عبيدالله سنڌي جو صحبت يافتہ هو. ان ڪري هن لئبريءَ ۾ مولانا سنڌي جي فڪر، انقلاب ۽ خلافت تحريڪ بابت گهڻو مواد هو. پر ڪامريڊ محمد جي فرزند محمد سليمان لاکي ٻڌايو تہ پوئين دور ۾ سندس والد عربي ۽ فارسي ڪتابن جون بوريون ڀري مولوي عبدالقادر لغاري کي ڏئي ڇڏيون. باقي سياسي ۽ انقلابي ڪتاب وري جنرل محمد ايوب خان جي مارشل لا جي ڪري خطري ۽ احتياط طور پاڻ ساڙي ڇڏيائين. هينئر هن لئبريءَ ۾ ڪتاب ۽ پراڻا رسالا پنج سو کن مس آهن. سندن اصل ڳوٺ ٻانو آهي. محمد سليمان لاکو بہ تازو وفات ڪري ويو آهي.

## مولوي ثناءالله "بدر" جمالي لئبرري

مولوي صاحب نواب شاهہ هوائي اڏي جي پر ۾ رهندو هو. پراڻي نموني جو عالم ۽ سادي طبيعت وارو صوفي

مزاج ماٺو هو. ديني تعليم مولوي عبدالله يمشي ڪپرن واري بزرگ وٽ پڙهيو. علم دوست ۽ ڪتابن جو ڏاڍو عاشق هو. وٽس غربت آهر چڱا ڪتاب هئا. جيڪي سندس وفات (٢٤ جنوري ١٩٨٣ع) کان پوءِ سندس وصيت موجب، نواب شاهه جي مشهور شاعر، عالم ۽ سندس دوست الحاج رحيم بخش قمر کي مليا. پاڻ سنو ڪاتب بہ هو. سندس هٿ جا لکيل هينيان ڪتاب راقم جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهن: فتاويٰ احمدي سنڌي، شرح قصيده برده سنڌي، ارشاد الساري، بياض سلوڪي، بياض حديثي، بياض قرآني، بياض حنفي، بياض فقه صغير، استاد فارسي، صلواة العيدين ۽ صوم رمضان قلمي.

## الحاج رحيم بخش "قمر" لئبرري

حضرت قمر لاڪو ١٩٣٣ع ۾ ڳوٺ عمر راهو لڳ دولتپور ضلعي نواب شاهه ۾ ڄائو. سندس ننڍپڻ شڪارپور ۽ بلوچستان طرف گذريو. پويون وقت نواب شاهه جي آسپاس ۽ نواب شاهه شهر ۾ بسر ٿيو. پاڻ هڪ ئي وقت عالم، شاعر، مصنف، مبلغ، سگهڙ ۽ خطيب پڻ هو. جيتوڻيڪ هڪ شخص ۾ تقرير ۽ تحرير جون ٻئي خوبيون قسمت سان ملن ٿيون. حضرت قمر صاحب بهترين مقرر ۽ نثر و نظم ۾ چاليهن ڪتابن جو مصنف پڻ آهي: جيڪا تمام وڏي علمي خدمت آهي. قمر صاحب بنيادي طور وڏو شاعر هو، ان ڪري سندس ڪتب خاني ۾ ديني ادب سان گڏ ديوان، ڪليات ۽ شعر و شاعري تي ججهو مواد موجود هو. قمر صاحب جي لئبرريءَ ۾ چند قلمي نسخا بہ هئا، جيڪي ڪبس دوست بدر جمالي جي ڪتب خاني مان مليا هئا. آخري وقت ۾ مهراڻ يونيورسٽي نواب شاهه جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ خطيب ٿي رهيو هو. قمر صاحب ويجهڙ ۾ ٢٦ نومبر ١٩٩٣ع تي نواب شاهه ۾ وفات ڪئي آهي. هن وقت سندس ڪتب خانو راقم جي تحويل ۾ آهي. حضرت قمر صاحب مشاعرن جو مور، خطابت ۾ شهزور، يار وفادار، همه گير ۽ هردلعزيز شخصيت هو. سندس تصنيفات تي ادبي ۽ صدارتي ايوارڊ بہ مليل آهن.

"خدا رحمت ڪند اين عاشقان پاڪ طينت را"

## قاضي فيض محمد لئبرري

قاضي صاحب (وفات ١٣ آڪٽوبر ١٩٨٢ع) اصل ۾ هالائي جو وڪيل هو، پر وڪالت جي ڪري سڄي زندگي نواب شاهه ۾ گذاريائين. هو اديب، قومي خدمتگار ۽ قانوندان هو. موسيقي ۽ علمي شوق جي ڪري وٽس وڏي لئبرري هئي. سندس لئبرري ڪي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ ۾ وڪالت جي ڪري قاعدي قانون جا ڪتاب ۽ ٻئي حصي ۾ قومي تحريڪن سان وابستہ رهڻ ڪري انقلابي ادب جيئن خلافت تحريڪ، ڪانگريس، خاڪسار تحريڪ، مسلم ليگ، هاري تحريڪ ۽ عوامي ليگ بابت ججهو مواد موجود هو.

## ايچ - ايم. خواجہ لئبرري

تعليمي ماهر خواجہ صاحب اصل ۾ حيدرآباد طرف جو آهي. سالن جا سال ڊي. سي. هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ هيڊماستر ٿي رهيو. سڄي عمر شادي ڪانہ ڪيائين. قوم جي ٻارن جي تعليم و تربيت ۾ زندگي وقف ڪري ڇڏي اٿس. هاڻي حيدرآباد ۾ رهي ٿو. تعليم سان چاهه ڪري وٽس ڪتابن جو چڱو تعداد آهي. ڪي ڪورس جا ڪتاب ترجمو بہ ڪيائين. هاڻي ڊي. سي. اسڪول نواب شاهه سندس نالي مبارڪ منسوب ڪيل آهي.

## ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي لئبرري

خانائي صاحب خانواهڻ تعلقي ڪنڊياري جو آهي.، پر گهڻي عرصي کان سروس سانگي نواب شاهه شهر ۾ سڪونت پذير آهي. سندس خاندان علم ادب جي زيور سان سينگاريل ۽ خانداني حڪيم بہ رهيو آهي. هن خاندان جا سنڌ جي مشهور علمي بزرگن ڊاڪٽر دائود پوٽي، سکر جي موسوي خاندان، نصرپور جي بزرگن، راشدي برادران، مولائي شيدائي، ڊاڪٽر بلوچ ۽ مولانا ڪرامي سان گهاٽا علمي تعلقات رهيا آهن. خانائي صاحب گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه ۾ سنڌي جو پروفيسر رهيو آهي. "ساهتي جا قديم علمي مرڪز" عنوان تي مقالو لکي پي. ايڇ. ڊي

ڪني اٿس. خاناڻي صاحب بهترين مقاله نگار ۽ چند ڪتابن جو مصنف به آهي. جيئن ته نواب شاهه ضلعو شهر ۽ شخصيتون، تاريخ وار مبارڪ، تاريخ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، بکر جا نواب، تاريخ گچيرو، آثار قديم نواب شاهه ۽ مقالات خاناڻي.

جيئن ته خاناڻي صاحب جو ڏاڏو به اهل علم ۽ حڪيم هو. سندن والد بزرگوار محمد يعقوب "صابر" به عالم، حڪيم، شاعر ۽ استاد هو، ان ڪري خاناڻي صاحب جو ڪتب خانو خانداني طور ديني، تاريخي ۽ حڪمت جي مواد سان ڀرپور آهي. برصغير جي اڪثر ادارن جا ناياب فارسي، اردو، سنڌي ۽ انگريزي ڪتاب هن لئبرري ۾ موجود آهن ۽ چند قلمي ڪتاب به محفوظ آهن.

موجوده دور ۾ ڊاڪٽر خاناڻي صاحب مقاله نويسي ۾ وڏو محقق مڃيو وڃي ٿو. سندس هر هڪ مقالو پنهنجي جاءِ تي هڪ ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو. جيئنوٽيڪ ڊاڪٽر خاناڻي ڪاليج مان رٽائر ڪيو آهي، پر سندس قلم جوانن جهڙو جوان ۽ علمي روح رهاڻ جاري رکيو اچي. سندس تحقيقي مقالن جو تعداد ٻن سون جي لڳ ڀڳ آهي. سندس مقالا سنڌ جي سڀني مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

## ساهتي لائبرري

ڪنڊيارو، نوشهرو ۽ مورو- ساهتي پرڳڻي جا مشهور شهر آهن. اهي ٽيئي تعلقا اڳ ۾ نواب شاهه ضلعي ۾ شامل هئا، پر ويجهڙ ۾ اهي تعلقا چئي، نوشهرو فيروز ضلعو ناهيو ويو آهي. سنڌ ۾ ساهتي علائقو علم ادب جو مرڪز رهيو آهي. گهڻائي اهل علم ۽ بزرگ پنهنجو وارو وڄائي ويا. هي لئبرري به ساهتي پرڳڻي جي نالي ۽ ياد ۾ ناروشاهه شهر ۾ قائم ڪيل هئي، مگر هن وقت هيءَ لئبرري مهراڻ ڪالوني نواب شاهه شهر ۾، به ماڙ تي سينگاريل آهي. هن لئبرريءَ جو روح روان نوجوان اهل علم بشير احمد هيسباڻي آهي. سندن والد احمد خان هيسباڻي به سالن جا سال ڊي. سي. هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ هيڊ ماستر، ايس. ڊي. اي. او مورو ۽ ڊي. اي. او نواب شاهه جي حيثيت ۾ تعليمي خدمتون سر انجام ڏيندو رهيو آهي.

سندس لائق فرزند بشير احمد هيسباڻي پيشي جي لحاظ سان ته بئنڪ آفيسر آهي، پر ڪتابن سان سندس ازلي ناتو ۽ دل، لئبرريءَ جي عشق سان ٽمٽار آهي. سندس عاليشان ۽ عظيم ساهتي لئبرري ۾ گهڻو ڪري پراڻي زماني کان وٺي موجوده دور تائين، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل سڀ جا سڀ ڪتاب موجود آهن. عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جو به ذخيرو دستياب آهي. ان کان علاوه فارسي ۽ سنڌي ناياب ڪتابن جا فوٽو اسٽيٽ نسخا به خوبصورت جلدن ۾ محفوظ آهن. ان ڏس ۾ هزارين روپيا پاڻي وانگر وهائي خرچ ڪري رهيو آهي. سنڌي ڪتابن جي حوالي سان نواب شاهه ۽ سنڌ ۾ هي منفرد لئبرري آهي. ڪوبه سنڌي ڪتاب ٻئي ڪٿي نه ملي، پر ساهتي لئبرري مان ضرور ملي ويندو. هتي سنڌي ڪتابن جي حوالي سان ايڏو ذخيرو موجود آهي جو ان کي ساهتي سان گڏ "خاص سنڌي ڪتابن جي لئبرري" چئجي ته بجا آهي.

ان کان علاوه ساهتي لئبرريءَ جي ٻي خوبي هي آهي ته هتي اڪثر رسالن جهڙوڪ: اخبار تعليم، ڳوٺ سڌار، مهراڻ، نئين زندگي، الرحيم، الولي، شريعت، سنڌ ۽ پيغام رسالن جا مڪمل سيٽ موجود آهن. هن لئبرريءَ مان ڪيترا علم دوست پي. ايچ. ڊي جي تحقيقي سلسلي ۾ فائدو پڻ حاصل ڪري رهيا آهن. هن لئبرريءَ ۾ ڪتابن ۽ رسالن جو تعداد ڏهن هزارن کان به وڌيڪ آهي. نواب شاهه ضلعي ۾ وڏي ۾ وڏي ۽ بهترين لئبرري آهي.

## منظور قريشي لئبرري

پاڻ تعليم جي مقدس پيشي سان وابسته ۽ نواب شاهه ۾ رهي ٿو. منظور جهونو استاد، شاعر، اديب ۽ ڪتابن جو ڪوڏيو آهي. وٽس چوند ادبي ڪتابن جو سٺو سرمايو آهي.

آهن ۽ مٿي ٻہ ماڙ جڳهہ تي محفوظ آهن. مولوي صاحب جو ڪتابن سان عشق جو اهو عالم آهي، جو ڪتابن جي صفائي ۽ حفاظت خاطر پنهنجي لئبرري ۾ ايئرڪنڊيشنر لڳرايو اٿس. نواب شاهہ ضلعي ۾ هي هڪ ٻهراڙي جي ڳوٺ مقيم ڏاهري نزد شاهپور جهانيان ۾ قائم ڪيل واحد لئبرري آهي، جيڪا ايئرڪنڊيشنڊ بہ آهي.

## حڪيم غلام رسول لاڪو لئبرري

اڳوڻي دور ڪان وٺي سنڌ ۾ گذر معاش ۽ حلال رزق خاطر، اڪثر عالم سڳورا پوکي راهي ۽ خاص ڪري حڪمت ۽ طبابت ڪندا رهيا آهن. حڪيم صاحب شاهپور جهانيان ۽ دولتپور جي آسپاس لاڪن بزرگن جي علمي خاندان جو چشم و چراغ آهي. پنهنجن وڏڙن جو علمي ورثو شاهپورجهانيان شهر ۾ ساهہ سان سانديو ٿو اچي. پاڻ بہ عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ انگريزي جو ڄاڻو، مهراڻ طبيہ ڪاليج مورو جو باني ۽ حاذق حڪيم پڻ آهي. سندس ڪتب خانو تمام سهڻو ۽ سبنڌڙو آهي. منجهس اڪثريت حڪمت جي ڪتابن جي آهي، پر ان سان گڏ ديني ادب جو بہ وافر مواد موجود آهي. سندس گهر هڪ ئي وقت ڪتب خانو، مڪتب، اوطاق ۽ مطب جو سنگم آهي. انهن خوبين جي ڪري سيڪو پيار مان ڪيس "حڪيم الامت" ڪري سڏيندو آهي.

## غلام محمد لاڪو لئبرري

تاريخ ۾ لاڪو ڦلاڻي، لاڪو پير ۽ سخي سعيد خان لاڪو امر آهن. ويندي مير حسن لاڪي تائين لاڪا برادري جو مذڪور موجود آهي. گهڻي عرصي کان ضلعي نواب شاهہ، دولتپور، شاهپور جهانيان ۽ ڪڇي جي پر ۾ لاڪا قوم جا معمير ۽ پلارا ماڻهو آباد آهن ۽ علم ۽ دين سان بہ سندن گهرو واسطو پئي رهيو آهي. پروفيسر غلام محمد لاڪو بہ انهيءَ ديني خاندان جو روشن ستارو آهي، جيتوڻيڪ هينئر اها اڳوڻي جوت نہ رهي آهي ۽ جديد روشنيءَ جو جتي ڪٿي واسو آهي. غلام محمد بہ جديد علم انگريزي ۽ مسلم هسٽري ۾ ايم. اي. پاس آهي ۽ هينئر ڪلهوڙا دور تي پي. ايڇ. ڊي. ڪري رهيو آهي. سنڌيونيورسٽيءَ جهڙي اهم تعليمي اداري ۾ تاريخ جو استاد آهي.

علم ۽ ڪتابن سان شوق کيس ورثي ۾ مليل ٿو ڀانئجي. پاڻ رڳو مطالعي ۽ ڪتب خاني ٺاهڻ تي اڪتفا نہ ڪئي اٿس، پر وڏو محقق، مصنف ۽ مؤرخ بہ آهي. سنڌ جي تاريخ ۽ ادب تي بہ ڏهاڪو کن ڪتاب ڇپيل اٿس. ان کان سواءِ نامور رسالن ۽ اخبارن ۾ بہ سندس سو کن تحقيقي مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا آهن. کيس سنڌي، فارسي، انگريزي ۽ اردو ٻولين تي دسترس حاصل آهي. سندس لئبرري ۾ سنڌ جي تاريخ تي موجود ڪتابن ۽ رسالن جو تعداد پنج هزار کن آهي.

سندس علمي شوق ايتري قدر آهي جو برٽش ميوزم لنڊن مان بہ سنڌ جي عالمن جا ڪي ناياب قلمي نسخا پنهنجي لئبريءَ لاءِ فوٽو اسٽيٽ ڪري گهرايا اٿس. اهو سچ آهي تہ رڳو سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان ڪنهن لئبرري ۾ ايترو يڪجا مواد موجود هجڻ تمام وڏي ڳالهہ آهي. هن لئبرريءَ ۾ ڪتاب سهڻي سليقي سان سينگاريل آهن. هي لئبرري ضلعي نواب شاهہ ۾ ڳوٺ منا خان جوکيو، نزد دولتپور صفن ۾ واقع آهي.

## گرامي لئبرري

ڏهاڪو سال اڳ دولتپور شهر ۾ ڪن علم دوستن غلام محمد لاڪو، غلام علي باگاڻي، غلام محمد لانگاهہ، مولا بخش برڙو، چڱل انڙ، غلام مصطفيٰ ملاح، رجب علي لانگاهہ ۽ چند ٻين نوجوانن گڏجي، سنڌ جي نامور عالم ۽ دانشور، خطيب ۽ اهل قلم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي "مهراڻ" جي ايڊيٽر غلام محمد گرامي جي ياد ۾ هڪ لئبرري قائم ڪئي آهي، جنهن ۾ جديد سنڌي ۽ سياسي ادب جا ڳچ ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. جن مان دولتپور جا نوجوان اديب ۽ شاگرد سٺو فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. تازو هن لئبرريءَ جي پنهنجي جاءِ بہ نهرائي وني آهي.

## مولوي جلال الدين جمالي لئبرري

مولوي صاحب وڏي جمار وارو بزرگ، پراڻي وضع قطع جو عالم ۽ ڪتابن جو ڪوڏيو آهي. وٽس گهڻائي عربي

## مولوي محمد اسماعيل ٻگهيو لئبرري

مولوي صاحب اصل ۾ مفتي محمد دائود پاٿوٽي جي خاندان مان ۽ حضرت مولوي نالي مني جو ڳوٺاڻي موري طرف جو آهي. گهڻن سالن کان مدرسه غوثيه نالي نواب ساهه ۾ ديني ادارو قائم ڪيو اٿس. وٽس ننڍڙي پر سينگاريل لئبرري آهي جنتي درسي ۽ ديني ڪتاب موجود آهن. مولوي صاحب عربي استاد به آهي. هن وقت عليل آهي. الله تعاليٰ کيس صحت سلامت ڏئي.

## ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو لئبرري

ڊاڪٽر گهانگهرو ڪجهه سالن کان نواب شاهه ۾ ملازمت سانگي مڪين آهي. پهريائين گورنمينٽ ڪاليج ۾ خدمتون بجا آندائين ۽ هينئر مهراڻ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اسلاميات جو سربراهه آهي. "سنڌي ۾ قرآن مجيد جا ترجما ۽ تفسير" عنوان تي مقالو لکي پي. ايڇ. ڊي. ڪئي اٿس. ڊاڪٽر گهانگهرو سنو ليکڪ، سنجيده محقق ۽ ڪتابن جو شائق آهي. وٽس ديني ادب خاص ڪري علوم القرآن بابت ڪجهه ڪتاب آهن. سندس اصل ڳوٺ جام نورالله تعلقي کنڊياري ۾ آهي. پاڻ نواب شاهه جي اهل علم ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي جو صحبت يافته آهي. قرآن اڪيڊمي قائم ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن جي خدمت ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو.

## ناز لئبرري

هي لئبرري ناز باغ قاضي احمد ۾ مدرسي دارالفلاح سان گڏ رئيس علي نواز انڙ ويجهڙ ۾ قائم ڪئي آهي، خاص ڳالهه ته هن مدرسي ۽ لئبريءَ جو افتتاح ڪعبة الله جي امام عبدالله بن سبيل ڪيو هو. هن لئبرري ۾ ڏهاڪو کن ڪيٽ ڪتابن سان ڀريل آهن، جن ۾ تاريخ ۽ ديني ادب بابت گهڻو مواد آهي. هي لئبرري جديد سهوليتن سان سينگاريل آهي ۽ محمد هاشم "درد" ان جو انچارج آهي. هن لئبرري ۾ به قلمي قرآن شريف ۽ ٢٣ قلمي ڪتاب به موجود آهن. انهن جا نالا هي آهن: مجربات عبدالرحيم گرهوڙي، مختصر مفتاح، ورد ڪمال، راضي جو رسالو سنڌي، ڪتاب الذبائح، حڪمة المقاليه، معرفة البواسير، ماة الفوائد، حصن حصين، خلاصة الحڪمة، دعا گنج العرش، ڪتاب الطب فارسي، طب فارسي، مجرب العلاج، مناقب غوثيه، جامع تعليلات، تعبير خواب، ابيات مثنوي، تحفة الملوڪ، قلمي نسخه طب فارسي، ڪشف الحاجه اردو، اشعة اللمعات فارسي ۽ ينابيع فارسي.

## قائم الدين خاصخيلي لئبرري

قائم الدين خاصخيلي سماجي ورڪر ۽ ڪتابن جو شوقين آهي. وٽس چوند ڪتابن جو چڱو ذخيرو آهي. سندس لئبرري سڪرنڊ شهر ۾ آهي. پاڻ اصل ڳوٺ ڪنب ليمان جو رهاڪو آهي.

## استاد مير حسن لاکو لئبرري

هي لئبرري استاد مير حسن لاکي نالي هڪ پرائمري استاد ڳوٺ لاکا آباد لڳ خباري شريف ۾ ٽيهارو سال اڳ قائم ڪئي. وٽس سنڌي ڪتابن جو چڱو تعداد آهي. هن لئبريءَ ۾ محترم جي. ايم. سيد جي ڇپيل سيني ڪتابن جو سيٽ موجود آهي.

## ڊاڪٽر مظهرالدين سومرو لئبرري

سومرو صاحب سڪرنڊ جو رهاڪو، ليڪچرار ۽ پي. ايڇ. ڊي ڊاڪٽر آهي. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان آهي: "تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو." سندس لئبريءَ ۾ تحريڪ پاڪستان ۽ سنڌ جي مشاهيرن بابت گهڻو مواد آهي.

## ڊاڪٽر بلوچ لئبرري

ڊاڪٽر احمد علي بلوچ سڪرنڊ ۾ "ڪيهه جي تحقيقي اداري" ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آهي. پاڻ نهايت سادگي پسند، ديندار ۽ علم دوست آهي. وٽس تمام سٺي لئبرري آهي، جنهن ۾ تحقيقي ڪتابن جي گهڻائي آهي.

## مولوي امامالدين نوراني لئبرري

هي لئبرري سڪرنڊ ويجهو ڳوٺ ڏڌ (چوٿون ميل) ۾ واقع آهي. هن لئبرري ۾ هزار کن عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتاب آهن. مولوي صاحب سگھڙ بہ آهي. سندس لئبرري ۾ فتاويٰ، فقه ۽ تصوف تي گهڻو مواد آهي.

## مدرسه غوثيه لئبرري

سڪرنڊ شهر ۾ حاجي علي نواز مگسي ۽ صوفي غلام حسين سڪندري ڪجهہ وقت اڳ دارالعلوم غوثيه نالي ديني مدرسو جاري ڪيو آهي. مدرسي سان گڏ بهترين ڪتب خانو بہ قائم آهي، جنهن ۾ بہ هزار ڪتاب آهن، جن مان اڪثريت حديث، فقه، منطق، مناظري ۽ عربي فارسي جي درسي ڪتابن جي آهي. خاص ڳالهہ تہ هن لئبرري ۾ قرآن مجيد جا تفسير زياده آهن.

## خاڪي جويو\تاج جويو لئبرري

هي لئبرري سڪرنڊ شهر ۾، خاڪي جويي ۽ تاج جويي جي ذاتي لئبرري آهي، جنهن ۾ پنج ڇهہ هزار ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. هن لئبرري ۾ سنڌي ۽ اردو ۾ خاص ڪري جديد سياسي ادب تي گهڻو مواد موجود آهي، جو ٻنهي ڀائرن محنت سان گڏ ڪيو آهي.

## مير محمد پيرزادو لئبرري

پيرزادو صاحب اصل لاڙڪاڻي طرف جو وينل آهي، پر سالن کان سڪرنڊ ۾ سروس سانگي سڪونت پذير آهي. پاڻ سنو شاعر بہ آهي. سندس لئبرري اٿس، جنهن ۾ جديد سياسي ادب جا ڪتاب گهڻا آهن. سنڌ ۾ نقشبنديٰ بزرگن تي پي. ايچ. ڊي جو ارادو رکي ٿو.

## مدينه مسجد اڪبري لئبرري

هي ڪتبخانو درگاهہ اڪبري طرفان مدينہ مسجد ۽ مدرسي ۾ سڪرنڊ شهر ۾ گهڻي عرصي کان هلندڙ آهي.علي اڪبر شاهہ ۽ مولوي احمد خان چانڊيو هن ڪتب خاني جا نگران آهن. هتي عربي فارسي ۽ ديني ادب جا گهڻا ڪتاب موجود آهن.

## امير بخش زوئنر لئبرري

هي لئبرري سڪرنڊ لڳ زوئنرن جي ڳوٺ ۾ آهي. امير بخش زوئنر مطالعي جو شوقين آهي ۽ چونڊ مضمونن سان دلچسپي رکندو ۽ ڪتاب وٺندو آهي. سندس لئبرري ۾ نسيم حجازي، الطاف شيخ جي ڪتابن جا مڪمل سيٽ، تاريخ، ديني ادب ۽ عام معلومات بابت هزار کن ڪتاب موجود آهن. وٽس شاهہ جو رسالو ۽ ڪلام گرهوڙي قلمي صورت ۾ آهن.

## عزيز مگسي لئبرري

عبدالعزيز مگسي سڪرنڊ شهر جو اديب ۽ علم دوست نوجوان آهي ۽ وٽس بهترين چونڊ ڪتابن جو ذخيرو موجود آهي، جنهن ۾ تاريخ، ديني ادب، ڪهاڻيون ۽ شاعري بابت گهڻو مواد آهي. عزيز مگسي ڪجهہ ڪتاب پاڻ لکي ڇپايا بہ آهن. هينئر سروس سانگي حيدرآباد ۾ رهي ٿو ۽ ڪتابن سان لڏڻ لايو ٿو اچي.

## لطيف لئبرري

هي لئبرري ٽائون ڪميٽي سڪرنڊ طرفان ڪجهہ سال اڳ ۾ قائم ٿي هئي. ان ۾ ڏيڍ هزار ڪتاب آهن، پر هن وقت هي لئبرري بند آهي.

## شمس الهديٰ لئبرري

هي لئبرري مدرسہ شمس الهديٰ ڳوٺ مير محمود جوڻو لڳ قاضي احمد ۾ قائم آهي. هن لئبرري ۾ ديني ادب جو مواد زياده آهي.

### تاجل بيوس لئبرري

هي لئبرري چند سال اڳ قاضي احمد جي نوجوانن گڏجي مشهور شاعر تاجل بيوس جي نالي قائم ڪئي آهي. هن لئبرري ۾ هزار کن ڪتاب آهن. قاضي احمد جا نوجوان اديب ۽ شاعر هن مان فائدو وٺي رهيا آهن.

### پبلڪ لئبرري

هي لئبرري ١٩٦٠ع کان پوءِ قاضي احمد ۾ قائم ٿي، جنهن ۾ ڏيڍ هزار ڪتاب آهن.

### مولوي علي محمد لئبرري

هي لئبرري مولوي صاحب قاضي احمد مدرسي ۾ قائم ڪئي آهي، جنهن ۾ اڪثر ديني ادب جا ڪتاب آهن.

### مفتي غلام نبي ڪوسو لئبرري

مولوي غلام نبي ڪوسو اصل ۾ دادو پاسي جو آهي، گهڻن ڏينهن کان نواب شاهه ۾ رهي ٿو. ديني مدرسو جاري ڪري درس تدريس ۾ مشغول رهي ٿو. پاڻ وڏو مفتي مدرس ۽ چشموي بزرگ جو صحبت يافتہ آهي. مدرسي ۾ درس ۽ فقه جا سٺڙا ڪتاب آهن.

### محمد ملوڪ انڙ لئبرري

هي لئبرري ويجهڙ ۾ محمد ملوڪ انڙ ڳوٺ راهب شاهه تعلقي سڪرنڊ ۾ قائم ڪئي آهي. کيس مطالعي ۽ ڪتابن جو گهڻو شوق آهي. هن لئبرري ۾ ٻه هزار ڪتاب آهن، جن ۾ تاريخ ۽ سنڌي ادب جي ڪتابن جي گهڻائي آهي. اخبارون ۽ رسالا به ڳچ تعداد ۾ آهن.

### قاضي عتيق الرحمان لئبرري

قاضي صاحب موري شهر جي علمي خاندان جو چشم و چراغ ۽ قاضي اختر موراڻي جو لائق فرزند آهي ۽ مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهه ۾ ليڪچرار آهي.هن وقت سندس رهائش سڪرنڊ شهر ۾ آهي. وٽس سٺي لئبرري پڻ آهي، جنهن ۾ انجنيئرنگ جي ڪورس جا مڪمل ڪتاب ۽ سنڌي ڪتابن جو سٺو ذخيرو، اخبارون ۽ رسالا به موجود آهن. ان سان گڏ ديني ادب ۾ اردو مواد به گهڻو آهي.

### فيضان عطار لئبرري

هن لئبرري جو باني سڪرنڊ شهر جو نوجوان سيد عبدالمصطفيٰ عرف خدا ڏنو شاهه قادري آهي. پاڻ نهايت محنتي عاشق رسول ۽ جلالي به آهي. سيد کي مطالعي جو تمام گهڻو شوق آهي. ان ڪري وٽس ڪتابن جو سٺو ذخيرو موجود آهي. هن لئبرري ۾ امام غزالي ۽ حضرت احمد رضا بريلوي جي تصنيفات جي گهڻائي آهي.

### غلام حسين جوڻو لئبرري

جوڻو صاحب هاءِ اسڪول ۾ استاد آهي. وٽس سنڌي، اردو ۽ انگريزي جا هزار کن ڪتاب آهن، انهن ۾ اڪثريت ديني ادب جي آهي. هي لئبرري قاضي احمد لڳ ڳوٺ مير محمد جوڻي ۾ آهي.

### ماڻڪ ملاح لئبرري

هي نوجوان اديب ۽ شاعر سڪرنڊ تعلقي ۾ صحافتي خدمتون باهمت ۽ سهڻي نموني ۾ سر انجام ڏئي رهيو آهي. وٽس ننڍي پر سٺڙي لئبرري آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ، ادب، شاعري ۽ اخبارن ۽ رسالن جو سٺو مواد موجود آهي. هي جديد لئبرري سڪرنڊ فارم لڳ ڳوٺ تلي‌ءَ ۾ ويجهڙ ۾ قائم ٿي آهي.

### مخدوم محمد هاشم ٺٽوي لئبرري

هي لئبرري ٽيهارو سال اڳ ۾ راقم ڳوٺ دڙي مڪسي تعلقي سڪرنڊ ۾ قائم ڪئي آهي. مطالعي جي گهڻي شوق ۽ ڪتابن سان محبت ڪري علم جو عمدو ذخيرو گڏ ٿيندو رهيو. ويتر شفيق استاد علامه ڪريم بخش ميهڙائي جي علمي چاهه ۾، صحبت ۽ علمي شوق، سون تي سهاڳي جو ڪم ڪيو ۽ هن وقت لئبرري ۾ عربي، فارسي،

سنڌي، اردو، انگريزي، بروهڪي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ تفسير، حديث، تاريخ، سوانح، تصوف ۽ سنڌي ادب جو ججهو ذخيرو موجود آهي. هن لئبرري ۾ مصر، بيروت، دمشق، ايران، استنبول ۽ پاڪ و هند جي ناياب ۽ ڇپيل ڪتابن جي گهڻائي آهي. ان ڪان علاوه قلمي قرآن مجيد، سيوهاڻي ۽ ٺٽي جي بزرگن جا قلمي ۽ عڪسي نسخا ۽ خاص ڪري مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جا اڪثر ڪتاب موجود آهن.

## متفرقه

مٿي ذڪر ڪيل ڪتب خانن کان سواءِ نواب شاهه ضلعي ۾ ٻين گهڻن ئي عالمن، فاضلن، شاعرن، استادن ۽ علم دوست ماڻهن وٽ ذاتي لئبرريون موجود هيون ۽ آهن. جيڪڏهن انهن جو تفصيلي ذڪر ڪجي ته ضخيم دفتر تيار ٿي وڃي. طوالت کان بچڻ ۽ اختصار جي پيش نظر تبرڪ طور نالن تي اڪتفا ڪجي ٿي:

(١) مولوي نورالدين پنهور، خطيب جامع مسجد اوقاف نواب شاهه شهر، (٢) مولوي محمد خان مصلح لاکو، مهراڻ ڪالوني نواب شاهه، (٣) مفتي محمد دائود فقير ملاح، پيش امام مصطفيٰ مسجد نواب شاهه، (٤) حاجي قربان علي سومرو غريب آباد نواب شاهه، (٥) شادي خان لاڙڪ گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه، (٦) سيد غلام سرور شاهه سچل سرمست ڪاليج نواب شاهه، (٧) پير ضياءالدين "ضيا" خباروي، ميان شورا خباري شريف، (٨) غلام دستگير پيرزادو ريگل چوڪ نواب شاهه، (٩) مولوي يحيٰ المداني حسين ڪالوني سڪرنڊ، (١٠) سيد امداد محمد شاهه مجيد ڪيريو تعلقو سڪرنڊ، (١١) پروفيسر محمد عثمان ڪيريو ڳوٺ مجيد ڪيريو، سڪرنڊ، (١٢) سيد محمد مئل شاهه سَنائي، جيلاني ڳوٺ غلام حيدر پنهور، سڪرنڊ، (١٣) محمد عالم ڪيريو ڳوٺ لڏو لال سڪرنڊ، (١٤) استاد علي محمد خاصخيلي محراب پور، سڪرنڊ، (١٥) سيد عثمان علي شاهه محراب پور، سڪرنڊ، (١٦) غلام نبي مگسي ڳوٺ دڙي مگسي، سڪرنڊ، (١٧) عبدالرسول سمون ڳوٺ ماڙي جلباڻي، سڪرنڊ، (١٨) ممتاز علي مگسي ڳوٺ دڙي مگسي، سڪرنڊ، (١٩) مولوي محمد عظيم مگسي خطيب ٺاٺو مسجد سڪرنڊ، (٢٠) سيد عاشق علي شاهه، ڳوٺ دنگ شريف، سڪرنڊ، (٢١) استاد سردار مگسي نئين ڪالوني سڪرنڊ، (٢٢)) نثار احمد، مسعود احمد خاصخيلي، خاصخيلي محلو سڪرنڊ، (٢٣) مولوي عبدالجبار ٻکميو جهونجهاڻ قاضي احمد، (٢٤) مولوي محمد عيسيٰ اوٺو، ڳوٺ اوٺا قاضي احمد، (٢٥) محمد هاشم درد انڙ ڳوٺ ناصري سڪرنڊ، (٢٦) مولوي محمد هارون اوٺو ڳوٺ راهو، دولتپور صفن، (٢٧) مولوي محمود پاٿيوٽو شاهپورجهانيان، (٢٨) مولوي غلام رسول ڏاهري ڳوٺ راڄ محمد ساهيه شاهپورجهانيان، (٢٩) مولوي حبيب الله جمالي ڳوٺ ميوو جمالي، سڪرنڊ، (٣٠) مولوي محمد مريد جمالي ڳوٺ مهر علي جمالي، سڪرنڊ، (٣١) خان محمد مجاهد جمالي ڳوٺ شير خان جمالي، سڪرنڊ، (٣٢) سيد شاهد حسين شاهه دڙو شهر، نواب شاهه، (٣٣) مولوي خان محمد رحماني ديني مدرسه پانڌي، نواب شاهه، (٣٤) غلام نبي ڪنبار، ڳوٺ ڄام جوڻو، سڪرنڊ، (٣٥) نذير احمد ڪوڪر ڳوٺ جهونجهاڻ، قاضي احمد، (٣٦) ڊاڪٽر حاجي صاحب خان انڙ قاضي احمد، (٣٧) لعل ڏنو پروانو ڳوٺ جهونجهاڻ، قاضي احمد، (٣٨) غلام حسين چانڊيو ڳوٺ پنهون خان چانڊيو، سڪرنڊ، (٣٩) محمد جعفر ڏاهري ڳوٺ ڄام ڏاهري، سڪرنڊ، (٤٠) علي نواز ڏاهري ڳوٺ ڄام ڏاهري، سڪرنڊ، (٤١) عامر اسماعيل رند سڪرنڊ، (٤٢) حفيظ برڙو سڪرنڊ، (٤٣) غلام رسول زونر، ڳوٺ زونر، سڪرنڊ، (٤٤) معشوق علي مگسي، ڳوٺ دڙي مگسي، سڪرنڊ، (٤٥) محمد صادق پٽي مهراڻ ڪالوني نواب شاهه.

هنن ذاتي ڪتب خانن کان علاوه نواب شاهه ضلعي ۾ چڱي پيماني تي سرڪاري ادارن، ڪاليجن، اسڪولن ۽ آفيسن ۾ علمي، فني ۽ ادبي لئبرريون قائم ڪيل آهن، جن مان عملو، استاد ۽ شاگرد هر وقت چڱو فائدو پرائيندا رهن ٿا:

(١) مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي نواب شاهه، (٢) نواب شاهه ميڊيڪل ڪاليج

نواب شاهه، (٣) گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه، (۴) گورنمينٽ سائنس ڪاليج سڪرنڊ، (٥) گورنمينٽ حبيب ڪاليج آف ٽيڪنالاجي نواب شاهه، (٦) سنڌ زرعي ڪاليج سڪرنڊ، (٧) ڪاٽن ريسرچ انسٽيٽيوٽ سڪرنڊ، (٨) ميونسپل هاير سيڪنڊري اسڪول نواب شاهه، (٩) گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول قاضي احمد، (١٠) گورنمينٽ سيڪنڊري اسڪول دولتپور صفن، (١١) ايچ. ايم. خواجه ڊي. سي. هاءِ اسڪول نواب شاهه، (١٢) لائين پار هاءِ اسڪول نواب شاهه، (١٣) گورنمينٽ هاءِ اسڪول سڪرنڊ، (١۴) گورنمينٽ هاءِ اسڪول مجيد ڪيريو، (١٥) گورنمينٽ هاءِ اسڪول محرابپور، (١٦) گورنمينٽ هاءِ اسڪول صابو راهو، (١٧) گورنمينٽ هاءِ اسڪول حسن جمالي، (١٨) گورنمينٽ هاءِ اسڪول محمد علي جمالي، (١٩) گورنمينٽ هاءِ اسڪول دڙو، (٢٠) گورنمينٽ هاءِ اسڪول لانڍي، (٢١) گورنمينٽ هاءِ اسڪول دلبل ڏيرو، (٢٢) گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڄام صاحب، (٢٣) گورنمينٽ هاءِ اسڪول سٺ ميل، (٢۴) گورنمينٽ هاءِ اسڪول پنجون ميل، (٢٥) گورنمينٽ هاءِ اسڪول مشائخ، (٢٦) گورنمينٽ هاءِ اسڪول مازي جلباڻي، (٢٧) گورنمينٽ هاءِ اسڪول محمد خان مگسي، (٢٨) گورنمينٽ هاءِ اسڪول پنهون خان چانڊيو، (٢٩) گورنمينٽ هاءِ اسڪول النور شڪرمل شاهپور جهانيان، (٣٠) گورنمينٽ هاءِ اسڪول حمل فقير سڪرنڊ، (٣١) گورنمينٽ هاءِ اسڪول سڪيو مناهيجو سڪرنڊ، (٣٢) گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪبڙ لڪمير سڪرنڊ.

ان سان گڏ ضلعي جي هر مڊل ۽ پرائمري اسڪول ۾ ننڍي پيماني تي لئبرريون قائم ڪيل آهن.



**ڊاڪٽر نذير احمد**
**محمد پنهل ڏهر**

# چچ نامي ۾ موجود فارسي شعرن جي باري ۾ هڪ گذارش

[نوٽ: سنڌ توڙي سڄي برصغير متعلق پهريون تاريخي ماخذ "فتح نامہ سنڌ المعروف چچ نامہ" آهي. هي ڪتاب اصل عربيءَ ۾ لکيل هو. علي بن حامد ڪوفي سن ٦١٣هه ۾ اُن جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. هن ڪتاب ڪي پهريون پيرو سنڌي ترجمي جي صورت ۾ آڻڻ جو سهرو مرزا قليچ بيگ جي سِر تي آهي، جنهن 'چچ دور' تائين سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. اهو سنڌي ترجمو ١٩٢٣ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. مرزا قليچ بيگ هن ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ بہ ترجمو ڪيو، جيڪو ١٩٠٠ع ۾ ڇپيو. پهريون پيرو ڊاڪٽر علامہ دائود پوٽي اصل فارسي متن کي ايڊٽ ڪيو ۽ مٿس مقدمو، تعليقات ۽ حاشيا لکيا. اهو فارسي متن ١٩٣٩ع ۾ "انجمن مخطوطات حيدرآباد دکن" مان ڇپيو. هن ڪتاب جو پهريون اردو ترجمو مولانا محمد حفيظ الرحمٰن حفيظ بهاولپوري ڪيو. اهو اردو ترجمو بهاولپور مان ١٩٣٩ع ۾ شايع ٿيو.

مذڪوره ڪتاب جو ٻيو سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد ڪيو. اهو ترجمو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگراني ۾ ۽ سندس تحقيقي مقدمي ۽ تعليقات سان پهريون پيرو ١٩٥٤ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد پاران ڇپيو. مخدوم امير احمد واري سنڌي ترجمي تان وري اختر رضوي اردو ترجمو ڪيو. اهو ترجمو پڻ پهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان ڇپيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، وڏي محنت ڪري انهيءَ ڪتاب جي فارسي متن کي مختلف نسخن سان ڀيٽي صحيح متن تيار ڪري حاشين ۽ تعليقات سان سينگاريو آهي ۽ مٿس انگريزيءَ ۾ طويل تحقيقي مقدمو بہ لکيو اٿس. اهو فارسي متن ١٩٨٣ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف هسٽري، ڪلچر اينڊ سولائيزيشن اسلام آباد مان شايع ٿيو آهي.

چچ نامي ۾ موجود فارسي شعرن جي تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ علي ڳڙهہ يونيورسٽي جي قابل استاد پروفيسر ڊاڪٽر نذير احمد ڪئي آهي. اها تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ هڪ مقالي جي صورت ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي اردو شعبي مان نڪرندڙ تحقيقي ميگزين "تحقيق" (نمبر ٥) ١٩٩١ع جي صفحي ٢٨٣ کان ٣٠١ تي ڇپي آهي. تحقيق دوران ڊاڪٽر نذير احمد جي سامهون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وارو ايڊٽ ڪيل فارسي متن رهيو آهي، تنهن ڪري هن مقالي ۾ فارسي شعرن هيٺان جيڪي بہ صفحا ڄاڻايل آهن، سي سڀ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري ايڊٽ ڪيل فارسي ڪتاب جا آهن. هيٺ انهيءَ تحقيقي مقالي جو سنڌي ترجمو ڏجي ٿو. مترجم]

---

چچ نامو، جنهن جو اصل نالو "فتح نامہ سنڌ" آهي، هي محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ متعلق معتبر تاريخ آهي ۽ هي عربي ڪتاب جو فارسي ترجمو آهي. عربي ڪتاب جو اصل نالو يقيني طرح سان معلوم نہ آهي ۽ نہ وري ان جي مصنف جي باري ۾ ڪو درست اطلاع آهي. البت فارسي ترجمو علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي جو ٿيل آهي. هن اهو ترجمو ٦١٣هه ۾ مڪمل ڪيو ۽ ناصرالدين قباچہ متوفي ٦٢٥هه، بادشاهہ اُچ ۽ ملتان جي وزير عين الملڪ اشعري جي نالي انتساب ڪيو. علي بن حامد ڪوفي جو هي فارسي ترجمو سڄي برصغير ۾ قديم سمجهيو وڃي ٿو. (١) انهيءَ ترجمي ۾ فارسي جا ڪجهہ شعر موجود آهن، جن جو وچور هن ريت آهي.

رباعيون ٥

قصيدو ١ (صرف ٨ چوند شعر)

قصيدو صرف هڪ بيت

قطعو ١ (ٻہ بيت)

مثنوي يا نظم هڪ بيت

اهي سمورا شعر علي ڪوفي جا سمجهيا ويا آهن. انهيءَ ڪري ئي علي ڪوفي کي فارسي شاعر سڏيو ويو آهي. چچ نامي جو اهو ترجمو ٻيو دفعو ڇپيو آهي. (٢) ٻئي ايڊيشن جو ترتيب ڏيندڙ مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي. هن پنهنجي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ:

"In all earnest, therefore, Ali Kufi tried to make up such deficiencies in his Persian translation. To this end he supplied brief introduction to the different sections with poetic imagery charactercistic of the *Tashbih* in qasidah, inserted here and there verses of his own and also of others."

ڊاڪٽر بلوچ انهن شعرن مان چند علي ڪوفي جا ۽ ڪجهہ ٻين جا ڄاڻايا آهن. ليڪن ڊاڪٽر سدارنگاڻي پنهنجي فارسي ڪتاب "پارسي گويان هند وسند" (٣) ۾ انهن سڀني شعرن کي علي ڪوفي جو ڄاڻايو آهي. هو لکي ٿو تہ: "يکي از آنان علي بن حامد کوفي است کہ قديم ترين تاريخ موجود سند يعني منهاج الدين و الملک، رابہ فارسي ترجمہ کرد (٦١٣هـ) و نام آن را چچ نامہ نهاد، درين کتاب علي کوفي برخي از اشعار خود را آورده کہ بيشتر در مدح ناصرالدين قباچہ سروده است، وي ظاهراً پيشاهنگ شاعران فارسي زبان درسنده است، ازوست." (٤)

خسروا ملک بر تو خرم باد، کُل گيتي ترا مسلم باد.

از تو آبادِ ظلم ويران شد، بہ تو بنيادِ عدل محکم باد.

خطبہ تعظيم يافت از نامت، همچنين سال و ماه معظم باد.

و آنچہ در ملک جم نبود ترا، همہ زيرِ نگين مختم باد.

چتر ميمون و همت عاليت، سايہ دارِ سپهر اعظم باد.

هر دلي کز تو حال عصيانست همہ کارش چو زلف درهم باد.

تا کم و بيش درشمار آيد، دولتت بيش و دشمنت کم باد.

بہ يمينت چو ملک داد يسار، در يسارِ تو خاتم جم باد.

(صفحو ٥)

چچ نامي جا مٿيان شعر قباچہ جي مدح ۾ آهن. اهي شعر علي ڪوفي "انوري" جي ديوان تان نقل ڪيا آهن. انهن شعرن جي تفصيلي احوال کان اڳ ۾ اسان ڊاڪٽر سدارنگاڻي جي مٿين بيان تي هڪ تنقيدي نظر وجهنداسين.

هن چچ نامي جي عربي ماخذ جو نالو "منهاج الدين و الملڪ" ڄاڻايو آهي. ليڪن اهو قياس صحيح نٿو لڳي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو عين الملڪ اشعري جي لقب جو حصو هجي، جنهن اشعري جي نالي اهو ترجمو تيار ٿيو آهي. (٥) ڏسو:

## مخلص ڪتاب

سماء الدين و الملک الحضرة الصدرالاجل العالم عين الملک: پس اين کتاب راکہ ملقب است بہ منهاج الدين و الملک الحضرة الصدر الاجل عين الملک از تصنيف علماء عرب و تاليف حکماء ادب در فتح بلاد هند وسند."

مخلص ڪتاب مان مراد آهي فارسي ترجمي کي ممدوح جي نالي ڏانهن منسوب ڪرڻ. لفظ تخلص جي جملي ۽ معنيٰ جي مناسبت سان هي معنيٰ بہ آهي: "آوردن نام ممدوح در شعر يا در نثر و گريز زدن بمدح و ممدوح" انهيءَ

"صاحبا عيد بر تو خرم باد، گُل گيتي ترا مسلم باد."

حاشيہ ۾ "خسرو الملک" آهي، جيڪو چچ نامي جي درست متن جي عين مطابق آهي. چچ نامي جو ٻيو بيت انوري جي ديوان ۾ ٻـ ٻئي نمبر تي آهي. ٽيون بيت ديوان ۾ پنجين نمبر تي آهي ۽ انهي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ممدوح بادشاھ آهي، جنهن جي نالي جو خطبو پڙهيو وڃي ٿو. ٻنهي جاين تي متن ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي. چوٿون بيت ديوان جي متن ۾ نہ آهي، ليڪن حاشيي ۾ هن طرح آهي. "اين بيت ( آسمان گفت گرمنم چونگيتش، اندر آن رقعہ نام من هم باد) و دو بيت بعد در ط، م نيست وبجاي آن بيت زير فزوده شد ڪہ در بعضي نسخ مانند نيز آمده است:

آنچہ در ملک جم نبود ترا　　همہ زيرنگين مسلم باد

ديوان ۾ اڻون بيت هي آهي.

خواستم گفت ملک هفت زمينت　　همہ زيـرنگـــين خاتم باد.

چچ نامي وارو پنجون بيت ديوان ۾ ٢٢ نمبر تي آهي ۽ انهيءَ جو پهريون مصرعو هن طرح آهي "چتر ميمون همت عاليت"، جڏهن تہ چچ نامي (٩) ۾ "چتر ميمون و همت عاليت" آهي. اهو آخري ذڪر ٿيل لفظ درست نہ آهي، انهيءَ مان معنيٰ ۾ خلل پوي ٿوءِ شعر جو حسن بہ ضايع ٿي وڃي ٿو. پورو بيت هي آهي.

چتر ميمون همت عاليت　　سايہ دار سپهر اعظم باد.

مطلب هي آهي تہ تنهنجي همت اهڙو ڇٽ مبارڪ آهي جيڪو سپهر اعظم تي ڇانو مثل آهي. عالي همت جي تشبيہ ڇٽ مبارڪ سان ڏني وئي آهي. اگر چتر ميمون ڪانپوءِ واو عطف پڙهيو ويندو تہ تشبيہ ختم ٿي وڃي ٿي. انهيءَ صورت ۾ شعر جو مطلب هن طرح ٿيندو: تنهنجي ڇٽ مبارڪ ۽ تنهنجي عالي همت جي پاڇي هيٺ سپهر اعظم آهي. سپهر جو سايو يا پاڇو ٿيندو آهي، عالي همت جو نہ. هاڻ جيڪڏهن همت کي ڇٽ سان تشبيہ ڏينداسين تہ هي شبهو ختم ٿي سگهي ٿو ۽ هي صورت صرف واو عطف جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ پيدا ٿي سگهي ٿي. جيئن تہ ديوان جي نسخن ۾ واو نہ آهي، تنهنڪري انهيءَ کي اختيار ڪرڻ کپي.

چچ نامي جو ڇهون بيت ديوان جو ويهون نمبر بيت آهي. چچ نامي ۾ اهو بيت هن طرح ڏنل آهي: "هر دلي ڪز تو حال عصيانست، همہ ڪارش چو زلف درهم باد." پهرئين مصرعي جي اها روايت ڊاڪٽر سدارنگاڻي (١٠) وٽ بہ آهي، جيڪا بلڪل غلط آهي ۽ تعجب اهو آهي جو اها غلطي چچ نامي جي ٻنهي ايڊيشنن ۾ موجود آهي. (١١) مرزي جي ڳالھ اها آهي جو مصرعي جي درست صورت حاشيي ۾ درج آهي. (١٢) متن غلط، حاشيو درست. شعر جي درست صورت هن طرح آهي:

بر دلي از تو خال عصيانست　　همہ ڪارش چو زلف درهم باد. (١٣)

(صفحو ١٩٥ حاشيو)

"خال عصيان" جي ترڪيب نهايت شاعرانہ آهي. هن ۾ قرآن مجيد جي هن آيت مبارڪ ڏانهن اشارو آهي. "ڪلا بل ران عليٰ قلوبهم ما ڪانُو يڪسبون." (هرگز ائين نہ آهي، انهن جي دلين تي سندن خراب اعمالن جو زنگ چڙهي ويو آهي.) انهيءَ آيت جي تشريح ۾ حضرت محمد ﷺ جي هڪ حديث شريف آهي تہ " چوندا آهن تہ جڏهن ڪو انسان گناھ ڪري ٿو تہ انهيءَ جي دل تي تِر جي برابر هڪ ڪارو نقطو نمي پوي ٿو ۽ جڏهن هو انسان توبہ ڪري ٿو تہ اُهو ختم ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪو توبہ ڪرڻ ڪان رهجي وڃي ٿو يعني جيڪو توبہ نٿو ڪري تہ سندس دل گناھ جي اهڙن نقطن ڪري ڪاري ٿي وڃي ٿي." (١٤)

انهيءَ تشريح جي روشني ۾ شعر جو مطلب هن طرح آهي تہ "جنهن شخص جي دل ۾ تولاءِ بغاوت جي ڪري گناهن جا نقطا پيدا ٿي وڃن، خدا انهي جي ڪاروبار کي برباد ڪري ڇڏي ٿو. ڪارو نقطو ۽ تڙيل يا وڪريل وار حُسن ۾ واڌاري جو ڪارڻ هوندا آهن، ليڪن شاعر جو خيال هن طرح آهي تہ خطائن جو اهو ڪارو نقطو ڪاروبار کي تڙيل

يا وکريل زلفن وانگر بربادي جو سبب پيدا ڪري ٿو. ٿوري تبديليءَ سان ۽ معنوي رنگ سان شاعر شعر کي پري ڇڏيو آهي، ليڪن چچ نامي جي ايڊيشن ۽ "فارسي گويان هند و سند" جي لکندڙ هن شعر جو حُليو بگاڙي، شعر کي بي مقصد ڪري ڇڏيو آهي ۽ وري درست پڙهڻي حاشيي ۾ ڏني ويئي آهي. حيرت آهي ته زلف سان گڏ خال جي مناسبت کي نظرانداز ڪري ڇڏيانون.

ستون شعر ديوان ۾ ٣٢ نمبر تي آهي. سدارنگاڻي وٽ "دولتت" جي بجاءِ "دوستت" غلط طرح سان لکجي ويو آهي "شاعر کم وبيش" جي فقري سان نقطو پيدا ڪري شعر کي سهڻو ڪري ڇڏيو آهي.

چچ نامي جو انون ۽ آخري بيت ديوان ۾ ستين نمبر تي آهي. جيئوٽيڪ متن جي روايت چچ نامي کان مختلف آهي، ليڪن حاشيي ۾ نسخن جو اهو اختلاف درج آهي. اهو شعر چچ نامي ۾ هن صورت مطابق ٿي ويو آهي.

در يمين تو خانۀ آصف

حاشيو ۽ چچ نامو: بہ يمينت چو ملک داد يسار.

چچ نامي ۾ موجود شعرن جي ترتيب مان هي نتيجو نڪري ٿو ته علي ڪوفي قصيدي مان شعر منتخب ته ڪري ورتا، ليڪن شعرن جي ترتيب جو خيال نہ رکيو. يا وري هيئنئن بہ ٿي سگهي ٿو ته علي ڪوفي وٽ انوري جي ديوان جو جيڪو سخو موجود هو، ان ۾ انهن شعرن جي ترتيب اهڙي طرح هجي.

"معذرت مصنف" جي عنوان هيٺ چچ نامي ۾ هڪ قطعو ڏنل آهي جنهن ۾ بہ بيت آهن. اهو هن طرح آهي.
(١٥)

آن سروران (١٦) کہ نام نکو کسب کرده اند
رفتند و يادگار ازيشان جزان نماند
نوشيروان (١٧) اگرچہ فراوانش گنج بود
جز نام عدل از پس نوشيروان نماند.

هي قطعو عين الملک اشعري (١٨) جي لاءِ نقل ٿيل آهي. اهوئي ٻن بيتن وارو قطعو (تذکرۃ لباب الالباب) (١٩) ۾ فضيلت شعر ۽ شاعري جي متعلق موجود آهي، ليڪن انهيءَ کان اڳ ۾ يعني ٥٩٩هہ ۾ "راوندي"، "راحت الصدور" (٢٠) ۾ اهوئي قطعو عربي جي هيئين ٽن شعرن کانپوءِ ڏنو آهي.

لولا جرير والفرزدق لم يدم
ذکر جميل من بني مروان
ونري ثناء الرودکي مخلداً
من کل ما جمعت بنو سامان
وملک غسان لغانوا غير ما
قد قال حسان في غسان

(اگر جرير ۽ فرزدق نہ هجن ها تہ بني مروان جو ذکر جميل باقي نہ رهي ها. بني سامان جيڪي ڪجهہ گڏ ڪيو هو، انهيءَ ۾ رودکي جي شعرن (مدحيہ نظم) کانسواءِ باقي ڪجهہ نہ رهيو. ملوک غسان سڀ فنا ٿي ويا. سواءِ انهي جي جيڪي ڪجهہ حسان، غسان جي ٻاري ۾ چيو هو.)

ڇهين صدي هجري جي آخر ۾ شرف الدين محمد بن مسعود مروزي (٢٢) "رسالہ دربارهٔ آثار علوي" ۾ انهي قطعي جا هيئيان ٻي شعر ڏنا آهن. (٢٣)

آن خسروان کہ نام نکو کسب کرده اند
رفتند و يادگار ازيشان جز آن نماند

ایشان نهان شدند درین جوف کائنات
لیکن شعار کرده ایشان نهان نماند
نوشین روان اگرچه فراوانش گنج بود
جز نام نیک از پس نوشین روان نماند.

خوشي جهڙي ڳالهہ آهي جو انهي قطعي مان مصنف جي ٻاري ۾ خبر پئجي وئي. (٢٤) اهي ٽيئي شعر "رشيد و طواط" (وفات ٥٧٣هہ يا ٥٧٨هہ) جي هڪ قصيدي مان ورتل آهن. جيڪو "سلطان اتسز" (وفات ٥٥١هہ) جي مدح ۾ چيل آهي. هي قصيدو ٢٣ بيتن تي مشتمل آهي ۽ قطعي ۾ موجود ٽيئي بيت قصيدي جا ١٨، ١٩ ۽ ٢٠ نمبر بيت آهن. قصيدي جو ٿلهہ ۽ ڪجهہ شروعاتي بيت هن ريت آهن.

اي آنکہ درجهان ز تو سري نهان نماند
باعدل تو نشان ستم در جهان نماند
تا چرخ تيغ فتنہ نشان در کف نهاد
از فتنہ در نواحي عالم نشان نماند
از خسروان عرصہ عالم بعلم و حلم
برتخت خسروي چو تو صاحب قرآن نماند
با کوکبان جاه تو در کل خافقين
آوازه کواکب هفت آسمان نماند
آن کس کہ کرد با تو بجان باختن خطر
در ششدر نهيب تو جز رايگان نماند.

سعدي جي هيئنين قطعي جو بنياد بہ انهيءَ قصيدي تي آهي. سعدي جو اهو قطعو گلستان ۾ آهي.

بس نامور بزير زمين دفن کرده اند
کز هستيش بہ روي زمين بر نشان نماند
آن پير لاشہء کہ سپردند زير خاک
خاکش چنان بخورد کزو استخوان نماند
زنده است نام فرخ نوشيروان بہ عدل
گرچہ بسي گذشت کہ نوشيروان نماند.
خيري کُن اي فلان و غنيمت شمار عمر
زان پيشتر کہ بانگ درآيد فلان نماند

(گلستان باب اول، حکايت ٢.، ڇاپو تهران ١٣٤٨هہ، صفحو ١٤)

هاڻي ڇچ نامي ۾ موجود ٻين شعرن جي باري ۾ چند ڳالهيون عرض رکجن ٿيون. هيئنين رباعي متعلق چئني نثو سگهجي تہ اها علي ڪوفي جي آهي. (٢٥) مصنف اين شعر را در تصديق احترام او مي گويد.

گل رنگ زرين کرد چو روي تو نشد
شب مشک وشي کرد چوموئي تو نشد
آراستہ است بلباس لالہ وسوسن و گل
ليکن بخدا چو خاک کوئي تو نشد.
(صفحو ٢)

چچ نامي ۾ "زرين" جي "ر" تي شد آهي، انهيءَ سان وزن ٺهي ٿو نهي.

مشڪ وش (مشڪ وانگر) هي لفظ مشڪ+ وش جو مرڪب آهي، انهي ڪري ني مشڪ وشي جي ترڪيب لڳي ٿي. ٻني مصرعي جو قافيو موني آهي، ليڪن پهرئين ۽ چوٿين مصرعي جا قافيہ، روي، ڪوي آهن، جيڪا ڇاپي جي غلطي آهي. روي، ڪوني هجڻ کپي ها. ٽئين ۽ چوٿين مصرعي جو پاڻ ۾ ربط معلوم نٿو ٿئي. معلوم ٿئي ٿو تہ اها رباعي درست طرح سان ڇپيل نہ آهي. چچ نامي جي صفحي ۱۴ ۽ ۱۵ تي بہ عاشقانہ رباعيون آهن جيڪي نثري مضمون سان بلڪل نهڪي اچن ٿيون. اُهي هي آهن. (۲٦) اگر ملتمس من باجابت مقرون نسازي خود را هلاک کنم:

هيچت افتد کين دل من شاد کني

وز هجر و فراق خويش آزاد کني

ور بازکشي اي صنما روي زمن

فرياد کنم مها کہ روي بيداد کني.

گاهہ بيگاهہ هر روز بخيال و جمال خود صدقہ مارا مضيف مي باش تاباملِ وصال خود خرسند مي باشم:

خرسندم اگر سال بسالت بينم، ور در عمري شبي خيالت بينم

نوميد نگردم خيالت صنما، آخر روزي شب وصالت بينم.

پهريون شعر يا رباعي تہ يقيناً مصنف يعني علي ڪوفي جي معلوم ٿئي ٿي، ٻئين ۽ ٽئين رباعي ممڪن آهي تہ مصنف موقعي جي مناسبت سان چني چڙي هجي. هيٺيون بيت قصيدي جو معلوم ٿئي ٿو.

هم فيل داري هم حشم هم خيل داري هم خدم

مردانہ بيرون نہ قدم زير و زبر کن خصم را

(صفحو ۱۹)

هي راڻيءَ کي نصيحت واري عنوان هيٺ آهي، جيڪو نثري عبارت سان بلڪل مناسبت رکي ٿو. ملاحظہ ڪريو:

ميان ببند و چون شير غران برخيز و مردانہ بجنگ پيش برو و در مدافعت خصم بکوش کہ

مرگ بانام وننگ بهتر از مذلت هم کفو باشد. بيت، "هم فيل داري هم حشم." احخ

هڪ فارسي بيت برهمڻ قيدي ۽ محمد بن قاسم جي گفتگو دوران نقل ٿيل آهي.

چون عهد وثيق درميان آمد و مثال موکد بدست کرد بہ محاسن

خود ز و گره موی روی بکشاد و باز کرد و سر او بر انگشتان پيچيده

بايستاد و رقص کردن گرفت و ابن مثل همی گفت:

کس نديد ست اين عجب کہ مراست

موی ريشم همی کشان تا پاست

(صفحو ۱۷۳)

واقعو هن طرح آهي تہ برهمڻ پنهنجي ۽ پنهنجي عزيزن جي جان بخشي ڪرائڻ کانپوءِ ڪرتب ڏيکارڻ لاءِ وجي ٿو، ليڪن هتي واري نثري عبارت غلط لڳي ٿي. انين چوڻ تہ ڪرتب باز پنهنجو هٿ ڏاڙهي تائين آندو ۽ وار کولي ڇڏيائين ۽ وارن جا سِرا ٻنهي آڱرين سان ٻڌي ڇڏيائين، پوءِ اُٿي بيٺو ۽ نچڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ جهڙو هُنر مون وٽ آهي، اهڙو ٻني ڪنهن بہ نہ ڏيکاريو هوندو جو ڏاڙهي جو وار ڇڪي ڪري پيرن تائين آڻي سگهي ها. هي شعر ڪرتب ڏيکاريندڙ برهمڻ جي زبان مان ادا ٿيل آهي، ڇاڪاڻ تہ برهمڻ جو مخاطب محمد بن قاسم آهي ۽ اهو برهمڻ ڪتاب (چچ نامي) جي مترجم يعني علي ڪوفي کان صديون پهريائين ٿي گذريو هو. انهي مان واضح ٿئي ٿو تہ علي ڪوفي جي نقل ٿيل فارسي شعرن کي چڱيءَ طرح پڙهڻ جو موقعو ڪنهن کي بہ نہ مليو آهي. انين محسوس ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر

# حوالا ۽ واڌارا

(۱) قديم ڪتاب هي آهن: فارسي ترجما، فرح بعد الشده (محمد عوفي ٦٢٠هه) ۽ لباب الالباب (محمد عوفي ٦١٨هه). هي ٻئي ڪتاب قباچه جي ناليءَ انتساب ٿيل آهن. تاج المائر (حسن نظامي ٦١٤هه)، جوامع الحڪايات (عوفي ٦٣٠هه)، طبقات ناصري (منهاج سراج ٦٥٨هه).

(۲) چچ نامي جو پهريون ايڊيشن ڊاڪٽر دائود پوٽي مرتب ڪيو، جيڪو مجلس مخطوطات فارسي حيدرآباد دکن پاران ۱۹۳۹ع ۾ ڇپيو. انهيءَ ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ترتيب ڏنل آهي. اهو اداره تاريخ وثقافت و تمدن، جامعه اسلاميه، اسلام آباد مان ۱۹۸۳ع ۾ ڇپيو آهي. مرتب طرفان متن قيمتي حاشيا لکيا ويا آهن، جيڪي ۱۵۰ کان به وڌيڪ صفحن تي پکڙيل آهن.

(۳) ڊاڪٽر سدارنگاڻي، "پارسي گويان هند وسند"، ڇاپو پهريون ۱۹۷٦ع، انتشارات بنياد فرهنگ ايران تهران. (هن ڪتاب جو مرتب فارسيءَ جو استاد ۽ محقق ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي آهي، جنهن سان راقم کي نيازمنديءَ جو شرف حاصل رهيو.)

(۴) پارسي گويان هند و سند، صفحو ۱۴

(۵) ساڳيو ڪتاب، صفحو ۹۰

(٦) ساڳيو ڪتاب، صفحو ۷

(۷) ساڳيو ڪتاب، صفحو ۸

(۸) ساڳيو ڪتاب

(۹) ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل چچ نامي جي ٻنهي ايڊيشن ۾ واو (و) عطف موجود آهي.

(۱۰) پارسي گويان هند وسند، صفحو ۱۴

(۱۱) چچ نامه (ايڊٽ) ڊاڪٽر دائود پوٽو، صفحو ۷ حاشيه.

(ii) چچ نامه (ايڊٽ) ڊاڪٽر بلوچ، صفحو ۵

(۱۲) چچ نامه (ايڊٽ) ڊاڪٽر دائود پوٽو، صفحو ۷ حاشيه

(ii) چچ نامه (ايڊٽ) ڊاڪٽر بلوچ، صفحو ۱۹۵

(۱۳) سورة ۸۳، آيت ۱۴

(۱۴) جامع ترمذي جلد ۵، صفحو ۱۰۹ حديث نمبر ۳۳۹.

(ii) مسند امام احمد بن حنبل جلد ۲، صفحو ۲۹۷.

(۱۵) چچ نامه (ايڊٽ) ڊاڪٽر دائود پوٽو، صفحو ۱۳

(ii) چچ نامه (ايڊٽ) ڊاڪٽر بلوچ، صفحو ۹.

(۱٦) راحت الصدور ۾ "خسروان" آهي.

(۱۷) راحت الصدور ۾ "نوشين روان" آهي.

(۱۸) سلطان ناصرالدين قباچه جو وزير، جنهن جي ناليءَ تي عوفي، تذڪرة لباب الالباب سنه ٦١٧هه ۾ لکيو هو.

(۱۹) عوفي، تذڪرة لباب الالباب، طبع بريل، جلد ۱، صفحو ۲۱۱.

(ii) عوفي، تذڪرة لباب الالباب، طبع نفيسي، صفحو ۱۴.

(۲۰) راوندي، راحت الصدور، صفحو ٦۲، طبع تهران.

(٢١) هي ابراهيم بن يحيٰ بن عثمان الغزي جا شعر آهن، جيڪي ابوالعلا مڪرم، صاحب مڪران جي مدح ۾ چيا آهن. (جهانڪشاي جلد ١، صفحو ١٦٣ حاشيہ.)

(٢٢) شرف الدين محمد بن مسعود بن مسعودي مروزي بخاري حنفي، زنده درسال ٥٨٢.

(٢٣) شرف الدين مسعودي مروزي، رسالہ دربارهٔ آثار علوي، صفحو ٥٨٢.

هي رسالو "جناب دانش پژوه" جي ڪوشش سان ١٣٣٧ شمسي، انتشارات فرهنگ ايران تهران مان ڇپيو. هي رسالو ٥٥٠ هجري کان پوءِ تيار ٿيو هو.

(٢٤) ياد نٿو پوي تہ ڪٿان اطلاع مليو. بهرحال 'رسالو آثار علوي' رشيد وطواط جي زندگي ۾ تيار ٿيو هو. هن جي قصيدي مان ٽن شعرن جو انهي رسالي ۾ هجڻ، انهيءَ قصيدي جي غير معمولي اهميت ۽ مقبوليت جو دليل آهي.

هوڏانهن 'راحت الصدور' راوندي تي پروفيسر ڊاڪٽر محمد اقبال تعليقات لکيا آهن. انهيءَ ۾ هن لکيو آهي تہ "اين دو بيت از قصيده رشيدالدين وطواط است در مدح سلطان قطب الدين محمد خوارزم شاه. اولش اينست." (راوندي) راحت الصدور." ايڊٽ ڊاڪٽر محمد اقبال، صفحو ٤٧٨، طبع بريل هاليند.

اي آنکہ در جهان تو سري نهان نماند
باعدل تو نشان ستم در جهان نماند

(ديوان وطواط ٤٢-٤١. ١١. Add ١٦٧٩١ F)

اين دو بيت را توارد غريبي است باقطعہ معروف سعدي:

بس نامور بزير زمين دفن کرده اند
کز هستيش بروي زمين يک نشان نماند
زنده است نام فرخ نوشين روان بعدل
گرچہ بسي گذشت کہ نوشيروان نماند.

الله تعاليٰ پروفيسر ڊاڪٽر اقبال کي عجيب غريب صلاحيتون بخشيون هيون، تنهنڪري هن 'راحت الصدور' ۾ موجود هزارن شعرن جي مصنفين جو پتو لڳائي ورتو ۽ اصل ڪتاب سان انهن شعرن جي پيٽ ڪئي. راوندي جو هڪ شعر "بدر جاجرمي"، "مونس الاحرار" جلد ٢ جي صفحي ١٣١ تي نقل ڪيو آهي. اهو شعر "دولت شاه سمر قندي" پنهنجي تذڪري (طبع ليدن صفحو ١٥٤ ۽ ١٥٥) ۾ شرف الدين "شغروه" جي نالي سان آندو آهي. هي قطعو جڏهن ڊاڪٽر صاحب جي نظر تي چڙهيو تہ فوراً ڪيس سمرقندي جو تذڪرو ياد اچي ويس ۽ فوراً انهي جي نشاندهي ڪري ڇڏيائين. هي انهيءَ جي علم جو ڪمال آهي، ليڪن انهيءَ جي باوجود راحت الصدور جي نٿين ايڊيشن ۾ امير ڪبير نهايت ئي ڪريل حرڪت جو مظاهرو ڪيو آهي.

(٢٥) هي رباعي، ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ايڊٽ ڪيل چچ نامي ۾ نہ آهي.

(٢٦) هي بيني شعر "عاشق شدن راني بہ چچ وابا نمودن چچ ازمحبت او" جي عنوان هيٺ اچي وڃن ٿا. اهي بئي شعر رانيءَ جي زباني آهن.

داڪٽر الهرکيو ٻُٽ

# ١٨١٩ع کان وٺي ڇپيل سنڌي ڪتابن جو جائزو

## (اسلام، هندو ڌرم ۽ عيسائيت جا ١٩٠٠ع تائين ڇپيل ڪتاب)

## (قسط ٣)

سنڌي ٻوليءَ ۾ ديني ڪتابن جي ڇپائي انگريزي راڄ شروع ٿيڻ کان پوءِ شروع ٿي. انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌيءَ ۾ اسلام تي قلمي ڪتابن جو چڱو ذخيرو موجود هو. سنڌ جي بزرگن جن ۾ سرفهرست مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله، مخدوم ابراهيم ۽ ابوالحسن هئا، تن جا لکيل ڪتاب سنڌ جي ديني مدرسن ۾ پڙهايا ويندا هئا. سنڌ ۾ ڇاپخاني جي غير موجودگيءَ سبب سنڌي بزرگن جا انيڪ لکيل ڪتاب ڇپائيءَ جي زيور سان سينگارجي نہ سگهيا. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ سنڌ جا لاڳاپا هندستان جي ٻين خطن سان وڌيا، آمدرفت جا وسيلا سڌريا، تعليمي سهوليتون وسيع پيماني تي ٿيون تہ سنڌ اندر ۽ سنڌ کان ٻاهر سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ جا بہ بندوبست ٿيڻ لڳا، جن ۾ ديني ڪتاب بہ چڱي تعداد ۾ شامل هئا. سڀ کان اول عيسائيت تي ڪتاب ڇپيا، ٻئي نمبر تي اسلام ۽ آخر ۾ هندو ڌرم ۽ سک مَت جا ڪتاب بہ ڇپائيءَ هيٺ آيا.

١٨٦٠ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌي اسلامي مخطوطا ڇپائي لاءِ بمبئي وڃڻ لڳا. اتي موجود مسلمان ناشرن جهڙوڪ نورالدين جيوا خان، قاضي ابراهيم ۽ قاضي عبدالڪريم بن قاضي نور محمد پوربندري ۽ قاضي فتح محمد جهڙن بزرگن اسلامي ڪتابن ڇاپڻ جي ذميواري سنڀالي. سنڌ ۾ وڏن ديني مدرسن، اسڪولي ماسترن ۽ عام دڪاندارن جي معرفت انهن ڪتابن جي وڪري جو جوڳو بندوبست ٿيو. اهڙيءَ ريت بمبئيءَ جي بزرگن اسلامي ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم هٿ ۾ کڻي، خير جي ان ڪم جي پيڙهہ جو پٿر رکيو. گذريل صديءَ جي اسي واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي ناشرن بہ اسلامي ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم هٿ ۾ کنيو. انهن ۾ سنڌ مدرسو ڪراچي، محمد يوسف ڪتب فروش ڪراچي، منشي پوڪرداس شڪارپور، ماستر هريسنگ سکر ۽ سيد تاج محمود امروٽيءَ جو مدرسو ۽ ڪجهہ افراد شامل هئا. اسين ڏسون ٿا تہ گذريل صديءَ ۾ مجموعي طور ٨٣ (ٽياسي) اسلامي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا جيڪي "الف" تي ڏيکاريا ويا آهن.

ساڳي صورتحال هندو ڌرم جي ڪتابن بابت رهي. انگريزن جي حڪومت کان اڳ هندو ڌرم جو ڪو سنڌي ڪتاب ڪونہ ڇپيو. سنڌ جا هندو روحاني طور تي گرونانڪ جا پيروڪار هئا ۽ وٽن ڪي مذهبي ڪتاب گرمکي اکرن ۾ موجود هئا، جيڪي پنڊت عام ماڻهن کي ٻڌائيندا هئا. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ هندو تعليم ۽ تجارت ۾ وڏي پيماني تي اڳتي آيا. دراصل هندن بدلبل وقت ۽ حالتن جو چڱو فائدو ورتو ۽ پنهنجا ڇاپخانا قائم ڪيائون. ڌرمي جماعتون قائم ڪري، ڌرمي ڪتابن جي ڇپائيءَ جو جوڳو بندوبست ڪيائون. هندو ڌرم جا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي ٽنهي لپين هرهڪ عربي، ديوناگري ۽ گرمکيءَ ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ اڳڀرن هندو ناشرن جهڙوڪ منشي پوڪرداس، قيصرہ پريس حيدرآباد ۽ وديا ونود پريس ڪراچي تمام گهڻو ڪم ڪيو. سن ١٩٠٠ع تائين هندو ڌرم ۽ سک مَت جا ١٠٥ (هڪ سؤ پنج) ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا، جيڪي "ب" تي ڏيکاريا ويا آهن.

سنڌ ۾ عيسائيت هڪ نئون مذهب هو. انگريزن جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ هڪ بہ عيسائي موجود نہ هو ۽ نہ

وري سندن مذهب جي ڪتابن جو واهپو هو. انگريزن جي اچڻ کان جلد پوءِ ڪن انگريز عملدارن جي مدد ۽ ڏيان سان سن ۱۸۵۰ع ۾ چرچ مشنري سوسائٽيءَ جي شاخ ڪراچيءَ ۾ کولي وئي. هن شاخ برپا ڪرڻ ۾ مالي امداد ميجر آئوٽ رام ڪئي. ڪيس سنڌ فتح ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٽي هزار پائونڊن جو جيڪو انعام مليو اهو هن چرچ مشنري سوسائٽيءَ جي حوالي ڪيو تہ جيئن سنڌ ۾ عيسائيت جو پرچار ٿي سگهي. هن ڪم ۾ ڪئپٽن پريڊي ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل گرين جو بہ مشنري سوسائٽي وارن سان سنئو ساٿ رهيو. عيسائي مبلغن سنڌي زبان ۾ توريت ۽ انجيل جا ترجما ۽ ٻيو پرچارڪي مواد ڇاپي وڏي پيماني تي تقسيم ڪيو.

۱۹۰۰ع تائين عيسائيت بابت سنڌيءَ ۾ ڪل ۵۷ (ستونجاهہ) ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا، جيڪي "ت" تي ڏيکاريل آهن. اهڙيءَ ريت اينڊڙ صفحن ۾ اسلام، هندو ڌرم ۽ عيسائيت جا مجموعي طور ۲۴۵ (ٻہ سؤ پنجيتاليهہ) ڪتاب درج ڪيا ويا آهن.

نوٽ: پهرئين ڇاپي کان پوءِ آيل هر تبديلي درج ڪئي وئي آهي، جتي ڪاٿہ تبديلي ڏيکاريل نہ آهي، اتي تفصيل ساڳيا سمجهن گهرجن.

## (الف) اسلام:

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | جاءِ، ناشر ۽ سن | تعداد | قسم | صفحا | قيمت ۽ پريس |
|---|---|---|---|---|---|---|
| حڪايت الصالحين | ولي محمد، مترجم | ڪراچي: سنڌ حڪومت، ۱۸۵۱ع | ۲۰۰ | لٿو | ۵۸۰ | ٦ ربيا، ارد شير جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| حڪايات الصالحين | طالب حسين، مترجم | بمبئي: قاضي ابراهيم ۽ جيوا خان، ۱۸۷۰ع | ۱۵۰۰ | لٿو | ۵۷۳ | هڪ رپيو ۱۲ آنا، حيدري پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |
| شرح محمدي | نولراءِ شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ۱۸٦۷ع | ۵۰۰ | لٿو | ۴۴ | ۴ آنا |
| ابوالحسن جي سنڌي | ابوالحسن | بمبئي: قاضي ابراهيم بن قاضي نور محمد، ۱۸٦۹ع | ۷۵۰ | لٿو | ۱۵۲ | ۷ آنہ، حيدري پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |
| | ٻيو ڇاپو | ۱۸۸۷ع | ۷۰۰ | لٿو | ۲۰۸ | ٦ آنا، صفدري پريس بمبئي. |
| ابوالحسن جي سنڌي | ابوالحسن | ڪراچي: تعليم کاتو، ۱۸۷۱ع | ۵۰۰ | لٿو | ۱۸۹ | ۸ آنا، تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| ابوالحسن (نورنامون) | حاجي محمد | بمبئي: قاضي فتح محمد، ۱۸۸۱ع | ۲۸۰۰ | لٿو | ۲۳۲ | ۷ آنا، فتح الڪريم پريس بمبئي. |
| نورالابصار | مخدوم عبدالله | بمبئي: قاضي ابراهيم ۽ نورالدين بن جيوا خان، ۱۸٦۹ع | ۵۰۰ | لٿو | ۵۴٦ | هڪ رپيو ۱۲ آنا، حيدري پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | پيو ڇاپو | ١٨٨٣ع | ٧٥٠ | | | |
| | ٽيون ڇاپو | ١٨٩٩ع | ٩٠٠ | | | هڪ رپيو ۴ آنا. |
| بدرالمنير | مخدوم عبدالله | بمبئي: قاضي ابراهيم بن قاضي نور محمد، ١٨٧١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٨٠ | ١٢ آنا. محمدي پريس بمبئي ۾ پيھر ڇپيو. |
| حيات العاشقين | مخدوم محمد هاشم | بمبئي: قاضي ابراهيم بن قاضي نور محمد، ١٨٧١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٩٦ | ١٢ آنا. ؟؟؟ |
| سير بسطان المعروف قصص الانبياء | ميان محمد حسن ۽ محمد صديق | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٧١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٧٦، ۴ | ٻہ رپيا ٨ آنا. |
| منتخب الفوائد | ميان عبدالرحمان | بمبئي: قاضي ابراهيم، قاضي نور محمد، ١٨٧١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٨٠ | ١٢ آنا. هريہ لنگوس پريس بمبئي ۾ پيھر ڇپيو. |
| ترتيب الصلواة | حاجي محمد خطيب سمون | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٧٢ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦٨ | ٻہ آنا ٦ پايون، حيدري پريس بمبئي ۾ پيھر ڇپيو. |
| | پيو ڇاپو | ١٨٧٦ع | | | | |
| ترتيب الصلواة | حافظ عثمان | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٧٢ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٠۴ | ٣ آنا. حيدري پريس بمبئي. |
| ترتيب الصلواة | حاجي محمد | بمبئي: فتح محمد برادرس، ١٨٨٣ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٦٨ | ٣ آنا. فتح الڪريم بمبئي. |
| روضة الشهدا | احمد سنڌي | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٧٢ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٨١٦ | هڪ رپيو ١٢ آنا، حيدري پريس بمبئي ۾ پيھر ڇپيو. |
| مجموعہ سنڌي | مخدوم عبدالله | بمبئي: قاضي ابراهيم نور محمد، ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٠٥ | هڪ رپيو ٨ آنا، هريہ لنگوس پريس بمبئي. |
| غزوات يا شجاعت جو قصو | مخدوم عبدالله | بمبئي: ١٨٧٢ع | ؟ | ؟ | ١٧٢، ١٣٢ | ؟؟؟ |
| مجموعہ فوائد | حاجي محمد خطيب سمون | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان ۽ قاضي ابراهيم، ١٨٧٢ع. | ١٥٠٠ | لٿو | ٣١٢ | هڪ رپيو، حيدري پريس بمبئي ۾ پيھر ڇپيو. |
| | پيو ڇاپو | ١٨٨٦ع | | | ٣٣٦ | ١٠ آنا، نورالدين |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | جيوا خان صفدري پريس ۾ ڇپيو. |
| | تيون ڇاپو | ١٨٩٠ع | ١٠٠٠ | | ٣٥٢ | |
| مجموعہ فوائد (ننڍو) | حاجي محمد خطيب سمون | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لتو | ٣٣٦ | ١٠ آنا، هريبہ لنگوس پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| | | ١٨٨٣ع | | | | ملا نورالدين حيدري پريس ۾ ڇاپيو. |
| | | ١٨٨٥ع | ٢٨٠٠ | لتو | | قاضي فتح محمد فتح الڪريم پريس بمبئي ۾ ڇاپيو. |
| تنبيہ الجاهلين | مخدوم ابراهيم | بمبئي: قاضي ابراهيم بن قاضي نور محمد، ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لتو | ٥٢ | ٻہ آنا، هريبہ لنگوس پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| تفسير سيپاره تبارڪ جو | ميان ميرو سنڌي | بمبئي: قاضي ابراهيم بن نور محمد، ١٨٧٣ع | ١٥٠٠ | لتو | ٥٧٤ | هڪ رپيو ٨ آنا، حيدري پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| سنڌي مخدوم ضياءالدين | مخدوم ضياءالدين | بمبئي: قاضي ابراهيم بن نور محمد، ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لتو | ١٥٦ | ٧ آنا، هريبہ لنگوس پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| قصص الانبياء | محمد حسن | بمبئي: قاضي ابراهيم ۽ شيخ نور محمد جيوا خان، ١٨٧٣ع | ٧٥٠ | لتو | ٥٣٢ | هڪ رپيو ١٢ آنا، حيدري پريس بمبئي. |
| | | ١٨٨٤ع | ١٠٠٠ | لتو | ١٤٤ | هڪ رپيو ١٠ آنا. |
| قمرالمنير | مخدوم عبدالله | بمبئي: قاضي ابراهيم بن نور محمد، ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لتو | ٢٨٠ | ١٤ آنا، هريبہ لنگوس پريس ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| قوت العاشقين | مخدوم محمد هاشم | بمبئي: قاضي ابراهيم بن نور محمد، ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لتو | ٤٣٢ | هڪ رپيو، هريبہ لنگوس پريس بمبئي. |
| هدايت المريدين | مخدوم ابراهيم | بمبئي: قاضي ابراهيم بن نور محمد، ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لتو | ٥٦ | ٤ آنا، هريبہ لنگوس پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| مجموعہ زاد الفقير | عبدالخالق | بمبئي: قاضي ابراهيم بن نور محمد، ١٨٧٣ع | ١٥٠٠ | لتو | ١٨٤ | ١٢ آنا، هريبہ لنگوس پريس بمبئي. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | چپيو. |
| فراق نامو صغري (خوجڪي سنڌي) | غلام حسين علاوالدين | بمبئي: ليڪ، ١٨٨٦ع | ٢٥٠ | لٿو | ٦٠ | هڪ رپيو، غلام حسين پريس بمبئي. |
| حڪايت عجيب | مخدوم عبدالصمد | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٨٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٦ | هڪ آنو، صفدري پريس بمبئي ۾ پيهر چپيو. |
| حسن الاوليٰ | مخدوم عبدالصمد | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٨٦ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٦٤ | ٣ آنا، صفدري پريس بمبئي. |
| شريعت الجماعت | مخدوم عبدالصمد | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٨٦ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٨٠ | ٤ آنا، صفدري پريس بمبئي. |
| مجموعہ خطب | --- | دهلي: فاروقي پريس، ١٨٨٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٦ | ٻہ آنا. |
| تحفة الاسلام (پاڱو پهريون) | مولوي محمد عثمان | ڪراچي: سنڌ مدرسہ بورڊ، ١٨٨٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٧ | ٤ آنا، سنڌ مدرسہ پريس ڪراچي. |
| | ٻيو دفعو | ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٠ | اسلاميہ پريس لاهور. |
| تحفة الاسلام (پاڱو ٻيو) | مولوي محمد عثمان | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٥٢ | ٤ آنا ٦ پايون، مفيد عام پريس لاهور. |
| تحفة الاسلام (پاڱو پنجون) | مولوي محمد عثمان | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٧٦ | ٦ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| راهِ نجات | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: سنڌ مدرسہ بورڊ، ١٨٨٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٩ | ٥ آنا، سنڌ مدرسہ بورڊ پريس ڪراچي. |
| حيات العاشقين | مخدوم محمد هاشم | بمبئي: قاضي عبدالڪريم ۽ قاضي رحمت الله، ١٨٩٠ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٤٠ | فتح الڪريم پريس بمبئي. |
| بهشت نامون | ميان غلام نبي | لاهور: ليڪ، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٦ | ٻہ آنا ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٤ع | | | | ٦ آنا. |
| دلائل الحسنات | مرزا محمد صادق: مترجم | ڪراچي: اڪليل پريس، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٤٠ | ڏهہ آنا. |
| ذخيرهٔ آخرت | مرزا علي اڪبر | ڪراچي: اڪليل پريس، ١٨٩٢ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٤٠ | ٣ آنا. |
| قيامت نامو | ميان غلام نبي | لاهور: ليڪ، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٨ | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٤ع | | لٿو | | ٩ پايون. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| جوهر معرفت | محمد بچل | ڪراچي: ليٿڪ، ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٣٤ | ٨ آنا، معيار پريس ڪراچي. |
| عجيب العجيب (ڀاڱو پهريون) | مولوي محمد عثمان | ڪراچي: ليٿڪ، ١٨٩٣ع | ٧٠٠ | لٿو | ٨٣ | ٤ آنا، مجتبائي پريس لاهور. |
| عمل خير (ديوناگري) | علي مراد | بمبئي: ليٿڪ، ١٨٩٣ع | ٧٠٠ | لٿو | ٨٠ | هڪ آنو، ڏتہ پرساد پريس بمبئي. |
| مجموعہ خطب | مولوي محمد | ڪراچي: سنڌ مدرسہ بورڊ، ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٢٨ | ٦ آنا، سنڌ مدرسہ پريس ڪراچي. |
| سنڌي خطبن جي سنڌي زبان ۾ | عبدالقادر | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ؟ | ٣ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| ڪتاب انيس الطالبين (عربي-پارسي-سنڌي) | حافظ امام بخش | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٦ | ٻہ آنا ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| ڪتاب مفتاح العلم (سنڌي-پارسي) | حافظ امام بخش | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٢ | ٣ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| تحفتہ المسلمين | ميان يار محمد | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٥٢ | ١٠ آنا ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٥ع | | | | |
| | ٽيون ڇاپو | ١٨٩٧ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٥٤ | منشي پوڪرداس شڪارپور واري ڇپرايو. |
| مفيد المسلمين | ميان يار محمد | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٨ | ٤ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٦ع | | | | |
| مجموعہ مسرت العاشقين | محمد عنايت الله | حيدرآباد: ليٿڪ، ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٧٢ | ٦ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| مناسڪ الحج سنڌي | محمد عنايت الله | حيدرآباد: ليٿڪ، ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٢ | ٻہ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| انيس الواعظين عرف محمدي | منشي عبدالستار | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٢٠ | ٨ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| پند نامون سنڌي | محمد عارف | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٦ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٤ | ٤ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| فوائد المبتدي (پارسي ۽ سنڌي) | حافظ امام بخش | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٤ | ٻہ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| عهدنامون | منشي عبدالستار | لاهور: ليٿڪ، ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٤ | هڪ آنو، اسلاميہ |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | پريس لاهور. |
| ظفر الجهلان انڪار شرف العالين لقب مناقب الصلاوة سنڌي | هدايت الله | لاهور: ليڪ، ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٠ | مفت، اسلاميہ پريس لاهور. |
| گلابي گل مجموعہ تي ڪتابي نماز فرائض | پيرڏنو شاهہ | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٠٤ | ٤ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| مجموعہ تي خطبا | پيرڏنو شاهہ | لاهور: ليڪ، ١٨٩٧ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦١ | ٤ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| رسالو رمضان شريف سنڌي | عبدالحق | لاهور: ليڪ، ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٧٢ | ٤ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| الحق | غلام حسين عبدالڪريم مرزا | سکر: ليڪ، ١٨٩٩ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٧ | ٻہ آنا، وڪٽوريہ پريس سکر. |
| رسالو عشق جو تنبيہہ الغافلين | مخدوم ابراهيم | بمبئي: مولوي محمد، ١٨٩٩ع | ٩٠٠ | لٿو | ؟ | ٣ آنا، حسيني پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |
| ڪتاب چهل حديث مترجم (عربي-سنڌي) | مولوي محمد صديق نورنگ پوٽو | بمبئي: ليڪ، ١٨٩٩ع | ٩٠٠ | لٿو | ١٦ | ٦ پايون، حسيني پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |
| گلزار محمدي | محمود | لاهور: ليڪ، ١٨٩٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٤٦ | ٦ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| خزانة الاعظم شرح ڪنزالعبرت | مخدوم عبدالله | امروٽ: قادري پريس، ١٩٠٠ع | ٣٠٠ | لٿو | ٩٨ | ٨ آنا. |
| خطبہ سنڌي بيتن ۾ | محمد بچل حاجي چٽو همپوٽو | حيدرآباد: ليڪ، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٩ | ٩ پايون، وديا ساگر پريس حيدرآباد. |
| ڪتاب تنبيہہ الجاهلين | مولوي محمد صديق نورنگ پوٽو | بمبئي: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٩٥٠ | لٿو | ٤٨ | هڪ آنو، حسيني پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |
| مجموعہ خطب | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦٠ | ٦ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| نماز مترجم سنڌي | عبدالله | امروٽ: قادري پريس، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٨ | هڪ آنو. |

## (ب) هندو ڌرم [سک مذهب سميت]

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| هڪڙي پرميشور ڪي مڃيندڙن جي پوٿي | --- | ڪراچي: سک سڀا، ١٨٦٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٦ | هڪ آنو ٦ پايون، وديا ونود پريس ڪراچي. |
| پرميشور جي پڄڻ لاءِ عام پرارٿنا جي پوٿي | --- | ڪراچي: سک سڀا، ١٨٦٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٦ | هڪ آنو، وديا ونود پريس ڪراچي. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| هندو ڌرم شاستر سنڌي معنيٰ | نولراءِ شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٦٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٣٢ | هڪ رپيو ٩ آنا. |
| هندو لا (ديوناگري) | نولراءِ شوقيرام آڏواڻي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٧٥ع | ٣٠٠ | لٿو | ٦٧ | هڪ رپيو. |
| جپ صاحب (ديوناگري) | --- | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٧٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٨ | ٣ آنا. |
| ڌرم تتوار (گرمکي) | نولراءِ شوقيرام آڏواڻي | لاهور: ليڪ، ١٨٧٦ع | ٢٥٠ | لٿو | ٣٢ | ٻہ آنا، مسٽربلاس پريس لاهور. |
| پرارٿنا مالا (ديوناگري) | اننتا ياوناٿي | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٧٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٢ | ٻہ آنا. |
| جپنا معل حسبدا ٻيو ڇاپو | ڪرشناجي رگھونات | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٧٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣١ | ٤ آنا. |
| ست است ويچار (گرمکي) | سوامي عالمرام پرماهنس | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٧٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٦٠ | ٨ آنا. |
| پوٿي اڍي جي سلوڪن جي (ديوناگري) | ؟؟؟ - ٽيون ڇاپو | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٨٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٤ | ٻہ آنا. |
| | چوٿون ڇاپو | ١٨٨٥ع | | | | |
| جپ صاحب | --- | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٨٥ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٤٠ | ٤ آنا. |
| جپ صاحب ارٿ سميت (ديوناگري) | شامسنگ پنجاسنگ خالصو | جيڪب آباد: ڪمرشل انڊور ٽائيزر پريس، ١٨٨٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦٢ | ٦ آنا. |
| هي پوٿي ڀڳوت گيتا (ديوناگري) | گرداسمل ٿانورداس ڪرپلاڻي | ڪراچي: ليڪ، ١٨٨٧ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ١١٢ | ٨ آنا، ڪمشنر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| پارنمن ماهه موتيرام ۽ جمناداس | پنجومل | لاهور: ليڪ، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٨ | ٦ پايون، مجتبائي پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٠ع | | | | ٣ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | ٽيون ڇاپو | ١٨٩٣ع | | | | ٦ پايون. |
| پوٿي جپ صاحب | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٤ | ٻہ آنا ٦ پايون، وڪٽوريہ پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٩ع | | | ٢٠ | هڪ آنو ٣ پايون. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پوٿي جپ صاحب ارٿ سميت | آوتراءِ ۽ جهمتراءِ ملڪاڻي | سکر: ليکک، ١٨٨٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٤٥ | ٤ آنا. وڪٽوريه پريس سکر. |
| پوٿي پريچا گرو ارجن صاحب جي | هريسنگ دنگومل | سکر: هريسنگ، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٠ | هڪ آنو. مجتبائي پريس سکر. |
| جنم ساکي گرونانڪ جي ڏهن پادشاهن سميت | چيتانند | لاهور: ليکک، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٨٨ | ٤ آنا. وڪٽوريه پريس لاهور. |
| ڪيمو | آسٽمل ريجهومل | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٨٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٥ | هڪ آنو ٣ پايون. |
| گيتا جو ارڙهون اڌياءُ | چيتانند ۽ ڪلڌاس | لاهور: ليکک، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو ٦ پايون. اسلاميه پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٩ع | | | | |
| | ٽيون ڇاپو | ١٨٩١ع | | | ٢٤ | |
| سلوڪ باوا سنتداس | آسٽمل ريجهومل | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٨٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٦ | هڪ آنو. |
| سلوڪ ڀڳت ڪتومل جا | ڪتومل | امرتسر: ليکک، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٤ | هڪ آنو ٦ پايون، چشمه نور پريس امرتسر. |
| پوٿي جپ صاحب ارٿ سميت | هريسنگ دنگومل | سکر: هريسنگ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٠ | ٤ آنا. مصطفائي پريس ۾ ڇپيو. |
| پوٿي ناسڪيت جي | خوبچند | لاهور: ليکک، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو ٣ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| سکمني صاحب | --- | لاهور: وڪٽوريه پريس، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٤٠ | ٣ آنا. |
| سلوڪ ادي ڀڳت جا | تيجومل | لاهور: ليکک، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو، ٤ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| | ٻيو دفعو | ١٨٩٠ع | | | ٢٠ | |
| سلوڪ سوامي جا | هريسنگ دنگومل | سکر: هريسنگ، ١٨٨٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٢ | ٩ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| سلوڪ سدامي ڀڳت جا | خوبچند ۽ وشنداس | لاهور: ليکک، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٨ | ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| سلوڪ مينگهي ڀڳت جا | تيجومل | لاهور: ليکک، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٨ | ٦ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| شبد نئين محل جا | شامسنگ | لاهور: ليکک، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٣ | هڪ آنو ٦ پايون.، مصطفائي پريس، لاهور. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گيتا پستڪ (گرمکي) | پنڊت پريتم شرما | شڪارپور: ليڪ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٠ | ٣ آنا. شڪارپور پريس شڪارپور. |
| پارنهن ماهه (موتي رام ۽ جمناداس (ديوناگري) | موتيرام ۽ جمناداس | لاهور: ليڪ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٨ | ٣ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٣ع | ٨٥٠ | لٿو | | مجتبائي پريس لاهور. |
| پرارٿنا جو ڪتاب | روچلداس | لاهور: ليڪ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو ٦ پايون، مجتبائي پريس لاهور. |
| گنگا آشنان (ٻيو ڇاپو) | گدومل سنتداس | ڪراچي: ؟ ١٨٩٠ع | ؟ | لٿو | ٢٠ | ؟ |
| سلوڪ سنتداس جا | جوڌارام | لاهور: ليڪ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٦ | ٩ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| ويترني ندي | گدومل سنتداس | ڪراچي: ؟ ١٨٩٠ع | ؟ | لٿو | ٢٠ | ؟ |
| پاوا اوستا | ديارام هيمراج تيجواڻي | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو ٣ پايون، سڌاڪر پرڪاش پريس لاهور. |
| جپ صاحب | هريسنگ ڏنگومل | سکر: هريسنگ، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٨ | ٦ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| جنم ساکي اڏيرولعل | سخاوتراءِ نڪر | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥٨ | مفت، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| ست هرشچندر ڪٿا | چينانند ڪلڌاس مامتاڻي | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٩١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٧٤ | ٣ آنا. |
| جڳت تراڻي عرف ست نارائڻ جي ڪٿا | چٿراءِ اجومل چنديراماڻي ۽ چوئٿرام پنواڻي | حيدرآباد، ليڪ، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٦ | ٤ آنا ٦ پايون، سرسوتي پريس حيدرآباد. |
| شري ڀڳوت گيتا جوسر (ديوناگري) | ڏيارام گدومل | حيدرآباد: سرسوتي پريس، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٦٤ | ٻه آنا ٦ پايون. |
| شري سکمني جوسر | ڏيارام گدومل | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٨٩٢ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٧٦ | ٻه آنا. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٩ع | ٢٠٠٠ | | ٤٨ | ٻه آنا. |
| گيتا جو ارڙهون اڌياءِ | رامچند | لاهور: ليڪ، ١٨٩٢ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢٤ | ٦ پايون، وڪٽوريه پريس لاهور ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| ٻارهن ماهه جمناداس جا (گرمکي) | جمناداس | امرتسر: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٠٠ | لٿو | ٨ | ٣ پايون، چشمه نور پريس امرتسر. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پوٿي گرب گيرتا (سنڌي ٻوليءَ ۾) | --- | لاهور: اسلاميه پريس، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٦ | هڪ آنو. |
| پوٿي ناسڪيت جي پيو چاپو | | لاهور: اسلاميه پريس، ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو ٦ پايون. |
| ڀڳوت گيتا | ڏيارام گدومل | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٨٩٣ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٨٠ | هڪ رپيو ٨ آنا. |
| جپ صاحب | کيمچند | حيدرآباد: کيمچند شيوڪرام، ١٨٩٣ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٠ | ٻه آنا. قيصريه پريس حيدرآباد. |
| | ٻيو چاپو | ١٨٩٨ع | | | ٤٢ | |
| جنم ساکي گروگوبند صاحب | همت سنگ خالصو ۽ ڪوڏومل | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤٨ | ٤ آنا. اسلاميه پريس لاهور. |
| گرنٿ صاحب ۾ پاناريا مورتي پوڄا ڪندين | ڏيارام هيمراج تيجواڻي | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٩ | ٦ پايون. سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| گروگرنٿ صاحب جو پهريون ڀاڱو | خوبچند | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٠٨ | ١٠ آنا. اسلاميه پريس لاهور. |
| نندا مالها (ديوناگري) | علي مراد | بمبئي: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو ٦ پايون. دته پرساد پريس بمبئي. |
| ڀڄن مالا | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٨٩٤ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٢٤ | ٦ آنا. |
| جپ صاحب ارٿ سميت ڀاڱو ٻيو | | حيدرآباد: پريراسي، ١٨٩٤ع | ٦٠٠ | لٿو | ٣٦ | ٻه آنا. سرسوتي پريس حيدرآباد. |
| ستن ڏينهن جو پرارٿنا پستڪ | گلابسنگ بيجاسنگ شاهاڻي | سکر: بابو دريا هيلال، ١٨٩٤ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٣ | ٩ پايون. البرٽ پريس سکر. |
| سکمني صاحب معنيٰ ۽ مطلب سان (گرمکي) | چيتنرام | سکر: هريسنگ، ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٩٤ | هڪ رپيو. اسلاميه پريس لاهور. |
| سلوڪ ادو | --- | لاهور: ڪاڪستن پريس، ١٨٩٤ع | ؟ | لٿو | ١٦ | هڪ آنو. |
| ننون سنتها | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٢١٦ | ٢ آنا. |
| ويچار مالا | ڪتنمل خانومل | سکر: ميتارام ڪشورداس، ١٨٩٤ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٩٠ | ٤ آنا. البرٽ پريس سکر. |
| ڌرم جنگ | گرڌنومل هرداسمل | حيدرآباد: ليڪ، ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤٨ | ٤ آنا. سرسوتي پريس حيدرآباد. |
| راڌا سوامي مت | --- | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦٦ | ٥ آنا. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سلوڪ | چينانند ماڻڪراءِ | ڪراچي: ليڪ، ۱۸۹۵ع | ۵۰۰ | لٿو | ۱٦ | هڪ آنو، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| سلوڪ پڳت تاري جا | تاراچند ڪلياڻداس گلابداسي | سکر: ڏيومل ڊنگومل، ۱۸۹۵ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۳٦ | ٻه آنا ٦ پايون، البرٽ پريس سکر. |
| اسنت گرونانڪ | جيرامداس | حيدرآباد: سرسوتي پريس، ۱۸۹٦ع | ۵۰۰ | لٿو | ۱٦ | ٦ پايون. |
| پوٿي جنم ساکي گرونانڪ صاحب | تيجومل | لاهور: ليڪ، ۱۸۹٦ع | ۵۰۰ | لٿو | ۱۳۲ | ۱۰ آنا، اسلاميه پريس لاهور. |
| پچن منس ورجات | --- | حيدرآباد: رامچند مورجمل، ۱۸۹٦ع | ۳۰۰۰ | لٿو | ۲۰ | ۳ پايون، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| منور نجڪ مالا (ديوناگري) | ڪرشن مهراج | ڪراچي: آرين پريس، ۱۸۹٦ع | ۵۰۰ | ٽائيپ | ۷۲ | ۴ آنا. |
| نوان سامي صاحب جا سلوڪ | ماڌوداس | لاهور: ليڪ، ۱۸۹٦ع | ۵۰۰ | لٿو | ۱۸۰ | ٦ آنا، اسلاميه پريس لاهور. |
| جپ صاحب ارٿ سميت | ڏيارام گدومل | حيدرآباد: قيصريه پريس، ۱۸۹۷ع | ؟ | ٽائيپ | ۱۰٦ | ٦ آنا. |
| راما چرتر | نارائنداس لچيرام شاهاڻي | حيدرآباد: ليڪ، ۱۸۹۷ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۱٦ | هڪ آنو، ؟؟ |
| اپيدا اپديش | --- | حيدرآباد: ڌرمداس بيلارام آڏواڻي، ۱۸۹۸ع | ۵۰۰ | ٽائيپ | ۸۰ | هڪ آنو ٦ پايون، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| | ٻيو ڇاپو | ۱۸۹۸ع | | | | |
| ٻارهن ماهه | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ۱۸۹۸ع | ۷۵۰ | لٿو | ۸ | ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| ٻارهن ماهه (گرمکي) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ۱۸۹۸ع | ۷۵۰ | لٿو | ۸ | ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| پچن دکا ۽ نواس ۲ (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس ۱۸۹۸ع | ۷۵۰ | لٿو | ۴۰ | ٻه آنا، پوڪر پريس شڪارپور. |
| پچن دکا ۽ نواس-۳ | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ۱۸۹۸ع | ۷۵۰ | لٿو | ۸۸ | ٦ آنا، پوڪر پريس شڪارپور. |
| پچناولي | شيواسنگ هريسنگ اجواڻي | حيدرآباد: رامچند مورجمل، ۱۸۹۸ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ٦۸ | هڪ آنو ۳ پايون، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| جپ صاحب امر لعل ۽ | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، | ۷۵۰ | لٿو | ۳۲ | هڪ آنو ٦ پايون، |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گرونانڪ صاحب جو | | ١٨٩٨ع | | | | پوڪر پريس شڪارپور. |
| ڪٿاست نارائڻ (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦۴ | ۴ آنا، پوڪر پريس شڪارپور. |
| ڪرشن ليلا | --- | حيدرآباد: پرمانند ميوارام، ١٨٩٨ع | ٦٠٠ | ٽائيپ | ١١ | مفت، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| گيتا جو ارڙهون اڌياءُ (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| ڦول مالا | ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٨٩٨ع | ؟ | ٽائيپ | ١٠٠ | ٥ آنا. |
| مهايرڪ باني (گرمکي) | رامچند مهاديو | شڪارپور: ليکڪ، ١٨٩٨ع | ٣٠٠ | لٿو | ٥٥ | ٥ آنا، پوڪر پريس شڪارپور. |
| امر پاٽي (گرمکي) | سوامي ڪلاچند | حيدرآباد: ڌرمداس بيلارام، ١٨٩٩ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٠٠ | ۴ آنا، قيصريه پريس حيدرآباد. |
| پوٿي ناسڪيت جي (ديوناگري) | مولوي محمد عثمان | لاهور: ليکڪ، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو ٦ پايون، مفيد عام پريس لاهور. |
| پورن پگت سنڌي | ليکراج | لاهور: ليکڪ، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢۴ | ٻه آنا، مصطفائي پريس لاهور. |
| پورن پگت ۽ موتيرام (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٧٠ | ٻه آنا ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| پريچا (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢۴ | هڪ آنو، پوڪر پريس شڪارپور. |
| پچن دکا (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪاپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦۴ | ٻه آنا، پوڪر پريس شڪارپور. |
| جپ صاحب | نولراءِ شوقيرام آڏواڻي | لاهور: ليکڪ، ١٨٩٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو، اسلاميه پريس لاهور. |
| سکمني صاحب مول | --- | لاهور: مصطفائي پريس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢۴ | ٥ آنا. |
| سرگيتا (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٦ | ٦ پايون، پوڪر پريس شڪاپور. |
| سلوڪ ادو (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو، پوڪر پريس شڪارپور. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سلوڪ سنڌاس | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢ | پوڪر پريس شڪارپور. |
| سلوڪ سنڌما پڳت جا | دلبومل | لاهور: ليڪ، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٨ | ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| گرب گيرتا (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٦ | ٦ آنا، پوڪر پريس شڪارپور. |
| گرو اپديش (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ١١٢ | ؟، پوڪر پريس شڪارپور. |
| ناسڪيت (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوشرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| اوم سنگيت سنڌاڪر | ڏيومل گاگنمل | حيدرآباد: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٠ | ٦ پايون، قيصريہ پريس حيدرآباد. |
| پريم مالا | ڪوڙومل چندنمل | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٩٠٠ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٣٢ | ٦ پايون. |
| رامائڻ | وسٽمل جيرامداس | حيدرآباد: ليڪ، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٢٣۴ | هڪ رپيو ۴ آنا، وديا ساگر پريس حيدرآباد. |
| رامائڻ (ديوناگري) | وسٽمل جيرامداس | حيدرآباد: ليڪ، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣١٦ | هڪ رپيو ڏهہ آنا، وديا ساگر پريس حيدرآباد. |
| سک ساگر | پڳت هاسارام | ڪراچي: سنڌير سنگ ولد پڳت هاسارام ١٩٠٠ع | ٥٠٠ | لٿو | ٨٠ | ٨ آنا، دبدبہ حيدري پريس ڪراچي. |
| سلوڪ سوامي حصو پهريون ۽ ٻيو (ديوناگري) | ٿهلرام مينگهراج گياني | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ۴٩۴ | ؟، پنجاب اڪناميڪل پريس لاهور. |
| شري ڀڳوت گيتا مهاتم سميت | هيمن داس | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٦ | ٣ پايون، بالموڪند پريس لاهور. |
| وشنو سها سر نام (گرمکي) | سوامي ڪلاچند | حيدرآباد: ڌرمداس بيلارام، ١٩٠٠ع | ١٠٠ | ٽائيپ | ٣٢ | ٦ پايون، قيصريہ پريس حيدرآباد. |

### (ت) عيسائيت

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| بائيبل | --- | سيرامپور: ؟، ١٨١٩ع | ٢٧۴ | ؟ | ؟ | برٽش ميوزيم نمبر Or 71. |
| سينٽ منيٿو (ديوناگري) | جارج استئنڪ | بمبئي: ؟، ١٨٥٠ع | ؟ | ؟ | ١٣۴ | ؟، برٽش ميوزيم نمبر ١۴١٦۴/۴٧. |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گاسپل آف جان | اي - برن | ڪراچي: ؟، ١٨٥٩ع | ؟ | لٿو | ١٥٠ | ؟، برٽش ميوزيم نمبر ١٤١٦٤/٤٥. |
| خداوند يسوع مسيح تنهن جو انجيل ٺاهيل مرقس جو | --- | (لنڊن) هرٽفورڊ: ؟، ١٨٦٨ع | ؟ | ؟ | ؟ | برٽش ميوزيم نمبر ١٤١٦٤/٤٦ (٣). |
| خداوند يسوع مسيح تنهن جو انجيل ٺاهيل لوقا جو | --- | (لنڊن) هرٽفورڊ: ؟، ١٨٦٩ع | ؟ | ؟ | ؟ | برٽش ميوزيم نمبر ١٤١٤٦/٤٦ (٤). |
| خداوند يسوع مسيح تنهن جو انجيل ٺاهيل يوحنا جو | --- | (لنڊن) هرٽفورڊ: ؟، ١٨٦٩ع | ؟ | ؟ | ؟ | برٽش ميوزيم نمبر ١٤١٦٤/٤٦ (٦). |
| خداوند يسوع مسيح تنهن جو انجيل رسولن جا ڪم | اي - برن | (لنڊن) هرٽفورڊ: ١٨٧٠ع | ؟ | ؟ | ؟ | برٽش ميوزيم نمبر ١٤١٦٤/٤٦ (٦). |
| خداوند يسوع مسيح تنهن جو انجيل پنج حصا | اي - برن | (لنڊن) هرٽفورڊ: ١٨٧٠ع | ؟ | ؟ | ؟ | برٽش ميوزيم نمبر ١٤١٦٤/٤٨. |
| خداوند يسوع مسيح جو انجيل تنهن جو هي پولس رسول جو رومين ڏي خط | --- | (لنڊن) هرٽفورڊ: ١٨٧٤ع | ؟ | ؟ | ؟ | برٽش ميوزيم نمبر ١٤١٦٤/٤٦ (١). |
| سچو واپار (ديوناگري) | جارج شرٽ | ڪراچي: چرچ مشنري سوسائٽي، ١٨٧٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٢ | ٣ پايون، مفرح القلوب پريس ڪراچي. |
| | ڇوٿون ڇاپو | ١٨٨١ع | | | | ٦ پايون، وديا ونود پريس ڪراچي. |
| گاسپل آف جان (گرمکي) | اي - برن | آڪسفورڊ: ؟، ١٨٧٧ع | ؟ | ؟ | ١١١ | برٽش ميوزيم نمبر ١٤١٦٤/٤٢. |
| سوال جواب | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٧٧ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٦ | هڪ آنو. |
| سچي ساهمي | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٧٨ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ؟ | ٻه آنا. |
| سچي ساهمي | جيمس شيلڊن | ڪراچي: چرچ مشنري سوسائٽي، ١٨٧٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٨ | ٦ پايون، وديا ونود پريس ڪراچي. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٣ع | ٢٠٠٠ | | ١٦ | |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| دانود جو زبور | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٧٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٩٠ | ٨ آنا. |
| پراڻي بولي | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٧٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٦ | ٻه آنا. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٣ع | | | | ٣ پايون. |
| | ٽيون ڇاپو | ١٨٨٥ع | ٢٠٠٠ | | | |
| | چوٿون ڇاپو | ١٨٩١ع | ٢٠٠٠ | | | ٦ پايون. |
| پراڻي بولي (ديوناگري) | جيمس شيلڊن | ڪراچي: پنجاب رلجس سوسائٽي، ١٨٨٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٦ | ٻه پايون، ودياونود پريس ڪراچي. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٨٣ع | ٢٠٠٠ | | | |
| عادل امير | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٦ | ٦ پايون. |
| جوان سنڌين ڏي خط ١ | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٢ | ٦ پايون. |
| خط بنام جوانان هند | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٢ | هڪ آنو، ٻيهر ڇپيو. |
| خط بنام جوانان هند٢ | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو، ٻيهر ڇپيو. |
| خط بنام جوانان هند٣ | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٠ | هڪ آنو، ٻيهر ڇپيو. |
| خط بنام جوانان هند٤ | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣٠ | هڪ آنو، ٻيهر ڇپيو. |
| خط بنام جوانان هند٦ | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٢٨ | هڪ آنو، ٻيهر ڇپيو. |
| خط بنام جوانان هند٧ | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢٤ | هڪ آنو، ٻيهر ڇپيو. |
| خط بنام جوانان هند١١ | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٨ | هڪ آنو، ٦ پايون، ٻيهر ڇپيو. |
| طرحدار پڳڙي | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣٤ | هڪ آنو. |
| قيمتي روح ٽيون ڇاپو (ديوناگري) | جارج شرٽ | ڪراچي: چرچ مشنري سوسائٽي، ١٨٨٢ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٠ | ٣ پايون، ودياونود پريس ڪراچي. |
| مسيحي مسافر جو احوال | – | لڌيانه: آمريڪن مشن پريس، ١٨٨٢ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٣١٦ | ٨ آنا. |
| | ٻيو ڇاپو | ١٨٩٩ع | | لٿو | ٣١٢ | ٦ آنا. امرتسر مشن پريس. |
| قيمتي روح | جارج شرٽ | لڌيانه: آمريڪن مشن | ٤٠٠٠ | لٿو | ١٢ | ٣ پايون، ٻيهر ڇپيو. |

# دستاويزن ۽ مخطوطن جي مرمت جا طريقا

بحالي (Restoration) هڪ اهڙو عمل آهي. جنهن جي وسيلي ڪنهن دستاويز تي وقت ۽ انساني استعمال جي باعث ٿيندڙ تباهيءَ ۽ نقصان کي درست ڪرڻ ۽ ان کي اهڙيءَ طرح مضبوط ۽ پائدار بڻائڻ آهي جو انهيءَ جي اصل هيئت (originality) برقرار رهي. هر تحرير هڪ پيغام رکي ٿي. انهيءَ پيغام کي محفوظ ڪرڻ سان گڏوگڏ انهيءَ ڪاغذ کي به محفوظ ڪرڻ ضروري هوندو آهي جنهن تي تحرير هجي. ڇاڪاڻ جو تحرير ۽ ڪاغذ به تاريخ جو اهم حصو هوندا آهن. ڪاغذ جو قسم، انهيءَ جي بناوت، انهيءَ تي ناهيا ويندڙ نقش ۽ تصويرون، طرز تحرير، استعمال ڪيل مس ۽ ڪاغذ جي هلڪڙائي وغيره اهڙا عنصر آهن، جن جو مطالعو تاريخ ۾ نوان رستا کولي ڇڏي ٿو ۽ تحرير تيل پيغام کان سواءِ مورخ کي اجان به وڌيڪ ڪجهه ٻڌائي ٿو.

بحاليءَ جا ڪجهه بنيادي اصول آهن، جن کي ڪنهن حال ۾ به نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. اهي اصول هيٺينءَ ريت آهي.

(الف) بحاليءَ دوران تحرير جو ڪوبه حصو لڪائڻ يا ضائع ڪرڻ نه گهرجي. تحرير جو هڪ هڪ لفظ واضح هئڻ گهرجي.

(ب) بحاليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ شيون اهڙيون هئڻ گهرجن، جن جي باري ۾ يقين هجي ته اهي دستاويز کي اڳتي هلي نقصان نه پهچائينديون. مثلاً مرمت جي لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪاغذ ۾ تيزابيت نه هئڻ گهرجي. لئي اهڙي هجي جيڪا ڪيڙن ماڪوڙن جي خوراڪ نه بڻجي سگهي ۽ دستاويز جيتن جي حملي کان محفوظ رهي.

(ٻ) بحالي اهڙي طرز جي هجي جنهن مان دستاويز جي اصل هيئت تبديل نه ٿئي ۽ انهيءَ جي اصليت برقرار رهي.

(پ) گذريل/ اڳوڻي بحالي يعني اڳوڻا مرمت ۾ استعمال ٿيل جزا دستاويزن تان لاهي ڪري ريسٽوريشن يا بحاليءَ جو ڪم ڪرڻ گهرجي. نئين بحالي دستاويز تي واضح هئڻ گهرجي.

بحاليءَ کان اڳ دستاويز جو تفصيلي معائنو ضروري هوندو آهي، انهن ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل آهن:

(الف) دستاويز جو نالو، نمبر، ڳٽ، سائيز، صفحن جو تعداد.

(ب) دستاويز جي تاريخ، قدامت ۽ اهميت.

(ٻ) دستاويز تي موجود سابقه / اڳوڻي بحالي ۽ انهيءَ جي طبعي حالت.

(پ) دستاويز جي ڪاغذ ۽ مس جو معائنو.

بحالي ڪرڻ واري لاءِ آخري به ڳالهيون وڌيڪ اهم آهن. دستاويز تي موجود سموري بحاليءَ کي جدا ڪرڻ ضروري هوندو آهي. انهيءَ بحاليءَ کي جدا ڪرڻ ۾ مختلف ڳارا (solvents) استعمال ڪيا ويندا آهن. ڪاغذ جي طبعي حالت ۾ انهيءَ جي ٿولهه، مضبوطي، رنگ وغيره جو معائنو شامل آهي. هڪ تجربي ڪار ماهر بحال ڪندڙ، انهيءَ جو اندازو سولائيءَ سان ڪري سگهي ٿو. بهرحال ڪجهه آزمائشون (test) اهڙيون به آهن جيڪي ڪاغذ ۽ مس جي باري ۾ وڌيڪ معلومات مهيا ڪن ٿيون. انهن مان چند ضروري آزمائشون هيٺينءَ ريت آهن.

(الف) ڪاغذ سازيءَ دوران ان کي وزني ۽ سٽيو بڻائڻ لاءِ انهيءَ ۾ ڦٽڪي (Alum)، Rosin يا جيلاٽين

(Gelatin) استعمال ڪئي ويندي آهي. اهڙو ڪاغذ پاڻيءَ ۾ پُسڻ کان پوءِ ڪمزور ۽ هلڪو ٿي پوندو آهي. بحال ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ڪلف (size) ڪرڻو پوندو آهي. ڪاغذ ۾ مرڪبن جو پتو ڪيئي سگهجي ٿو. انهن بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. ايلومينين (aluminon) جي ڳلري جو هڪ قطرو جيڪڏهن دستاويز تي وجهبو ۽ اهو گلابي رنگ اختيار ڪري وٺي ته اهو ڪاغذ ۾ ايلم ۽ روزن (Rosin) بابت ڄاڻ ڏئي ٿو. ڪاغذ جيڪڏهن ڪاٺ جي ٻُوري (ground wood) مان تيار ڪيو ويو آهي ته پوءِ فلورو گلوسينول (phloroglucinol) جي ڳاري جو هڪ قطرو ڪاغذ تي وجهڻ سان اهو ڳاڙهو رنگ اختيار ڪري وٺندو. جيڪو وري ڪاغذ ۾ لگنين جي ڄاڻ ڏيندو آهي. اهو ڪاٺ جي ٻوري ۾ گهڻي مقدار ۾ موجود هوندو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو مفيد ڳارو هيزبرگ جو ڳارو (Helberg's Stain Solution) آهي. هن ڳاري جو هڪ قطرو ڪاغذ تي وڌو وڃي، جيڪڏهن ڳاڙهو رنگ اچي ته ڪاغذ ۾ ڪاٽن ۽ لينن (cotton/linen) آهي ۽ جيڪڏهن ان جو رنگ پيلو/هئڊو ٿي پوي ته ڪاغذ ڪاٺ جي ڪيمياڻي ٻُوري مان تيار ڪيو ويو آهي. غرض ته انهن ٽيسٽن (spot tests) وسيلي ڪاغذ بابت معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(ب) جيتري قدر مس جو تعلق آهي، بحاليءَ دوران هيءَ ڳالهه گهڻي اهميت رکي ٿي ته مس ڪهڙن ڳارن ۾ حل پذير آهي. مثلاً ڪچي ڪاري يا نيري مس پاڻيءَ ۾ حل ٿئي ٿي/ڳري وڃي ٿي، تنهن ڪري ڦهلجي وڃي ٿي. اهڙيءَ مس کي فيوجيٽيو (fugitive) ٻه چوندا آهن. جيڪڏهن اسين دستاويز جي تحرير تي هڪ ڪنڊ ۾ پاڻيءَ جو ڦڙو وجهون ۽ ڪجهه دير کان پوءِ سفيد بلاٽنگ ڪاغذ انهيءَ تي رکي ڪري دٻايون/ زور ڏيون ۽ بلاٽنگ ڪاغذ کي هاڻي ڪٽي ڪري ڏسنداسين ته جيڪڏهن بلاٽنگ تي مس جو نشان هجي ته مس ڪچي آهي ۽ ڪيس بحاليءَ دوران پاڻيءَ کان بچائڻ ضروري ٿيندو. اهڙيءَ ريت بال پين جي مس کي ڊائيميٿائل فارمامائيڊ (Dimethyl Formamide) کان بچائڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ جو اها انهيءَ ڳاري ۾ حل ٿي وڃي ٿي. مس کي محفوظ ڪرڻ لاءِ انڪ فڪسنگ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

بحالي هڪ اهڙو علم آهي جنهن ۾ عملي ڪم کي گهڻي اهميت حاصل آهي، تنهن ڪري بحاليءَ جي ڪم لاءِ هڪ سٺي تجربي گاهه نهايت ضروري آهي. بحاليءَ جي ڪم دوران عڪس بندي (Photography) هن فن جي تدريس ۾ گهڻي مددگار ثابت ٿئي ٿي. انهيءَ ڪري دستاويزات کي بحال ڪرڻ کان اڳ انهيءَ جي عڪس بندي ڪري وٺڻ گهرجي.

## مرمت جا طريقا (Repair methods)

دستاويزات کي عام طور تي جن طريقن وسيلي درست (Repair) ڪيو ويندو آهي، انهن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

١- روايتي پاڻيءَ وارو طريقو (Traditional Wet) repair

٢- خشڪ طريقو (Dry repair)

**روايتي طريقا: (Traditional Repair)**

روايتي طريقن ۾ هيٺيان طريقا شامل آهن:

١- سادي مرمت (Simple backing)

٢- فريمنگ (framing)

٣- سلڪ ريپيئر (Silk repair)

۴- ٽشو ليمينيشن (Tissue Hand Lamination)

١- سادي مرمت: سادي مرمت ۾ جيڪڏهن دستاويز جي پٺيان تحرير لکيل نه هجي ۽ دستاويز گهڻو ڪمزور ۽ ڀُرڻو هجي ته انهيءَ جي پٺيان مناسب قسم جي ڪاغذ (Repair paper) کي ميدي جي لئيءَ جي مدد سان

چنبڙاني ڇڏيو ويندو آهي. چنبڙاني ويندڙ ڪاغذ ۾ تيزابيت نہ هئڻ ڪري جي ۽ دستاويز جي تيزابيت بہ ختم ڪرڻ گهرجي.

٢- فريمنگ (framing) ۾ عام طور ڏڳهن تندن وارن تيزابيت کان پاڪ هلڪي وزن جي ڪاغذ کي استعمال ڪيو ويندو آهي. مثلاً

- بوڊلين ريپيئر ڪاغذ (Bodelian)
- ڊوور ريپيئر ڪاغذ (Dover)
- گيمپي ريپيئر ڪاغذ (Gampi)
- ڪوزو ريپيئر ڪاغذ (Kozo)
- هاڊو مورا ريپيئر ڪاغذ (Hodomura)

اهي ڪاغذ هلڪي زرد، ڪريم، سليٽي ۽ هلڪي خاڪي رنگن ۾ ملندا آهن. ڪاغذ کي ضرورت پوڻ تي رنگ بہ ڪري سگهجي ٿو. رڱڻ لاءِ ڊائيلان (dylon) رنگ استعمال ڪرڻ گهرجن. مٿي ذڪر ڪيل ڪاغذ قديم دستاويزات ۽ مخطوطن جي مرمت لاءِ گهڻا مناسب آهن. بدقسمتيءَ سان ڪاغذ جا اهي سڀئي قسم پاڪستان ۾ نٿا ملن. اُهو ٻاهرين ملڪن يعني برطانيہ، جرمني يا جپان کان گهرائڻو پوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو ملڪ ۾ پهچڻ کان پوءِ اهي گهڻا مهانگا پوندا آهن. ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ مرمتي مواد (repair material) جن ۾ اهي ڪاغذ بہ شامل آهن، اسان جي ملڪ ۾ تيار ڪيا وڃن يا انهن جا متبادل تيار ڪيا وڃن.

دستاويز جي "فريمنگ" ۾ دستاويز کان هڪ انچ وڏا ريپيئر ڪاغذ جا بہ مساوي/برابر ٽڪرا اهڙيءَ طرح ڪٽيا وڃن جو انهن جي ريشن/تندن جو رخ هڪ طرف هجي. ڪاغذ کي جيڪڏهن مس طرف رکي ڏسندا تہ اسان کي متوازي لائينون ۽ انهن کي ڪاٽيندڙ مفاصلن تي زنجيري لائينون (chain lines) نظر اينديون. ڪاغذ جي ٻنهي ٽڪرن جون لائينون هڪ ئي طرف هئڻ گهرجن. ڪاغذ کي دستاويز تي رکڻ کان اڳ هلڪڙو آلو ڪيو وڃي.

دستاويز کي هڪ پاليٿين جي ٽڪر تي ابتو (reverse) رکي مرمت جي ميز (repair table) تي رکي هلڪڙو آلو ڪري ونڻ گهرجي. دستاويز جي مڙيل حصن کي کولي سڌو ڪجي ۽ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي گُهنجن کي ختم ڪرڻ گهرجي. اهو عمل ڪاغذ کي ٿوري پاڻيءَ وسيلي هلڪڙو تر ڪرڻ کان پُسائڻ گهرجي. هن ڪم ۾ ربڙ جي رولرن (rubber rollers) کان مدد وٺي سگهجي ٿي.

دستاويز تي هڪ پاليٿين جو ٽڪرو رکي ريپيئر پيپر کي اهڙيءَ طرح رکيو وڃي جو اهو پوري دستاويز کي مڪمل طور ڍڪي ڇڏي. ڪاغذ کي پيسل اسفنج سان چڱيءَ طرح لسو ڪيو وڃي. هاٿي مرمت جي ميز ۾ لڳل بجليءَ جي بلب کي روشن ڪيو وڃي تہ جيئن دستاويز تي موجود تحرير چڱيءَ طرح واضح ٿي پوي. هاٿي هڪ سئي (needle) ڪٺي ڪري دستاويز جي پٺ جي تحرير جي چئني پاسن کان ٽريسنگ (tracing) ڪئي وڃي. ٽريسنگ وقت سُئي دستاويز سان گڏ ٣٠ درجي واري ڪنڊ ناهيندي هجي. سُئيءَ تي داب نہ ايترو وڌيڪ ڏجي جو ڪاغذ ڪٽجي پوي ۽ نہ ئي ايترو گهٽ جو وري ٽريس ڪيل حصي کي ڦاڙي ڪڍڻ بہ مشڪل ٿي پوي. ٽريسنگ چڙو هڪ پيرو ڪرڻ گهرجي. ٻٽيون لائينون هرگز نہ ڪڍڻ گهرجن. ٽريسنگ ڪرڻ وقت لائين لهر (Wave) وانگر هئڻ گهرجي. ٽريسنگ کان پوءِ ڪاغذ جي سُڪڻ کان اڳ ٽريس ڪيل ڪاغذ جي اندرئين حصي کي اهڙيءَ طرح ڦاڙي ڪڍڻ گهرجي جو ڪاغذ جا ريشا ڦاٽل حصي جي اندرئين طرف هجن. هاٿي پاليٿين ۽ ٽريس ڪيل ريپيئر پيپر کي ڪٺي وٺو ۽ انهيءَ کي اٿلائي ميز تي رکو ۽ ميدي جي لئيءَ کي انهيءَ تي برش سان پکيڙي ڇڏيو. لئي لڳل ريپيئر پيپر کي دستاويز تي اهڙيءَ طرح رکو جو تحرير جو ڪوبہ حصو ڍڪيل نہ رهي ۽ ريپيئر پيپر دستاويز جي چئني پاسن کان برابر ٻاهر نڪتل هجي. اندرين ڦاٽل ڪنارن تي اضافي لئي (paste) لڳائي، انهن کي فولڊر بون (Folder Bone) سان اهڙيءَ طرح لسو

اهو ٽڪرو جنهن تي دستاويز چنبڙيل هو، ابتو ڪري ٽيرالين جي سطح تي پڪيڙي ڇڏيو. هن کي هٿن يا رولر جي مدد سان لسو ڪري ونو ۽ پاليٿين کي رول ڪندي دستاويز تان اهڙيءَ طرح الڳ ڪريو جو دستاويز ۽ انهيءَ جي پٺ تي لڳايل سلڪ ۽ ريپيئر پيپر ٽيرالين سان ئي چنبڙيل رهن.

پڇي مرحلي ۾ دستاويز تي سلڪ جو هڪ ٽڪرو رکو ۽ انهيءَ تي لئي برش سان لڳايو ۽ ريپئر پيپر رکي اڳ وانگر هموار ڪري ونو ۽ سُڪيءَ وسيلي دستاويز جي ڪنارن سان گڏوگڏ ٽريسنگ ڪري ونو. درمياني ڪاغذ کي ڦاڙي جدا ڪري ونو ۽ فولڊر بون وسيلي بحاليءَ جي ڪم جي پڄاڻي ڪيو. دستاويزن کي بحال ڪرڻ کان پوءِ عمودي حالت ۾ سڪائي ونو، اُس ۾ گرم هوا جو استعمال بلڪل نہ ڪرڻ گهرجي. دستاويز سڪڻ کان پوءِ ڪيس ٽيرالين تان جدا ڪري انهن جي ڪنارن کي گهڙي ونو. دستاويز جي چئني پاسن کان ريپيئر ڪاغذ جو ۱/۸ انچ ويڪرو حاشيو ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

سلڪ سان مرمت ٿيل دستاويز گهڻا مضبوط هوندا آهن، انهن جي ڦاٽڻ جا انديشا بلڪل گهٽجي ويندا آهن. دستاويز جا چڙوچڙ ٿيل جزا پاڻ ۾ گڏجي هڪ جاءِ تي ٿي ويندا آهن، پر ڏٺو ويو آهي تہ دستاويز ٿلهو ٿي پوندو آهي. سلڪ سان ريپيئر ڪيل دستاويزات کي تهہ (Fold) ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. سلڪ کي جيڪڏهن تهہ ڪيو وڃي تہ پوءِ دستاويز ۾ ٽٽڻ جا آثار ظاهر ٿي پون ٿا. اهوئي سبب آهي جو بحاليءَ جو هيءُ طريقو هاڻي تقريباً متروڪ ٿي چڪو آهي. سلڪ وسيلي بحال ڪيل دستاويزن جي تحرير معمولي جهيٽي يعني هلڪي ٿي پوندي آهي. بعض محافظ گهرن ۾ سلڪ وسيلي بحال ڪيل دستاويزن جي رنگ ۾ تبديليءَ کي بہ نوٽ ڪيو ويو آهي. انهن مشاهدن ۽ تجربن جي روشنيءَ ۾ جديد ٽشوز (tissues) استعمال ڪيا ويندا آهن.

۴ - ورق بندي (ليمينيشن). هيءُ هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ دستاويزن کي مختلف قسمن جي ٽشوز مان مناسب ترين ٽشو وسيلي بحال ڪري سگهجي ٿو. هن ۾ جيئن تہ دستاويزن کي آلو نٿو ڪرڻو پوي، تنهن ڪري هيءُ طريقو پاڻيءَ ۾ حل پذير مس وسيلي لکيل دستاويزن لاءِ گهڻو مفيد ثابت ٿئي ٿو. هٿ سان لکيل دستاويزن کي عام طور تي ليمينيٽ نٿو ڪيو وڃي، پر هن طريقي کي دستاويزن جي جزوي مرمت (partial repair) ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

## جديد طريقا (Non-Traditional Repairs)

### دستاويزات جي مرمت جا خشڪ طريقا (Dry Repair)

دستاويزات کي گهٽ ۾ گهٽ ڳلو ڪري يا سواءِ آلو ڪرڻ جي مرمت جي طريقن کي گهڻي اهميت حاصل آهي. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ دستاويزات پاڻيءَ جي اثرن کان محفوظ رهندا آهن ۽ انهيءَ تي موجود تحرير کي مرمت دوران ڪنهن بہ قسم جو خطرو نٿو رهي.

خشڪ مرمت جي طريقن ۾ هڪ طريقو فلورينٽائين ريپئر (Florentine Repair) سڏبو آهي. ڇاڪاڻ جو هن طريقي کي پهريون ڀيرو اٽليءَ جي شهر فلورنس ۾ اپنايو ويو هو. هن طريقي ۾ دستاويزن جي ضايع ٿيل حصن کي ڏگهن ريشن واري ڪاغذ جي مدد سان درستِ ڪري ورتو ويندو آهي. تحرير کي تہ واپس آڻڻ مشڪل آهي پر دستاويز جو ڪاغذ پنهنجي مڪمل طبعي حالت تي اچي وڃي ٿو. هن مرمت جي هيءُ بہ خوبي آهي ت هن ۾ سڄي دستاويز کي مرمت جي مرحلي مان نٿو گذرڻو پوي. اهوئي سبب آهي جو مرمت جي هن طريقي وسيلي ڪتاب کي منتشر ڪرڻ کان سواءِ انهيءَ جي صفحن جي مرمت ڪري سگهجي ٿي.

هن طريقي ۾ استعمال ٿيندڙ شيون هيٺين ريت آهن:

(۱) ڏگهين تندن/ريشن وارو جاپاني ٽشو (Jap. Tissue)

(ب) ليميٽيڪ ٽشو (Lamatec Tissue)

ڊڪي چڙهندي آهي ۽ دستاويز پنهنجو پاڻ مڪمل حالت اختيار ڪري وٺندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پلپ ۾ ڪو مناسب ڪلونر بہ شامل ڪري وٺبو آهي. بعد ۾ مرمت ٿيل دستاويز کي بلاٽنگ ڪاغذ وچ ۾ رکي خشڪ ڪري وٺبو آهي.

ليف ڪاسٽنگ مشينون مختلف ملڪن ۾ تيار ٿيڻ لڳيون آهن. انهن ۾ گھڻيون تہ وري ساديون آهن ۽ ڪوڙ ساريون وري خودڪار آهن. مثلا "Recurator" ۽ "Vinyector" وغيره. هن مشيني طريقي سان دستاويزن جي مرمت گھڻي آسان ٿي وئي آهي. هن ۾ وقت بہ گھٽ صرف ٿئي ٿو ۽ ماهر ريشورر جي بہ ضرورت نٿي پوي. هڪ عام شخص جنهن کي مشين هلائڻ جي تربيت ڏني وئي هجي، هيءَ ڪم ڪري سگھو ٿو. ليف ڪاسٽنگ وسيلي دستاوزن کي مرمت ڪرڻ کان پوءِ نائيلون جا چاريءَ ۽ بعد ۾ "Multisorb" مس چوسيندڙ ڪاغذ تي رکي خشڪ ڪري ورتو ويندو آهي. هن طريقي سان صرف اهڙن دستاويزن کي ٺيڪ ڪري سگھجي ٿو، جن جي مس پڪي هجي. اهڙن دستاويزن کي جن تي پاڻيءَ ۾ حل ٿيندڙ مس استعمال ڪئي وئي هجي، خشڪ مرمت جي طريقي وسيلي بحال ڪرڻ گھرجي. بهرحال اهڙين ليف ڪاسٽنگ مشينن جي تياريءَ تي بہ ڪم ٿي رهيو آهي. جيڪي پاڻيءَ ۾ حل ٿيل مس وارن دستاويزن کي بہ بحال ڪري سگھن.

تازو ئي هڪ نئين ليف ڪاسٽنگ مشين ڊينمارڪ ۾ تيار ڪئي وئي آهي جنهن جي ذريعي وڏي پيماني تي شڪستہ/ڀُريل قيمتي ڪاغذن کي ڏِگھن ريشن واري ڪاغذ جي تيار ٿيل ڳاري وسيلي گھٽ وقت ۾ مرمت ڪري سگھجي ٿو. هن مشين تي مسلسل گھڻن سارن ڀُريل ۽ ڦاٽل ڪاغذن کي جلد بحال ڪري سگھجي ٿو. اميد آهي تہ هن مشين جي تياري جلد ئي وسيع پيماني تي ڪئي ويندي ۽ هن طرح روايتي ليف ڪاسٽنگ مشين جي جڳھہ تي مستقبل قريب ۾ نئين ليف ڪاسٽنگ مشين حاصل ڪري وٺندي. جنهن وسيلي وسيع پيماني تي متاثر مواد جلد بحال ڪري سگھبو.

**ورق بندي (ليمينيشن) (Lamination)**

ورق بندي (ليمينيشن) هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ ڪمزور ۽ ڀُريل ڪاغذ کي استعمال جي قابل بڻائڻ لاءِ انهيءَ جي هڪ يا ٻنهي طرفن اهڙو ڪاغذ يا ٽشو چنبڙايو ويندو آهي جنهن مان تحرير يا ڇپائيءَ کي سولائيءَ سان پڙهي سگھجي. هن طرح اصل دستاويز، سنهڙي باريڪ ڪاغذ يا ٽشو جي ٻن تهن جي وچ ۾ محفوظ ٿي وڃي ٿو. ٽشوءَ کي چنبڙائڻ لاءِ ميدي جي عام لئي يا ٻيا مناسب قسم جا مادا استعمال ڪري سگھجن ٿا. بنيادي طور تي ليمينيشن هڪ اهڙو عمل آهي، جيڪو احتياطي تدبير لاءِ اختيار نٿو ڪيو وڃي، پر ان کي علاج طور استعمال ڪيو وڃي ٿو، تنهن ڪري هر ڪمزور دستاويز کي ليمينيٽ نہ ڪرڻ گھرجي. هيءَ طريقو صرف انهن دستاويزن لاءِ مخصوص هئڻ گھرجي جيڪي باهہ، ڪيڙن ماڪوڙن ۽ تيزابيت جي سبب ڪري ايتري قدر خراب ٿي ويا هجن جو ڪين وري ڪنهن ٻئي طريقي تحت محفوظ ڪرڻ ممڪن نہ هجي. غرض تہ دستاويزن کي ليمينيٽ ڪرڻ کان اڳ فيصلو نهايت سوچي سمجھي ڪرڻ گھرجي. تمام گھڻي تيزابيت وارن دستاويزن کي ليمينيٽ ڪرڻ کان اڳ انهن جي تيزابيت کي دور ڪرڻ بہ نهايت گھڻو ضروري هوندو آهي.

ليمينيشن جي مقصد لاءِ مختلف شين جا ٽشو استعمال ڪري سگھجن ٿا. عام ٽشو هيٺينءَ ريت آهن.

١- باريڪ ڳنڍي ڪاغذ (Tap Tissue)

٢- پاليٿين (Polythene)

٣- نائيلون (Nylon) (Polyamide)

٤- سيلولوز ايسيٽيٽ وغيره (Cellulose Acetate)

اهڙي قسم جا ٽشو استعمال ڪيا وڃن جن ۾ هيٺين ريت خاصيتون هجن:

١- هن مان عام روشني ۽ بنفشي ڪرڻا (U. V. rays) گذري سگھن تہ جيئن تحرير کي پڙهي سگھجي.

۲- ليمينيٽنگ ٽشو گهڻو ٿلهو نه هئڻ گهرجي ۽ نه ئي انهيءَ جي استعمال سبب دستاويزن جي وزن يا ٿولهه ۾ واڌارو ٿئي.

۳- ٽشوءَ جي تيزابيت ۵ء۸-۵ء۵ P.H جي وچ ۾ هجي.

۴- ٽشوءَ کي سولائيءَ سان دستاويز کان سواءِ ڪنهن نقصان رسائڻ جي لاهي سگهجي، يعني هن ۾ واپس آڻڻ (Reversibility) ابت سبت ڪرڻ جي خاصيت هجي.

۵- ٽشو ڪيميائي طور تي ڪاغذ ۽ تحرير جي مس تي اثر انداز نه ٿئي.

**دستي ورق بندي وارو عمل (Hand Lamination)**

ليمينيشن جو هيءُ طريقو نيشنل آرڪائيوز آف پاڪستان ۾ ۱۹۷۴ع تائين استعمال ڪيو ويندو رهيو. هن ۾ جاپاني باريڪ ڳُڏيءَ وارو ڪاغذ ۽ ميدي جي لئي کي چنبڙائڻ جي مادي طور استعمال ڪيو ويو. هيءُ طريقو سستو هئڻ سان گڏوگڏ سولو به هو. هن طريقي تحت عام طور تي ڇاپيل مواد کي، مثلاً قديم اخبارن کي، محفوظ ڪيو ويو. اهي دستاويز جن جي مس پختي هجي، هن طريقي تحت محفوظ ڪري سگهجن ٿا. هن ۾ استعمال ٿيندڙ ميدي جي لئيءَ جو هڪجهڙو گهاٽو هئڻ ضروري آهي. هن کي عام طور تي نيم پاڻياٺي حالت ۾ هئڻ گهرجي ۽ هن ۾ نوس يا نيم نوس مادي کي استعمال نه ڪرڻ گهرجي. انهيءَ مقصد لاءِ لئيءَ کي چڱيءَ طرح پچائڻ کان پوءِ باريڪ چاريءَ مان گهٽ ۾ گهٽ به پيرا ڇاڻڻ ضروري هوندو آهي. لئي ۾ ٿورڙو ٿائيمول (Thymol) جيوڙن کان بچاءَ لاءِ استعمال ڪرڻ ضروري آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن لئيءَ ۾ ٿورڙو ميگنيشيم اسيٽيٽ (Magnesium Acetate) شامل ڪري ورتو وڃي ته تيزابيت کي گهٽ ڪرڻ ۾ به مدد ملندي آهي.

لئيءَ کي نرم وارن واري برش جي مدد سان دستاويز تي لڳايو وڃي ۽ پوءِ ٽشوءَ کي دستاويز تي آهستي آهستي اهڙيءَ طرح رکيو وڃي، جو هوا جو ڪوبه ڦوڦلو بلبلو دستاويز ۽ ٽشوءَ جي وچ ۾ نه رهجي وڃي. ٽشوءَ جي سائيز، دستاويز کان ٿورڙي مٿيري هئڻ گهرجي. ٽشوءَ کي هلڪڙو، ربڙ رولر (Rubber Roller) جي مدد سان دٻايو وڃي. هاڻي دستاويز کي ابتو ڪري انهيءَ تي به مٿيون عمل دهرايو وڃي ۽ ڪنهن لسائين سطح تي رکي ڪري ڇانو ۾ خشڪ ڪيو وڃي. ٻن ليمينيشن کان اڳ دستاويزن جي ضروري مرمت ڪرڻ گهرجي ۽ ضروري هجي ته گارڊ (Guard) به لڳائي وٺڻ گهرجن. هن مقصد لاءِ اهڙيون ميزون (repair tables) استعمال ڪيون وڃڻ گهرجن جن جي سطح تي شيشو لڳل هجي ۽ لائيٽ باڪس (Light Box) روشنيءَ واسطي مهيا ڪيل هجي.

**محلل/ڳاري واري ليمينيشن (Solvent Lamination)**

هيءُ طريقو نيشنل آرڪائيوز آف انڊيا ۾ دريافت ٿيو. هن ۾ صاف ۽ شفاف پتلي، سيلولوس ايسيٽيٽ جي فلم (Cellulose Acetate film) استعمال ڪئي وڃي ٿي. دستاويز کي سيلولوس ايسيٽيٽ فلم جي ٻن ٽڪرن جي وچ ۾ رکيو وڃي ٿو ۽ پوءِ انهن جي ٻنهي پاسن کان ٽشو ڪاغذ جا به ٽڪرا رکي ڪري پنجن تهن تي مشتمل هڪ سنبوسو/سئنڊوچ تيار ڪري ورتو ويندو آهي. هاڻي ان کي ميز تي رکي واري واري سان ٻنهي طرفن کان ايسي ٽون وسيلي ڳلو ڪيو ويندو آهي. ايسي ٽون ٽشو ڪاغذ جي پورن مان گذري ڪري سيلولوس ايسيٽيٽ (Cellulose Acetate) فلم تائين پهچي ويندو آهي ۽ انهيءَ کي حل ڪري نرم ڪري ڇڏي ٿو ۽ ٽشو ڪاغذ دستاويز سان چنبڙي پوندو آهي. ايسي ٽون جي خشڪ ٿيڻ تي سيلولوس ايسيٽيٽ فلم دستاويز جي ريشن تائين پهچي ويندو آهي ۽ دستاويز کي مضبوط بڻائي ڇڏي ٿو. ايسي ٽون هڪ سنو ڳارو آهي، تنهن ڪري اهو ڪاغذ کي صاف به ڪري ٿو.

لوهه جي داب ۾ ٿورڙي دير رکڻ کان پوءِ ان کي ڪڍي ونبو آهي. هن طريقي ۾ دستاويزن کي تمام گهٽي گرميءَ جي درجي ۽ داب مان گذرڻو نٿو پوي، جهڙوڪ وري مشيني طريقي ۾ ليمينيٽنگ پريس (Lamination Machine) ۾ ٿيندو آهي. هيءُ طريقو گهڻو گهٽ وقت وٺي ٿو ۽ ليمينيشن جڙو هڪ ٻن منٽن ۾ مڪمل ٿي پوي ٿي.

Impex جيڪا پشاور جي صوبائي آرڪائيوز (Record Office) ۾ استعمال هيٺ آهي، هن ۾ اخبارن جا صفحا ۽ آسانيءَ سان ليمينيٽ ڪري سگهجن ٿا. مٿيءَ ذڪر ڪيل مشينون "Flatbed Laminators" سڏجن ٿيون، يعني انهن ۾ ليمينيشن جو عمل هڪ لساٿين سطح تي سرانجام ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ جي برعڪس گهمندڙ/ ڦرندڙ ليمينيٽر (Rotary Laminators) ۾ استعمال ٿيندا آهن، جن ۾ ليمينيشن جو عمل ڪاغذ کي ٻن ڦرندڙ گرم رولرن (Rollers) مان گذارڻ سان سرانجام ڏنو وڃي ٿو. اهي رولر دستاويز تي داٻ وجهڻ سان گڏوگڏ گرمي ۾ رسائين ٿا ۽ اهڙيءَ طرح ليمينيشن جو عمل پڄاڻيءَ تي رسي ٿو.

ليمينيشن هڪ مشيني عمل آهي، تنهن ڪري هن ۾ گهٽ وقت ۾ گهڻو سارو ريڪارڊ محفوظ ڪري سگهجي ٿو، پر جيئن اسان شروع ۾ بيان ڪري چڪا آهيون ته دستاويزن کي ليمينيٽ ڪرڻ جو فيصلو گهڻي سوچ ويچار بعد ئي ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو دستاويز کي هڪ ڀيرو ليمينيٽ ڪرڻ کان پوءِ جيتوڻيڪ ڪيس اصلي حالت ۾ واپس آڻي سگهجي ٿو، پر نڌهن به دستاويز جي ريشن ۽ مس کي ڪجهه نه ڪجهه نقصان ضرور رسي ٿو. ليمينيشن دوران دستاويز کي گهڻي داٻ ۽ وڌيڪ گرميءَ جي درجي کي برداشت ڪرڻو پوندو آهي، جنهن سبب ڪاغذ جا نازڪ ريشا متاثر ٿين ٿا. وري اهو به ڏٺو ويو آهي ته وقت گذرڻ سان گڏ ٽسو هنڌبو تي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي ته هن طريقهءِ ڪار کي هڪ سؤ يا پنجاهه سالن کان وڌيڪ پراڻي دستاويزن تي نه استعمال ڪرڻ گهرجي. اخبارن ۽ جديد ريڪارڊ جي تحفظ لاءِ هيءُ طريقو نهايت مناسب آهي. جيڪڏهن ضرورت پوي ته ليمينيٽ ڪيل دستاويزن کي هيٺينءَ طرح ذڪر ڪيل ڳارن وسيلي لاهي سگهجي ٿو.

١- باريڪ ڪاغذ جي هٿ جي ليمينيشن -- گرم پاڻيءَ ۾، ٦٠ سينٽي گريڊ تي

٢- آدم ڪو ليميٽڪ ٽشو -- نيم گرم پاڻي / اسپرٽ

٣- پالي ٿين -- ٽرائي پرڪلورو ايٿلين، ٥٠ سينٽي گريڊ

٤- پالي مائيڊ (نائيلون) -- گرم الڪوحل

٥- سيلولوس ايسيٽيٽ -- ايسي ٽون.

ليمينيشن لاهڻ جو ڪم صرف تربيت يافته ماهرن کي ئي ڪرڻ گهرجي. ليمينيشن ۾ اهڙو مواد استعمال ڪرڻ گهرجي جو دستاويز ۾ اکين کي خراب لڳندڙ چمڪ پيدا نه ٿئي ۽ اصل تحريري مواد جو وزن ۽ ضخامت وڌيڪ نه ٿيڻ گهرجي.

**دستاويزن جي ڪيسي بنديءَ وارو طريقو (Encapsulation)**

دستاويزن جي بچاءَ جو هيءُ هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ۾ دستاويز کي ٻنهي طرفن کان ٻن شفاف فلمن ۾ رکي چنبي پاسن کان بند ڪري ڇڏيو ويندو آهي. هيءُ فلم ميلينيڪس (Malinex)، پالي ٿين (Polythene)، پولي ايسٽر (Polyester) يا سيلولوس، ايسيٽيٽ جي ٿي سگهي ٿي. هيءُ فلم پلاسٽڪ (plastic) جي هرگز نه هئڻ گهرجي. دستاويزن کي محفوظ فلم ۾ بند ڪرڻ جو هيءُ طريقو پهريون ڀيرو لئبرري آف ڪانگريس ۾ شروع ڪيو ويو. پولي ايسٽر فلم جي ٺهيل لفافن ۾ هڪ هڪ دستاويز کي رکي چنبي پاسن کان اهڙيءَ طرح سيل (seal) ڪيو ويو جو هڪ طرف کان هوا جي نيڪال جي جڳهه باقي رکي ويئي. هن ريت ڪمزور ترين دستاويز کي به محفوظ ڪيو ويو ۽ ان جي استوريج ۽ استعمال ۾ ڦاٽ ٽٽ جا خطرا ختم ٿي ويا. هن طريقي ۾ دستاويزن کي تيزابيت کان پاڪ هئڻ گهرجي ۽ نه ئي انهيءَ ۾ ڪو اهڙو مادو هئڻ گهرجي جيڪو اڳيان وڃي دستاويزن کي نقصان رسائي. لفافا جوڙڻ لاءِ مائيلر (mylar) يا ميلينيڪس (Malinex) جي شيٽ استعمال ڪري سگهجي ٿي ۽ سيل ڪرڻ لاءِ ٻنهي پاسن کان چنبڙندڙ ١/٢ سينٽي گريڊ ويڪري شفاف ٽيپ استعمال ڪئي ويندي آهي. ٽيپ جي هڪ طرف ڪاغذ هوندو آهي. اول پولي ايسٽر جي هڪ شيٽ ميز تي رکي وڃي پوءِ انهيءَ تي وچ ۾ دستاويز کي اهڙيءَ طرح رکيو وڃي جو چنبي

طرفن کان گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ انچ يا تقريباً اڍائي سينٽي ميٽر جو مفاصلو هجي. هاڻي ٽيپ کي دستاويز جي چئني پاسن کان ۱ سينٽي ميٽر جو مفاصلو ڇڏي ڪري لڳايو وڃي ۽ هڪ طرف اڌ سينٽي ميٽر خالي جڳهه ڇڏي ڏني وڃي. ٽيپ جي مٿان لڳل ڪاغذ کي لاهي وٺڻ گهرجي ۽ پولي ايسٽر جي بيءِ فلم کي دستاويز تي رکي ڪري اسفنج سان هلڪي داٻ سان لسو ڪري ورتو وڃي. هن ريت ڪمزور کان ڪمزور ترين دستاويز کي به انهيءَ قابل بڻائي سگهجي ٿو ته انهيءَ کي جهڙيءَ طرح مرضي هجي استعمال ڪريو. هن ريت نهايت ڳريل دستاويزن، نقشن، اخباري تراشن/ڪٽنگس وغيره کي به محفوظ ڪري سگهجي ٿو. ٽيپ بجاءِ مشين وسيلي چئني پاسن کان سيبو ڏيئي دستاويز کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو. هن طريقي ۾ دستاويز جي اصل حالت تي واپسي (Reversal) گهڻي آسان ٿيندي آهي. لفافي کي هڪ طرف کان ڪٽي دستاويزن کي ڪڍي سگهجي ٿو. ڪوڙ سارن ماهرن ويجهو هيءُ طريقو نهايت ڪمزور دستاويزن لاءِ ابتدائي طبي امداد (First-Aid) جي حيثيت رکي ٿو. هن ريت دستاويزن کي ڪيستائين رکڻ گهرجي ۽ ڪهڙو طريقو انهن جي مستقل تحفظ لاءِ اپنائڻ گهرجي؟ انهن سوالن جو جواب نهايت گهريءَ تحقيق تي دارومدار رکي ٿو. بحال ڪندڙ جيستائين انهن سوالن جي جوابن تائين نٿو پهچي، تيستائين دستاويزن کي ڪيسي بند ڪرڻ ني بهتر آهي.

**هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري اُپاءُ:**

**باهه ۽ پاڻيءَ کان متاثر ٿيل مواد جي بحالي ۽ حفاظت جو طريقو:**

**هنگامي حالت لاءِ منصوبي بندي:**

محافظ گهر يا ڪتبخانا ننڍا هجن يا وڏا، موسمي ۽ آسماني حادثن سان ڪنهن به وقت سامهون ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري نگران عملي جو هيءُ فرض آهي ته هو پنهنجي تاريخي ۽ تهذيبي دولت جي حفاظت لاءِ هر وقت تيار رهن. هر حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف ٽيمون تيار ڪرڻ گهرجن، جن کي واسطو رکندڙ ادارن ۾ سول ڊفينس جي تربيت ڏياري وڃي. اسٽوريج ايريا کي باهه وسائڻ لاءِ سمورن ضروري ساز ۽ سامان سان مڪمل هئڻ گهرجي. اڪثر اهو به ٿيو آهي ته عمارت جي ڇت يا درين مان پاڻي وهي ڪتابن جي ڪمرن ۾ هليو ايندو آهي. پاڻي ٻوڏ جو هجي يا پائيپ لائين جو، انهيءَ کان متاثر ٿيندڙ ڪاغذي مواد کي بحال ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. تنهن ڪري نگران عملي کي هڪ اهڙو منصوبو تيار ڪري رکڻ گهرجي جنهن تي هنگامي حالتن ۾ جلد کان جلد عمل ڪري سگهجي.

ٻوڏ کان جيتري قدر جاني ۽ مالي نقصان ٿيندا آهن، انهيءَ جو اندازو لڳائڻ نهايت مشڪل آهي. جڏهن به اهڙي نقصان کان اسان جا علمي مرڪز، تحقيقي ادارا، عجائب گهر ۽ ڪتبخانا متاثر ٿين ٿا، انهيءَ جو اندازو محقق ۽ قارئين حضرات ئي لڳائي سگهن ٿا.

هيٺ جنهن پهلوءَ تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، انهيءَ ۾ ٻوڏ وگهي پهتل نقصان يا باهه تي قابو حاصل ڪرڻ دوران عمارت ۾ پاڻيءَ جي بي پناهه استعمال يا ڪاغذن ۽ ڪتابن جي ڪمرن ۾ ڪنهن پائيپ لائين وغيره جي اوچتو ڦاٽي پوڻ سان جيڪا صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي، انهن جي اثرن کان قيمتي قلمي نسخن، ڪتابن ۽ قومي ريڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ جي طريقن جو جائزو ورتو ويو آهي.

ڪتبخانن، عجائب گهرن ۽ دستاويزي مرڪزن کي جڏهن به ٻوڏ ۽ باهه وگهي نقصان سهڻو پوي ته پوءِ مرڪز جي عملي کي گهرجي ته فوري طور ئي ڪتابن ۽ ڪاغذن کي بچائڻ جون تدبيرون اختيار ڪري ۽ ڪتابن ۽ فائيلن وغيره کي خشڪ ۽ صاف جڳهه تي منتقل ڪرڻ شروع ڪري ڏي. ائين نه ٿئي ته انهيءَ جڳهه تي مواد گهڻي دير تائين جڏهن سان انهيءَ تي نظر نه ايندڙ جيوڙا، ساڳي ڪائيءَ جي شڪل ۾ ظاهر ٿي پون ۽ اهي ڪتابن ۽ فائيلن کي وڏيڪ نقصان رسائي ڇڏين. گرم ملڪن ۾ جتي گرمي ۽ پوسل جو تناسب وڏيڪ هوندو آهي، اتي بچاءَ جي طريقي کي اجا به جلد عمل ۾ آڻڻ ضروري هوندو آهي. انهيءَ کان پوءِ ٻيهريون عمل هيءُ هئڻ گهرجي ته نقصان جو تفصيلي جائزو ورتو

وجي ۽ متاثر ٿيل مواد جي بحاليءَ لاءِ منصوبي بندي ڪري وٺجي. بحاليءَ جي منصوبي ۾ سموريون ضروري تدبيرون، فني اوزارن ۽ مهارت وغيره جا انتظام ڪري ورتا وڃن. جهڙيءَ طرح آپريشن لاءِ ڊاڪٽر صاحب مريض بابت سمورا ضروري تفصيل ۽ انهن جي واسطي اپاءُ پيشگي طور طئي ڪري وٺندا آهن، اهڙيءَ طرح قيمتي دستاويزن ۽ قلمي نسخن جي بحاليءَ جي ڪم کان اڳ سمورا اپاءُ ڪرڻ ضروري آهن.

ٻوڏ يا باهه وسائڻ دوران پاڻيءَ ۾ ٻڏل مواد کي ڪڍڻ سولو ڪم هرگز نه آهي. انهيءَ لاءِ هوشيار باهه وسائيندڙ عملي ۽ عمارت جي رستن کان واقفيت رکندڙ ماڻهن، تنهن کان سواءِ اهم ڪاغذن ۽ ڪتابن جي المارين جي سڃاڻپ ڪندڙ منتظمين جو سهڪار ضروري آهي. جڏهن پاڻي ۽ غير ضروري رڪاوٽن کي پمپن ۽ ڪرينن وسيلي دور ڪيو وڃي ته هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته سڀ کان اول قيمتي تحقيقي مواد بچايو وڃي ته جيئن وڌيڪ دير تائين پاڻيءَ ۾ رهڻ سبب وڌيڪ خراب نه ٿي پون. بعد ۾ ڇپيل مواد جي حفاظت جا بندوبست ڪيا وڃن. جاڪاڻ جو جيڪڏهن جديد ڇپيل ڪتاب خراب ٿي به وڃڻ ته ڪين ٻيهر مهيا ڪري سگهجي ٿو. متاثر ٿيل عمارت يا جتي ٻُسيل سامان کي آندو ويو وڃي، اتي گرميءَ جو درجو ۽ پوسل جو تناسب وڌيڪ نه هئڻ گهرجي نه ته وري ڪتابن جي جلدن تي فوراً ناميا تي جيوڙا پيدا ٿيڻ شروع ٿي ويندا، جنهن ڪري وڌيڪ نقصان جو انديشو پيدا ٿي پوي ٿو. تحقيقي مواد کي اهڙيءَ جڳهه تي ڇڏڻ، جتي جو گرميءَ جو پد ٧٠ فارن هائيٽ ۽ پوسل جو تناسب نه ٧٠ سيڪڙو هجي، اتي جيوڙن ۽ ناميا تي جسمن جي افزائش يقيني آهي ۽ اهڙيءَ طرح قيمتي مواد جي بحاليءَ ۾ وڌيڪ محنت ۽ بي انداز مالي نقصان برداشت ڪرڻو پوندو.

مٿي ذڪر ڪيل ماحول ۾ جيڪو مواد وڌيڪ متاثر ٿيندو، انهيءَ ۾ جديد ڪاغذ تي ڇپيل ڪتاب، ويلم ۽ نفيس ڪلن تي لکيل ڪتاب ۽ چمڙي جا جلد وغيره جلد خراب ٿيڻ لڳن ٿا. جڏهن ته جلدن ۾ استعمال ٿيندڙ ڪلف لڳل ڪپڙو، ريڪسين، سريش وغيره نسبتاً دير سان خراب ٿئي ٿو. شيلف ۾ رکيل ڪتابن اندر جيوڙن جو حملو اندرين صفحن بجاءِ ٻاهرين جلدن ٽي سولائيءَ سان ٿئي ٿو. هن صورت ۾ ڪتابن کي الماڙين مان ڪڍي، ڪين کولڻ ۾ هرگز تڪڙ نه ڪرڻ گهرجي.

دستاويزاتي فائيل به جيڪي انهيءَ طرح باڪس ۾ ۽ بند الماڙين ۾ رکيل هوندا آهن، پاڻيءَ وسيلي پيدا ٿيندڙ نقصان کان گهٽ متاثر ٿيندا آهن. عام طور تي اهو ڏٺو ويو آهي ته گهميل ۽ گرم جڳهه تي جتي هوا جو ڪنهن به قسم جو گذر نه ٿئي، اتي پُسيل ڪتابن ۽ ڪاغذن تي پاڻمرادو ٿي جيوڙن جي افزائش تيزيءَ سان شروع ٿي ويندي آهي. جڏهن نه دستاويزاتي فائلن ٽي اهو حملو جلد نٿو ٿئي. اهڙيءَ طرح اهي ڪاغذ ۽ فائل جيڪي گهٽي پاڻيءَ ۾ ٻڏل آهن يا پاڻي سان تر آهن، سينور/ڪائيءَ جي حملي کان گهڻو وقت تائين محفوظ رهن ٿا ۽ جيئن جيئن ڪين پاڻيءَ مان ڪڍي ٻاهر رکيو ويندو آهي، ته ڪتابن جي ڪنارن تي ساوڪ جي افزائش جا آثار نظر اچڻ لڳندا آهن. خاص طور تي انهيءَ وقت جڏهن ته اتي جي فضا گرم هجي ۽ هوا جو گذر مشڪل سان هجي، اتي رکيل دستاويزاتي مواد جي برعڪس جديد ڪاغذ تي (جيڪو ڪنئور، لاک ۽ ٻين چيزندڙ جزن مان تيار ڪيو ويندو آهي) ڇپيل ڪتابن کي انهيءَ گرم گهميل فضا ۾ سڪايو وڃي ته پوءِ انهن جا صفحا هڪ ٻئي ۾ اهڙيءَ طرح لڳي پوندا آهن جو ڪين جدا ڪرڻ به محال ٿي پوندو آهي.

## ڪتاب ۽ ڪاغذ پاڻيءَ کان ڪيتري قدر متاثر ٿين ٿا؟

پاڻيءَ ۾ جذب ڪرڻ جي صلاحيت ڪاغذ ۾ استعمال ٿيندڙ جزن جي ساخت ۽ انهيءَ جي بناوت تي دارومدار رکي ٿي. متاثر ٿيل ڪاغذن کي بچائڻ وارن کي اندازو هئڻ گهرجي ته ڪهڙي جلد جي ڪاغذ ڪيتري حد تائين پاڻي جذب ڪري ورتو آهي ۽ انهيءَ کي گهٽائڻ يا خشڪ ڪرڻ ۾ ڪيترو وقت ۽ محنت گهربل ٿيندي. اندازو هيءُ آهي ته قلمي ۽ ڇپيل ڪتاب جيڪي ١٨٨٠ع کان تيار ڪيا ويا، پنهنجي اصل وزن کان ٨٠ سيڪڙو پاڻي جذب ڪرڻ جي

نقشن ۾ استعمال ٿيندڙ ڪجھہ رنگ، اهڙي قسم جي مواد کي هرگز صاف نہ ڪيو وڃي، نہ تہ انهن جي ڌوپ سبب انهن جي ضايع ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو. سردخاني ۾ متاثر ٿيل ڪاغذن ۽ ڪتابن کي موڪلڻ کان اڳ، بنڊل جلدن، مومي ڪاغذ يا سليڪون پيپرز ۾ ويڙهي رکيا وڃن. اهڙيءَ طرح اڻ بنڊل دستاويز جن ۾ قلمي نسخا، ريڪارڊ، تصويرون، ڊرائنگ وغيره هجن تہ انهن کي بہ اهڙيءَ طرح ميڻ لڳل ڪاغذ ۾ ويڙهي پلاسٽڪ جي ڪوڪن ۾ رکڻ بهتر آهي. بنڊل وڏيڪ ٿلها هئڻ نہ گهرجن. هر بنڊل تي انهيءَ ۾ رکيل ڪاغذن جي سڃاڻپ، انهيءَ جي اڳوٽي جڳهہ ۽ انهيءَ تي ٻين ضروري هدايتن بابت لکڻ ضروري آهي. سردخاني ۾ رکيل مواد جو گرميءَ جو درجو ۲۰ ڊگري فارن هائيٽ تائين هئڻ مفيد آهي. سردخانن ۾ منتقل ڪيل ڪاغذن کي Vacuum Drying جي طريقن تحت خشڪ ڪيو ويندو آهي. تنهن کان پوءِ ايٿلين آڪسائيڊ (Ethylen Oxide) کي ڪاربان ڊائي آڪسائيڊ ۾ ملائي ڪري انهن ڪاغذن مان سنيور يا ڄاري کي دور ڪيو وڃي. تنهن هوندي بہ جيڪڏهن ڪيميائي طريقي وسيلي متاثر ٿيل ڪاغذن کي سينور کان محفوظ رکڻ جو انتظام نہ هجي تہ اهڙيءَ صورت ۾ خشڪ مواد کي کليل شيلف تي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ جدا رکڻ گهرجي ۽ وقتاً فوقتاً انهيءَ جو جائزو وٺڻ گهرجي، تہ جيئن متاثر مواد سينور جي اثرن کان ڪيتري قدر پاڪ ٿي چڪو آهي. بحالياتي ڪمري ۾ مواد کي ڇهن مهينن تائين رکي انهيءَ جي طبعي اثرن جو جائزو وٺڻ مناسب آهي، تہ جيئن مڪمل يقين جي صورت ۾ ڪاغذن کي اصل ذخيري سان گڏ آراستہ ڪري سگهجي. اهو خيال رهي تہ جتي پاڻيءَ کان متاثر ٿيل ڪاغذن ۽ ڪتابن جي بحاليءَ جو ڪم ڪيو پيو وڃي، اتي گهم/پوسل جو تناسب ۳۰ کان ۴۰ سيڪڙو ۽ گرميءَ جو درجو ٦۵ ڊگري فارن هائيٽ تائين هجي، تنهن هوندي بہ انهن ۾ ضرورت مطابق تورڙي گهڻي ردوبدل بہ ڪري سگهجي ٿي. تنهن هوندي بہ سردخاني جو گرميءَ جود رجو جيترو گهٽ هوندو، اوترو ئي ڪاغذ جي عمر وڌيڪ ٿيندي. اهڙيءَ طرح ڪاغذ ۾ جيتري وڌيڪ گهم/پوسل هوندي اوتري قدر خرابي بہ وڌيڪ پيدا ٿيندي. گرميءَ جي درجي کي منفي ۳۰ سينٽي گريڊ تي ڪاغذن کي ٽن کان ستن ڏينهن تائين رکي جيوڙن کان پاڪ ڪري سگهجي ٿو. برٽش ميوزيم ۾ هيءَ طريقو ڪاميابيءَ سان جاري آهي.

### ڪتابن ۽ ڪاغذات کي سڪائڻ جو ٻيو طريقو:

مٿي ذکر ڪيل خشڪ ڪرڻ جي طريقي کي تجربيڪار عملي جي مدد سان اختيار ڪري سگهجي ٿو. جتي خشڪ ڪرڻ جو ڪم ڪيو وڃي اهو وري پنل ۽ متاثر ٿيل مواد کان هتي ڪنهن ڇڱي مفاصلي تي هئڻ گهرجي. خشڪ ڪرڻ واري ڪمري جي گرميءَ جو درجو وري خودڪار طريقي تحت هجي. جڏهن هوا جي ضرورت ٿئي تہ انهيءَ جو بہ انتظام ڪيو وڃي. ڪمري ۾ جڏهن وڌيڪ گهم محسوس ٿئي تہ دريون ۽ دروازا کولي ڇڏجن. متاثر ٿيل جڳهہ کان ڪتاب ۽ ڪاغذن کي پلاسٽڪ يا پولي ٿين جي ٿيلن جي مدد سان خشڪ جڳهہ تي منتقل ڪيو وڃي. جن ڪتابن ۽ فائلن تي گند يا مٽي لڳل هجي، انهن کي وهندڙ صاف پاڻيءَ سان ڌوئجي. هن ڪم لاءِ سڄي ڪتاب کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي فوم جي نرم اسفنج کي ڪم ۾ آڻي سگهجي ٿو. پر خيال رهي تہ کليل ڪتاب جا ڇڙوڇڙ پنا، ڊرائنگ يا تصوير کي اهڙيءَ طرح نہ ڌوئڻ گهرجي جو مس وغيره بہ ڌوپجي وڃي. اهڙيءَ طرح ڪاغذن کي رڱڻ يا اُنهن مٿان تيل جي داغن کي بہ هٽائي نٿو سگهجي. اهڙيءَ صورت ۾ جلد بنڊل، چيپل ڪتابن کي صاف ڪرڻ جي غرض ڪارڻ صاف پاڻيءَ ۾ وڌيڪ دير تائين رکي سگهجي ٿو. غير ضروري تيل جا داغ يا ٻوڏ جي پاڻيءَ سان پيدا ٿيل داغن کي ڌوئڻ جي غرض سان گرم وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪجهہ دير رکي سگهجي ٿو. هن ريت وڏيءَ حد تائين نہ صرف ڪتابن ۽ ٻين ڪاغذن تان سينور پيدا ٿيڻ جي انديشي کي ختم ڪري سگهجي ٿو پر ان سان گڏوگڏ ڪوڙ ساري مَرَ ۽ مٽيءَ جي داغن کي بہ دور ڪري سگهجي ٿو.

ڪتابن کي پاڻيءَ جي گهٽڻ ٽين مان گذاري بہ صاف ڪري سگهجي ٿو. هن طريقي وسيلي ڪتابن کي چڱيءَ طرح بند ڪري هڪ پاڻيءَ جي ٽب مان گذاري آهستي آهستي اسفنج وسيلي لڳل مٽيءَ، گند، گپ وغيره کي صاف

ڪري ٻئي وهنڊڙ صاف پاڻيءَ جي حوضن ۾ نيو وڃي ۽ بهترين طريقي تحت لڳل گند ڪچري کي صاف ڪيو وڃي. ايستائين جو ڪتاب چڱيءَ ريت صاف ٿي وڃن. انهيءَ کان پوءِ هٿ جي هلڪي داٻ وسيلي ڪتاب جي وڌيڪ پاڻيءَ کي نچوڙي ڇڏجي. البت اهو خيال رهي ته پاڻيءَ کي نچوڙڻ لاءِ ڪنهن آهني يا لوهي داٻ ۾ ڪتاب کي نه رکيو وڃي. اهڙءَ طرح نرم ڪاغذ تي جيڪڏهن ڪٿي مٽيءَ جا ذرڙا باقي رهجي وڃن ته اهي وري ڪتاب ۾ داخل ٿي ڪتاب کي اڳ کان وڌيڪ نقصان رسائي سگهن ٿا. ڪتابن جي صفائيءَ جو هي ڪم وڏيءَ احتياط سان ڪرڻ گهرجي. تجربي ڪار فردن جي غير موجودگيءَ ۾ ڪتابن کي صاف نه ڪيو وڃي ته بهتر آهي. ڀُريل ۽ نازڪ ڪتابن کي به هن ريت صاف ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ ضروري آهي. جلد ٻڌل ڪتابن کي مٿي ذڪر ڪيل طريقي موجب صاف ڪرڻ کان پوءِ ڪنارن پر بيهاري ڇڏڻ گهرجي. جڏهن ته اڻ جلد ٻڌل ڪتابن کي ڪنهن پاٽي يا هارڊ بورڊ جي مدد سان بيهاري خشڪ ڪيو وڃي.

صاف ٿيل ڪتابن کي خشڪ ڪاغذ تي بيهاري ڪرو سڪايو وڃي. انهيءَ لاءِ اخباري ڪاغذ سستو ۽ پاڻيءَ کي جذب ڪرڻ ۾ وڌيڪ مددگار ثابت ٿئي ٿو. انهيءَ کان سواءِ اڇو مس چوسيندڙ/مسچٽو (بلاٽنگ پيپر) به استعمال ڪري سگهجي ٿو. پر هيءَ خيال رهي ته اخباري ڪاغذ تي ڪتابن کي سڪائڻ وقت وقفي وقفي بعد ڪيس اٿلائڻ ضروري آهي.

انهيءَ کان پوءِ ٿائيمول (Thymol) جيڪو وري ديسي دوائن ۾ اجوائن جو ست سڏيو ويندو آهي. سنيور يا چاري جي پيدائش کي روڪڻ ۾ مدد ڏيندو آهي. جيڪڏهن انهيءَ جو ١٠ کان ١٥ في سيڪڙو ڳارو (هڪ گيلن الڪوهل يا ايٿونول يا ايسي ٽون ۾ هڪ پائونڊ ٿائي مول آسانيءَ سان حل ٿي سگهي ٿو) الڪوهل ايسي ٽون يا ايٿونول ۾ ملائي ڪري تيار ڪري ورتو وڃي ته انهيءَ ڳاري ۾ ڪتابي سائيز جي ڪاغذ جي شيٽ (sheet) ٻوڙهي ڪري متاثر ٿيل ڪتاب جي صفحن جي وچ ۾ رکي ڇڏي وڃي ته انهيءَ سان چارو/سنيور ۽ ٻين خورد جيوڙن جي افزائش کي ختم ڪري سگهجي ٿو، پر جيئن ته هيءَ ڳارو نشي آور ۽ باهه کي جلد پڪڙي وٺندو آهي، تنهن ڪري اهو ڪم ٻاهر ۽ عام ذخيري کان هٽي ڪري ڪرڻ ضروري آهي. وڌيڪ احتياط هن ڪم جيءَ ڪئي وڃي ته هٿن ۾ ربڙ جا دستانا، اکين تي گاگل يا چشمو ۽ ساهه کڻڻ لاءِ ماسڪ جو استعمال ضرور ڪيو وڃي. هن عمل کي ڪليل فضا ۾ انجام ڏيڻ سان اهو ٿيندو ته ڪتابن جي وچ ۾ ٿائيمول مان تيار ڪري رکيل صفحا ته جلد ئي خشڪ ٿي پوندا ۽ انهن خشڪ ٿيل پرچين کي جمع ڪري ڪنهن ٿڌيءَ جڳهه تي رکيو وڃي ته جيئن انهن مان پيدا ٿيندڙ بوءِ کي روڪي سگهجي ۽ ضرورت پوڻ تي انهن پرچين کي ٻيهر استعمال ۾ آڻي سگهجي.

## پُسيل ورقن کي جدا ڪرڻ جو طريقو:

اهڙا ڪتاب ۽ ڪاغذ جيڪي ٻوڏ جي پاڻيءَ کان بُري طرح متاثر ٿي چڪا هجن، انهن جي ورقن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ اهڙي مواد کي دستاويزن جي ماهرن جي آخري راءِ معلوم ٿيڻ تائين. اهڙن سردخانن ۾ ڇڏي ڏنو وڃي جتي انهن تي سينور يا چاريءَ جا انديشا ممڪن نه رهن، ۽ جن ڪاغذن تي سينور پيدا ٿي چڪي آهي، انهن کي دور ڪرڻ جي فوري ڪوشش هرگز نه ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ جو خشڪ ٿيڻ تي انهيءَ کي سولائيءَ سان دور ڪري سگهجي ٿو. تنهن هوندي به پسيل ورقن کي پولي اسيٽر فلم جي مدد سان الڳ ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ لاءِ پولي ايسٽر جي هڪ شيٽ پسيل ورقن مٿان ڦهلائي ڇڏڻ گهرجي ۽ پُسيل ورقن کي هڪ هڪ ڪري پولي ايسٽر فلم جي مدد سان ڪاغذ جي ڪنڊن کي جهلي ڪري مٿي کنيو وڃي ۽ انهيءَ کي ميز تي پولي ٿين جي شيٽ تي اهڙيءَ طرح ڦهلايو وڃي جو پولي ايسٽر جو رخ پولي ٿين جي طرف هجي، انهيءَ کان پوءِ هڪ ٻيو خشڪ پولي ايسٽر جو ٽڪڙو پسيل صفحن جي مٿان ڦهلائي ڪري انهيءَ جو پاسو بدلائي ڇڏجي ۽ انهيءَ کان پوءِ پولي ايسٽر فلم کي هٽائي ورتو وڃي ۽ انهيءَ جي مٿان پولي ايسٽر جو ٻيو ٽڪرو وڇائي ڇڏيو وڃي. اهڙيءَ ريت باقي ورق به

پولي ايسٽر فلم ۽ خشڪ پولي ايسٽر جي ٽڪڙي جي مدد سان جدا ڪري انھن کي خشڪ ڪرڻ لاءِ ميز تي پکيڙي ڇڏيو وڃي. اھڙيءَ طرح پنجاھ يا سٺ ورق ڦھلائڻ تي اسين ڏسنداسين تہ پھريون ورق پولي ايسٽر جي مدد سان خشڪ ٿي چڪو آھي. ھن ڪم ۾ گرم ھوا جو گذر صفحن کي خشڪ ڪرڻ ۾ وڏيڪ مددگار ثابت ٿيندو. انھيءَ کان سواءِ، پيدا ٿيندڙ پوسل جي نيڪال لاءِ ايئرڪنڊيشنڊ يا نمي يا پوسل کي گھٽائڻ وارن اوزارن جو استعمال ھن ڪم کي وڌيڪ سولو بڻائي ڇڏي ٿو.

## مائيڪرو فلم يا فوٽو اسٽيٽ جي وسيلي پسيل مواد جي بحالي:

پاڻيءَ کان متاثر ٿيل مواد جڏھن ٿورڙو بہ خشڪ ٿيڻ لڳي ۽ انھيءَ ۾ جاري يا سنبور جي سبب ڪري ڪجھ ساوا ۽ پيلا نشان محسوس ٿيڻ لڳن تہ اھو بہ ڪري سگھجي ٿو تہ مواد کي ٿورڙو گھڻو مٿي ذڪر ڪيل طريقن وسيلي خشڪ ڪري فوري انھيءَ جي مائيڪرو فلم تيار ڪري ورتي وڃي يا پُسيل صفحن کي الڳ الڳ ڪري پلاسٽڪ جي شيٽ يا مينڻ لڳل ڪاغذ تي ڦھلائي فوٽو اسٽيٽ ڪجي. اھڙيءَ طرح مائيڪرو فلم ۽ فوٽو اسٽيٽ ٺھڻ جي صورت ۾ انھن جا نقل حوالي لاءِ استعمال ۾ آڻي سگھجن ٿا. جڏھن تہ گھربل مواد جي فلم وڌيڪ سولائيءَ سان تيار ڪري وڌيڪ متاثر ٿيل مواد کي تلف بہ ڪري سگھجي ٿو.

فوٽو گرافڪ مواد جيڪو بوڏ جي پاڻيءَ کان متاثر ٿي چڪو آھي ۽ انھيءَ ۾ مٽي لڳي چڪي ھجي. تڏي، صاف ۽ وھندڙ پاڻيءَ ۾ ١٤ ڪلاڪن لاءِ ڇڏي ڏيڻ گھرجي. پوءِ کيس کليل ھوا ۾ سُڪائجي. باھرين ملڪن ۾ ايسٽ مين ڪوڊڪ ڪمپني ۽ ٻيون فوٽوگرافيءَ جو سامان ٺاھيندڙ ڪمپنيون سلولائيڊ جي ريڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ مائيڪرو فلم، مائيڪروفش ۽ ٻيو مشين تي پڙھيو ويندڙ مواد/ادب کي فوري طور تي فوٽو گرافڪ ليبارٽرين ۾ پھچائي ڇڏيو ويندو آھي. جتي تجربيڪار ۽ ھنرمند محافظ دستاويزن يا مائيڪرو فلم آفيسر جي مدد سان متاثر ٿيل فلمن کي خودڪار پروسيسرز (مشين) وسيلي ٻيھر پڙھڻ جي قابل بڻائي سگھجي ٿو. البت ڪوشش ھيءَ ڪئي وڃي تہ جيستائين مائيڪرو فلم ۽ ٻين سلو لائيڊ تي محفوظ ادب کي مناسب ليبارٽريز تائين نہ پھچائي ڏنو وڃي، تيستائين سڄي مواد کي ٿڌن دٻن يا ٿڌيءَ جڳھ تي احتياط سان رکيو وڃي تہ جيئن گرميءَ جي سبب انھن کي طبعي منفي اثرن کان محفوظ رکي سگھجي.

قدرتي آفتن تي جينوٽيڪ انسان جو اختيار نہ آھي، تنھن ھوندي بہ جيڪڏھن دستاويزن ۽ ڪتب خانن جا محافظ ھيٺيان چند اپاءَ ذھن ۾ رکن تہ پوءِ تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي بچائڻ ۾ چڱي خاصي مدد ملي سگھي ٿي.

١- عمارت مضبوط بنيادن سان گڏوگڏ پائيدار پلرن/پيل پاون تي تعمير ڪئي وڃي ۽ کيس زلزلن جي جھٽڪن کان بہ محفوظ بڻائي ورتو وڃي.

٢- عمارت ۾ حادثاتي طور تي باھ لڳڻ جي صورت ۾ انھيءَ کي موثر طريقي سان وسائڻ جا انتظام موجود ھجن. جنھن ۾ باھ وسائڻ لاءِ ڪاربان ڊائي آڪسائيڊ گئس جا سلينڊر ھجن، يا وري خشڪ پائوڊر جا سلينڊر، باھ وسائڻ لاءِ نھايت ضروري آھن، تہ جيئن باھ تي قبضو حاصل ڪرڻ کان پوءِ بچيل مواد کي وڌيڪ نقصان کان بچائي سگھجي. اسان وٽ عموماً ڪتبخانن ۽ علمي مرڪزن ۾ باھ لڳڻ جي صورت ۾ فائر بريگيڊ کي طلب ڪيو ويندو آھي، جنھن وسيلي بچيل ڪاغذ ۽ علمي جواھر پارا بيدرديءَ سان پاڻيءَ جي گھڻي استعمال جي سبب ضايع ٿي ويندا آھن.

٣- سوڊا جو پائوڊر، صابڻ ۽ پاڻي وغيره سبب ڪري وڌيڪ نقصان ٿي سگھي ٿو. چاڪاڻ جو انھن جا نشان وري پينٽنگ تان ھٽائي نٿا سگھجن. انھيءَ لاءِ باھ وسائيندڙ مادو CO2 BCF يا Halon Extin-guisher وڌيڪ مناسب آھن. پر باھ وسائيندڙ ادارن سان ھن سلسلي ۾ رابطو رکڻ وڌيڪ فائيمند ٿئي ٿو.

۴- اهڙين عمارتن ۾ پاڻيءَ جي پائيپ لائين ڪمرن جي وچ مان نہ گذاري وڃي، جتي ڪتاب ۽ فائل رکيا ويا هجن.
۵- قيمتي دستاويز ۽ قلمي نسخا تہ خاني ۾ نہ رکيا وڃن.
٦- انهيءَ ڪان سواءِ اسان جا علم ۽ دانش جا بي بها انمول خزانا ويمن جي فائيدن کان بلڪل اڻ واقف آهن. پوڙ، زلزلن ۽ بي آسماني آفتن کان انهن ذخيرن کي پهچندڙ نقصانن جي تلافي، جيئوٽيڪ نٿي ڪري سگهجي، پر ويمي وسيلي ملندڙ رقم مان يقيناً اهڙي تحقيقي مواد کي ٻيهر حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي، جيڪا فوري طور تي سرڪار بجيٽ يا عوامي عطين وسيلي ڪنهن بہ ريت پوري نٿي ڪري سگهجي.

انهيءَ کان سواءِ اسان جن وڏن وڏن ڪتبخانن ۽ علمي مرڪزن ۾ ۽ هزارين رپيا تحقيقي مواد کي مهيا ڪرڻ ۾ خرچ ڪيا وڃن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح بلاشڪ انهن ۾ بيش قيمت مطالعي جو مواد مهيا ڪيو ويندو آهي. پر حيرت جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن مرڪزن ۾ انهن نادر قلمي نسخن ۽ تاريخي ڪتابن جي حفاظت ۽ سار سنڀال لاءِ مناسب انتظام نٿا ڪيا وڃن. انتي نہ چڙو ڪوبہ تربيت حاصل ڪيل ڪتابن جي محافظ جو تصور آهي ۽ نہ ئي وري جديد ڪتاب جي مرمت ۽ بحالي وغيره جو سامان موجود هوندو آهي.

## مددي ڪتاب


(۱) اشرف علي، "تحفظ دستاويزات و ڪتب خانہ"، اسلام آباد: مقتدره قومي زبان، باب ۱۲، ص ۱۸۳-۱۹۰.
(۲) ڪليري، جولين (Clare, Julion): "اي دراني ريپيئر ميٿڊ فار اسلامڪ، مينو اسڪرپٽس لبوز، فريولرڪ مارب (اين آرٽيڪل) ص. ۳-۷.
(۳) دراصل هيءَ طريقو بين ملڪن ۾ گهڻو اڳ ۾ اختيار ڪيو ويو آهي. جهڙوڪ پولينڊ جي قومي دستاويز جي محڪمي ۾ اهڙي ئي هڪ مشين موجود آهي. جيڪا موجوده ليف ڪاسٽنگ مشين جي ابتدائي شڪل آهي.
(۴) دزاسٽر پلاننگ اينڊ ايمرجنسيءَ ٽريٽمينٽس ان ميوزيم، آرٽ گيلريز،، لئبريريز، آرڪائيوز اينڊ الائيڊ انسٽيٽيوشن.




نصير مرزا

# ڇهه ڇهه پئسا ٻ ٻ پايون

## (ڪشنچند "بيوس" جي ٻارن لاءِ شاعري)

ٻارڙن جي عظيم گيت ڪار، شاعر ڪشنچند تيرٿداس کتري (بيوس) ۲۵ فيبروري ۱۸۸۵ع تي لاڙڪاڻي ساهه سيباڻي جي هوائن ۾ پنهنجي زندگيءَ جا پهريان ساهه کنيا. سندس پتا جو نالو حڪيم تيرٿداس هو. بيوس سائينءَ وارا پاڻ ۾ ٽي ڀائر هئا. هڪ ڀاءُ ٽولارام انگريزي ماستر هو ۽ ٻيو موتي رام ڪورٽ ۾ ڪلارڪ هو. ٽيئي ڀائر اڃان پڙهندا هئا، جو سندن پتا حڪيم تيرٿداس لاڏاڻو ڪري ويو. ان ڪري بيوس سائينءَ لاءِ جلد نوڪري ڪرڻ ۽ گهر جون ذميداريون سنڀالڻ نهايت ضروري ٿي پيون. بيوس جي پِتا جي پرلوڪ پڌارجڻ کان پوءِ، سائين بيوس جي ماتا گهر ۾ حڪمت ڪرڻ لڳي، ڇاڪاڻ ته بيوس جي ناناڻن مان حڪيم 'ڪوڙومل' هڪ مشهور حڪيم هوندو هو ۽ بيوس سائينءَ جو والد به هڪ سٺو يوناني حڪيم هو. اُنهن جي تربيت هيٺ رهندي بيوس جي ماتا به گهڻو ڪجهه پرايو هو. حڪمت جو ڪم چاڻڻ ڪري، ڪيس ٻارڙي اوڙي وارا 'ڏاهي' ڪري به چوندا هئا. ڪنهن جو ڪاڪڙو ڪٽڻ، ڪنهن کي مالش ڪرڻ، ڪنهن کي سُٽيون ڦڪيون وغيره تجويز ڪري ڏيڻ.... مطلب ته هر نموني ٻارڙي جون ڀينر ۽ ڀائر ٻارن کي کڻي وٽس دوا ۽ ڏس پتي وٺڻ لاءِ ايندا هئا.



پنهنجي عظيم پورهيت ماءُ جي خرچ تي 'بيوس سائين' جڏهن پرائيمري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ پڙهندڙ هو، تِن ڏينهن ۾، هڪ رات جو هاسٽل جو سپريڊنٽ جيئن هاسٽل جو چڪر ڏئي رهيو هو ته بيوس جي ڪمري ۾ بتي ٻرندي ڏٺائين. هن ڏٺو ته سورهن سالن جي نوخيز ۽ خوبصورت نوجوان 'بيوس' ڪي ڪرسيءَ تي ويٺي ئي ننڊ ڪٽي

ويتي هئي ۽ سندس پاسي ۾ هڪڙو ڪاغذ جو ٽڪرو پيو هو، جنهن تي هن نظم ۾ پنهنجي پهرين تخليق لکي هئي.
پٽ تان ڪٿي، هن جڏهن اهو پڙهيو ته نهايت متاثر ٿيو. ٻئي ڏينهن هن صاحب 'بيوس' جي ڪلاس ٽيچر کي مبارڪون ڏينديءَ اڳڪٿي ڪئي ته، هڪ ڏينهن هو اوس هڪ "مهانُ شاعر" بنبو. اهو ۱۹۰۱ع جو سن هو ۽ ان کان پوءِ ۱۹۲۵ع کان ۱۹۴۰ع تائين وچ واري عرصي ۾ 'بيوس' پنهنجي اندلي ذات ۽ مورَ جي پرن جهڙي پنهنجي موهيندڙ شاعري سبب سنڌي ٻوليءَ جو بهترين شاعر بنجي چڪو هو. وري ان ئي مهانتا سبب، هُن ۱۹۴۱ع جي ۲۸- ۳۰ مارچ تي، ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ عظيم الشان "سنڌي ساهتيه سميلن" جي سرواڻي به ڪئي ۽ مؤرخ لکن ٿا ته سندس تقرير، پڙندڙن ۾ وڏي روشني پکيڙي ڇڏي هئي ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان بي پناهه پيار ڪندڙ شاعر ان تقرير ۾ چيو هو ته: "سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن کي پنهنجي عاليشان ورثي جي حفاظت ڪرڻ ۽ سنڌي ساهت ۾ نيون راهون ڳولڻ گهرجن" '

پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾، بيوس سائين، انگريزي ٻوليءَ سان به ايتري واقفيت پيدا ڪري ورتي هئي جو 'ٽئگور' جا انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل نظم آسانيءَ سان مطالعو ڪري ۽ لاڙڪاڻي جي 'گيان باغ' ۾ ۱۹۴۰ع کان مئي ۱۹۴۷ع تائين هفتيوار ادبي ڪلاس هلائي، ٽئگور جي شخصيت ۽ شاعريءَ کان سنڌ واسين کي باخبر ڪندو رهندو هو.

بيوس سائينءَ جي بي بها ادبي خدمتن جي واکاڻ ته سنڌ جي عظيم دانشورن، محققن ۽ ليکڪن به دل کولي ڪئي آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي، شمس العلماءُ علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي، ميران محمد شاهه ۽ ٻين اسڪالرن بيوس سائينءَ کي اعليٰ درجي جو سرموڙ شاعر سمجهندي، نمرتا سان هن جي ادبي خدمتن کي مڃيو آهي ۽ کُليو ڪلايو چيو آهي ته هن انقلابي شاعر اسان جي شعر وشاعري جي دنيا ۾ اٿل پٿل آندي ۽ اسان کي سمجهه ڏني ته 'شاعري معنيٰ سرشتيءَ جي سرور جي ترجماني.' ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جا لفظ آهن ته 'خاص خوبي جا بيوس سائين جي شعر ۾ مون کي نظر اچي ٿي، سا هيءَ آهي ته مضمون ۽ عبارت 'ٻئي اصلي آهن ۽ نه نقلي ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جن جي راءِ آهي ته 'مان بيوس کي سنجيدو ۽ فهميدو شاعر ڪري ليکيان ٿو.' ميران محمد شاهه جن جي راءِ به نهايت سهڻي آهي. لکن ٿا: 'بيوس جي شعر جي طاقت قوي ۽ فطري آهي. سندس ڪلام نهايت رقت آميز ۽ دلڪش آهي.' سرموڙ ڪماٿيڪار آسانند مامتوراءِ، جو چوڻ آهي ته بيوس جي شاعريءَ سان سنڌي نظم جي نئين پرڀات ڦٽي آهي ۽ بيوس سائين انهيءَ پرڀات جو 'وهانو تارو' آهي. ٻرک نقاد سڳن آهوجا جو چوڻ آهي ته بيوس سائين نه سنڌي ٻوليءَ جو اهو پهريون شاعر آهي جنهن جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد وڌو آهي. هتي اهو ٻڌڻ آهي ته نه فقط جديد شاعريءَ جو بنياد بيوس سائينءَ رکيو هو، پر انگريزن جي دؤر ۾ ۱۸۴۳ع کان ۱۹۴۷ع تائين، سنڌي ٻوليءَ ۾ باقاعده ٻاراڻي ادب جو بنياد جن شاعرن رکيو، انهن سڀني ۾ ڪشنچند بيوس جو نالو مٿاهين جڳهه والاري ٿو. وقت گواهه آهي ته ٻارن جون اهي پيڙهيون، جن ٻالڪ اوستا ۾ بيوس سائين جا ٻارن لاءِ لکيل نظم پڙهيا آهن انهن جي ذهن ۾ هن جا نظم ننڍپڻ جي ڪنهن انتهائي خوبصورت ياد وانگر اڄ به محفوظ آهن. سنڌ جي هر نئين نسل لاءِ، انهن جي ذهني اوسر، ونڊر ۽ وروهن ۽ اخلاقي سکيا لاءِ بيوس نه فقط سدا بهار جي گلن جهڙا نظم ۽ گيت ئي سرجيا آهن، پر انهن سان گڏو گڏ سهڻا ۽ دلچسپ ناٽڪ پڻ لکي، سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب کي وڏو ذخيرو مهيا ڪري ڏيڻ جي ڪوشش به ورتي هئي.

دادا شيوڪ ڀوڄراج ،جيڪو بيوس سائينءَ جي ٻاراڻن ناٽڪن ۾ ڪردار ادا ڪندو هو، لکي ٿو ته جتي بيوس سائين رهندو هو، انهيءَ گهر جي ٻاهران ئي پٽر ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ جا ميڙ ٿيندا هئا. ان ۾ بيوس سائين پاڻ ئي هدايتون به ڏيندو هو، ۽ ناٽڪ ۾ جنهن طرز تي، ڪنهن گيت جي ضرورت پئي ٿي ته انهيءَ موضوع تي، اني جو اُني

نهہَ پهہَ گيت تيار ڪري ڏيندو هو. ٻارن لاءِ ٻاراڻا گيت ۽ وڏن لاءِ وري سُريلا گانا.

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ جي فرشتہ صفت ننڍڙن معصوم ٻارڙن جو پهريون وڏو شاهي ميڙ ڪوٺائڻ ۾ بہ، بيوس سائين جو وڏو هٿ هئو. جنهن ۾ رانديون راڳ، پروليون، آکاڻيون ۽ شيل شُغل، سيني ۾ بيوس سائين اڳيان اڳيان هو. ٻارن جي کاڌي پيتي لاءِ اناج، ميون، ڀاڄيون، ۽ کير وارن کان پاڻ وجي امداد وٺي ميلي ۾ آيل ٻارن جي مهماني ڪيائين. ۽ هن جي ئي ڪوشش سان ميلي جي ميدان ۾ ڦرٽيون ۽ چوڏول لڳا. رانديون ۽ ناٽڪن جو بندوبست ٿيو ۽ رهائش لاءِ اسڪول ميسر ٿيا. ميلي جي پڄاڻيءَ تي، ميلي لاءِ سڄي سنڌ مان پهتل اٽڪل اٺ سؤ ٻارڙن کي بيوس سائين بس ۾ چاڙهي 'موهن جي دڙي' جو سير بہ ڪرايو ۽ ائين هر طرح سان، هنن جي وندر ۽ ذهني سکيا جو پورو پورو بندوبست ڪيو.

بيوس سائينءَ جو اصلوڪو گهر 'نانؤ' جي پڙ ۾ هوندو هو. ١٩٣٥ع ڌاري هُن ڊاڪٽر گوبندرام دادلاڻي سان گڏجي 'نانؤ جي پڙ' لاڙڪاڻي ۾ هڪ اسپتال کولي هئي ۽ ان جو نالو رکيائين. 'بيوس شفا خانو'. ١٩٣٨ع ڌاري



"بيوس شفاخانو" جتي بيوس صاحب ويهي مطب هلائيندو هو.

'نانءُ جي پڙڏَ وارو اهو گهر چڏي، ڪجهہ وڏيرڙي ۽ بهتر گهر ۾ وڃي ويٺو، جيڪو امام بارگاهہ جي پرسان سنڌ جي اڳوڻي چيف منسٽر خان بهادر محمد ايوب کهڙي جي بنگلي پويان هو. پنهنجي پوڙهپ جي 'موڙيءَ مان بيوس سائينءَ جيڪو نئون گهر اڏيو هو، اُن جو نالو رکيائين 'جشن خانو'، يعني خوشيءَ جو گهر. سنڌس ملڻ وارا جڏهن سائنس



"جشن خانو" بيوس صاحب جو گهر (لاڙڪاڻو)

ملڻ لاءِ سنڌس جشن خاني ۾ ايندا هئا تہ هو قرب مان پنهنجي مهمانن جي ڪير ڏڏ ۽ مکڻ سان مهمان نوازي ڪندو هو ۽ اهي شيون ڪبس پنهنجي ڍڳين مان ملنديون هيون، جن کي هو نهايت خبرداريءَ سان تاتيندو هو. بيوس سائينءَ جي نياڻي 'پورن ديوي' لکي ٿي تہ 'ڳئون' هن کي بي حد وڻنديون هيون. اُنهن جي سار سنڀال ۾ ڏاڍي خوشي محسوس ڪندو هو. هڪ ڳئون جو نالو رکيائين 'پولي'. پاڻ ان سان بي حد پيار ڪندو هو.' ٻارن سان بہ بيوس سائينءَ جو پيار بي انتها هوندو هو. ٻارن جي وچ ۾ پاڻ جهڙو ٻار. سدائين مشڪندو رهندو هو. ٻارن سان ڳالهيون ڪندي اهڙا خاصا چرچا ڪهبا ويٺو ڪندو هو جو اهي کِلي کِلي ڪيرا پيا ٿيندا هئا. برک شاعر هري دلگير، سنڌس نک نقشي ۽ هڏ ڪاٺ جو عڪس چٽيندي لکيو آهي تہ: بيوس سائين، سدائين سادا ۽ صاف سٿرا ڪپڙا پهريندو هو. سادو پاجامو ۽ قميص ئي سنڌس پوشاڪ هوندي هئي. موسم مطابق ڪوٽ بہ پائيندو هو. پيرن ۾ چمپل يا سليپر پائيندو هو. سنڌس قد پورو پنو ۽ اکين ۾ عجيب روشني هوندي هيس. سنهيون مڇون ۽ ڏاڙهي صاف. سڀاوَ ۾ نهايت لڄارو ۽ شرميلو، گرونانڪ جي اثر هيٺ نهايت ٻاجهارو، نماڻو ۽ نوڙت وارو انسان. مٺو، مشڪندڙ ۽ نهايت مٺيادار شخص هو ۽ فوٽو ڪڍائڻ کان تہ اصل ونءُ ويندو هو."

پنهنجي ٻالپڻ ۾ ڪشنچند بيوس اسڪول توڙي ڪاليج جي هوشيار شاگردن ۾ شمار ٿيندو هو ۽ سدائين

پهريون نمبر ڪٺندو هو. زندگيءَ ۾ هن پنهنجي لاءِ 'استاد' جهڙي معزز پيشي جي چونڊ ڪئي ۽ آخرڪار ١٩٣٧ع ۾ وليدن پرائمري اسڪول جي هيڊماستريءَ تان جڏهن رٽائر ڪيائين ته ڪيس سنڌس تعليمي خدمتن جي موٽ ۾ ميونسپالٽيءَ جي اسڪول بورڊ جو صلاحڪار بنايو ويو. ننڍڙن معصوم ٻارڙن جي پيار صدقي ئي هن ٻالڪن جي ٻاريءَ جو ڊسٽرڪٽ سپرنٽينڊنٽ ٿيڻ به قبوليو هو ۽ ان ئي ناتي سان پاڻ لاڙڪاڻي ۾ ٻارڙن جا سوين ميڙ سڏائي سندن خاطر خواهه بندوبست به ڪيو هو. ١٩٣٥ع ڌاري جڏهن هن پنهنجو شفاخانو کوليو هو ته شفاخانو هلائڻ سان گڏوگڏ ان زماني ۾ هن ٻارن لاءِ اتي ويهي نهايت وڏو تخليقي ڪم به سرانجام ڏنو. هن کان اڳ ٻارن لاءِ باقاعده شعر چئڻ ته بنهه ڪين هو. هن ان جي گهرج پوري ڪئي ۽ سندن ونڊر لاءِ خوب مال موجود ڪيو. ١٩٢٩ع ۾ بيوس سائينءَ جو شعري مجموعو 'شيرين شعر' ۽ ان سان گڏوگڏ محمد صديق مسافر جي سهڪار سان سهيڙيل شاعريءَ جو ڪتاب ' ساموندي سپون' ان زماني ۾ اسڪولن لاءِ 'درسي ڪتاب' طور منظور ۽ مقرر ڪيا ويا. فقط ان سطح تي ئي نه، ان دؤر ۾ يونيورسٽيءَ لاءِ درسي ڪتابن ۾ پڻ سنڌس نظم نهايت فخر ۽ اعزاز سان شامل ڪري شاگردن کي پڙهايا ويندا هئا. ١٩٣٥ع ۾ بيوس سائين جو ٻارن لاءِ بهترين شعري مجموعو 'مؤجي گيت' پڌرو ٿيو، جنهن ۾ چار گيت هري دلگير جا ۽ چوڏهن گيت ۽ نظم بيوس سائين جا آهن.

"مؤ جي گيت" تي تبصرو ڪندي برک ليکڪ تاج جويي لکيو آهي ته "بيوس جا سمورا گيت ۽ نظم جيڪي 'مؤجي گيت' ۽ 'شيرين شعر' ۾ ڇپيا آهن، اهڙا ته عام فهم ۽ آسان آهن جو ٻارن کي پڙهندي سمجهندي ۽ ياد ڪندي ڪابه ڏکيائي محسوس ڪانه ٿي ٿئي. انهن نظمن ۽ گيتن جي ٻولي رسيلي، سادي ۽ ٻارن جي ذهن ۽ فهم ۾ اچڻ جهڙي آهي. اهي گيت ٻارن جي معصوم مُرڪن جهڙا موهيندڙ ۽ سندن پاڪ ۽ اوجل دلين جهڙا اُجلا ۽ نرم آهن."

دادا هوندراج بلواڻي ڪنهن هنڌ لکيو آهي ته: هڪ سٺي ٻال گيت جو مکيه انگ اهو آهي ته ٻار نظم کي نه رڳو سمجهي سگهي، پر ان مان ڪيس رس پڻ اچي ۽ هو ڳائي سگهي يا سُر ۾ پڙهي سگهي. ٻولي سَولي ۽ سلوڻي هجي. وزن ننڍا ۽ سولا، قافيا نرم ۽ تشبيهون ٻاراڻي مشاهدي مطابق ... ۽ اهڙي سرل شاعري ئي ٻار لاءِ ڪشش جو سبب بنجي سگهي ٿي.

مٿينءَ ڪسوٽيءَ تي پرکيندي مجموعي 'مؤجي گيت' بابت ته يقين سان چئي سگهجي ٿو ته بيوس سائين اهي گيت ٻارڙن لاءِ ئي لکيا آهن. پنهنجي ان ڪتاب لاءِ ڪوشش ڪري هن اهڙا موضوع چونڊيا آهن، جيڪي ننڍي کان ننڍي ٻار لاءِ به دلچسپيءَ جو سبب بنجن ٿا. مثال طور 'پنپيوري' ، 'بدڪ' ، 'ڪتو' ، 'ڦوڪٽو' ، 'گهوڙو' ۽ 'پينگهه' وغيره. انهن نظمن ۾ معصوميت پنهنجي پوري زور سان موجود نظر ايندي ۽ ترنم به. شاگردن لاءِ جيڪي نظم بيوس لکيا آهن اهي به نصابي ڪتابن ذريعي نوجوان شاگردن ۾ گهڻا مقبول ٿيا. انهن مان موضوع جي اعتبار سان ڪي آهن قدرتي نظارن تي، جهڙوڪ 'برسات' ، 'بهار' ، 'ڪاري گهٽا' ، 'سهاني راتڙي' ڪي آهن هلندڙ وقت جي معاملن تي، جيئن 'اسڪائوٽ' وغيره. بياني ڪوتائن ۾ 'آگريون ۽ منڊي' ، 'تڏ ۽ ماڪيءَ جي مک.' ڪي وري آهن اتساهه ۽ امنگ واريون ڪوتائون، جيئن 'محنت' ، 'ڪرمي' ۽ 'ملڪي پيار' وغيره.

اِهي مـانـر پـلي مَـرڪـن، جـي ٻـاروتـڻ ۾ لـولـي ڏيـن
تـه صدقي ديس تان تن من، ڪرڻ جهڙي نـه ٻي خدمت.

هي شعر بيوس ١٩١٦ع ۾ لکيو هو، جنهن وقت پهرين مهاڀاري لڙائي شروع هئي. ان وقت بيوس جي هن شعر کي 'لڙائي پڌري ڪميٽي' انعام به ڏنو هو.

جتي سوَ مان نوي گڏجي، چون ڪنهن ڳالهہ کي پنهنجي،
اُتي 'بيوس' وطن حب جي، وڃي ٿي واهہ جي نوبت.

بيوس سائينءَ جي 'مؤجي گيت' مجموعي وارن نظمن تي تبصرو ڪندي شريمان هري دلگير لکيو هو تہ بيوس جون ڪي ڪي ڪوتائون، دنيا جي بهترين نرسري نظمن ۾ شماري سگهجن ٿيون. جڏهن تہ شاگردن لاءِ لکيل نظمن تي تبصرو ڪندي هري دلگير ڪيڏي نہ صحيح ڳالهہ لکي آهي تہ ان قسم جون رنگارنگ ڪوتائون سنڌيءَ ۾ فقط بيوس ئي لکيون آهن ان ڪري ٻئي ڪنهن شاعر سان هن جي ڀيٽ ڪرڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي.

ٿيم نخمو
مرزا قليچ بيگ جي
لائق پوٽي ۽ اديب
دوست نصير مرزا لاءِ
هري دلگير 4-9-91

# مؤجي گيت

Rs 1

17, Maitri/Ward 3-A,
Adipur Kachchh 370205

ييٽا ٥٠ پيسا

Rs. 1 -

١٩٦٤

سڀ حق واسطا قائم

ڪشن چند (بيوس)
هري درياڻي (دلگير)

Printed by Mellaram M Vaswani at The
Sunder Press Kaiser Guuj, Ajmer.
& Published by Shree Hundraj Dukhayal
Bevas Vani Mandir Adipur (Kutch)

انگريزن جي دؤر ۾ سندن ئي ترغيب تي جڏهن ٻارڙن لاءِ نرسري نظم لکڻ جي ابتدا ٿي ته ڪاڪو ڀيرومل، شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، محمد صديق مسافر، جمع خان غريب ۽ ڪشنچند بيوس سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جي پيڙهه جا پٿر ٻڌا. دنيا جي ڪنهن به ادب ۾ سنجي ۽ فڪري ارتقا جي لاءِ ٻاراڻي ادب جي اڻٽري ئي ضرورت هوندي آهي، جيتري ڪنهن به اڏاوتي ڪم ۾ مضبوط بنياد جي. جو ته مضبوط بنياد تي ئي مضبوط عمارت ڪجي سگهندي آهي. انهن مٿين سرموڙ شاعرن بيشڪ ته ٻارن لاءِ پنهنجي ذات جا رنگارنگ گل، ادب جي ايوان ۾ ورڪايا، پر انهن سڀني مانوارن نالن مان ٻاراڻي شاعريءَ جي سرواڻ طور فخر سان جي ڪنهن جو نالو وٺي سگهجي ٿو ته اهو فقط ۽ فقط ڪشنچند بيوس جو ئي نالو ٿي سگهي ٿو. ۱۹۲۵ع ۾ جڏهن حيدرآباد مان ٻارڙن جو رسالو 'گل ڦل' جاري ٿيو ته بيوس سائين نهايت سنجيدگيءَ سان پنهنجي ذات جي انوکي سوغات ٻارن کي ڏيڻ شروع ڪري ڏني ۽ جڏهن باقاعدگيءَ سان سندس ٻاراڻا گيت 'گل ڦل' ۾ اچڻ لڳا، تڏهن ٻارن ۾ جڻ خوشيءَ جي ڪاني سُريلي لهر دوڙي ويئي. وري جو ٻارن لاءِ ڪراچيءَ مان 'گلستان' مخزن جاري ٿيو نه ان کي به سينگارڻ ۾ بيوس جون ٻاراڻيون ٻوليون بيحد مددگار ثابت ٿيون.

بيوس سائينءَ جي ڌيءَ 'پورن ديوي' لکيو آهي ته: بابا سائينءَ جا جيڪي به 'ٻال گيت' آهن، سي هن پنهنجن ٻارن سان گهر ۾ راند روند ڪندي، ٻارڙن جي موڃ مزي ۽ سکيا لاءِ لکيا آهن. اُهي مزني گيت هڪ 'آدرشي سنيهه پتا' جي تصوير آهن، جن جي لفظ لفظ مان 'پتا' جو پيار ڇلڪي رهيو آهي. دادا هري دلگير گواهي ڏني آهي ته بيوس سائين شاعري جمي ويهي نه پر ڳالهائيندي ڳالهائيندي، گهمندي ڦرندي، نهايت سولائي سان ۽ منٽن ۾ تيار ڪري وٺندو هو. ٻاءُ تاج جويي جو انومان آهي ته هن جا 'مؤجي گيت' ۾ شايع ٿيل سمورا گيت ۽ نظم، محسوس ٿئي ٿو ته هن گهر ۾ يا گهٽين ۾ ٻارڙن سان ڊوڙون پائيندي ۽ رانديون رهندي لکيا آهن ۽ سچ پچ لڳي ٿو نه آهي به ائين ئي!. سندس ٻاراڻا نظم پڙهو ته جهڙا آرسين ۾ ٻار رانديون ڪندي نينگ ٽپا پيا ڏين ۽ هٿ ۾ هٿ ڏيو، دائري ۾ وينا ڳائن ۽ خوش ٿين. بيوس جي انهن نظمن جي حيرت انگيز ڳالهه هي به آهي ته ٻاراڻن نظمن ۾ هن نوان نوان ۽ دلچسپ موضوع متعارف ڪرائي، منجهانئن رنگ ۽ خوشبو سميٽي جيڪو گلدستو ڪالهه جوڙيو هو، ان مان ٻاراڻي ادب کي اڄ به سگند ۽ نئون ساهُ ملندو ۽ ان مان هر نسل جي ٻار جو وات جڻ کنڊ پتاشا ٿيندو رهيو آهي.

چون ٿا: بيوس سائين ڪنهن به موضوع تي نظم ان وقت لکندو هو، جڏهن سمورو مواد، موضوع جوحسن ۽ مشاهدو هن جي ذهن ۾ مڪمل طرح سان گڏ ٿي ويندو هو ۽ ان کان پوءِ اُهو نظم هن جي ڪاغذ تي ائين هوندو هو جئن ميوو رسي راس ٿي ڌرتي تي پنهنجو پاڻ ڪري پوندو آهي. مثال طور 'ريل' وارو نظم پڙهو ته انجڻ جي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. جڏهن ٻار پڙهي ٿو ته: "ڇڪ ڇڪ پڪسا، ٻه ٻه پايون...." تڏهن لڳي ائين ٿو ته راند ئي راند ۾ سگنلس جي رنگن بابت معلومات ته بس هو ائين ئي پيو ڏئي: نظم جو اصل مقصد ته آهي رڳو ٻار کي خوشي ڏيڻ.

ڳاڙهي جهنڊي ربل بهاري
سائي جهنڊي جڏهن نهاري
ڪُوڪ ڪندي ٿي ڇُٽي لڳايون
ڇڪ ڇڪ پڪسا، ٻه ٻه پايون.

پکيڙن ۾ مور، ڪبوتر، طوطا، جهرڪيون، ڪڪڙ، ڪڪڙيون، ڪبريون ۽ جيتن ۾ پوپٽ، پنبوريون ۽ جانورن ۾ ڪُتا، ٻليون، گڏهه، گهوڙا، هاٿي، هرڻ، رڍون، ٻڪريون وغيره ٻارن کي پنهنجا دوست ڀاسندا آهن. خاص ڪري ڪتن ۽ ٻلين جي ٻچن کي ڪڇ ۾ ويهاري انهن جي نرم نرم بدن تي هٿ ڦيرائڻ يا ڪنهن محل کين پيچ کان وٺي ڇڪ

ڏين، ٻارن لاءِ وندر جو من پسند وسيلو هوندو آهي. ڪڪڙن ڪي هڪلڻ لاءِ ٻار جو من ڪيڏو نه اڇلون ڪائيندو آهي.
ٻيوس سائينءَ ٻارن جي انهن من پسند جانورن، پکين ۽ جيتن جو "راڻي باغ" ڪيڏي نه ذهانت سان لفظن جي پڃرن ۾ بند ڪري، ڪاڳرن تي قائم ڪري ڏيکاريو آهي. وري هتي وڏي ڳڻ ڀري ڳالهه هي به ته انهن ني جانورن ۽ پکين جي عادتن ۽ خصلتن کي موضوع بنائي، ٻارن لاءِ عجب عجب پيغام رکيا آهن ته اهي سندن سياوَ مان سبق پرائين. مثال طور پنهنجي نظم "ڪُڪڙون ڪون" ۾ هن ٻارن ۾ وقت تي اٿڻ سمهڻ ۽ وقت تي ڪم ڪرڻ جو سنيهو، ڏسو ڪيئن نه ذهانت سان رکيو آهي.

تــارن ۾ تــو لــئـــــہ گــهــــڙيـــال
وقت جـو جنهن مان، جاچين حال
جــاڻين پــهـــر بــجــا پــلــڪـــون
ڪــڪــڙون ڪــون ۽ ڪُــڪــڙون ڪُـون.

ٻيوس جي هن نظم جو آهنگ ڏسو ته محسوس ائين پيو ٿيندو، ڄڻ ڪڪڙ اسان جي ڪنن جي ويجهو ڪٿي ٻانگون پيو ڏئي: ڪڪڙون ڪون!! وري اڳتي هلي، ڪهڙيءَ نه مهارت سان، راند روند ۾ ٻيوس ٻارن کي پکين جي اهميت ڪان ڪيئن نه ڳالهين ني ڳالهين ۾ آگاهه ڪندو ويو آهي.

ڳــائـي ڪُـــڪـــڙون ڪُـون جـــو راڳ
ســتــلــن کــي ٿــو ڪــريــن ســجــاڳ
جـــاڳـــيــن ۽ جـــاڳـــائـــيـــن نـــون
ڪُـــڪـــڙون ڪــون ۽ ڪـــڪـــڙون ڪــون.

هوائن مان پکين ۽ جيتن جا آواز جهٽڻ ۽ چرندڙ تصويرن کي لفظن ۾ ڏيکارڻ، ٻيوس سائينءَ جي ٻاراڻن نظمن جون زوردار خوبيون آهن. مثال طور، ٻارن کي چند تارا ڏاڍا وڻندا آهن ۽ رات جو آڪاس ۾ پيا نهاريندا ۽ چند ستارن بابت وڏڙن کان سوال پيا پڇندا آهن ۽ فطرت جي اها جهرمر ٻارن کي ڪيڏو نه وڻندي آهي. نظم 'تارن ڀري رات' ۾ ٻار جي تارن سان هيءَ گفتگو، هي مڪالمو ٻڌو ۽ معصوم ٻار ۽ چنچل ستاري کي تصور ۾ آڻي ڏسو، ڇا نه مزيدار منظر آهي:

آءُ لـــــهـــــي تـــــون تـــــارا آءُ
مـــون ســـان گـــڏجــي مـــانـــي ڪـــاءُ
ڇـــو مـــچـــڪـــائـــيـــن خـــالـــي وات
تـــمـــڪ تـــمـــڪ تـــاريـــلـــي رات

اوهان ڏٺو نه هي دلچسپ لقاءُ. هيٺ اجهو ٻار ماني پيو کائي ۽ مٿان آسمان تي ستارا وات مچڪائي رهيا آهن. ٻار ستارن کي چوي ٿو ته هيٺ لهي، مون سان گڏجي ماني کاءُ. هري دلگير هن نظم بابت ڪيڏي نه سهڻي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته اهي خيال ني ٻار جي جذبات جي سچي ترجماني ڪن ٿا.

آءُ تــہ لــڪ چــپ رانــد رچـــايـــون
گـــڏجـي هـــڪ ٻـــئـي کـــي ونـــدرايـــون
تون ڪر جـهــات ڪريان مـــان هـــات
تـــمـــڪ تـــمـــڪ تـــاريـــلـــي رات

نظم ' ڦوڪڻو ملوڪڻو' تہ ٻيوس سائينءَ جي بهترين نظمن مان هڪ آهي. ايڏو لسو، ايڏو سنگيت ساں ڀريل، جئن ڀُسي مٺي ٻاڻيءَ يا انگور رس سان ڀريل هوندو آهي. نظم جو ذائقو سچ پچو تہ ٻار لاءِ "اگلو آئسڪريم" يا چوڪ بار کان وڌيڪ مزيدار آهي.

ٿورو تصور ڪيو. ڦوڪيل، مٺولا، گول گول وڏا ڦوڪڻا، ٻارن لاءِ ڪيڏي نہ ڪشش رکندڙ هوندا آهن. رنگارنگي ڦوڪڻن جا ڌاڳا هٿ ۾ جهليندي ٻار ٻنهہ ائين خوش ٿيندا آهن جڻ ڪين سڀ رنگ هٿ اچي ويا هجن. هي نظم، بقول تاج جويي جي، ٻار جي جذبات جي بهترين عڪاسي ڪري ٿو. هڪ ننڍڙو ٻارڙو ڪيسي جي خرچيءَ مان ڦوڪڻو خريد ڪري ٿو ۽ ڀيو وڏو ٻار ڪانئس ڦوڪڻو وٺي ڪيس ڦوڪي ڏئي ٿو. ان وقت ننڍڙي ٻار ڪي سپاويڪ طور ڏپ ويڙهي وڃي ٿو تہ متان سندس ڦوڪڻو گهڻي ڦوڪجڻ سان ڦاٽي نہ پوي. ٻار جي ان بي قراريءَ ۽ اتاولائي کي ٻيوس ڪيڏي دل بهار انداز ۾ چٽيو آهي.

ڦاٽي پوندو سڀي نہ سگهبو
ڪونئر لئي سان لنبي نہ سگهبو
ٽنڪر ڏيندي ٽوٽڻو
ڦوڪي ڦاڙ نہ ڦوڪڻو
منهنجو آهي ملوڪڻو.

هتي وري اسان جي رهنمائي هڪ دفعو ٻيهر دادا هري دلگير جا هي لفظ بہ ڪن پيا تہ هڪ سٺي ٻاراڻي نظم جي خوبي اها آهي تہ ٻار ان نظم کي سمجهي سگهي، ان مان ڪيس رس اچي ۽ هو ان کي ڳائي بہ سگهي.

"منڙا گهوڙا اوري آءُ" ۽ "هل تہ ڀنيوري پٽون بزار" تہ ٻيوس سائينءَ جي بهترين نظمن ۾ شماري سگهجن ٿا. وقت جي لٽ ۽ اڌ صديءَ جي چمار بہ هنن نظمن جي معصوم مک جي ڪشش، رنگ ۽ خوشبوءِ تي اثر انداز نہ ٿي سگهي آهي. منڙيءَ سنڌ جو ڪهڙو پڙهيل لکيل سپوت هوندو، جنهن جي نظر مان هي عاليشان نظم نہ گذريو هوندو.

منڙا گهوڙا اوري آءُ
خوب خوشيءَ سان داڻو کاءُ
پنهنجي منهن تان لاهہ لغام
تازو گاهہ هلي چر جام
جڏهن شام جا وڄندا پنج
توتي وجهندس سهڻا سنج
ٻالڪ چوندا ڊوڙو ڊوڙو
ڏسو ڪڪي جو سهڻو گهوڙو

ٻاراڻن نظمن ۾ جانورن سان ڪهل ۽ محبت جو جهڙو منو مثال، هن نظم جي هنن سٽن ۾ سمايل آهي، شايد ئي ٻئي ڪنهن نظم ۾ اهڙو اثردار هوندو.

توڙي هٿ ۾ چهبڪ ڪٺندس،
منڙا توکي مور نہ هٿندس.

ٻيوس سائين جا نظم محض وندر وروندهن لاءِ ئي ڪونہ آهن، هر موضوع تي لکندي ان ۾ هن جانورن، پکين ۽ جيتن جون خصوصيتون ۽ گڻ بيان ڪري، انهن ڏانهن ٻارن کي نہ فقط باخبر ڪيو آهي پر ان مان سبق حاصل ڪرڻ

جو اڻ سڌي طرح سنيهو بہ ڏنو آهي.

ڏينيوءِ جهڙو سونو رنگ
پر نہ هٿين ٿي ڪنهن کي ڏنگ
تنهن لئہ توسان آهي پيار
هل تہ پنيوري پنٽون بزار

انهن بہ ناهي تہ بيوس سائين ٻارن کي رڳو ڪي سنجيده سپاو وارا نظم ارپيا آهن ۽ رڳو هدايتون ۽ سمجهاڻيون ئي ڏنيون آهن، پر گڏوگڏ ٻارڙن ۾ ڪل خوشيءَ وارا جذبا بيدار ڪرڻ لاءِ پڻ سنديس ڏنا آهن.

ڪريو راند ۽ روند ٺهہ ٺهہ ڪري
غمن ۾ گهڙي پي نہ گهارڻ ڪپي.

ٻارن جو پيار نڪرن نوٻرن سان بہ ذرا زياده ٿيندو آهي، تہ انهن ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو:

ڪوڏ نڪر ۽ ڪاڳر ڪانا
خاصا تو لئہ خاص خزانا

ٻالڪ آننده جو ابو آهي، تنهن جي مني مهاندي، پيار ڀري دل، ٻالي ٻولي صورت ۽ منڙن ٻولن، استاد بيوس جي دل ۾ گهري ڇاپ ڇڏي آهي. ان ڪري ٻالڪ کي پڪاري چوي ٿو.

ٻالڪ ننڍڙا تون گل ڦل
رهين سپن سان ٿي رل مل
منو مهاندو ڇا من مهٺو
ڏوتل گل کان سندر سهٺو
صورت تنهنجي ٻالي ڀولي
ڇا ٻاتلي تنهنجي ٻولي

ٻارن ۽ شاعرن لاءِ ازل کان "چنڊ" ڪشش جو وڏو ڪارڻ رهيو آهي. اسان جو بيوس، جو شاعر بہ هو ۽ ٻار جهڙي معصوم دل رکندڙ انسان پڻ، تنهن ڏسو "چنڊ" کي ڪهڙي نہ سادي ۽ سلوڻي انداز ۾ ۽ اسان جي اکين اڳيان آڻي بيهاريو آهي.

چمڪ چمڪ تون چنڊ مشعال
چوکي تنهنجي چنچل چال.

اڳتي هلي نظم "چنڊ" ۾ ڏسو تہ هن ٻارن جي معلومات ۾ ڪهڙي نہ آسان انداز ۾ اضافو ڪيو آهي.

اُڀ ۾ اُڀري نو لک تارو
تو راجا بن آهي انڌارو
تارن جي توسان نہ مجال
چمڪ چمڪ تون چنڊ مشعال

هن ني نظم جي ٻين مصراعن ۾ معلومات ڏيندي بيوس سائينءَ ٻارن کي ٻڌايو آهي تہ چنڊ کي پنهنجي ڪائي جوت ڪانهي. اها ان کي سورج وٽان اڌاري ملي ٿي يا چنڊ جڏهن پهرين تاريخ تي اڀري ٿو تہ اهو "لاٽ" وانگر ٿئي ٿو ۽ چوڏهين تاريخ تي سندس چوڏاري چمڪاٽ ٿين ٿا. هن نظم جي حوالي سان هري دلگير ڳالهہ لکي آهي تہ هي نظم

"بيوس" يقينن ٻارن جي سکيا ۽ انهن جي معلومات ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ ئي لکيو آهي.

۽ هاڻي ٿورو ٻارن جي پينگهه 'Sea-Saw' جو ڏيک ڏسو جنهن ۾ هڪ ساهيڙي ٻي ساهيڙي، کي سڏي چوي ٿي:

آءُ تـــــ ادڙي رانـــــد کـــــڏون
تختـــي واري پـيـنـگـهــــ لـڏون
هـڪـڙي هيـٺ مـٿي ٻي ٿيـنـدي
پينگهه مـزي سـان لوڏا ڏينـدي.

هن نظم جي وچ ۾ بيوس چيا تہ مزيداري رکي آهي جو ان ۾ ڪتي جي موجودگي، سان نظم جي منظر ۾ ڏسندي 'Sea-Saw' جي جهولڻ جو مزو بہ اچي ٿو ۽ ڪتي جي ڪنڌ ڌوڻ تي کل بہ نڪريو وڃي.

هـڪـڙي هيـٺ مـٿي ٻي ٿيـنـدي
پيـنـگـهـ مـزي سـان لوڏا ڏيـنـدي
ڪـتـو بـہ وچ تي پيـو واجـهـائـي
ٿـــورا ٿـــورا لـــوڏا کـــائـــي

وري "بدڪون ۽ ڪتا" واري گيت ۾ ڏسو تہ ڪيئن نہ همدرد دل واريون ٻولڙيون ٻوليون اٿس:

نہ وڏ منهنجي بدڪن سنين ڏي ڪتا
هجن شل هي قائم سدا اي ڪتا
مون پاليون نپايون جي پابوهہ سان
نہ جهل تن کي دوڙي اچي دوهہ سان.

ٻار جڏهن اهڙا گيت ۽ نظم ڳائيندو، جنهن ۾ قرب، پيار، همدردي، سچ ۽ سونهن سان گڏ روزانہ واري زندگيءَ ڏانهن بہ اشارا هوندا تہ ازخود ٻارن تي سٺا اثر پوندا ويندا. پکين پسن جي عادتن ۽ انهن جي جيوت جي باري ۾ ٻارن کي همڙي ونڊر ورونهن ۾ سيکارڻ، ڪيڏو نہ سٺو ۽ اثرائتو طريقو آهي. وري سون تي سهاڳو اهو جو جيڪي ٻار هي نظم هڪ دفعو پڙهن ٿا، پوءِ سڄي زندگي انهن جو هنن نظمن سان چڻ رت جو رشتو جڙيو وڃي.

آيـــو پـــاڻـــي لـــيـــٽ کـــري
کـــاغـــذ جـــي هـــي ٻـــيـــڙي تـــري
کـــاريـــگـــر جـــي کـــاڻ نـــہ کـــائـــي
مـــون هـــي پـنـهـنـجـي پاڻ بـنـائـي
ڦـوڪ ڏيـڻ سـان لـهـرون ٿـيـنـديـون
ٻـيـڙيءَ کـي سـي اڳـتـي نـيـنـديـون
ڪـيـن کـمـانـي پـــاڙو ڏيـنـدي
مـفـت ۾ ايـنـدي مـفـت ۾ ويـنـدي.

اها تہ اسان بيوس سائين جي انهن معصوم ۽ موهيندڙ نظمن جي جهلڪ ڏني، جيڪي لڳ ڀڳ پنجن ستن سالن جي ڄمار وارن ٻارن لاءِ هن لکيا هئا. ٿورن وڏيرن يعني چوڏهن پندرهن سالن جي ڄمار وارن شاگردن لاءِ لکيل بيوس سائين جا نظم پڻ پنهنجي وجود ۾ انوکا موضوع ۽ انوکو سنگيت رکندڙ نظم آهن. هر موضوع تي نظم

تيزي نظر نهارين
ڌرتيءَ تي باهه ٻارين
مائي نگهه سان ناريِن
ٿو هيٺ ڪير هارين
تنهنجا ٻه نيڻ نيارا
سچ چنڊ ناتو وارا.

"مڪڙيءَ جي بيتابي" پڻ بيوس سائين جو شاگردن لاءِ لکيل هڪ لافاني نظم آهي. منجهس ڏيکاريل آهي ته ننيڙي مڪڙي بيتاب ۽ اُتاولي آهي ته جلد از جلد گل ٻڄي پوي ۽ سنسار کي وقت کان اڳ سرهاڻ ڏئي. پر شاعر کيس چوي ٿو ته مڪڙي اجائي تکڙ نه ڪر. وقت اچڻ تي پاڻ ئي کِلي ٽڙي پونديءَ. هن نظم ۾ ٻه پڙهندڙن لاءِ وڏو سنيهو رکيل آهي ته تکڙ اجائي شيءِ آهي. نظم جو پهريون ۽ آخري بند پڙهي ڏسو.

سُرهي سڳنڌ آهيان
ٻاهر اچڻ ٿي چاهيان
هي ڪوٽ ڪيئن ڊاهيان
پردي جو پند لاهيان
ڪڏهين بهار ايندو
ڪويو خلاص ٿيندو

—

جيسين اجا ڪچاڻي
بيوس اندر سماڻي
تيسين تکڙ اجائي
مڪڙيءَ ڪٿي مچائي
اندريون اُڇل جي ڏيندو
پهريون نه سَٽ جهليندو.

"اسڪائوٽ" ڪي موضوع ٻڌائي لکيل، بيوس سائين جو هي نظم اڌ صديءَ کان به اڳ جو لکيل هجڻ جي باوجود به جهڙوڪر اڄ جو لکيل ٿو لڳي. ڪالهه وانگر "اسڪائوٽ" اڄ به شاگردن لاءِ ساڳيءَ ريت سماجي راند ۽ خدمت جو درجو رکي ٿي ۽ ان جو منتو اڄ به اهوئي آهي جيڪو هن نظم جي سٽ سٽ ۾ سمايو پيو آهي. هن راند ۾ شاگردن جون مشغوليون ڪهڙيون ڪهڙيون هونديون آهن ۽ انهن جو مقصد ڇا هوندو آهي، ان جو تت بيوس سائين اجهو هيئن ڏنو آهي:

آهه بيوس هن تحرڪ ۾ ڏريل جادو اثر
ٿو ڪري ٻارن کي ڦيري شير بانڪو تيار رهه!

اسڪول ۾ پلڪار هڪ عام رواجي اوزار هوندو آهي جو جاميٽري ۽ ڊرائنگ ۾ ڪم ايندو آهي. ان جو مثال ڏيئي، ڏسو بيوس جهڙو مفڪر شاعر ڪيڏو نه سولائيءَ سان وڏو فڪر شاگرد کي ڏيندي چوي پيو ته:

پير هڪ پلڪار وانگر جي رهي مرڪز مٿي

گھر ۾ وڏڙن اڳيان زور زور سان اُهي پڙهن ته انهن نظمن مان گھر جي وڏن ڀاتين کي به ڪا نصيحت ڪار رهنمائي ۽ ڪو سبق حاصل ٿئي ٿو. مثال طور نظم "ٻار جي سنڀال" جا هي ٻه بند ڏسو.

جنهن ٻار کي نپايو، پرهيز ۽ هنر سان
صورت سواءِ سهڻي ۽ باجمال ٿئي ٿي
گدلي رهڻ جي عادت هاڃو ڪري ٿي ڪيڏو
پيءُ ماءُ لئه انهن جي جنڊڙي وبال ٿئي ٿي.

مطلب ته ننڍڙن ٻنڪڙن ٻارڙن ۽ شاگردن لاءِ بيوس سائينءَ جو هي خزانو ڄڻ پارس کاڻ مثل آهي. ٻاراڻن نظمن ۾ ته هو بجنسي ٻارن سان گڏ راند ۾ مشغول ٿو نظر اچي. جنتي جنتي ٻار کيڏڻ ۽ ڳائڻ ٿا ته هو به انهن سان کلڻ شروع ٿو ڪري. جنتي سوچن ٿا اتي هو پاڻ به سوچي ٿو. شاگردن لاءِ لکيل نظمن ۾ به موضوعن جي بيحد رنگارنگي جابجا نظر ايندي. غربت جا هاڃا ڏسڻ لاءِ هن جو "غريبن جي جهوپڙي" وارو نظم ڏسي سگھو ٿا. شاگردن جي ذهن ۾ سجاڳيءَ جو سنيهو پرڻ ۽ غلاميءَ کان ذڪار لاءِ "پڃرو ۽ پکي" جهڙو نظم هن لکيو آهي. قدرت ۽ فطرت جا عڪس ۽ منظر چٽڻ لاءِ هن جي قلم "بهار" ، "برسات" ، "ڪاري گھٽا" ، "سهاڻي راتڙي" ۽ "نديءَ" جهڙا نظم تخليق ڪيا آهن. ڪهاڻي انداز ۾ ڪي نصيحتون ۽ سمجھاڻيون ڏيڻ لاءِ وري هن "ماڪيءَ جي مک" ۽ "آڱريون ۽ منديءَ" جي عنوان سان نظم لکي ٻارن کي ارپيا آهن. "آڱريون ۽ مندي" نظم ۾ هٿ جي پنجن ئي آڱرين جو جهيڙو آهي ته "سوني مندي" ڪير پائي؟ هر هڪ آڱر پنهنجو پاسو ٿي پيش ڪري ته هو ئي منديءَ جي حقدار آهي. آخر چيچ پنهنجو مؤقف هن طرح ٿي پيش ڪري.

ايري ننڍڙي نار مان، هيٺي ۽ هيٺان،
بهاريندي جاءِ کي، بوهر بُڪ پرپان،
هر هر ڌرتيءَ سان، پاڻ گسايان پانهنجو.

منديءَ جي حقدار آخر چيچ ئي ٿئي ٿي ۽ اها چو ٿي ٿئي، ان جو جواز به بيوس سائينءَ وٽ ڪيڏو نه ملهائتو آهي ته بهاريءَ سان صفائي ڪرڻ وقت چيچ ڌرتيءَ سان گسجندي آهي. ان ريت سندس نهنائي ۽ نياز جي ڪري چيچ کي سون جي منديءَ سان نوازيو وڃي:

ميڙي منڙي ٿي لڳي پيرن پاڪ پٽي
هلندي جتيءَ هوت جا پيني چار چٽي
مون کي ٿهل ٺڪور جي، وڏيڪ واٽ وٽي
منجهان خاڪ کٽي، سرهو ڪجو سون سان.

ٻارن ۾ وطن جي مٽيءَ لاءِ محبت ۽ پيار جو جذبو اڀارڻ لاءِ به بيوس سائين جا ڪيترائي گيت، نظم ۽ بيت آهن. "پکيءَ جي پڪار" ، "وطن ۽ ملڪي پيار" وغيره ان موضوع تي بهترين نظم آهن.

اهي مانر پيلي مرڪن، جي ٻاروتڻ ۾ لولي ڏين
ته صدقي ديس تان تن من، ڪرڻ جهڙي نه ٻي خدمت.

۱۹۳۷ع ڌاري، بيوس هيڊ ماستريءَ تان رٽائر ٿيو ته ميونسپالٽيءَ ۾ ڪيس اسڪول بورڊ جو صلاحڪار ڪري ڪنيو ويو. تعليم جي ڪيتر ۾ بي پناھ خدمتون سر انجام ڏيڻ ۽ سپاوَ جي سڀاجهاين باعث، رٽائر زندگيءَ ۾ به هرڪو ڪيس پيار، عزت ۽ نمرتا وچان "سائين، سائين" ڪري پيو سڏيندو ۽ سندس احترام ڪندو هو. اڄ به هو سنڌي

ادب ۾ "سائين بيوس" جي نالي سان مشهور آهي، جھڙيءَ ريت مھاڪوي، ٽئگور کي "گرديو" جي نالي سان بنگالي ادب ۾ سڃاتو وڃي ٿو.

پنهنجي ماستريءَ واري سروس دوران ني بيوس سائين ١٩٣٢ع کان ١٩٣٥ع تائين ڪلڪتي هوميوپيٿڪ ڪاليج مان هوميوپيٿڪ ڊاڪٽريءَ جي تعليم به حاصل ڪري ورتي هئي. چون ٿا ته هن جي هٿ ۾ شفا ۽ چهري تي هڪ عجب نمرتا هئي، جنهن ڪي بطور هوميوپيٿ وڏي شهرت ڏني هئي. ڊاڪٽر گوبند رام دادلاڻي لکيو آهي ته پنهنجي بي پناه اڀياس ۽ طبي ڪتابن جي مطالعي ۽ لڳاتار تجربي جي ڪري هو ڏکين بيمارين جو بي ڌڙڪ علاج ڪري



"گيان باغ" لاڙڪاڻي جو اُهو ٿلهو، جنهن تي ويهي بيوس سائين ليڪچر ڏيندو هو.

ويندو هو. جمار جي آخري ڏهاڙن ۾ "ڪوي بيوس" لاڙڪاڻي جي "گيان باغ" ۾ گيان گفتگو ڪندو هو ۽ چون ٿا ته اهڙي گفتگو ڪرڻ مهل هن کي پنهنجي سرير جي ڪا به سڌ بڌ ڪا نه رهندي هئي. ١٩٤٦ع ۾ "گيان باغ" ۾ "ست سنگ" ڪندي ڪين ڪنهن جيت چڪ پاتو جنهن سبب ڪيس پهرين خارس ۽ مَلو ٿيو ۽ آخرڪار ان سبب ٽنگون، پيٽ ۽ پنا ونبا ويا. بيوس سائين پاڻ خود حڪيم هو، پر پاڻ لاءِ هو بيوس! نيٺ اها بيماري وڌي دل ۽ ڦڦڙن تائين آئي ۽ ٢٣ سيپٽمبر ١٩٤٧ع تي شاعر، ناٽڪ نويس، مضمون نگار، هيڊ ماستر، ڊاڪٽر، سماجي ڪارڪن ۽ ٻارن جو بيحد عظيم دوست ۽ شاعر نئن هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

بيوس سائين جديد سنڌي شاعريءَ جي باني‌ڪارن مان ته هو ني، پر ٻاراڻي ساهت ۾ به هن جو نالو سڀ کان مٿانهين جڳهه والاري ٿو. لاشڪ ته مرزا قليچ بيگ ۽ ڪاڪي ڀيرومل جون ان ڏس ۾ خدمتون نهايت مٿانهيون آهن پر بيوس سائين به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس لکيل ٻاراڻن گيتن ۽ نظمن جو درجو ٽئگور جي ٻال ڪوتائن کان ڪنهن به طرح گهٽ ڪونهي. شاعريءَ جا ٻرک نقاد چون ٿا ته شاعريءَ جو موسيقيءَ ۽ سُر سان لاڳاپو ازلي آهي. بنگالي

شاعريءَ ۾ "ٽئگور" نئون آهنگ، نئين موسيقي ۽ نئون سُر ڏنو هو، جنهن کي "روبندر سنگيت" جو نالو ڏنو ويو هو. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اڄ هي جيڪو نئون چلن آهي، جيڪا نئين ترنگ، نئين موسيقي ۽ نوان سُر پيا ٻُرن، ان کي بيوس سائينءَ جي ئي ڏِين سمجهندي ان کي "بيوس سنگيت" چئجي ته وڌاءُ ڪونه ٿيندو.

بيوس سائينءَ جا سنڌ جي ٻارڙن لاءِ لکيل گيت، نظم ۽ بيت، سدا بهار جي گلن واري باغ جيان ئي آهن. هن جي نظمن جي ويجهو وڃو ته گلن وارا سڀ گڻ ڏسڻ ۾ ايندا. مهڪ، تازگي، ڪشش ۽ نرمي.... ها، بيوس سائينءَ جي نظمن ۽ گلن ۾ فرق صرف ايترو آهي جو گل جلدي مرجهائنجي ويندا آهن، پر بيوس سائينءَ جي نظمن جو واس سدا امر ۽ سدا بهار آهي. هن جا هي نظم ڪالهوڪي نسل لاءِ به "چارمنگ" هئا ۽ لڳ ڀڳ مني صدي گذرڻ کان پوءِ اڄ به هن نسل جي ٻارن لاءِ وڏي وٿ بڻيل آهن ۽ اهو به طئي آهي ته مستقبل ۾ به انهن جي عظمت ۽ امرتا قائم ۽ دائم رهندي.

بيوس سائينءَ جي شاعريءَ بابت خود بيوس جي شعر سان مان هن اپياس کي پڄاڻيءَ تي پهچائيندس.

آهه هر هڪ لفظ اندر، قيمتي رت جو ڦڙو

ڪير چوندو شعر بيوس، شاخ انگوري نه ٿي.

(اهو مٿيون اپياس، ڪرشنا پمياڻي، پورن ديوي، فتح واسواڻي، جناب انيس انصاري، دادا هري "دلگير" ۽ تاج جويي جي لکيل مضمونن جي آڌار تي جوڙيو ويو آهي.)



هر ناول ۾ جن جذبن جو ذڪر هوندو هو، اُهي سڀ مون پنهنجي اندر ۾ ڳولي ورتا ۽ سيني ڪردارن ۾، پوءِ ڀلي اُهي هيرو هجن يا ولين، مون پنهنجي صورت ڏسي ورتي، جيئن ڪو حساس انسان طبي ڪتاب پڙهڻ وقت محسوس ڪندو رهندو آهي تہ سموريون بيماريون مون ۾ موجود آهن. انهن ناولن ۾ جيڪي ڳالهيون پسند هئم، اهي هيون سندن عيارانہ خيال ۽ اشتعال ڏياريندڙ جذبا ۽ سچا ڪردار. سٺا ماڻهو نهن ڪان چوٽيءَ تائين سٺا هئا ۽ ساڳي طرح خراب ماڻهو نهن ڪان چوٽيءَ تائين خراب هئا. پنهنجي نوجوانيءَ جي شروعاتي دور ۾ ماڻهن جي باري ۾ بلڪل اهوئي اندازو هو.

— ليو ٽالسٽاءِ

# ڪهاڻيون

اهڙيءَ ريت موضوع سان گڏ ئي ڪهاڻيءَ جو پلاٽ تيار ٿئي ٿو. پلاٽ ۾ ٽي شيون اهم آهن: شروعات، وچ ۽ پڇاڙي: ڪهاڻي جي شروعات انهن لفظن ۽ جملن سان ڪرڻ کپي، جنهن ۾ پڙهندڙ کي ڪشش محسوس ٿئي. انهيءَ ڏس ۾ آءٌ عرض ڪندس ته اسان جي نون ليکڪن کي روايتي جملن ۽ مشڪل لفظن سان ڪهاڻي جي شروعات ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت فطري انداز ۾ ڪهاڻي کي اڳتي وڌڻ کپي. عام طرح جڏهن ڪهاڻي پنهنجي وچ واري حصي ۾ پهچندي آهي تڏهن اڪثر ان ۾ جهول پيدا ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي. ان وقت ڪهاڻيڪار کي گهرجي ته ڪهاڻي جي ٽيمپو کي نه سست ٿيڻ ڏئي ۽ نه ئي گهڻو تيز: ائين ڪرڻ سان ڪهاڻي ۾ جهول پيدا نه ٿيندو. ان طرح پڇاڙي به فطري انداز ۾ هئڻ کپي. محض ڇرڪائيندڙ پڇاڙي لاءِ غير فطري انداز، ڪهاڻيءَ جي اثر کي زائل ڪريو ڇڏي. ڪوشش ڪجي ته ڪهاڻي کي اتي ختم ڪجي، جتي پڙهندڙن جي ذهن ۾ خود اڳتي لاءِ سوچ پيدا ٿئي ۽ جيڪا ڳالهه ڪهاڻيڪار ڪهاڻي جي انجام متعلق سوچي ٿو. اها بنا ڪهاڻيءَ ۾ ڄاڻائڻ جي خود پڙهندڙ جي ذهن ۾ پيدا ٿئي.

ڪهاڻي لکڻ جي سلسلي ۾ هڪ ٻي اهم شيءِ ڪردار نگاري آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار سچا پچا هئڻ گهرجن. ٻين لفظن ۾ جيئرا جاڳندا ڪردار ڪهاڻيءَ جي جان هوندا آهن. اسان جي چوڌاري هوائي جهاز اغوا ڪندڙ کان وٺي شهرن ۾ رستن تي دهشتگردي جو نشانو بنجي ويل ۽ خون ۾ ٻڏل لاشن تائين ڪيترائي ڪردار پکڙيا پيا آهن. پنهنجي ڪهاڻي ۾، جنهن ۾ ڪردار يا ڪردارن کي اسان کڻون ته انهن ۾ حقيقي روح هجڻ کپي. اسان کي نه صرف انهن ڪردارن جي هلت چلت، عادتن ۽ حالتن جي ڀرپور ڄاڻ هئڻ گهرجي پر ان سان گڏ ان ڪردار يا ڪردارن جي نفسيات ۽ انهن جي اندروني جذبن ۽ احساسن جي پليءَ پٽ پروڙ هجڻ کپي. تڏهن اسين ڪهاڻي انهن جي مختلف ڪردارن ۾ حقيقي رنگ ڀري سگهنداسين. -- **"ساحر" پريمي**

سيد ماڪن شاهہ رضوي

# ڪجل بنا نيڻ

ڏرتي مٿي جيئن تيز هوائن جي زور تي چٽيل ۽ سڪل پن اڏامندا آهن، تيئن وقت جي تيز واچوڙن ۾ انسان بہ اڏامندو ۽ گردش ڪندو رهي ٿو. وهندڙ پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ بند ٻڌبو آهي ۽ ويندڙ مسافر کي وري جبل جيڏي دل ۾ وسندڙ اڻ ميي پيار جي ڌاڳي سان قابو ڪبو آهي، سو وقت جي طوفانن هٿان چٽيل پن جيئن پٽڪندڙ سانوڻ کي بہ ڪاڪي فضل قُرب جي ڏور ۾ اهڙو تہ ٻَڌي قابو ڪيو جو هن جي رولاڪ من ۾ مانار اچي وئي.

لڄ ڪان ٻارنهن سال اڳ جڏهن سانوڻ جي ڄمار بہ ٻارنهن ورهيہ هئي، تڏهن هن وڏي ڀاءُ جي ڀادرن کان بيزار ٿي پنهنجو ڳوٺ ڇڏيو هو. ماءُ پيءُ تہ ڇنيءَ ۾ ڇورو ڪري ويا هئس ۽ ڀاڻس، ڀاءُ ٿورو ۽ مُلهہ ڳَڏل غلام گهٽو سمجهندو هئس. سڄو ڏينهن مال ۾ رُلڻ، جهنگن ۾ ڏڪا ڪانڻ ۽ واهن جا ڪپ پيرن هيٺان ڪيڻ پڄاڻان بت سور سان پرجي ويندو هئس. مٿان وري لڪڻ سان مالش ۽ پنن تي ڪمروهٽ بہ ڦيرايو ويندو هئس، سو هو بلڪ بيزار ٿي پيو.

انسان بيزار ٿئي تہ دنيا ڇڏيو ڏئي، پر سانوڻ رڳو ڀاءُ جو گهر ڇڏيو ۽ پوءِ پورا ٻارنهن سال هن جي ٽڪل جنگهن ڌرتي جي سيني تي هلندي گذاري ڇڏيا. ڪٿي بہ چار ڏينهن ترسي ڪنهن جي ٻني مان وڙٿانيون وڍيائين، ڪٿي ڪنهن هوٽل ۾ چار ڏينهن چانهہ ڪاڙهيائين. ڪٿي ڪنهن جي پُريل پيٽ کي ميٺن ڪان اڳ راڳو ڏنائين. مزور کي مزوريون گهٽيون. اڄ هتي سُڀان هُتي.

پر جڏهن ڪاڪي فضل سندس حقيقت کان واقف ٿي، وساڻي واري ڪاچ مان هن کي پاڻي پرڻ جي ڪنواڻي ڇڏاڻي گڏ وٺي آيو، تڏهن هن کي هي ڳوٺ ۽ ڳوٺ وارا ڏاڍو وڻي ويا ۽ هو اڪِيتي وک بہ نہ چريو ۽ پوءِ هن ڪاڪي فضل کي بادشاهہ پير جو هٿ ڏنو تہ هاڻي هو سندس در مري ڇڏيندو.

ڪاڪي فضل سانوڻ جي اچڻ کان مُرڳو بہ مهينا اڳ ننڍي نيٽي نازو سان نڪاح ڪري ٿيون گهر سڄو ڪيو هو. نازو جو پيءُ حاجن پوڙو بہ ڇاڻي ڄمر ڪان ٿوٽي هوندو هو. جواني ۾ جُوا جي پٽ هوندي هئس ۽ هاڻي پيري ۾ پيٽ لاءِ پريشان هو. تنهن وڏي ڳڻ ڪري، ارڙهن ورهين جي نازو کي ڪاڪي فضل جي ڪنوار ڪندي ويرم ني ڪانہ ڪئي ۽ پنهنجي پر ۾ هن ڪاڪي فضل جي گهر تڙ ۽ ٻني ٻاري ڪان وٺي ٻڪرين نڪرين ۾ بہ پنهنجو حصو ڳنڍي ڇڏيو ۽ اتي لٿي جي فڪر ڪان آجو ٿي ويو هو. جيتوڻيڪ هو فضل جي ڳوٺ ڏيءَ وٽ گهٽو ڪونہ ايندو هو پر جماٽي جنڊاٽي پيرو پيو پڄندو هو. ڪاڪي فضل بہ زالون اڳ ني پنهنجن هٿن ۾ سُرهيون ڪيون هيون، پر انهن مان ڪو اولاد ڪونہ ٿيس. هاڻي تہ سانيڪو ورهيہ جيتوڻيڪ ڳڙڪاڻي ويو هو تہ بہ سندس يقين انهيءَ ڀاڪي تي پختو هو تہ مرد ۽ گدوڙو ڪڏهن پوڙهو نہ ٿئي، ۽ پاڻ کي جوان ظاهر ڪرڻ ڪان ثبوت طور هن پنهنجي ڏهتيءَ ڪان بہ ننڍي نازو سان لانئون لهي راڄ وارن کي انهيءَ ڀاڪي جي سچائي ثابت ڪري ڏني هئي.

بي اولاد ۽ پوڙهو ماڻهو جي مال ملڪيت وارو هجي تہ گهڻين لالچي نگاهن جو نشانو بڻبو آهي، سو حاجن پوڙي بہ انهيءَ نشاني تي بندوق جوڙي هئي.

پوڙهو ماڻهو جوان زال جي پر ڇڏڻ تي وسنئون راضي نہ ٿيندو آهي، پر پيٽ پاپيءَ خاطر ڪاڪي فضل کي بہ نہ چاهيندي گهر ڇڏڻو پوندو هو. سانوڻ جي اچڻ کان اڳ هو سارو ڏينهن ٻڪرين چارڻ لاءِ ڏن سان گڏ رلندو هو. تنهن

ڏنيس. ڪاڪو ننائڻ لڳو تہ عوثو ٺوڪر هٿي ڪيي، چي: "ڪاڪي فضل جا هاٿي ڏک پيا ودجن، اٿڻ ويهڻ ۾ هلاک سو ٺو شادي ڪري" . ڇورا بي افعالا، ڇا جاٿن ننڍ وڏائي مان؟ سو اهڙن جي ڳالهہ ڪٿي ٺو ڪاڪو فضل ٻڌي. سو هن اتي ئي فيصلو ڪري ڇڏيو.

"بس ڪر، ڙي ڇورا! مون کي پٺهين جي ڇٺي بہ ياد آهي. پر اڄ بہ ٻانهن ۾ هٿ وجهنين تہ ڇڏائي ڪونہ سگهندين. پوڙهو اُٺ بہ ڪنواٽ لهي عوثو خان!"

"برابر ڪاڪا! پر شادي.... سا بہ هن ڄمار ۾، ڪير سنگَ ڏيندءِ؟ ماٺهن وٽ ڪي ڏيٺون گهٺيون تہ ڪونہ ٺيون آهن." عوثو وري بہ ڦوک ڏني ۽ ڪاڪو باهہ ٿي ويو.

"اي انهيءَ ڳالهہ تي ٺو اچين تہ ڏس تہ ڪيئن ٺو پرٺجي ڏيکاريان،. ٻُڪيو پينگيو ڪونہ آهيان. لُنب لوفر ڪونہ آهيان، جو سنگَ نہ ملندم" ڪاڪي نقلي ڏندن کي زبان سان سنڀاليندي چيو.

پوءِ تہ ڳالهہ آئي ويئي ٿي ويئي. عوثو بہ وڃي پنهنجي ڪِرت سان لڳو تہ ڪاڪي جا مزمان بہ سندس وٺو پاٺي جو پي وڃي پنهنجي پنهنجي گهر رسيا. پر ڪاڪو فضل شادي جي شوق ۾ اڌ چريو ٿي پيو. هن پنهنجي ڳوٺ کي تورڻ تڪڻ کان پوءِ پر واري ڳوٺ ۾ بہ ڪوشنون شروع ڪيون ۽ پوءِ ڪاڪي جي جاڪوڙ هٿي وڃي هنڌ ڪيو. حاجن پوڙي ڪاڪي کي نازو جو سنگَ ڏيڻ قبوليو. اپرو سيرو پٽ ٿيو. ڪارڪون ۽ پتاشا ورهايا ويا. ملان عبدالله نڪاح پڙهايو. ڳوٺ جا ڪي ٻنڪي ور ڪاڄ ۾ وينا ۽ ڪاڪو نازو کي وٺي پنهنجي ڳوٺ ان گهر ۾ آيو جتي ڪاڪي جي ٻن مرهيات زالن جا روح اڳ ئي واڪا ڪري رهيا هئا. نازو جي بہ قسمت جو سُنهن ڪٺجي. ماءُ ٻنڏٺ ۾ ئي ڇڏي وڃي خدا کي پرتي. پٺس اڳ ئي جوناري نڪمو. اوطاقن جو ٻانڏاٺي. جتي سٽيو ٺڪر سُجهيس ات پڙ ڪڍيو ويهو رهي.

نازو سدائين پراين درن جا ڌڪا جهليا ۽ وندڙ جا لولا ڪائي.وڏي ٿي. ساري ڄمار اوبرون پلٽہ پيس. پر خدا جي قدرت جو بکن، مارُن، ڌکن ۽ دڙڪن هوندي بہ جواني ۾ پير پائي هو حسن جو پتلو بڻجي پيئي. پورو پنو پريل بت، ڪجليون اکيون، لال لب، موتين جهڙا ڏند، رنگ اهڙو جهڙو کير ۾ گلاب جو ڳاڙهو شربت. بس ڏٺي هٿ سان ويهي جوڙيو هٿس. جواني آهي ئي خوابن جي موسم. هرڪو جاڳندي ذهن سان خواب ڏسندو آهي. دل ئي دل ۾ تمنائن جا محل جوڙيندو آهي. پوءِ جي اهي محل وارييءَ- گهرڙن جيئن ڊهي پون تہ ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهہ؟ سو نازو بہ دل ۾ ڪئين شيش محل جوڙيا هئا. رنگن ساڻ رهاڻ رچائي هئي. ناني سڤوران جڏهن ڏهئين پوٽين کي ڳالهيون ٻڌائيندي هئي تہ نازو بہ وڃي پر وٺي وهندي هئي.

هن کي ان غريب ڇوڪري جي ڳالهہ ڏاڍي وڻندي هئي، جيڪا سُور سهندي مارون ڪائيندي وڏي ٿي هئي. پوءِ هڪ ڏينهن هڪڙو شهزادو گهوڙي تي چڙهي آيو ۽ ان غريب ڇوڪري کي پَٽ راڻي بنائي سامونڊي گهوڙي تي سوار ڪري وٺي ويو اتي جتي پرستان ۾ هن جو موتين جڙيل محلات هو. ناني سڤوران جي اها ڳالهہ ننڍپڻ کان نازو جي دل ۾ گهر ڪري وٺي هئي ۽ هو دل ئي دل ۾ اڻ ڄاتل سامونڊي گهوڙي واري شهزادي جو انتظار ڪندي هئي. پٺس ڪڏهن وال ڪپڙي جو بہ يادگيري ۾ وٺي ڪونہ ڏنس. هن جڏهن کان هوش سنڀاليو هو تڏهن کان ڦٽين جا چوندا ڪري، ڪٺڪن جا لابارا ڪري يا پاڙي وارن جي ٻارن کي راند ڪرائي، ٻهارا ڪڍي، ٽانو ملي، انگ ڪاڻ اڌوراٽي اڳڙي حاصل ڪٺي هئي. هن کي ياد نہ هو تہ ڪڏهن سندس گهر ۾ عيد برات تي بہ چلهہ ٻري هجي. خدا ڪارڻ جا لولايا اوبر سوبر سندس پيٽ پريندا هئا. سکن جي ڪابہ تصوير هن جي نگاهن ڪانہ ڏني هئي.... ۽ پوءِ ٻالڪپڻ ساٿ ڇڏي هن کي جواني جي بسنت رُت حوالي ڪري ڪيڏانهن گم ٿي ويو.

۽ اجا هن تمنائن جي نہ تہ پوري فهرست ئي پڙهي هئي ۽ نہ چانديءَ جهڙا خواب پورا پڙهيا هئا. جو پٺس هن

ڪي انهن ڀُري اُٺ جو گھوگھيٽو ماسات وارو سنگَ ڳنڍي ڪاڪي فضل جي ڪنوار بڻائي ڇڏيو. اوڙي ٻاڙي جي عورتن ڪي هن نڪ تي آڱر رکي توبه توبه ڪندي ڏٺو. ڪيترين اکين ۾ هن ٻاڻ لاءِ همدردي جا ٻاڇا به پسيا. پر ڪا زبان هن جي لاءِ حق جو ڪلمو ٻڌڻ لاءِ ڪانه کلي ۽ نازو بي زبان ڳُڪدام جيان ڪاڪي جي ڪلي تي اچي ٻڌي. هن سپنن جي تعبير صفا ابتڙ ڏٺي. سامونڊي گھوڙي تي چڙهيل شهزادي بدران ڏاڏي جيڏو ڪاڪو فضل، موتي محل جي جاءِ تار لوڙهي اندر مٽي ۽ ڇيڻي سان راڳيل گھر، لوڙهي جي گھٽي تي، ٻڪرين جي واڙي ۽ ان واڙي اڳيان پپر جو وڻ.

ڪاڪو فضل روايتي مڙس ماڻهن جيان هو، ان ڪري ڳوٺ جي ٻين گھرن ڪان هن جو گھر مڙيئي چڱائنو ۽ پنهنجي ٻنيءَ ۾ ٺهيل هو ۽ سواءِ سومار جي گھر ڪان ٻيو ڪو ويجھو گھر به نه هو. ان ڪري نازو جي پهرين واقفيت ادي سومار جي زال جنان سان ٿي ۽ پوءِ ڏينهن اندر ٻنهي ۾ گھاٽي سنگت ۽ محبت به ٿي ويئي.

جنان به سانوري رنگت ۽ ملوڪ منهن مهانڊي واري ڇوڪري هئي. سال کن ۾ ني هن پهرين زال ۽ پوءِ ماءُ ٿيڻ جو تجربو ماڻيو هو. ڪاڪو فضل ڏينهن جو ٻڪريون چارڻ ويندو هو، ان ڪري نازو گھر ۾ اڪيلي هوندي هئي. مٿان جهونو زال ذات کي ضابطي ۾ رکڻ جو قائل هو ان ڪري نازو کي سواءِ ادي سومار جي گھر وڃڻ ۽ جنان سان ملڻ جي ڳوٺ ۾ وڃڻ جي موڪل نه هئي. رهيو سندس ڳوٺ ته اتي ٻلا نازو جو هو ني ڪير. جنهن لاءِ هو وڃي؟ انهيءَ ڪري جنان ني هن جي ساٿي سهيلي مائٽياڻي سڀ ڪجھ ٿي پئي. جنان به هن جيان ٻني ڪنهن ڳوٺ مان پرڻجي آئي هئي. پويان جيتوڻيڪ وڏو ڪٽنب ڇڏي آئي هئي تڏهن به هتي ته سواءِ نازو جي هن جو ٻيو ساٿ نه هو. ان ڪري ٻنهي ۾ محبت ڏاڍي گھاٽي هئي.

ڪاڪو فضل شادي ته ڪري آيو، پر پوءِ به اوطاق ڪانه نهرايائين. شادي جا ڪجھ ڏينهن خير جا گذريا. ڪاڪو ٻالڪ ٻار زال ڏسي ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. پر نازو جو من خبر ناهي ته ڇو هن سان نه پريو. ڪاڪو فضل هن کي ٻنهه نٿي وڻيو. شادي کان پوءِ ڪاڪي به شوق ۾ ڪجھ تبديليون آنديون. ميندي ڇڏي جوڪر ڇاپ خضاب سان مٿو مڇون ۽ ڏاڙهي سينگارڻ لڳو هو ۽ پوءِ مهيني سوا کان پوءِ حاجن ٻوڙي به هڪ اڌ چڪر لڳايو ٿي ۽ پنهنجي پر ۾ ڪاڪي کان به ٿي ڏوڪڙ به ٿي ورتا. هن جي وڃڻ ٻڇاڻان ڏينهن جا ڏينهن نازو کي ڪاڪي فضل جو ڪُرڪو ٻڌڻو ٿي پيو.

ٻن اڍائن مهينن پڇاڻان ڪاڪو فضل سانوڻ کي وٺي آيو، ڏُونهاٽيل سانوري رنگ واري جوان جماڻ ۽ ٻي افعالي سانوڻ ڪي، جيڪو نه ته ڪپڙا ني سولا پائي ڇاڻندو هو ۽ نه هٿ منهن به وس هوندي ڌوئيندو هو. ميري سُٿڻ جا پٽي ور ڪٽيو لٺ هٿ ۾ جهلي سارو ڏينهن ٻڪرين پويان چنگ وڄائيندو وتندو هو.

پر خبر ناهي ڇو نازو هڪ به ٻيرو لڪي لڪي سانوڻ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪاڪي جي گھر ۾ ڇا وَهي ڇا واپري، سانوڻ کي ان سان ڪابه غرض ڪانه هئي. هونئن ته ڪاڪو هن کي گھٽو ني پائيندو هو. هڪ ٻيرو هن ڪيس خاڪي رنگ جا ٿلها ڪپڙا به سبائي ڏنا. جُتي به وٺي ڏني. ماني ٽڪي به وقتائتي هٿ سان ڪٽي اچي ڪارائيندو هئس. باقي ڪنهن ڪنهن ويل ڪرڪو ڪرڻ ۽ جھڳي هڻڻ جي ته ڪاڪي کي پراڻي عادت هوندي هئي، ان ڪري هو ان جي نه ڪا ميار ڪاڪي کي ڏيندو هو ۽ نه دل ۾ ني ڪندو هو.

پوءِ انهن ني چار پنج مهينا لنگھي ويا، تڏهن پهريون ٻيرو هن نازو کي ڏٺو هو. ان ڏينهن ڪاڪي فضل کي تپ آيو هو. مڇرن وارو تپ ته جواڻن کي به جھولايو ڇڏي، هي ته ويچارو مَڙهو مڙس هو. اصل شيڪجي ويو. ڏندن کان سواءِ باقي سڄو پٽي ڏڪيو. ڏند به ان ڪري ڏڪٽي کان بچي ويا هئا جو وهاڻي هيٺ سيرانديءَ کان پيل هئا. ان ڏينهن ادو سومار به جنان کي وٺي ساهرن ويو هو.

تڏهن نازو سانوڻ کان چانهہ لاءِ کير کاڻ ٻڪري ڏهڻ جو چيو هو، جيئن هو ڪاڪي کي چانهہ سان تپ واري گوري کاراڻي سگهي.

نازو هن سان پهريون ڀيرو ڳالهايو ۽ سانوڻ هن کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو. اڌ لوڙهي اندران لڪل، اڌ گهٽي مان ظاهر ٿيل نازو... چنڊ ڪڪرن پويان لڪي به چنڊ ئي هوندو آهي. جواني پردي پويان لڪي به جواني هوندي آهي. پنهنجي هر حال پاڻ پسائيندا آهن.

سانوڻ به نازو کي اڌ ڏٺو نہ ڏٺو، پر هن جي حسن ۽ جواني کي محسوس ضرور ڪيو هو. ٻئي ڀيري هن نازو کي تڏهن ڏٺو هو جڏهن نازو مڙس سان گڏ الهوراڻي جي ڌيءَ جي شادي ۾ وڃڻ لاءِ گهران نڪتي هئي. سانجهي ويل اجرڪ ۾ ويڙهيل نازو پنن ڍڪيل گلاب جيان. لهندڙ سج جي آخري ڪرڻ به هڪ ڀيرو هن جي چهري کي شايد چمڻ چاهيو هو. سانوڻ کي ائين لڳو هو، جڻ نازو آڏي اک سان هن کي ڏٺو هو. ان ويل هن ٻڪرين کي واڙ ۾ پوري واڙ جي گهٽي تي ڍينگهر پٺي ڏٺو ۽ هن کي پهريون ڀيرو ساجن سواڻي جي ميڙي ۾ ڳائيل ڳايل ڪلام ياد آيو هو.

نيڻن جي نشاني سان قتلام ڪيو تو ڪيئن.

ڪانيون رڳو ٽانڊي تي رکي ڄڏجن ۽ ڦوڪ ڏيئي ٻارجي نہ تہ هنن مان رڳو ڌونهن نڪرندو آهي. اهو دونهن ڪانين جو احتجاج هوندو آهي تہ رڳو ٻاٻدن جي تپش ڇو؟ اسان تہ شعلن ۾ سڙي روشني ڪرڻ ٿيون چاهيون. پر رڌ مغز سانوڻ نيڻن جو احتجاج ڇا سمجهي؟ ۽ پوءِ هڪ رات سانوڻ ۽ نازو جي وچ ۾ تنگيل پردو گهٽو هٽي ويو.

ان رات سانوڻ سانباها ڪيا هئا. آڌي رات جو مينهن بي مهلي مزمان وانگر اچي ڪڙڪيو هو. وڏ ڦڙي وسڪارو لاتو هو. سانوڻ مينهن کان بچڻ ڪاڻ پير جي وڻ هيٺ رکيل کٽ هيٺ گهڙي ويو هو، پر پُسيل هنڌ جا ڄُناڪا هن تي وسي وسي چٽي رهيا هئا. پُٽ سانوڻ!... "اوهيرن کان پلا ڪيئن بچندين؟"

تڏهن ڪاڪي فضل جو سڏ هُن جي ڪن تي پيو هو.

"سانوڻ... س ...ا...ن...و...ڻ... هو..هہ... و... هو..."

ڪاڪي فضل جو بلغم ۾ ٻڏل آواز مينهن جي شپڪي ۽ هوائن جي گهوگهٽ سان وچڙندو هُن تائين پهتو.

پهرين تہ هن سمجهيو تہ سندس ڪن پيا وڄن، پر سڏ وري به ٿيو تہ هُن کيڪ پڪ ٿي.

"هُو.. هُو" هُن جواب ڏنو.

"گهر هليو آ.. گهر هليو آ... اي ٻاهر پُسي ويندين." ۽ هو پُسيل رلي اوڍي سيرانديءَ کان رکيل کهاڙي کٽي گهٽيءَ جو ڍينگهر پاسي ڪري اندر لنگهي آيو.

"ڪاڪا... او ڪاڪا...!" اگڻ ۾ بيهي سڏيائين.

"ها ها... هليو آ"

۽ هو گهر ڏانهن وڌيو. هُن جا پير ڳرا ٿيندا ويا. لانڍي اڱيان نهيل ڇني ۾ پهچي هو بيهي رهيو. ڪاڪو ۽ سندس زال اندر لانڍي ۾ هُئا، جتي گاسليٽ جي بتي پنهنجي بي سَتي روشني پکيڙي رهي هئي.

"اتي ڇني ۾ کٽ تي سمهي پئو. ٻاهر مينهن آهي. آءٌ تولاءِ رلي ڪٽي ٿو اچان" ڪاڪي فضل اندران چيو. ۽ ويرم کان پوءِ سڪل رَلي ۽ وهاڻو آڻي هن کي ڏنائين. سانوڻ بُت سان ويڙهيل آلي رَلي لاهي رکي. قميص به سڄي پُسي ويئي هئس. هن اها به لاٿي ۽ آلي سُٿڻ سميت سڪل رلي اوڍي کٽ تي سمهي پيو. ڪاڪو وري اندر هليو ويو.

"رَلي ڏنئيس؟" نازڪ نازڪ سُريلو آواز سانوڻ جي ڪن پيو.

"هائو" ڪاڪي وراڻيو.

"چگو ڪيئن، نه ته ڇورو سڄي رات پُسي تپجي پوي ها" آواز ۾ همدرديءَ جو اظهار هو.
سانوڻ جي دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي ويئي.
"ڪيڏو خيال اٿس مونجو" دل ئي دل ۾ سوال اُڀريس.
"سارو ڏينهن وٽن ڪمايان ٿو، ايترو خيال به نه ڪن ته..." اندر ئي اندر ۾ جواب به اُڀريو.
"ويچارن کي شاباس هجي، نه ته اڄ ڪلهه ڪير ڪنهن جو آهي. سڌ نه ڪن ها ته ساري رات ٻاهر مينهن ۾ پيو پُسان ها..." دل ئي دل ۾ هن ڪاڪي فضل سان گڏ نازو جو به ٿورو مڃيو.
۽ پوءِ هو الائي ته ڪيتري دير اندر ئي اندر ۾ پنهنجو پاڻ سان ڪچهريون ڪندو رهيو. لانڍي مان ڪوبه آواز ڪونه ٿي آيو. بس ڪيڏي ڪيڏي ويل اڻ لڪا چوڙين جا ڇڻڪاٽ يا ڪپڙن جي هلڪي هلڪي سَر سَر اُڀري وري گم ٿي ويئي ٿي.
سُريلي آواز جو انتظار دل جي ڪنهن خاني ۾ اُڀريو ٿي... پر پوءِ ڪوبه آواز ڪونه آيو. ۽ خبر ناهي ته ڪهڙي ويل نيٺن ۾ ننڊ پرجي ويس.
فجر جو ڪاڪي فضل ٻانهن کان وٺي ڌونڌاڙي اُٿاريس.
"اي اُٿي ڇورا!.. ڏينهن اچي اُڀريو آهي. اُٿي ٻڪريون ڌِهي وٺ ته چانهه چُڪو چاڙهيون..." تڏهن هن رلي منهن تان لاٿي ۽ آرس ڀڃي اُٿيو. خبر ناهي ڇو پهرين نظر لانڍي جي در ڏانهن کڃي ويس. گاسليٽي بتي جيان چمڪندڙ چهرو هڪ پل لاءِ نظر اچي ويو. مرگهه جهڙيون ڪجليون اکيون هن کي تڪي رهيون هيون ۽ هن جي نظر پوڻ سان اهي نيڻ اٿين جهاتي پائي لڪي ويا جيئن ڪنوڻ ڪڪرن مان جهاتي پائي لڪي ويندي آهي.
"اُٿي ٻيلي! اسان وٽ به جواڻي آئي هئي، پر حرام جو ڪا ڳَهر هجي. ڪڪ جي ڪڙڪي تي به ڇرڪ ڀري اُٿيا ٿي ويندا هئاسون. اڃان به رهيا ڪونه آهيون، تو جهڙو جوان ته اڄ به آهيان. پر توسان ته يار پليان پلي لڳي پئي آهي. ايڏي دير! صفا ڪو موڳو آهين." ڪاڪي فضل سانوڻ جي جواني سان پنهنجي جمار جي ڀيٽ ڪندي آڏي اک سان لانڍي جي در ڏي ڏٺو، جڻ ته هو پنهنجي ڦڙتاني سان ڪنهن ٻئي کي قائل ڪندو هجي.
پيري هميشه جواني تي ڪُرڪي، ڪوڪلا دليل ڏيئي پاڻ پڏائيندي آهي. پر حقيقت کي ڪير به ۽ ڪڏهن به ڪوڪلن دليلن سان مٽائي نه سگهيو آهي. سو ڪاڪو به حقيقت جي پاڙ اُکيڙڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ ڪُرڪندو ۽ ڪنگهندو رهيو ۽ سانوڻ قميص پائي ٻاهر نڪري ويو.
خبر ناهي ڇو اڄ جهنگ ۾ ٻڪريون چاريندي به هُن جو ذهن سوچن جي اڻ کٽ جار ۾ جڪڙيو رهيو. رکي رکي ملوڪ مهاندو اکين آڏو پئي ڦريس. هن ڪاڪي فضل جي ليمڪ کي لڄائڻ نٽي گهريو. گهڻو ئي پاڻ تي ڦِٽ لانت ڪيائين، شيطان کي گاريون ڏنائين پر نازو جي تصوير کان جند ڇڏائڻ ۾ ناڪام رهيو.
جن کي من ۾ اڇِٽو هوندو آهي، اُهي ڇُپ چاپ ٻنا موڪل صفا مان ميٽ ۾ اکين ۾ ڪُپي ۽ دل ۾ ڇُپي ويندا آهن ۽ دل ۾ ڇُپيل ڪندو ڪيڻ ناممڪن هوندو آهي. سو هو به اکين رستي هن جي دل ۾ ٻاٻري ڪندي جيان ڇُپي ۽ ڇپي ويئي هئي. هن جيترو هُن جي صورت کان پاڻ بچائڻ ٿي گهريو هو اوتروئي من مندر ۾ چِٽي ٿيندي پئي ويئي.
"ٻيلي سانوڻ! الله هر ڪنهن جي لڄ رکي، پاڻ کي ڪاڪو گهڻيئي ٿو ڀانئي. خدا سان ڪم پوندو، مُڙس جو ليمڪ ڪاڻو اٿئون.رب ڪري شل رهجي اچي. مولا پت رکندو..." هو دل مان وهمن ۽ وسوسن کي ٽڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو رهيو.

* * *

ٻوڙهي جو وات پٽجي ويو. اکيون اڌ کُليون هيون. هو هن زندهہ لاش کي ڏسڻ لڳي ۽ خيالن ۾ وري ميلا مچڻ لڳس.

* * *

هن جي ٻُت ۾ رت جي گردش تيز ٿيڻ لڳي جڻ سڄو ٻُت ٻيڙجي رهيو هئس. اکين ۾ جڻ ته ٽانڊا ٿي ٻريس. دل چيس ته اڄ جيڪر پَهڻ به پاڪر ۾ اچي وڃيس ته ڪر ان کي ڀيهي پٽي ڪري ڇڏي. هن تي بيخودي جي ڪيفيت ڇانئجڻ لڳي ۽ هن جون سخت آڱريون لسن لسن وارن ۾ ڦرڻ لڳيون... جيئرو وجود ٻانهن جي گهيري ۾ اچي ويو. پاڪر جو گهيرو تنگ ٿيندو ويو... اوچتو دانهن... هڪ ٻرڙاٽ ٿيو ۽ هن کان ڇرڪ نڪري ويو. اڇي رنگ جو ٻڪر هن جي پاڪر مان نڪري ويو.. ۽ پري کان بيهي هن کي عجيب و غريب حيواني نگاهن سان ڏسڻ لڳو. سانوڻ کي کل اچي وئي. هن ان ڇيلي کي پاڻ سان هيرائي ڇڏيو هو. هو جڻ ته سندس گهاٽو دوست هو. جڏهن ٻيون ٻڪريون ٻيرن ۽ ڪاهمون جي وڻن تي لڙڪي لڙڪي چرنديون هيون ته هي اچي ڇيلي سان رهاڻيون ڪرڻ لڳندو هو. ٻيرن مان پلڙا پٽي ۽ ڪنڊين مان سڱريون چني هن کي کارائيندو هو. آڱر ڏارائيندو هئس.·. ڇيلو به مٿس ٽپ ڏيئي پيو چڙهندو لهندو هو.

"اي سانوڻ!.... اي ٻڪريون پرائي ٻني ۾. ٻچ ٻيٺيان مار ٿو ڪائين." پربان لڪاني هڪل ڪيس. لڪانو به هن جو يار هو، هن جهڙو ٻڪرار هو. گڏ گڏ ٻڪريون چاريندا هئا.

هن لٺ کڻي ٻڪرين ڏي رومڙ ڪئي، جيڪي سندس غفلت سبب سامهون ٻروچن جي ٻني ۾ وڃي پهتيون هيون. شام ٿي ته اُتران وري ڪڪرن جا ڪارونيار چڙهڻ لڳا. هن به ٻين ڌراڙن وانگي پنهنجو ڌڻ واپس واريو. مال واڙي ۾ پوري بس ڪيائين ته بوندون برسڻ لڳيون.

"ميان: ڪا ايري سيري پُونگي ناهي وڃهين ته به مينهن پاٽي کان بچي پوين" ڪاڪي فضل چيو ۽ تڪڙيون وِکون کڻي گهر ڏي هلڻ لڳو.

"ڪاڪا! سارو ڏينهن خفي ۾ آهيان، واندڪائي ملي ته...." سانوڻ ورندي ڏني.

"نهيو هاٿي گهر هليو آ.. پُسين ٿو"، ڪاڪي چَني ۾ پهچي چيو.

۽ هو سِگهو سِگهو اندر هليو آيو.

نازو اڄ لانڍي ٻدران چني ۾ چُلهہ تي مانيون پئي پچايون. هن کي ڏسي ٿورو پاسيرو ٿي وئي. چُني جو پلئہ ڇڪي ڇڏيائين. ٻرندڙ باهہ ۽ وسندڙ مينهن ۾ ڀڪندڙ حُسن جو روپ ئي نرالو هوندو آهي.

ٻاهر مينهن پئي وٺو اندر باهہ پئي ٻري ۽ نازو جي منهن تي پگهر ڦُڙا ائين پئي چمڪيا جڻ اُڀرندڙ سج جي روشني ۾ گلاب جي پنکڙي تي ماڪ جا موتي. پر سانوڻ کي انهن شاعرانہ خيالن جي کهڙي خبر؟ هن کي ته بس ڪا خبر ڪانہ هئي سواءِ انهي جي ته نہ چاهيندي به ڪيڏ ي ڪيڏي مهل اک هن کي ڏسڻ لاءِ کڄيو ٿي وئي.

"پيٽسان مينهن به يڪي ناڙي آهي. نہ وِهڻ جو مزو نہ وري سُمهڻ جو مزو" ڪاڪي فضل مينهن تي ميار ڪئي ۽ اجرڪ جي ڪانپ ڪڍي زال ۽ ڌراڙ جي وچ ۾ ويهي رهيو.

هر پيري گهٽو ڪري پنهنجي جواني جا ورق وساري ٻن جوانين جي وچ ۾ ديوار ٻڌجي ويندي آهي ۽ انهي ديوار کي غيرت جو نالو ڏيئي پَهري کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ سؤ سؤ جتن ڪندي آهي. پر جوان نگاهون ته پٿر جي هُن پار به هڪٻئي کي جانچي وٺنديون آهن.

سانوڻ کاڌ جي ٻورين مان ناهيل گاهہ واري چادر وڇائي ان تي وينو هو. ڪنڌ جهڪيل ۽ اکيون ڌرتي ۾ کُتل هئس پر پوءِ به رکي رکي بي اختيار نگاهہ هن ڏي کڄي ٿي وئي. دانگي مان نڪتل گرم ماني ڪاڪي هٿن سان کڻي

سانوڻ ڪاڪي جي ٻانهن جهليندي چيو.

"تون بس ڪر. ڏس ته اڄ ڪيئن ٿو هڻ .... جو ساهه ڪڍان." ڪاڪي زور لڳايو پر جلد ئي پڪ ٿي ويس ته ٻانهن ڇڏائي ڪونه سگهندو . تڏهين هو ٿورو ٺڏو ٿيو.

"نه ڪاڪا نه... ماٺهو ڇا چوندا." سانوڻ ڪاڪي کي وڏيڪ ٺڏو ڪندي چيو.

"ماٺهو وڃي ڏوڙ پائن... پر... پر" ڪاڪي جو ساهه پرجي پيو. سينو اندر ٻاهر پئي ٿيس ۽ چتين وحشي اکين سان نازو کي گهوري رهيو هو.

سانوڻ هن جو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ ٻاهر نڪري پنهنجي هنڌ تي اچي ويٺو... ڪجهه گهڙيون هو ائين ئي ويٺو رهيو. پوءِ ليٽي پيو. مينهن شايد بند ٿي ويو هو. اندر ٻاهر چپ چپات لڳي پئي هئي. فضا ۾ رڳو آر جي چر چر ۽ ڏيڏرين ٽانءِ ٽانءِ پکيڙي پئي.

سانوڻ کي رکي رکي ڪاڪي تي خار پئي آيا.

"پيشان چتو ٿي پيو آهي، اهڙي ماٺهو کي ٿو ماري؟ ويچاري رڙيون ته ڪيئن ٿي ڪيون. آءٌ نه هجان ها ته پڪ مسڪين مارجي وڃي ها. منهنجو وس پُڄي ته ڪر نيوڙي ساهه ڪڍي ڇڏيانس." سوچ ذهن جي پردي تي ترڻ لڳي.

"ڪهڙي خبر بيقدرن کي، پيٽ اٽي پريل تڏهن پيا...؟"

"پر آءٌ ڇو پيو دل من هٿان؟ مونجو وڃي ڇا؟ آءٌ ته نه هنن جو عزيز نه قريب. ميان جا فقير سانوڻ! ڪو ڌيان ڪر. هو زال مڙس ڄاڻن پاڻ ۾. تون ڇو اچي اجايو چتو ٿيو آهين؟" پاڻ کي پنهنجي پَرِ ۾ سمجهايائين.

رات جون گهڙيون گذرنديون رهيون. اندران لانڍي مان ڪاڪي جي ڪونگهرن ۽ اونگهاٽن جا آواز اچڻ لڳا. چوڌاري سانت هئي، پر ننڊ سانوڻ جي نيڻن کان اڄ صفا موڪلائي ويئي هئي.

هن جي ذهن ۾ ڪيئي خيال اچڻ وڃڻ لڳا. هو پاسا ورائيندو رهيو ۽ پوءِ رات جي ڪاري چادر چڪجڻ لڳي. اُجري اُجري پرهه ڦُٽڻ لڳي. ڪُڪڙن ٻانگون ڏنيون، پرَ سانوڻ هنڌ تي پيو ئي رهيو. هن دل اٿڻ ئي نه پئي ٿي. تڏهن لانڍي اندران ڪاڪي فضل ڏيگهه سان ڪلمو پڙهي کنگهڻ شروع ڪيو. پوءِ گهڻ دير کنگهڻ کانپوءِ ڪاڪي پهرين پاءُ کن جيترو کانگهارو لانڍي جي گهٽي مان چني ۾ اڇلايو ۽ پوءِ پاڻ نڪري آيو.

سانوڻ اُٿڻ گهريو پر ڪيس ائين لڳو ڄڻ سندس انگ انگ ۾ پيڙا پرجي ويئي هجي. هن ڪٿڻ جي ڪوشش ڪئي ته مغز ۾ سور جون سوئون اُڀري پيس.

"ميان! اڄان ڌانداريو پيو آهين.." ڪاڪي ڇڙٻ جهڙي لهجي ۾ چيو.

"ڪاڪا! اڄ مڙيئي جوڙ ڪونه آهيان" سانوڻ آهسته ورائيو.

"هان؟... وري ڇا ٿيو؟" ڪاڪي هن جي بُت تي هٿ رکيو.

"اڙي توکي ته تپ آهي. هي مند ئي اهڙي آهي. رات جو ڪانءِ مڇر ۽ ڏينهن جو پيسو جهَڻ، تپ نه ايندو ته بيو؟ٻيلي! هُونئن به نالي جا جوان آهيو. اسين جُواڻي ۾ ته نهيو پر اڄ اجوڻي ٽانئين انهي تپ ٽاءَ کي ته پُڇون به ڪونه. پر ڏوهه آنجو ڪونهي. اڄ اهي ڪاڌا ئي ڪونهن. ڌالدا تي ڪهڙي ڪانڪت (طاقت).." ڪاڪو يڪو خُطبو پڙهي ويو.

ان مهل اندران هوءِ ٻاهر نڪتي. پرهه جي مني مني ٿڌي ٿڌي روشني جيان صبح ويل گهُلندڙ نرم نرم هوا جيان. سانوڻ کي لڳو ته ڄڻ پرهه هاڻ ڦُٽي هجي. هن ڪجلين اکين سان هڪ نظر سانوڻ تي وڌي. سندس منهن تي اڻ لکي مُرڪ تري آئي ۽ پوءِ هوءِ چُپ چاپ گهڙي مان پاڻي جو وٽو پري ٻاهر اڱڻ ۾ منهن ڌوئڻ لڳي.

"پوءِ هاڻي تپيو پيو آهين ته ڪو هتي پيو هوندين ڇا؟ هاڻي هل ٻاهر. انهي لاءِ ٿو چوان ته ڪا پونگي ناهي

”ڇورا! ڪيئن آهين؟“ ڪاڪي هُن جي نراڙ تي هٿ رکيو، جتي جڻ تہ ڪورو ڏکي رهيو هو.

”اڄي هي گوري ڪاءِ من فرحت ٿيندي. ڏينهن مٿي چڙهي آيو آهي، ٻڪريون هاڻ مرن ٿيون. تون ليٽيو پيو هُج تيسين آءٌ ٿو ٻڪريون وڙڪايان. ٻري ڪونہ ويندس، اهو ٻريان ڊوري وٽ ٿو ٻيهان. ڪجهہ سامت ۾ اچين تہ هليو اچجانءِ، نہ تہ ماني محل آءٌ پاڻهي هليو ايندس“ ڪاڪي اسپرو جي گوري سانوڻ جي هٿ تي رکي پاڻي جو گلاس ٻري ڏنو ۽ سانوڻ گوري ڳڙڪائي، ڪاڪي جي تقرير ٻُڌي وري ليٽي پيو.

* * *

”ويچاري کي شاباس آهي، رات مونجي پاران اڄي وچ ۾ پيو، نہ تہ هُن جو مون ۾ وچي ڇا؟ اسين زال مڙس ڇاڻون پاڻ ۾“ نازو جي ذهن ۾ سانوڻ جي راتوڪي ڀلائي جو خيال اُڀريو.

”حيف اٿني مُنھي نازو! اڄ هو ٻَريو اڳهو ٿيو آنجي در تي پيو آهي. هُن جي هِت ڪا امان. ڪا ادي؟ مُنھي بہ وڪون ٻري هُن ڪان پُڇي ايندنين تہ ڪا لهي ڪانہ پوندنين.“ پنهنجو پاڻ کي ميار ڏنائين.

”هونئن، آنون الله لڳ پُڇڻ وڃان ۽ ٻريان ڏسي مُنهو ڪوڳ تہ جلو ٻاري ڏي. مُنهو اهڙو شڪي نہ ڏٺوسين نہ ٻڌوسين.“ پنهنجو پاڻ کي سمجهايائين.

”ڀرين جانچي ڏسان. مڙهو اورياڙ ٻرياڙ ۾ آهي يا رڳو مونجو پيو اجايو هيٺون ڦاٽي.“ هڪ خيال آيس. هو اٿي بيٺي. اڱڻ جي ڪنڊڙي تي بيهي هُن لوڙهي جي چوڏاري نگاهہ ڦيرائي، پر مُڙسس ڪٿي بہ نظر ڪونہ آيس. ٻريان ٻنين ۾ بہ تي مايون گاهہ ڪري رهيون هيون يا ٻري پوئي تي ڪي ٻارڙا ڪنيين ۽ ڏانجوري جي ڳولا ۾ ڊوڙندي ٿي وتيا.

هو ٻنجريءَ تان هيٺ لهي آئي. دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي وئي هيس. نہ چاهيندي بہ هن جا قدم گهتي ڏي کڄڻ لڳا، جتي پير جي وڻ هيٺ هو ٽپيو پيو هو. گهتي جي اڳ ڪان سَرن جا وڏا ٻوٽا ڏيڍي ناهيو پردو پناهہ بڻيا بيٺا هئا. اڱڻ ۽ لوڙهي جي گهتي وچ ۾ وچوٽي گهٽي ڪانہ هئي. پر اهو ٻن وِکن جو پنڌ بہ هُن لاءِ ڪوهين ٻري ٿي پيو هو.

* * *

هن جي اک کلي پيئي. ڪيس پيشاب ڏاڍو تنگ ڪيو هو. مجبور ٿي اُٿيو ۽ ٻريان سَرن جي جهنڊ آڏو وڃي وينو. وري اٿڻ ٻڌندي کٽ ڏي وريو، تڏهن هُن جي پيرن اڳتي پنڌ ڪرڻ وساري ڇڏيو.

هو گهٽي ۾ بيٺي هئي. بہ ٽي وکون ٻري. چپن تي هلڪي مُرڪ، اکين ۾ چمڪ، ڳلن تي لالاڻ، سانوڻ کي ائين لڳو جڻ سج هاڻ اُڀريو هجي. اڄ هو سڄي ساري سامهون اچي بيٺي هئي.

”ڪيئن آهين؟ تپ لٿو يا..“ رات مون کي ڇڏايئہ، تو جي ڀلائي.“ هن کي هڪ هڪ لفظ ائين لڳو جڻ ماکي جي ڪنڌي مان ٽمندڙ رس ڦُڙا. هن ڪان سَٽ ڇڏائجي ويو. هن کي ائين لڳو جڻ هو پنهنجو پاڻ ۾ ئي ڪونہ هو، نہ زبان هن جي هئي نہ بُت ۾ ساهہ باقي رهيو هو.

”آءٌ وڃان ٿي. متان مڙهو ڪٿان ڏسي نہ وٺي.“ هن جا ڇيل لفظ وري ڪنن سان ٽڪرايس. پوءِ هن نازو کي واپس مُڙندي ۽ لوڙهي اندر گم ٿيندي ڏٺو. جڻ تہ سج لٿي ويو هو. ڪا گهڙي اُتي ئي بيٺو رهيو. پوءِ آهستہ آهستہ هن پنهنجي پاڻ کي پاڻ ۾ جيئرو ٿيندي محسوس ڪيو ۽ ٿڙندو ٿاٻڙندو کٽ تي اچي ڊٺو.

”شاباس هجيس، ٻيلي ڇڪائي ملهائي وڌائين. ماڻهو جي آهي وات جي جيءَ، ڏکي سکي ۾ مارهو هڪ ٻئي ڪان پُڇي تہ ڪو لهي تہ ڪونہ پوندو. آءٌ آهيان ئي هنن جو نوڪر پيو مونجو آهي بہ ڪير؟“ هن جي ذهن ۾ سوچن جا سلسلا هلي پيا.

”پر ڪاڪي جو حال ڏسو. صبح ڪان وٺي ڪو قربائتو لفظ ڪڍيائين زبان مان؟ ٻڪرين ۾ بہ ٻرندي سڙندي ويو

"اهي توجا ٽورا، نہ تہ آءٌ ڪو اينرو لهان. اُنين ڏٺي آءٌ آنجو پورهيت"

"پڌو اٿئون تہ سياري ۾ جهونا نوڙي ڪُنرايو وڃن، پر هي جهونو تہ ٻيو سيارو بہ پير پڪا ڪريو پيو مٿاني."

چرچي طور مُرڪندي چيائين.

"گهٽئي ٿا چولا ڪٿي پٽيونس پر جڏهن ڇُوٽا ڪُنس." .. پانهن جا گهيرا سوڙها ٿي ويا ۽ هو سَوڙ وانگر هڪبئي کي سيءَ کان بچائڻ لڳا.

* * *

پيار حيوان کي بہ جيئڻ جا ڍنگ سيکاريو ڇڏي، سو سانوڻ جهڙو جانور بہ ماڻهو ٿي پيو. اڳي مهينن جا مهينا پاڻي جو منهن ڪونہ ڏسندو هو. مٿئين واءُ وهندو هو تہ اڳئين کي پڳهر جي بدبوءِ ضرور محسوس ٿيندي هئي، پر هاڻي هو روز وهنجڻ لڳو هو. ڪپڙا جيڪي مهينن کان پوءِ ڪجهي پاڻي مان ٻوڙي ڪڍندو هو، سو اهڙو ڪو واءُ وريو جو ڪاڪي فضل هُن کان ڪپڙا وٺي گهر ڌُئارڻ شروع ڪيا. پوءِ جڏهن محمد شاهہ مست جو ميڙو لڳو تڏهن هو ڪاڪي فضل کان سؤ رپيا وٺي ميلو گهمڻ ويو تہ واپسي ۾ لوهہ جي ننڍي پيٽي بہ وٺي آيو. جنهن کي تالو لڳل هو. پيٽي ۾ بہ وڳا ڪپڙن جا، تيل جي شيشي ۽ سرمي داڻي کان سواءِ صابڻ ڏاڙهي ڪوڙڻ جا اوزار ۽ عطر جي شيشي بہ هئي. ڪم ڪار ۽ سستي ڪري هو چار چار پنج پنج ڏينهن ڏاڙهي ڪونہ لاهي سگهندو هو. جي ڏينهن پُڄاڻان لاهيندو هو تہ سَر جي ڪاني کي چيري بليڊ وجهي ڏاڳي سان ٻڌي اچي شروع ٿيندو هو. وارن جيترا وڍ ايندا هئس. پر هاڻي پلاسٽڪ جي سيفٽي ريزر برش ۽ ننڍڙي ٽڪ کان ڪم وٺڻ لڳو هو ۽ تيل سُرما ڪريو پيو هلندو هو. هڪ بہ پيرا ادي سومار ۽ سندس يار لکاني ڌراڙ بہ ٽوڪرون هنيس پر هو لنواني ويو.

پوءِ قرب ٿي قرب ۾ ڊجندي، وڌندي، لڪندي، ملندي ۽ ڪاڪي فضل جي جمار کي دل ٿي دل ۾ پٽيندي ڇهہ مهينا اڪ ڇنڀ ۾ گذري ويا. ڪنهن جي پٽڻ سان ڪو مري تہ ڪونہ ٿو نہ ڪنهن جي دعا سان ڪو مُنل جيئي ٿو. موت حياتي انسان جي وس ۾ صفا ڪونهي. سو نازو ۽ سانوڻ جي گڏيل پاراتن ڪاڪي فضل جو وار بہ ونگو نہ ڪيو.

هو اڄ بہ نازو جي سامهون جوڪر ڇاپ خضاب جي مدد سان جواڻي ماڻڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل هو. چيني جي پيالي ۾ ڪيس جي ٻُڙي پُسي رکي هئي ۽ هو ٽِڪ ۾ ڏسندي ڇباڙيل ڏندڻ سان ڪارو ڪارو ڪيس، ڏاڙهي، مڇن ۽ مٿي جي هيڪڙ بيڪڙ وارن کي مکيندو رهيو. جواني ۾ ڪنهن کان ڪا خطا ٿيني ٿي ۽ خطاڪار هيٺو بہ آهي تہ پوءِ ماڻهو ان جو منهن دانگي سان ڪارو ڪري هن کي بدنام ۽ بجڙو بناني سزا ڏيندا آهن. پر پيري ۾ پنهنجي هٿ سان اها ڪارروائي ڪري ماڻهو پاڻ کي سُهڻو بنائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو آهي، ڪيڏو نہ فرق آهي ماڻهو جي سوچ ۾؟ سو ڪاڪو بہ ڪيس مَکي جوان پني ٿيو. نازو هن جي هر حرڪت کي جانچي ڏسندي رهي. ڪيس هٿڻ کان پوءِ ڪاڪي اڪ جا پن ڏاڙهي ۽ مٿي تي رکي ڪپڙي سان ٻوڪاني ٻڌي ڇڏي. نازو کي ڏاڏي شمن جو لاش ياد اچي ويو، جنهن جي مٿي ۽ جاڙي کي بہ اٿين ڪپڙي سان ٻڌل ڏنو هئائين. انسان شروع کان اڄ تائين ملاوٽ جي مخالفت ڪندو رهيوآهي پر نہ تہ هو ملاوٽ کان باز آيوآهي ۽ نہ وري ملاوٽ واري شين کي واپرائڻ ڇڏيو اٿس. ڪاڪو فضل بہ پيري کي نقلي رنگ ۾ رڱي پيري ۾ جواني جي ملاوٽ ڪرڻ لڳو هو. پر هن پيري ان جوڪر ڇاپ خضاب جي ٻڙي ۾ اڳوات ڪا ملاوٽ ٿيل هئي، سو اوچتو ئي اوچتو هن کي پنهنجي منهن ۽ مٿي تي ماڪوڙيون سُرنديون محسوس ٿيون، پوءِ هلڪي هلڪي خارش ٿيڻ لڳي. هن پهرين تہ ڌيان ڪونہ ڏنو، پر پوءِ ڌيان ڏيڻو پنجي ويس. اوچتو ئي اوچتو هن جي واتان رڙيون نڪرڻ لڳيون. هن زال کي سڏ ڪيو. ڪپڙي جي ٻوڪاني لاهي اُڇلائي.

راضي نہ ٿيو. نازو پيتي مان پنسا ڪڍي هن کي ڏنا. سومار ڏڳن جون رسيون ڇڪيون ۽ گاڏي ڊوري وارو موڙ مٽي رستي جي ڇارين پويان گم ٿي ويئي. ٻئي ڄڻيون اوٺي تي چڙهي گاڏي کي ويندي ڏسنديون رهيون ۽ پوءِ ڄڃي ۾ پيل کٽ تي اچي ويٺيون.

سج اڀرڻ تي پهچي ويو هو.

"اٺي مُني جنان! حيف اٿئي، صفا لاڙو ٿي ڪانہ ڪرين" نازو جنان کي پيرو نہ ڪرڻ جي ميار ڏني.

"ادي! پاڻهي خبر اٿئي تہ گهر جو خفو ڪيترو آهي. امان ڳوٺان آيل هئي. تون پاڻ هٿ ڏيڻ آئي هئين، وري ننڍڙو ٻار گهر ۾، تنهنجي ياءُ جي حاضري، آيو ويو مزمان مڙو... سچئين نازو! ايڏو ڪم آهي جو ڇا چوان. اڄ صبح جو امان مون واري ڇوڪري کي بہ گڏ وٺي ويئي. سو اڄ هوندس بہ اچان ها.. تہ وري مٿان..." جنان ڏورانهپي جو جواب ڏنو.

"پر مُني! هي ڪاڪي کي ٿيو ڇا؟"

"الائي ڇا ٿيس، منهن تي ڪيس مکيندي جهڙوڪر سوبٽ ڦري ويس. سُڄي وري ويو آهي، جهڙو ڪکرن ڪاڏو هجي. گهڻئي جهلياس ٿي تہ مُنا هرويرو ڇو ٿو ڪارٽ ٿڦين ان سان ڪو جواڻ تہ ڪونہ ٿيندين، پر تيسين نہ مڃيائين جيسين اڄ..." چوندي چوندي جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين.

"هانوڙي ادي! هر ڪاشني وهي وخت سان نهي ٿي. مني! تو وارو مڙس تہ... خير نهيو آءٌ چونديس تہ تون ڪاوڙجي پوندين." جنان رنئيل چرچو اڌ ۾ ڇڏي چيو.

"ڪاوڙ ڇو ٿيندي؟ تون چئين نہ چئين، آءٌ بہ انڌي ڪانہ آهيان، منو ڇيچڙو ٿيو پيو آهي." نازو منهن کي موڙو ڏيندي چيو.

"مني! توکي تہ گهڻئي ٿو پانئي.. خدا سان ڪم پوندو." جنان چيو.

"اهڙي پانئڻ کان ماڻهو انين چڱو..." نازو چيو.

"ها مائي! توکي تہ...." جنان شرارتي انداز ۾ مُرڪيو.

"نهيو مُني! توکي تہ رڳو مشڪري ڪرڻي آهي.." نازو ڦڪي مُرڪ سان شرماڻي چيو.

"اٺي الائي سُون، مشڪري ڪونہ ٿي ڪريان، توسان تہ ويل هوندو" جنان وري بہ شرارت سان ٽوڪر هنيس.

"ڇڏ ڏاڻ! ماڻهو ڪو رڳو انهي ڪري تہ ..." نازو جملو پورو نہ ڪيو. سندس تصور ۾ سانوڻ جو جواڻ جماڻ مُماندو، پٽر جهڙو سخت جسم ڦري ويو. سانوڻ جو تصور ايندي ئي سڄي بُت ۾ سياندو دوڙي ويس.

"ٻُل نہ واهہ جو آهي.. پر جي هو اچي تہ.. پر جي آيو تہ بہ هي مُني جنان جو ويٺي آهي." هن جي دل جنان مان هڪدم ڪٽي ٿي پئي.

"مڙهو تڏهن راضي ڪريو اچنئي، تڏهن پئي ڪلين.. ها.. نہ؟" جنان هن جي چپن تي مُرڪ ڏسي چيو.

"اٺي مائي ڇڏ مشڪري، اڄ تہ رلي ڏيکاريئين. نئين پئي ناهيان" نازو ڳالهہ مٽائيندي چيو.

"اٺي ها... سچ ڏيکار تہ، ڪالهہ هُن ڇوري پناٺي توجي رلي جي واکاڻ پئي ڪئي. گهڻن گُلن تي آهي؟" رلي جو ٻُڌي جنان کان چرچا ڀوڳ وسري ويا.

"انن گلن تي آهي، مومل جو ڪوٽ ڪريو ڇَونس، پر اجان ڪُنگري رهي پئي آهي."

اڄ هٿانس ها، پر مڙهي مٽيون منجهاني ڇڏيون." نازو چيو.

اوچتو سندس نظر اڱڻ ۾ بتي ٽنگڻ لاءِ ڪُنل ٿوٺي جي ٻاڇي تي وڃي پيئي. ٻاڃو اڱڻ جي ڪتهڙي تائين پهچي

ويو هو، ۽ هي ويل هني سانوڻ جي چانهہ تي اچڻ جي. روز هن محل ٻڪريون لڪائي کي ڏيئي هو چانهہ پيئڻ ايندو هو.

"خدا ڪري هي جنان هُن جي اچڻ کان مَهند ٿري.. نہ تہ جي هو آيو تہ؟" دل ئي دل ۾ سوچن جا درياء وهڻ لڳس.

"هَل ڏيکار رلي، وري کهڙن ڀُورن ۾ پنجي وئين" جنان ٻانهن ڏونڏاڙي چيس تہ هو ڇرڪي پئي.

"اٿي چِڏ رَلي کي، چانهہ جي محل ٿي ويئي آهي. اڄ تہ چانهہ ڪاڙهيون. ڏراڙ بہ اچهو آيو، رَلي پوء ڏسجانء." نازو چيو.

"ها سچنين ڇوري! تو وارو ڏراڙ بہ ڳرٽ ورٽ متو مواڙ لڳو پيو آهي. ڪٿي تون تہ.." جنان وري بہ مشڪري شروع ڪئي. هن کان ڇرڪ نڪري ويو. لڳَ ساهہ ڇڏي ويس. هن کي لڳو ڄڻ تہ جنان سندس چوري پڪڙي ورتي هجي. هوء سڄي هارجي ويئي ۽ جنان هن جو متجنڌڙ رنگ ڏسندي رهي ۽ انهيء وقت ٻاهران سانوڻ سڏ ڪيو.

"ڪاڪا.. او ڪاڪا.." نازوء جي دل ۾ ڄڻ تہ ڪا ريل گاڏي هلڻ لڳي... ڌڙ ڌڙ ڌڙ.. رڪي رڪي ڪيس جنان تي خار اچڻ لڳا.

"مٺي ڏائڻ يڪو پڙ ڪيڏي ويهي رهي. ٿري بہ نٿي، هاڻي ورندي ڪيئن ڏيانس؟" سوچيائين.

"ڀانيان ٿي ڏراڙ آيو آهي.. اٿي جنان! ورندي ڏينس، چنو ڪاڪو نيڪ جهڙو ڪونہ هو سو شهر ويو آهي. تون ويهہ چانهہ ملئي ٿي" هن جنان کي سوال ڪيو.

"آء ڇو ڏارني ماڻهوء سان ڳالهايان؟ ڏراڙ آنجو، تون پاڻ نٿي ورندي ڏينس." جنان اک جي ڪنڊ مان ڏسندي چيو.

انهيء ويل سانوڻ وري سڏ ڪيو... هو گهٽي ۾ اچي بيٺو هو. ڪجهہ اندر ڪجهہ ٻاهر.

"تون... تہ تون ويهہ چانهہ ڪڙهي ٿي" نازو ڪاوڙ مان جنان کي ڏسندي سانوڻ کي ورندي ڏني، پر آواز جي ڏڪڻي لڪائي نہ سگهي.

جنان چپ چاپ هن جي هڪ هڪ حرڪت کي ڏسندي رهي. جڏهن کان نازو هنن پرڻجي آئي هئي، تڏهن کان جنان هُن جي سهيلي هئي. اڄ تائين هو هڪٻئي کي تيرَ پتير ٿوري گهٽي هر ڳالهہ ٻڌائينديون هيون، پر الائي ڇو نازو اڄ تائين جنان کي پنهنجي ۽ سانوڻ جي وچ ۾ قربت جي راز کان واقف نہ ڪيو هو. هن سانوڻ جي محبت کي دل جي تجوڙي ۾هر بني بشر ڀڪي پڪڻ کان لڪائي رکيو هو. پر اڄ... اڄ... اڄ؟ هن ڪوپ ڏوتا ۽ هاٿي جُلهہ ۾ ٻاهہ ٻارڻ لاء ڦوڪون ڏيئي رهي هئي. گڏوگڏ هن جي ذهن ۾ خيالن جي ڏي وٺ بہ تيزي سان ٿي رهي هئي، ۽ جنان ڪٽ تي ويٺي ويٺي هن جي اندر جي ڪشمڪش کي پرکڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

"ڳچي ۾ ڳرهو وجهي جنان جي پيرن تي ڪري پوان؟ مهيني کان مٿي اچي ڏينهن ٿيا آهن، ٻُل ڪونہ ٿو ملي. جنان اهڙي ڪانهي جا مونجي اڳڙي اگهاڙ ڪري، پر .. ڪاٿ جي پور ۽ ماڻهو جي اندر جي ڪهڙي خبر؟ پاڻ بہ تہ پنهنجي ڪا ڪچي ڦڪي مون کي ڪانہ ٻڌائي اٿس. ڳالهہ دل ۾ نہ رکي سگهي تہ پوء؟ دل ئي دل ۾ پيچ گهڙ ڪندي رهي.

* * *

هن کي بہ ڀڪ ٿي ويئي تہ ڪاڪو گهر ۾ ڪونهي. ڪيڏانهن ويو آهي، سا خبر ڪانہ هيس. گهٽي تي بيل گاڏي جي چاڪن جا نشان ڏنا هئائين، پر سمجهي نہ سگهيو هو.

. مڙهو ڪٿي ڪيڏانهن به ويو هجي پر ديدار جي سهوليت ته پيدا ڪري ويو هو. پر اڳيان جڏهن ڪواشارو ڪونه مليس، ته ڪجھه حيرت ۽ ڪجھه ڏک دل تي تري آيو هئس. نازو جو جواب ٻُڌو هئائين، هن ڪيس ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو هو. هڪ ٻه پيرو ڊڄندي ڊڄندي اتاولي مان جهاتي پائي به ڏٺائين. آخر جنان کي ڪٽ تي وينل ڏسي ڪجھه ڪجھه سبب سمجھه ۾ اچڻ لڳو هوس.

"مار پويس راضي شاهه جي، هي وري ڪٿان اچ نيڪيداري ڪرڻ آئي آهي؟ هن ۾ به حال ڪونهي، وڃهي هٿ چوٽ ۾ ڪڍيس ٻاهر" نازو جي ٻي همتي هن کي نه وڻي. "پر جي پوءِ ڳالهه وڃي ڪاڪي فضل تائين پهچي نه...؟" پوائنتو خيال ذهن تي تري آيس.

"نه ته پيرن تي ڪِري ڪريس منٿون. هونئن ته پڪيون ساهيڙيون آهن. باقي... پر شت هُن جي دل ۾ به هاڻي سچائي ناهي رهي. زال ۽ درياءَ جي ٻُور تي ڀلا ڪهڙو اعتبار؟"

دل ئي دل ۾ نازو کي ميارون ڏيڻ لڳو. هن طرف هي هو هُن طرف هوءَ هئي. وچ ۾ جنان ديوار بڻيل هئي. ان ڪري هو ٻئي ان ديوار کي دل ئي دل ۾ پِٽي رهيا هئا. خار کائي رهيا هئا.

* * *

عورت، عورت جي دل جي ترجمان هوندي آهي. هُو هڪٻئي جي دل ۾ متل اُڻ تُڻ ۽ اندر جي اڻ جهپائي کي لحظي ۾ پرکي وٺندي آهي۔سو جنان به نازو جي اندر جي ڇڪتاڻ کي محسوس ڪري رهي هئي. ٻه ٽي ڀيرا چور اکين سان نازو کي گهٽي ڏي جانچيندي به ڏٺو هئائين ۽ آڏي اک سان سانوڻ کي به جهاتي پائيندي پَسيو هئائين. پنهنجي پَر ۾ هو گهڻو ڪجھه سمجهي به ويئي هئي ۽ ٻنهي جي اُتاولي تي دل ئي دل ۾ کلي به رهي هئي.

"اچي چانهه پي.." نازو جنان ڏانهن چانهه جو ڪوپ وڌايو. جنان ڪانئس ڪوپ ورتو ته نازو جي هٿ جي هلڪي ڏڪٽي به محسوس ڪئي. هن کي مٿس رحم اچڻ لڳو.

ويچاري ڪري به ڇا؟ مُئي جنازي جي پلئه پئي آهي. ماڙهو جو ڪهڙو وس.

دل تي ڀلا ڪهڙو زور؟ ائي جنان ويچارن جي حالت ته ڏس. ڇورو به آنترويلن ۾ آهي. ذري بيحي ٿو ذري وِهي ٿو ۽ هي ته جهڙي ڪر چري." نازو سانوڻ جي چانهه جست جي ڪٽلي ۾ وجهي گهٽي ڏي وڃڻ لڳي ته سندس پير صاف ٿڙيا پئي. جنان هن کي ڏسندي رهي ۽ پنهنجي اندر جي درياءَ ۾ لهرون لهرون لُڙهندي رهي. پٿر پرائي سُور هرکو پنهنجا روئي. اهو وڻ ڪهڙو جيڪو واءُ نه لوڏيو هجي. هن کي به يادن جا ڏينهو ڏنگ هڻڻ لڳا. جڏهن ڪنواري هئي. ماءُ پيءُ جي دادلي هئي. ٻن ڀائرن جي ڀيڻ. ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ ويندي هئي، ٽارا پچڻ، ٻني مان گاهه ڪرڻ، ساڳ پٽڻ ويندي هئي. پر ڪڏهين به اڪيلي نه هوندي هئي. رضو جون مست ڇريون اکيون ساڻس گڏ هونديون هيون. دل ۾ ڪپنڊڙ، روح ۾ چُڀنڊڙ اکيون سندس رکوالي ڪنديون هيون ۽ پوءِ مهينن جي ڇڪتاڻ کان پوءِ آخرڪار هو اکين جي ڪانپاٽي مان نڪتل نظر جي ڳوڙهي سان جواني جي ٻير مان پڪل ٻير جيان ڪري اچي رضو جي جهولي ۾ پئي هئي.

ٻئي هڪٻئي تي ڇڪن هوندا هئا.

... الا قُرب به قربن جهڙا... سوچن ۾ سُوٽ اُڀريس. خوابن ۽ خيالن ۾ هنن ڪيترا نه سُندر گهر جوڙيا هئا. سرنهن جي گُلن ۾ هنن هڪٻئي جي پيار جي سونهن پسي هئي. هن کي ياد آيو ته ڪيئن نه هڪ ڀيري ماسي حُرمت سان گڏ مريڙو پٽيندي هن رضو کي ڏٺو هو، جيڪو ٽوئر جي تار فصل مان هر هر ڳچي ڪڍي هن کي اشارو ڪري وري لڪي ٿي ويو. هن جي دل ڏاڍي تڙپي هئي. ميهار هن جو منتظر هو، سُمٺي ترڻ لاءِ آتي هئي، پر وچ ۾ ماسي حرمت

راضي نہ ٿيندا."

"مون کي تہ اجايا پيا پُور پَون. زماني جو ماڙهو آهيان، ڪيترا قصا هتي مان متيا آهن. اينتري ڪل آهم تہ گهوڙو ۽ زال ٻني ران سان رکيا تہ ڪرندا ڪونہ ۽ مون تہ سدائين گهر کي اک ۾ رکيو آهي. منهنجي گهر تہ نہ ڪو اچي نہ وڃي. مون وارو سُمرو حاجن بہ سال ڇهين مهيني مس اچي ان تي ڪا جهل ڪانهي. پيو جي سومار آهي تہ هو پاڻ لڄ پرم وارو ٻچڙيوال سو بہ جُماڻي چنداڻي سڌ ڪجي تہ اچي نہ تہ پلي مهينا گُذري وڃن. باقي رهيو سانوڻ.. .سانوڻ ... سانوڻ.. نہ نہ! اڄ ڏيڍ بہ سال اچي ٿيا آهن! هو موڳو مٽر، آءُ پاڻ سارو ڏينهن گهر ۾ وينو آهيان، هو جهنگ حوالي. سمهي سهڙي ٻاهر، ڪنهن مهل سڌيان تہ اچي نہ تہ نهيو. پيو تہ مون هن کي ٻچو ڪري سمڌو آهي. ڏڳو چتو ٿيندو تہ بہ نٿ ڪونہ ڪائيندو. ليمڪ حرامي ڪونهي جو... نہ نہ پار مونجو پانجو آهي، رب منهنجا تو جا لک شڪر"

پنهنجو ٻچو اهو هوندو جيڪو سچ پچ پنهنجو هجي. ڪڏهن ڪڏهن تہ پيٽ جاوا بہ پنهنجا نٿا ٿين. پر هو سانوڻ کي ٻچو سمجهي، نازو جي پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار کي نج پج پنهنجو مڃڻ جو فيصلو ڪري چڪو. پوءِ بہ شڪ جو جيڪو ڪنڊو دل جي اونهائي ۾ پچي پيو هو، سو ڪوشش سان بہ نڪري نہ سگهيو.

* * *

ڳالهيون وٺ ڪان متي ذري گهٽ اُپ کي چُهڻ لڳيون. پلا ماڻهن جو رات بہ ڪو جهلجڻ جو؟ مڙدن ۾ بہ اها ڳالهہ تہ زائفائن ۾ بہ اها پچار. شام جو گهيڙ تي جوانين جي جهرمر ٿيندي هئي تہ پاڻي پاڻي جي ماڳ، رڳو نازو ۽ ڪاڪي جو قصو هوندو هو.

"اني ٻُڌني ڙي نازو پيٽ سان اٿئي."

"هائو ادي مُنو ڏاڏو فضل بہ ٿو پُٽن جو پيءُ ٿيئي."

"اني هن ڇوري تہ ٻئي پڙ ڪٽيا. مڙهو هُش ۾ خُش ۽ پاڻ جدا جلان پئي چري."

"پر مڙهي ڪي بہ تہ ويساهہ آهي نہ، نہ تہ جهلي چوٽ مان رکيس بہ ڳن پنن تي تہ سڀ اڄا ڪارا پڌرا ٿي پون."

"اني مُنو اڳ پورو ٿيو پيو آهي، رڳو اک جو پاڻي آهس، نہ تہ ڪر انڌو ڪونهي."

۽ جي وري ڪنهن ڪُني ماني تي چار جهونڙيون پراڻا روح ڪٺي گڏيون تہ بہ اهاني پچار.

"اني حاجاڻي ٻڌني، هو ڇوري پيٽ سان آهي نازان.. اها حاجن واري ڇوري جيڪا مُني ڪاڪي فضل کي ڏني اٿن. آءُ تہ سمجهان ٿي تہ فضل پاڻ ڪان بہ گهٽو وڏو هوندو. پاڻ تہ پوٽن جا بہ پُٽ ڏٺا ۽ هي هاڻ ٿو اولادي ٿيئي. توبهہ الله توبهہ"

"هائو ڙي صابل!اُهي پاڻ وارا ڏينهن ويا. هي تہ ڪاري قيام جا چِٽا آهن. اهو پاڻ وارو سَت سيل وارو وخت ني ويو."

"هائو جيجل! ماڙهُن جا قلب ڪارا ٿي ويا. اکين جو ديد ني مري ويو. پاڻ وارا وخت سنيار. ٻن ٻن سالن جي ارهہ ساجاهہ هوندي هئي تہ بہ هڪ جيڏن سان پيون مال چارينديون هيوسين ۽ واهن ۾ ڪُندرو راند ڪندي پيون ٽُپيون هٽنديون هنيوسين، پر ٻُري ٻچڙي جي ڪا زادگيري ني ڪانہ هوندي هئي."

"هائو ڙي ادي ويا مچ مَچن کي ڪاني."

هر ماڻهو هر دؤر ۾ پاڻ کي سڀ ڪان وڌيڪ پاڪ چالاڪ دلير ۽ عقلمند ڄاڻندو آهي. هر ماڻهو پنهنجين خطائن ۽ غلطين کي دل سان تسليم ناهي ڪندو. انهي ڪري ٻئي جي خطائن ۽ غلطين ۽ ڪمزورين تي دل ڪولي چٽر ڪندو آهي. سو نازو تي ماضي توڙي حال گڏجي تبصرا ڪندا رهيا.

*　　*　　*

چوڻ وارا حجت ۾ خدا کي بہ چئي ويندا آهن. ڪاڪو فضل تہ ماڻهن جهڙو ماڻهو خاڪ جي چپٽي هو. سندس ننڍپڻ جو ساٿاري نورڻ راتوڪو وٽس ترسيل هو. اج بہ نيرن ٻاٽي ڪري واندا ٿي پپر جي وڻ هيٺ کٽ رکيو ڪچهري مچايو وينا هئا.

"ٻڌئي فضل! دنيا ڇا چوندي وتي."

"الائي ڪهڙي ٿو ڳالهہ پڇين" ڪاڪي ٿوال جي ڪانپ ڪڍندي چيو.

"ڳالهہ ٻڌ فضل! پاڻ هڪ جيڏا هونداسين، پاڻ تون مون کان مُٺ سوايو هجين تہ بہ بروبر هوندو. آءٌ هن جمار ۾ هانسيڪار پاڻ گهلي تو وٽ آيو آهيان. نہ تہ هن وهي ۾ گهران نڪري مسافري ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي." نورڻ ڳالهايو تہ ساهہ پرجي ويس ۽ گهڙي کن لاءِ هو چپ ٿي ويو.

"يلي آئين، جيءَ آئين، جيءُ جي واتن آئين، هاڻي پاڻ واري ٿُور مان بچيا بہ تون ۽ آءٌ آهيون. ٻي سنگت تہ وينءِ وارو وڃائي" ڪاڪي فضل ٿڌو شوڪارو ڀري گذريل وقت ۽ يارن کي ياد ڪيو.

"ها، اج ڪلهہ جي يارن کي ڏسين پيو. منهن تي مِٺ مِٺ، پر پٺ گلا. لولو بہ اُتي ڪانئن نہ ..." ڪاڪي نورڻ اج ڪلهہ جي ياري تي تنقيد ڪئي.

"هانو يار... اج مڙس ڪو تو پارو هڪڙو هوندو باقي تہ رنن مثال پيا هلن" ڪاڪي فضل ڪنگهندي نورڻ جي ڳالهہ جي تائيد ڪئي.

"زاد اٺني جڏهين سيٺ وشني مل سان منهنجي پل پاڻي ياري هجي" نورڻ جواني جو واقعو بيان ڪرڻ کان پهرين ڪاڪي فضل کي ياد ڏياريو.

"هانو، ڪالهوڪي ڳالهہ آهي. سيٺ سان بروچن جو بني تي تڪرار ٿئي ۽ تون سيٺ پاران وجي بني جي قنوضي تي وينو هئين. جهيڙي ۾ بہ ماڻهو ماري وڌئي پوءِ ڪاري پاٽي جي سزا وٺي ويو هئين. صفا ڪالهوڪو ڏينهن مون کي ڪين وسرندو."

"هر سُنوائي تي ڪورٽن جا پنڌ گڏ ڪياسين." ڪاڪي فضل پنهنجي ياداشت جو مظاهرو ڪيو.

"ها.. هي مٿي ۾ ڌڪن جا نشان بہ تن ڏينهن جا آهن" نورڻ مٿي تان هيڪڙ پيڪڙ ميندي رنا وار پاسي ڪري مٿو جهڪائي ڪاڪي کي ڏيکاريو.

"هانو هانو" ڪاڪي ڪنڌ لوڏيو.

"ها، سو چيمر ٿي تہ اُهي وخت پيا، اجوڪا وخت پيا. اج ساجهہ صفا لڏي ويئي آهي. ملڪ مان ماڻ محبت سپ ويا موڪلائي، پر تو پارو مڙد اجان بہ آهي جنهن تي لهي اُپري پيو." نورڻ هينتري ديگهہ کان پوءِ اصل ڳالهہ ڏي وريو.

"هانو يار! مُڙسي تہ ڪانہ ڇڏبي، پوءِ حياتي تہ هڪ ڏينهن نيٺ پوري ٿيڻي آهي." ڪاڪي فضل چيو.

"پر آءٌ ڀانيان ٿو تہ يا صفا پوڙهو ٿي ويو آهين يا وري مُڙسي ڇڏي اٿئي." نورڻ ٽوڪر هنيس.

"اهو ڏينهن مرڻ جو ٿيندو، جو مُڙسي ڇڏجي. نہ ڪو پوڙهو ٿيو آهيان نہ ڪو همت ڇڏي آهيم. تون دل کولي ڳالهہ تہ ڪر" ڪاڪو باهہ ٿي ويو.

"تہ پوءِ دنيا جون ڳالهيون ٻڌيو اجان ماٺ ڪيئن ڪريو وينو آهين؟" نورن چيو.

"ڪهڙيون ڳالهيون؟" ڪاڪي حيرت مان پڇيو.

ڪي ڪندو؟" انين روئيندي، دل ئي دل ۾ جھيڙيندي الائي ڪيڏيءَ مھل ننڊ ھن جي اکين ۾ پيرجي ويئي. پر ننڊ جي وادي ۾ بہ ھو سانوڻ ڪي سامھون ڏسندي رھي. ان محبوب ڪي، جنھن جي قرب ۾ ڪُسي ھو ھن حال ڪي پھتي ھئي، جو سڄي راڄ ڀاڳ جي طعنن تُنڪن جو نشانو بڻيل ھئي.

ھن خواب ۾ سانوڻ ڪي گھوٽ بڻجي گھوڙي تي چڙھيل ڏٺو. ھن سانوڻ جي ڪنوار ڪي ڳاڙھي ڪنھبي ۾ ٻھڪندي ڏٺو. اوچتو ھن سانوڻ جي ڪنوار جي منھن تان گھونگھٽ پاسي ٿيندي پسيو. سانوڻ جي زال وڏن ڏندن واري ڏائڻ ھئي. نازو سانوڻ جي گھوڙي جو اڳ جھلي بيھي رھي.

"حيف اٿئي... بيقدرا.... منھنجي قرب جي.... انعام ...... ڪٿي.... واہ سانوڻ..... جاني..... واہ..... فضل.... مري ويندو.... آہ توسان پڇي وڃان..... تون ھن..... ڏائڻ ڪي ماري ڇڏ.... نہ نہ سانوڻ نہ تون منھنجو..... مونجو آھين..." بي ربط اڻپورا جملا ھن جي زبان مان نڪرڻ لڳا. ھوءَ رڙ ڪري جاڳي پئي. خواب ۾ چيل لفظ بي ترتيب جملا ڄڻ تہ برابر ھئا، پر ٻڌڻ ۽ سمجھڻ واري لاءِ تہ ڇتو ڇتو اعلان ھو. اطلاع ھو. سچ ھو. پڪ ھئي.

رڙ سان ھن جي اک کلي پيئي. ھن آڏيءَ اک سان مڙس ڏي نھاريو، جيڪو ھن جي رڙ تي بہ سجاڳ ڪونہ ٿيو ھو ۽ انين ئي ڪونگھرن ۾ ھو. نقلي ۽ اصلي ڪونگھرن جو فرق نازو پرکي نہ سگھي. ھن کي ننڍپڻ کان ئي ننڊ ۾ ورلڻ جي عادت ھئي. مڙس بہ ڪيئي ڀيرا سمجھايو ھئس پر ڪوشش ھوندي بہ ھو پنھنجي ان عادت کي ترڪ نہ ڪري سگھي ھئي.

"گھوڙا! اڄ نہ الائي ڇا پئي چيم. خدا ڪيو مُنو ننڊ ۾ ھو نہ تہ...." دل ئي دل ۾ چيائين. ھن کي وري صبح تائين ننڊ ڪانہ آئي. صبح جو جنان ھٿ سانوڻ ڏي ميار موڪلي ھئائين ۽ شام جو جنان اچي سُڌين ساڪين ٻڌايس تہ اھو نسورو ڪوڙ آھي. ھن تہ اھڙي ڪا ڳالھہ ڪانہ ڪئي آھي. ھن جي دلجاءِ تہ ٿي، پر ھو سمجھي نہ سگھي تہ جھوني اھا ڦوڪ ڏني جو؟

*　　*　　*

ضروري ڪونھي نہ جنھن کي سُتل يا بي خبر سمجھجي، تہ اھو واقعي ستل يا اڻڄاڻ ھجي. نازو تہ ڪاڪي کي ننڊ ۾ سمجھي مطمئن ٿي ويئي ھئي پر ڪاڪو تہ سڄي رات سنو ئي ڪونہ ھو. ھن جيڪو عقل جو ٻج ڇٽيو ھو، ان جو فصل پچندي ڏسڻ لاءِ، ھو ساري رات جاڳندو ۽ سمھڻ جو بھانو ڪندو رھيو ھو. ھن نازوءَ جي چپن مان نڪرندڙ ھڪ ھڪ اکر ڇتو ٻڌو ھو. ھاڻي ھن کي پڪ ٿي ويئي ھئي تہ دل ۾ وينل شڪ جو نانگ ڇو نٿي نڪتو. ھن جو اندر پُتل پاڻ کي لڳل باھہ وانگر دکي رھيو ھو.

غيرت جو دونھون دل جي دنيا ۾ پکڙندو ويو. ھن جو ساھہ گھٽجڻ لڳو ھو، پر ھو جي رھيو ھو. زال ذات تي ڀلا ڪھڙي ميار. ماڪي نہ ڏسي وڻ. زال نہ ڏسي وڙ. پر سانوڻ کي تہ ھن ٻچو ڪري سمجھيو ھو. ٻي آسري کي آسرو ڏنو ھو. ٻي واھي جي واھہ ٿيو ھو ۽ ھن ٻيھي ليمڪ لڄايو ھو. اڄ ھو ٻي پڄت ٻوڙھو ھو. ڪڏھن جوان مڙس کي مارڻ جي سگھہ ھن جي جسم ۾ برابر ڪانہ ھئي، پر غيرت پوڙھي نٿي ٿئي.

ھڪ لڳا سوچيائين تہ ھو سانوڻ کي ڪڍي ڇڏي، پر وري خيال آيس نہ ڪڍڻ وڃھہ وٺي ھو نازوءَ کي پڇاڻي وڃي تہ پوءِ؟ ھن چپ سبي ڇڏيا. ھن کي ھاڻي پيريءَ جو ڀرپور احساس ٿيو ھو. پنھنجن غلطين جو احساس نانگ بڻجي ھن کي ڏنگڻ لڳو.

ھن سوچيو تہ ھو نورڻ سان صلاح ڪري. پر جنھن يار اڳيان ھو ارھہ تي ھٿ ھڻي پڪ ڏيئي سندس ڳالھہ کي

وڏيڪ بگڙندي رهي.

نيٺ سومار ڪاڪي جي گھران اچي پيٽ جي سور جي دوا پڇي. پر ڪاڪي انڪار ڪندي ٻڌايس تہ وٽن اهڙي ڪا بہ دوا ڪانهي. وري سومار زال کي گھر اماڻي ڪجھہ ڦوٽا ۽ جَنوهر جون ٽڪيون گھرايون.

هوڏانهن نازوءَ جي حالت بہ بگڙڻ لڳي هئي. هن جا سور بہ وڌ ڪان وڌ وڌڻ لڳا هئا. انسان دنيا ۾ سور ڪاٺي ۽ ٻين کي سور ڏيئي ايندو بہ آهي تہ ويندو بہ آهي.

نازوءَ جون دانهون هاڻي اڳڻ ۾ بہ ٻڌڻ ۾ پئي آيون.

سومار ٽڪيون ڦوٽا کڻي سانوڻ وٽ آيو تہ ان وقت سانوڻ جي حالت ويتر خراب هئي. هو لُڇي لُڇي کٽ تان هيٺ ڪري پيو هو ۽ ڪُنل ڪڪڙ وانگر ڦٿڪي رهيو هو. وات مان اچي جھڳ پئي وهيس. سومار هن کي سڏ ڪيا پر هو هوش ۾ ئي ڪونہ هو. نيٺ سومار هراسجي ڪاڪي فضل کي سڏ ڪيا، جيڪو بتي کڻي ٻاهر آيو.

"هن کي وري ڇا ٿيو؟"

"الائي ڪاڪا!... پيٽ جي سور جو چيائين، آءٌ ڦوٽا کڻي آيس تہ هن جي هيءَ حالت آهي.....!

"تہ پوءِ هاڻي.....؟" ڪاڪي پڇيو.

"منهنجي صلاح آهي تہ هن کي شهر ڊاڪٽر ڏي کڻي هلون." سومار چيو.

"هن اويري مهل.... گھر جي بہ پاڻهي ڪير اٿني. هن ويل ڪيئن هلجي.....؟" ڪاڪي عذر ڏنو.

"تہ تون کڻي گھر رھہ ڪاڪا! آءٌ ڏيگي گاڏي ۾ هن کي کڻي ٿو وڃان." سومار چيو.

"ڏيگي گاڏي بہ هڪڙي، جي تون اها بہ ڪاهي وڃين تہ پوءِ جي پويان هيڏانهن ڪيئن هوڏانهن، تہ قصو ڪيئن ٿيندو؟" ڪاڪي وري نازوءَ جي تڪليف جو اشارو ڏنو، جنهن کي پڻ گاڏي جي ضرورت پئجي سگھي ٿي.

"تہ پوءِ.... هن کي جي ڪجھہ ٿي ويو؟" سومار چيو.

"الله پناھہ ڏيندو، هر ڪنهن جو خير.... پيٽ جو سور آهي. شت گڙدي جو سور هجيس. گھڙي پل ڏسون پوءِ ڪو ٻلو ڪنداسين، من تيسين فرحت ٿي وڃيس." ڪاڪي چيو.

سومار خاموش ٿي سانوڻ کي ٻاڪر پري کڻي کٽ تي سمهاريو. هن کي سانوڻ جو جسم بي ستو ٿي لڳو.

اوچتو سانوڻ رت جي الٽي ڪئي. هن جو منهن، کٽ، بسترو رت ٿي رت ٿي ويو ۽ هن جي جسم هڪ زوردار جھٽڪو کائي ساھہ ڇڏي ڏنو.

"اڙي.... اڙي... هي تہ...." سومار گھبرائجي ويو.

ڪاڪي اڳتي وڌي سانوڻ جون اکيون بتي جي سوجھري ۾ ڏٺيون. ٻانهن تي هٿ رکيو....

"هي تہ خير.... ڏٺي جي شئي ڏٺي وٺي ويو." ڪاڪي اعلان ڪيو ۽ الائي ڇو سومار جي اکين مان بي اختيار لڙڪ وهي نڪتا. اهڙا لڙڪ جيڪي بيوس مسافر جي موت تي وهائبا آهن، ۽ ان ويل..... ڪاڪي جي گھران ننڍڙي ٻالڪ جي اُوناں اُوناں جو آواز اڀريو ۽ ڪاڪو بتي کڻي تڪڙو تڪڙو گھر ڏي هليو ويو.

مسافر مٺو ڪنهن نہ سُٺو. ازل کان دنيا جو دستور آهي تہ ڪو ويندو آهي تہ ڪو ايندو آهي. ڪاڪي فضل جي گھر جي گھٽي تي سانوڻ موڪلايو ۽ گھر اندر ننڍڙو ٻار آيو. دائي ڪريمان ٻاهر نڪري ڪاڪي کي پٽ ڄمڻ جي مبارڪ ڏني ۽ ڪاڪي ڪيس موٽ ۾ ڪاڇڻ ٻڪري ڏيڻ جو اعلان ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪيو.

جن کي جيئري نہ پڇيو آهي، تن کي مٺو ڏسي ماڻهو مڙندا آهن. سانوڻ جي حياتي ۾ جن ساڻس ڪچهري ڪرڻ بہ سٺو نٿي ڄاتو، اهي هن جي مرڻ جو ٻڌي اچي گڏ ٿيا. ڪنهن ڳالهيون، ڪنهن رايا.

شاه زمان پنگر

# بوسنيا جي ڌيءَ

هُن اڌ کليل ڳڙکيءَ مان ٻاهر نهاريو. هن جي سامهون روڊ هو. روڊ، جيڪو شهر مان مختلف گهرن جي دروازن تي لڳل پٽين تي لکيل نمبر ۽ مالڪن جا نالا پڙهندو ٻاهر پئي آيو. جتي شهر کان ٿورو ٻاهر سرب فوجي شهر جو محاصرو ڪري روڊ تي به قابض هئا. ڪنهن به گاڏيءَ کي شهر کان يا ٻاهر وڃڻ نه ڏيڻ جو قبضو: قبضو، جيڪو هميشہ ڏاڍ سان ڪيو ويندو آهي.

هن وانگر ٻيا به سڀ شهري مسلسل محاصرو هئڻ ڪري گهُٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول، کاڌ خوراڪ جي شين جي کوٽ ۽ ٻاهر نه نڪرڻ ڪري پنهنجي خوف جي محاصري ۾ هئا. جيتوڻيڪ فوجي شهر ۾ ڪونہ گهڙيا هئا.

هُن جي نظر روڊ ۾ ڪتل هئي. شايد روڊ ۾ پنهنجي پيءُ جي رت جا نشان پئي ڳوليائين، جنهن کي گنريل مهيني واري ٽن ڏينهن جي محاصري دوران سرب فوجين گهر مان ڪڍي روڊ تي قتل ڪيو هو. انهيءَ ڏينهن جڏهن فوجي سندن گهر ۾ گهڙيا هئا، تڏهن پٽس کيس ڪٻٽ ۾ ڪپڙن پويان لڪائي ڇڏيو هو، ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ڪونہ ٻڌايو هئائين تہ کيس ڪا ڌيءُ به آهي.

"دريءَ کي بند ڪر."

هُن ماءُ جي اوچتو چيل جملي تي ڪنڌ ورائي ڏانهس ڏٺو، هوءَ مسلسل ڏانهس ڏسندي رهي. سندس نهار ۾ ڪيئي سوال هئا. خوف جا، بيوسيءَ جا، لاچاريءَ جا. ڪيئي سوال، جن جو ڪوبہ جواب ماڻس وٽ ڪونہ هو. هوءَ لُڙڪن کي روڪي نہ سگهي.

ماءُ ڪيڏي بہ ڊڄڻي هجي، اولاد اڳيان بهادر هوندي آهي. ماڻس بہ لڙڪ لڪائڻ لاءِ ڪنڌ جهڪائي ڦيري ڇڏيو.

هن ڀت تي لڳل گهڙيال ۾ ڏٺو. ڏيها ڏيهي ميڊيا تي خبرن جو وقت ٿي ويو هو. هن جلدي ڳڙکي بند ڪئي ۽ پر واري ڪمري مان ٽرانسسٽر کڻي. خبرون ٻُڌڻ لڳي. هن پنهنجي سماعتن کي انهن ريڊيو حوالي ڪيو. جيئن ڪنهن پامسٽ اڳيان پنهنجو هٿ جهلي ڪانئس زندگيءَ جا راز پڇيا آهن. بوسنيا بابت خبر ۾ هن انهن دلچسپي ورتي، ڄڻ پامسٽ سندس پيار متعلق پيو ٻڌائي.

بوسنيا بابت خبر اها هئي تہ فوج کي بوسنيائي شهرن جا محاصرا ختم ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ۽ امن جي عالمي اداري پاران ترت کاڌ خوراڪ جو سامان روانو ڪيو ويو آهي، جيڪو اڄ ئي ڪنهن وقت محصور شهرن تائين پهچي ويندو.

هُن جي لڙڪن هاڻي چهري تي هاڻي خوشيءَ جا آثار نمايان هئا. هن نظر ڦيرائي ماءُ ڏانهن ڏٺو. ماڻس جي مُک تي ڪوبہ خاص تاثر ڪونہ هو. ان ڳالهہ جي پرواهُ نہ ڪندي هوءَ ٽرانسسٽر ٽيبل تي ڇڏي سڌي ڪچن ۾ وئي. ريفريجريٽر مان کاڌي جو رکيل اهو سامان جيڪو انتهائي ڏکئي وقت لاءِ بچائي رکيو هئائون، ڪڍي آئي. اڌ، ماءُ جي اڳيان رکي باقي اڌ مان پاڻ کائڻ لڳي. ماڻس پنهنجو پاڱو ۽ آخري ڪٽيل سلائيس، جيڪو هن لاپرواهيءَ ۾ ٽيبل تي اڇلائي ڇڏيو هو، کڻي واپس ريفريجريٽر ۾ رکيا. هوءَ بي ڌڙڪ کائيندي رهي.

ٻاهران ڪنهن گاڏيءَ جي اچڻ جو آواز ٻڌي هوءَ ٽپ ڏيئي اُٿي ۽ سڌو ٻاهرين دروازي ڏانهن تيز تيز وکون کڻڻ

مظهرالاسلام

سنڌيڪار: قاضي اياز مهيسر

# هڪ ڳُڏيءَ جو زائچو

ڪلهه رات ڳُڏين ناهڻ واري خودڪشي ڪري ڇڏي. پر ماڻهن کي ڪهڙي، دير ڪان پوءِ خبر پيئي. اها به ان وقت، جڏهن ڳُڏين ناهڻ واري جو اڪيلو دوست هن سان ملڻ لاءِ آيو ته هن ڏٺو ته ڳُڏين ناهڻ وارو پنهنجي ڪمري جي ڇت سان لٽڪي رهيو هو. رسيءَ جو هڪ سرو هن جي ڪنڌ جو ڦندو ٺهيل هو ۽ ٻيو سرو پکي جي راڊ سان ٻڌل هو. رسو ايترو ته نئون هو جو يقين ڪري سگهجي پيو ته ڳڏين ناهڻ واري اهو ڪلهه ئي ڪنهن وقت خريد ڪيو هوندو. جتي ڳڏين ناهڻ وارو لٽڪي رهيو هو، ان جي بلڪل هيٺان هڪ اسٽول اونڌو ڪريل هو ۽ لڳي رهيو هو ته ڳڏين ناهڻ واري ان اسٽول تي بيهي خودڪشيءَ جي تياري ڪئي هوندي ۽ پنهنجي ڪنڌ ۾ ڦندو وجهي اسٽول کي پير سان ڪيرائي ڇڏيو هوندو. هيٺر هن جو ڪنڌ هڪ طرف جهڪي ويو هو ۽ هو ڪنهن اهڙي مسافر وانگر لڳي رهيو هو، جنهن کي ٽرين جي ڊگهي سفر ۾ ننڊ اچي ويئي هجي. هن جي منهن تان سفر جو ٿڪ هائي آهستي آهستي ٽٽي رهيو هو ۽ سڪون ڦهلجي رهيو هو. هن جو رنگ به اڇو ٿي ويو هو ۽ هو اڳي ڪان گهڻو خوبصورت لڳي رهيو هو. جي هن جي ڪا محبوبه هجي ها ته يقين سان ان محل هن کي هن تي بي اختيار پيار اچي ها پر ڪمري ۾ صرف ڳڏيون ئي ڳڏيون هيون. بي شمار ڳڏيون. سڀ ڳڏيون ڊنل ڊنل هيون ۽ هنن جي منهن تي اهڙي پشيماني هئي جڻ ڳڏين ناهڻ واري جي خودڪشي جون ذميوار اهي هيون يا جڻ هنن خودڪشيءَ جي عمل ۾ ڳڏين ناهڻ واري جي مدد ڪئي هئي. ڳڏين ناهڻ واري جي دوست جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هن اڳتي وڌي اسٽول کي سڌو ڪيو ۽ هن کي ڦندي مان هيٺ لاهڻ لاءِ اسٽول تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ان ڪوشش ۾ هو ڪري پيو ۽ جڏهن هن کي يقين ٿي ويو ته هو اڪيلو هن کي هيٺ لاهي نه سگهندو ته هو تيزيءَ سان ٻاهر ڀڳو ۽ آسپاس جي ماڻهن کي گڏ ڪري وٺي آيو.

جڏهن ماڻهن ڳڏين ناهڻ واريءَ کي هيٺ لاٿو ۽ پلنگ تي ليٽايو ته هنن کي احساس ٿيو ته هن رات جي پهرينءَ پهر ۾ ئي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي ۽ هن کي ڇت سان لٽڪندي ڪيترائي ڪلاڪ گذري چڪا هئا. هن جون مُٺيون بند هيون، جن ۾ هن پوئينءَ رات جو ڪو ٽڪرو ائين سُڪ جهلي رکيو هو، جيئن ٻار پنهنجي مُٺ ۾ ٽافي پڪوڙي ڇڏيندا آهن.

سڀني محسوس ڪيو ته هن جي منهن تي اهڙو ئي سڪون هو، جيڪو گهڻن مهينن جي محنت سان ڳُڏي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن جي منهن تي هوندو هو. پر هن جو جسم ان گفٽ پيڪٽ وانگر هو، جنهن مان ڪنهن ڳڏي ڪڍي پانو ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. ڪمري جو منظر به ڪجهه اهڙو هو، جيڪو سالگرهه جي تقريب مان مهمانن جي وڃڻ کان پوءِ هوندو آ. ٽٽل جهنڊيون، ڦٽل رنگ، پري ٽانين وڪريل گفٽ پيپرز، جهنڊين جا پرزا، پليٽن ۾ اڌ کاڌل شيون، مٺ تي ٽانون جو ڍير، اڌ هوا نڪتل ڦوڪڻا، لٽل جوراب، ڊنل ڳُڏيون!

هونئن ته ڳڏين ناهڻ واري جي گهر ۾ خاموشي پهرين به رهندي هئي، پر اڄ خاموشي بدنما ۽ بي سُري ٿي وئي هئي. ڳڏين جو جهنگل بلڪل اڳي وانگر هو، پر اڄ ڳڏين ناهڻ وارو پنهنجي پاڻ کي قتل ڪري پنهنجو لاش ڳڏين جي ان جهنگل ۾ ڦٽو ڪري هليو ويو هو ۽ هاڻي تنهائي ڳڏين جي اکين ۾ لڪي رهي هئي. اداسي لٽل لباس وانگر گهنج گهنج ٿي ڪمري ۾ وکري رهي هئي. شهر اهڙو ئي هو، ظالم ۽ سخت جان. ڳڏين ناهڻ واري کي ائين لڳو، جڻ شهر

لاءِ چپ ٿي ويو، پر هن کي احساس ٿيو تہ جب دکهي ٿي وئي آ تہ وري ٺڏو ساهہ ڀري چوڻ لڳو "هڪ دفعو نہ ڪيترا ئي دفعا ائين ٿيو. هڪ ٻئي ڏينهن جڏهن هن گڏي مڪمل ڪئي تہ چوڻ لڳو تہ مون کي هن گڏيءَ جي منهن ۾ چالاڪي نظر اچي رهي آ. جيتوڻيڪ مون هن کي ٺاهڻ لاءِ، معصوم ٻارن جي ڪپڙن جا ٽڪرا استعمال ڪيا آهن."

گڏيون ٺاهيندڙ جي دوست ٺاڻيدار ڏي ڏٺو ۽ ڳالهہ اڳتي وڌائيندي چوڻ لڳو: "هڪ دفعو هن گڏي مڪمل ڪئي تہ مون کي چيو تہ منهنجو خيال آ تہ هن دفعي گڏي ڏاڍي سٺي ٺهي آ. پر هو اداس ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو: هن گڏيءَ جي دل ميري آ. پر مان ٺٺو ڄاڻان تہ ائين ڇو ٿيو. مون تہ هن کي ٺئين صاف ڪٻن واري ڄڀٽ سان ٺاهيو آ. پر پوءِ بہ هن جي دل ميري آ. ٺاڻيدار صاحب! هن جو ڪمرو گڏين سان ڀرجي ويو پر هو ان گڏيءَ جي تلاش ۾ رهيو جا هن جي اندر ۾ هئي."

"ڇا هو ذهني مريض هو؟" ٺاڻيدار بي چينيءَ مان موضوع مٽائيندي پڇيو.

"نہ، هو بلڪل ٺيڪ هو، پر ضرورت کان وڌيڪ حساس هو. هر ڳالهہ کي شدت سان محسوس ڪندو هو. ازل کان اداس ۽ تنها هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ مون کي محسوس ٿيندو هو تہ ڄڻ هو اذيت پسند بہ آ. هن جو خيال هو تہ سندس ٺهيل ڪا گڏي هن جي تنهائي ۽ اداسي ختم ڪري ڇڏيندي، پر ائين ڪڏهن نہ ٿي سگهيو؟" گڏيون ٺاهيندڙ جي دوست دريءَ کان ٻاهر نظريون ڄمائيندي چيو: "ٺاڻيدار صاحب! ڪڏهن ڪڏهن تہ مون کي لڳندو هو ڄڻ هو پاڻ ڪا گڏي آ جنهن جي ڪنهن بہ شادي نہ ڪرائي آهي: جنهن کي ڪڏهن ڪنهن ڳاڙهو جوڙو نہ پارايو: جنهن جي لاءِ ڪنهن ٻارڙيءَ ڪنيءَ ۾ مٺا چانور نہ پچايا: جنهن جي ڪنن ۾ والين ۽ نڪ ۾ نٿ نہ سڄيو." گڏيون ٺاهيندڙ جي دوست جو آواز ڳورو ٿي ويو. ائين لڳو ڄڻ ڳوڙها هن جي نڙيءَ ۾ ڪري رهيا آهن. هو ڳوڙها ڳهي چوڻ لڳو:

"هو ڪنهن اڻ پرٺيل گڏيءَ وانگر هو، جنهن جون اکيون ڏوليءَ لاءِ اوسيئڙو ڪندي ٿڪجي ويون هيون. هن جي اکين ۾ ڪا ڄڄ نہ آئي. هن جي هٿن تي ڪڏهن ڪنهن "ميندي نہ لڳائي. هو ان گڏيءَ وانگر هو، جنهن جي مالڪڻ هن کي پرڻائڻ کان پهرين پاڻ ڏوليءَ ۾ ويهي هلي وئي هئي. ان کان پهرين موت ڪيئي دفعا هن کي منڍي پارائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن گهونگهٽ کان هٿ ٻاهر نہ ڪڍيو. ٺاڻيدار صاحب! هن جي دل جي ڏولي هر دفعي خالي موٽي آئي."

"ڇا هن ڪڏهن خودڪشيءَ جي ڳالهہ ڪئي هئي؟" ٺاڻيدار ٿڪل لهجي ۾ پڇيو.

"هن جي ڳالهين مان اڪثر خودڪشيءَ جي مهڪ ايندي هئي، ائين جيئن کير پياڪ ٻارن جي وات مان ٿڃ جي خوشبو ايندي آ."

"تو پوليس کي اطلاع ڇو نہ ڏنو؟"

"مون کي خبر نہ هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص جي ڳالهين مان خودڪشيءَ جي مهڪ اچي تہ انهيءَ جو اطلاع پوليس کي ڏيڻو هوندو آ."

"ڇا انهن آخري ڏينهن ۾ هو ڪجهہ وڌيڪ پريشان هو؟"

"ها ٻمام گهڻو پريشان ۽ اداس هو."

"ڇو؟"

"هن گهڻن سالن جي محنت کان پوءِ اها گڏي ٺاهي ورتي هئي، جيڪا هن جي دل ۾ هئي. هن مون کي ٻڌايو هو تہ هن سڄي دنيا جون خوبصورت اکيون جمع ڪري ان گڏيءَ جون اکيون ٺاهيون آهن. هن جي اکين ۾ جابلو ڇوڪرين جا ڏکڻ ۽ سچا انتظار سبيا آهن. هن کي ٺاهڻ لاءِ ڳوٺاڻين ڇوڪرين جي واعدن جا پڪي رنگ وارا ڌاڳا استعمال ڪيا آهن. هن پنهنجي ۽ دنيا جي سموري وفا ان گڏيءَ ۾ ڀري ڇڏي آهي. هو ڪيترا ڏينهن روئندو رهيو ۽ پنهنجا ڳوڙها گڏ ڪري گڏيءَ جي اکين ۾ وجهي ڇڏيا. پنهنجو سمورو پيار نيوڙي گڏيءَ جي دل ۾ هاري ڇڏيو. هن مون کي

ٻڌايو تہ هن هيءَ گڏي مڪمل ڪندي هن جي ڇپن ۾ صحرائي ڇوڪرين جي پيار جي سچائيءَ جا ٻول ٽانڪيا آهن. اونهن درياهن جي پاڻيءَ سان گڏيءَ جي مينديا ڪيا. هن کي اميد رنگ چوڙيون پارايون ۽ هن جي نازڪ پيرن ۾ جوتا پارائڻ وقت هن جي جوتن مان سڄو سفر نيوڙي ڇڏيو پر پاڻ مسافر ٿي رهيو. هو ڪيترائي ڏينهن ان گڏيءَ جا هٿ ٺاهيندو رهيو ۽ جڏهن مڪمل ڪري چڪو تہ چوڻ لڳو تہ هن جا هٿ ماءُ جي دل وانگر نرم آهن."

گڏيون ٺاهيندڙ جو دوست وري چپ ٿي ويو ۽ خبر ناهي هو ڪيتريءَ دير ائين ئي چپ ٿي ويو ۽ خبر ناهي تہ هو ڪيتريءَ دير ائين ئي چپ رهي ها، پر جڏهن ٿاڻيدار هن کي چتائي ڏٺو تہ چوڻ لڳو: "اها گڏي ٺاهڻ لاءِ هن جيڪو ڪپڙو استعمال ڪيو هو، ان کي ڪٽڻ لاءِ هن قينچي استعمال نہ ڪئي. هن جو خيال هو تہ ڪپڙو ڪٽي ننڍڻ واري گڏي پنهنجي پيار کي ڪٽي ٽڪرو ڪري ڇڏيندي آ."

پر اها گڏي ٺاهڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن ئي هو بيحد مايوس ٿي ويو تہ مون هن کي ڇيو تہ هاڻي ڇا ٿيو. تو تہ اها گڏي ناهي ڇڏي جا تنهنجي دل ۾ هئي. هن هڪ ڊگهو ٿڌو ساهہ پريو ۽ چوڻ لڳو تہ اڄ مون هن جو هاروسڪوپ ڏٺو آ. جنهن تاريخ تي مون هن کي مڪمل ڪيو ان حساب سان هن جو جيڪو هاروسڪوپ ٺهي ٿو ان ۾ لکيل آ تہ اهڙا ماڻهو جذبن کي تمام گهڻ اهميت ڏيندا آهن.

جڏهن هو اهي ڳالهيون ڪري رهيو هو تہ مون کي ائين لڳو ڄڻ هن جون اکيون درد جي کليل سمنڊ ۾ ٻہ اهڙيون ٻيڙيون آهن جن جا بادبان انتظار جي تيز هوائن جي طرف کليل آهن. اهو محسوس ڪري مان غور سان هن جي اکين ۾ نهاري رهيو آهيان. هن نظرون ڦيري ڇڏيون ۽ چوڻ لڳو.

"گڏي جي هاروسڪوپ ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ اهڙا ماڻهو جيڪڏهن ڏيٺر جي اکين ڏانهن نهارين تہ ان کي بہ خوبصورت بڻائي ڇڏيندا آهن. اوچتو هن جي منهن تي خوشيءَ جي ليڪ ظاهر ٿي ۽ هو چوڻ لڳو: هاروسڪوپ ۾ اهو بہ لکيل آ تہ ان سائن جون ڇوڪريون جنهن گهر ۾ هونديون آهن اتي ڪڏهن بہ صاف سٿرن ڌوتل جورابن جي ڪمي ناهي هوندي. ٿاڻيدار صاحب! مون کي خبر هئي تہ هو اهي ڳالهيون مون کي ڇو ٻڌائي رهيو هو. هن کي خوبصورت جوتن ۽ سٺن جورابن جو تمام گهڻو شوق هو. پر وري هو بيحد اڪيلو ٿي ويو ۽ مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ سگريٽ دکائيندي چوڻ لڳو تہ ڪاش مون کي خبر هجي ها تہ مان ان گڏيءَ کي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مڪمل ڪريان هان، جيئن هن جو هاروسڪوپ بدلجي ها. ڪا ٻي سائن هجي ها هن جي."

"اهو ڇو"، مون پڇيو.

سگريٽ جو ڊگهو ڪش هڻي چوڻ لڳو.

"ان جي لاءِ تہ هيءَ گڏي مون کي تمام گهڻي عزيز آ." اهائي اُها گڏي آ جا ڪيترن سالن کان منهنجي دل ۾ هئي. مون هن کي وڏيءَ محنت سان مڪمل ڪيو آ، پر خبر اٿئي تہ هن جي هاروسڪوپ ۾ ڇيو ڇا لکيل آ؟"

"ڇا لکيل آ؟" مون پڇيو.

"لکيل آ تہ هن سائن جا ماڻهو جلاد بہ هوندا آهن ۽ هاڻي مان سوچان ٿو تہ هوءَ مون کي ڪيئن قتل ڪندي. هن جي دل ۾ جڏهن مون کي قتل ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿيندي تہ هوءَ ان کي ڪيئن پورو ڪندي." گڏيون ٺاهيندڙ جي دوست نئون سگريٽ دکايو ۽ اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي چوڻ لڳو: "مون کي ڪهڙي خبر هئي ٿاڻيدار صاحب! مون هن جي ڳالهہ کل ۾ ٽاري ڇڏي ۽ ڪلهہ رات ان گڏيءَ جي خواهش جي احترام ۾ هن خودڪشي ڪري ڇڏي."

ٿاڻيدار ڪاوڙ ڀرين نظرن سان گڏيون ٺاهيندڙ جي دوست ڏانهن گهوري ڏٺو ۽ چيو تہ هي بڪواس آ. يقين نٿو اچي تہ ڪو شخص هڪ گڏيءَ جو زائچو مڪمل ڪرڻ لاءِ خودڪشي ڪري سگهي ٿو. گڏيون ٺاهيندڙ جي دوست اکين جا ڳوڙها سُڪايا ۽ ڀريل آواز ۾ چيو تہ 'مان بلڪل سچ ٿو چوان.' يقين تہ ان گڏي کي بہ نہ ايندو جنهن جو زائچو مڪمل ڪرڻ لاءِ، هن خودڪشي ڪري ڇڏي."

◆❊◆

تون ڇا ڪرين؟"

"جهاز ۾ ويهن پائونڊن جو ڪمرو ڪم آهي؟" مسٽر بٽن چيو.

"جيڪڏهن تون خشڪيءَ تي هجين ته تون سڌو ويجهي ڪان ويجهي شراب خاني ڏانهن ڊوڙ پائين."

"آهه ڪين ڪيان!" مسٽر بٽن چيو.

"اهو چوڻ سولو آهي. جڏهن ته تون سمنڊ تي آهين پر خشڪيءَ تي...."

"آهه چڱو." مسٽر بٽن چيو. "تون صحيح ٿي سگهين ٿو. منهنجي امڙ مونکي چوندي هئي: "پٽ تون طوفانن کان بچي سگهين ٿو ۽ تون عورتن کان بچي سگهين ٿو پر شراب توکي ٻوڙيندو. مٺا! اها چاليهه سال اڳ جي ڳالهه آهي."

"خير." بني چيو. "هن اڃا تائين ته توکي ڪين ٻوڙيو آهي!"

"نه." مسٽر بٽن چيو. "پر نيٺ ٻوڙيندو."

## بينڪ ۾

جهاز جي بينڪ ۾ ٽي مسافر موجود هئا. آرٿر لسيٽرينج ميز وٽ ويهي ڪتاب پڙهي رهيو هو. هو ڏاڍو بيمار هو هن جو منهن ميرانجهڙو ۽ اهڙو سنهڙو هو جو هڏيون چمڙيءَ مان ٻاهر اڀري بيٺيون هيون. هو هن ساموندي سفر تي ان ڪري نڪتو هو جيئن پنهنجي تندرستي ٻيهر ماڻي سگهي.

ايميلاٽين جي عمر اٺ سال هئي، هوءَ سندس هڪڙي دوست جي ڌيءَ هئي جيڪو جنگ ۾ مارجي ويو هو. پر مسٽر ليسٽرينج سندس پرگهور ڪئي هئي ۽ کيس پنهنجو نالو ڏنو هو ۽ هر طرح سان پنهنجي ڌيءَ جيان نڀايو هو. هوءَ هڪڙي گڏيءَ کي هنج ۾ پيڪوڙي ڪنڊ ۾ ويٺي سانت سان جهونگاري رهي هئي جڻ پنهنجي گڏيءَ کي لولي ڏئي سمهاري رهي هجي.

ڊڪ. ليسٽرينج جو پٽ، نون سالن جو هو. هو پنهنجي عمر کان وڏيڪ جاڻو ۽ وڏو ٿي لڳو. هو ميز جي هيٺان هو پر جيئن ئي دروازو کليو ۽ بيگم اسٽينارڊ اندر آئي، هن منهن ڪڍي نهاريو. هوءَ جهاز تي ٻارن جي سار سنڀال ڪندي هئي.

مسٽر ليسٽرينج پنهنجو ڪتاب بند ڪيو. پوءِ هن ميز هيٺان نهاريو. "ڊڪي،" هن چيو. "سمهڻ جو وقت!"

"اوهه. نه! اڃا نه." ڊڪ چيو. "آءٌ سمهڻ نٿو چاهيان."

پر بيگم اسٽينارڊ سندس ٻير پڪڙيو ۽ کيس ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. ايميلاٽين اٿي بيٺي ۽ گڏيءَ کي ٽنگ کان جهلي هوءَ مسٽر ليسٽرينج وٽ وئي ۽ پنهنجي رات جي مٺيءَ لاءِ پنهنجو منهن وڌايائين. ڊڪ پنيان آيو. پوءِ هو ٻاهر ويا.

مسٽر ليسٽرينج پنهنجو ڪتاب ٻيهر کوليو. هن اڃا گهڻو ڪين پڙهيو هو ته دروازو کليو ۽ ايميلاٽين اند رآئي.

"بابا. ڏس! منهنجي پيٽي!" هن چيو ۽ اها مٿي کڻي وڌائي. اهو ڏيکارڻ لاءِ ته هن ان کي سنڀالي رکيو هو. هوءَ مسٽر ليسٽرينج کي 'بابا' سڏيندي هئي. هن پنهنجو اصلي پيءُ ڪڏهن نه ڏٺو هو. "رات سلامت. بابا" هن چيو. پوءِ هوءَ ٻاهر هلي وئي.

ايميلاٽين کي اها پيٽي هڪڙي خاتون بوسٽن ۾ ڏني هئي جڏهن هو جهاز ۾ سوار ٿيا هئا. سواءِ ان خاتون ۽ ايميلاٽين جي ٻئي ڪنهن کي خبر ڪين هئي ته ان ۾ ڇا آهي. اهو هڪڙو راز هو! هوءَ ان کي هرهنڌ پاڻ سان کڻي

جلد ٿي سگهي!"

پيڊيءَ ونجهه ڪنيا ۽ ڦڙتيءَ سان هٿ هلائڻ شروع ڪيا. ٻي ٻيڙي اڳيئي لاٿي پئي وئي ۽ ڪجهه ماڻهو جهاز جي پاسي کان مٿان سمنڊ ۾ پئي ٽپيا. گودام مان ڪارو دونهون مٿي پئي چڙهيو، ان جي هيٺان باهه جو ڳاڙهو ٽمڪو ڏکي چڪو هو. نارٿمبرلينڊ جي پنيان ڪوهيڙي جي پٽ بيٺي هئي، اها اڳئي چرندي ٿي لڳي.

پيڊي ٻيڙي ڌڪيندو رهيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هن چيو، " آءٌ ٿوري ساهي پٽي وٺان."

"جهاز ائين دونهون ڇو پيو ڪري؟" ڊڪ چيو.

"آءٌ ڄاڻان ٿي!" ايميلائين چيو.

"تون ڄجهاڻءَ ڪين، منهنجي مٺي." پيڊي چيو. "اسين هتي سلامت آهيون، ڪافي پري آهيون. ڪوهيڙي ڏانهن ڏسو، ڪيئن پيو اچي. اسين هتي ترسي ٻين ٻيڙين جو انتظار ڪنداسين."

ڪوهيڙو ڪين ويڙهي ويو. هاڻي هو جهاز کي مشڪل سان ڏسي ٿي سگهيا.

هڪڙي وڏي ڌڌڪي سمنڊ ۽ آسمان کي لوڏي ڇڏيو.

"اجهو هو ويو،" مسٽر بٽن چيو. "۽ منهنجو سرندو به ويو. ڊجو ڪين، ٻارو. اها رڳو توب هئي. هاڻي اچو ته سڀ گڏجي ٻين کي سڏ ڪيون، ائين مٿان توهان جو پيءُ اچي .... هيلو! هيلو!"

"هيلو! هيلو!" ، ڊڪ ۽ ايميلائين رڙ ڪئي.

"هيلو!" تمام پريان کان هڪڙو جواب آيو. هو چئي نٿي سگهيا ته اهو ڪوهيڙي مان ڪٿان آيو هو. پوءِ هنن جي چوڌاري سانت پنجي وئي.

"هيلو! هيلو!" هنن ٻيهر سڏ ڪيو، پر ڪو جواب ڪين مليو.

پيڊيءَ ونجهه ڪنيا ۽ ٻيڙيءَ کي اوڏانهن وٺي هليو، جتان شايد پهريون سڏ آيو هو ۽ ٻيهر سڏ ڪيو، "هيلو! هيلو هيلو!"

اتي سانت هئي. ٻيهر - اجان جواب ڪين.

رات مٿان پئي آئي.

پيڊي ونجهه هڻندو رهيو، وقت بوقت واڪا پئي ڪيائين.

روشني پئي وئي: هوا وڌيڪ ٿڌي هئي.

"مسٽر بٽن" ايميلائين چيو.

چاهي، پياري؟"

"مان ڄجان ٿي... ۽ مونکي سيءُ ٿو ٿئي."

"هي وٺ، منهنجو ڪوٽ پاڻ کي ويڙهه."

هن ڪجهه ڪتا ٻاهر ڪڍيا.

"هاڻي هي ڏس! آءٌ هي ڪنو توکي چوڌاري ويڙهيندس ۽ آءٌ وري پنهنجو پراڻو بدبودار ڪوٽ ٻيهر پائيندس."

"مان تنهنجي ڪوٽ ۾ ايترو گهڻو نٿي ڄجان."

"ڏاڍو چڱو، پلي رک. هاڻي، ڊڪ، ڇا توکي سيءُ ٿئي ٿو؟"

"بابا مونکي پنهنجو ڪوٽ ڏنو هو."

"پوءِ آءٌ ڪنو ٿو ڪٺان. ڇا توکي بک لڳي آهي."

"نہ." ڊڪ چيو. "پر مونکي ڏاڍي ننڊ لڳي آهي."
"ٻيڙيءَ جي تري ۾ سمهي رھ ۽ هي ٻيو ڪٽو ڪٽي پنهنجي مٿي هيٺان رک."
هن ايميلائين کي پنهنجي هنج ۾ ڪنيو.
"پنهنجيون اکيون بند ڪر."

"ســـــانـت لــولـــي، ڪـــاڪـــي
ون مــــــشـــــان مـــــاڪـــي..."

"پني سمهي پيا." مسٽر ٻٽن آخرڪار چيو. هن ايميلائين کي ڊڪ جي پاسي ۾ ٻيڙيءَ جي تري ۾ سمهاريو. پوءِ هو ساندھ ونجھ هڻندو وڃو ۽ جيئن هن ونجھ ٿي هنيا، تيئن سندس ونجھ کيس ٻين ٻيڙين کان پري اجان پري ڪنيو پئي ويا جن کي هو ٻيهر ڪڏهن ڪين ڏسي سگهندو.

## سوجهرو

"آءَ ستو پيو هئس!" مسٽر ٻٽن اوچتو جاڳندي چيو.
هن هڪ منٽ آرام لاءِ ونجھ ڇڪي رکيا هئا پر هو ڪبني ڪلاڪن تائين ستو پيو هو. ڪوهيڙو لهي ويو هو. هلڪي هوا پئي هلي ۽ چنڊ ٿي چمڪيو.
"مسٽر ٻٽن." هڪڙو ننڍڙو آواز آيو. ايميلائين ٻيڙيءَ جي تري ۾ اُٿي ويٺي هئي.
"چاهي، پياري؟"
"اسين ڪٿي آهيون هاڻي؟"
"هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ سمنڊ تي. ٻيو اسين ڪٿي هونداسين؟"
"بابا ڪٿي آهي؟"
"هو هوڏانهن آهي وڏي ٻيڙيءَ ۾. هو هڪڙي منٽ ۾ هتي ايندو."
"مونکي پاڻي کپي."
هن پاڻيءَ جي پيپي مان هڪ ڪوپ ڀريو ۽ اهو کيس ڏنو. پوءِ هن پنهنجو پائيپ ٻاهر ڪڍيو ۽ ان کي دکايو. هوءِ ٻيهر ڊڪ جي پاسي ۾ سمهي پئي جيڪو ڄُريو ڪين هو. مسٽر ٻٽن سمنڊ تي نگاھ وڌي. اني ڪو سڙھ يا ٻيڙي نظر ڪين ٿي آئي.
هو ونجھ هلائيندو رهيو.
چنڊ هيٺ لهي ويو.
باھ جي هڪڙي سنهڙي ليڪ آسمان ۽ سمنڊ جي وچ ۾ ظاهر ٿي. ايرندو آسمان اونهاري جي گلاب جيان هو. سج جي ڪَني سمنڊ جي ڪَنيءَ مٿان نظر ٿي ائي. آسمان نيرو جواهر ٿي پيو ۽ ڇولين جي چوٽين تي روشني، جو چماڙ هو.
"بابا!" اوچتو ڊڪ رڙ ڪئي ۽ پنهنجيون اکيون مهٽيندو اُٿي ويٺو.
"سڀ ٺيڪ آهي، منهنجا مِٺ." پوڙهي ملاح چيو. مسٽر ٻٽن اٿي بيٺل هو ۽ ٻين ٻيڙين جي نشان لاءِ واجهائي رهيو هو: پر اتي ڪجھ ڪين هو. "تنهنجو بابا بلڪل سلامت آهي. هو هتي هڪڙي منٽ ۾ پهچندو. اوھ، سو تون ٻہ جاڳي پئين، ايميلائين؟ هاڻي آءُ اجهو توهانجا منهن سمنڊ جي پاڻيءَ سان ڌوناريان ۽ توهان کي سج ۾ سڪائڻ لاءِ

چڙيان."

"مان نٿو ڏونڻ چاهيان!" ڊِڪ چيو.

"تون ميري منهن سان ته گهمڻ ڦرڻ کين چاهيندين، هانو نه؟" پيڊيءَ چيو.

"پهريان پنهنجو منهن ڌو."

"مان ضرور کندس،" پيڊيءَ چيو. هن هڪڙي ٽانو ۾، جيڪو ٻيڙيءَ مان پاڻي خالي ڪرڻ جي ڪم ايندو هو، ڪجهه پاڻي کنيو. هن پنهنجو منهن ان ۾ اندر وڌو ۽ هوا ٻاهر ڦوڪي، پاڻيءَ ۾ "ٻڙپ ٻڙپ" جهڙو آواز ڪڍيو.

"مان پنهنجو منهن ٽين ۾ وجهي ۽ تو جهڙو آواز ڪڍڻ ٿو چاهيان." ڊِڪ چيو.

اهڙيءَ ريت هنن ٻنهي پنهنجا منهن ڌوتا.

ٻيڙيءَ ۾ هڪڙو وڏو ٿيلهو بسڪٽن جو ۽ هڪڙو ڊٻو مڇيءَ جو هو. پيڊيءَ ڊٻو کوليو ۽ ٻارن کي سنڌن ناشتو ڏنو. جڏهن هنن پورو ڪيو ته هنن پنهنجا هٿ ڌوتا پوءِ هنن کوهو ڪڙو ڪيو ۽ سڙهه مٿي چڪيو ۽ ٻيڙي پاڻيءَ مٿان تڪڙو ڇُرڻ لڳي.

"تون ڇاکي پيو ڳولين، پيڊي؟" ڊِڪ پڇيو.

"پکين کي. ڪوبه نٿو پسجي! آءٌ ڪهڙي پاسي وڃان اتر؟ ڏکڻ؟ اوڀر اولهه. جيڪڏهن آءٌ اوڀر وڃان ته ٿي سگهي ٿو هو اولهه ۾ هجن، ۽ آءٌ اولهه وڃي کين ٿو سگهان چاڪاڻ ته هوا اتان ڪان پئي اچي. آءٌ هوا کي پني ڏئي ٿو هلان ۽ خشڪيءَ جي اميد ٿو ڪيان."

ايميلائين پنهنجي ڳڏي جهلي پيني هئي. سندس پيتي تختي جي هيٺان هئي. هن ڪڏهن ڪڏهن ان کي پني چميو، جڻ پڪ ڪندي هجي ته اها سلامت هئي.

هنن اٽڪل ٻارهين بجي ماني ڪاڌي. منجهند جو پيڊيءَ ٻن پهرن جي گرم سج کان ٻارن کي بچائڻ لاءِ، سڙهه مان تنبو ناهيو. پوءِ هو ٻيڙيءَ جي تري ۾ هيٺ ليٽيو ۽ سمهي پيو.

## ويڳاڻو جهاز

پيڊي اٽڪل هڪ ڪلاڪ ستو هوندو ته ڊِڪ جي رڙ تي جاڳي پيو، "ڏس! پيڊي، ڏس!"

مسٽر بٽن اٿي ويٺو. اٽڪل ٽي ميل پري هو هڪڙي جهاز جا سڙهه ڏسي ٿي سگهيو.

"واهه وا!" هن رڙ ڪئي. "جهاز! هو بس اتيئي بيٺو آهي، انتي سڙهه ناهي. هتي، منهنجي مدد ڪر، ڊِڪ سڙهه مٿي چاڙهيان."

"ڇا هو بابا جو جهاز آهي؟"

ايميلائين چيو. ايمالائين پيتي کنئي ۽ ان کي پنهنجي هٿ ۾ پڪڙيو.

جيئن هو ويجهو آيا ته جهاز هنن کي چٽو نظر آيو.

مونکي خبر ناهي.... اسان ان ڏانهن هلون ٿا.

"مونکي جهاز تي ڪو ماڻهو نظر نٿو اچي،" ڊِڪ چيو "بابا هتي ڪونهي."

"اهو ويڳاڻو جهاز آهي،" پيڊيءَ پنهنجو پاڻ کي چيو. "ويڳاڻو جهاز! اهو مدد کين ڪندو!"

جهاز پاڻيءَ ۾ گهڻو هيٺاهون هو. اهو ظاهر هو ته ڇا ٿيو هوندو. ان ۾ ڪاٺ ڇڙهيل هو ۽ ان ۾ سوراخ هو پر ڪاٺ جي سببان هن هيٺ ترو کين ورتو هو.

جڏهن تون خشڪيءَ تي پهچين"

"مان ان کي کولڻ واري آهيان." ايميلاٽين چيو. هن مٿيون ڪاغذ لاٿو، پوءِ هن ڊڪ ٺورو مٿي ڪوليو ۽ اندر ڏٺو.

"ان کي کول!" ڊڪ چيو.

پيتيءَ ۾ اندر هڪڙو گڏيءَ جو ٽي - سيٽ هو. هڪ چانهه جو ٿانو، ڪوپ ۽ ٿالهيون.

"اوهه!" ڊڪ چيو. "مون سوچيو ته ا هي شايد فوجي هوندا!"

"تون مونکي ڪنهن وقت چانهه تي ضرور سڏائجانءِ،" مسٽر بٽن چيو. "پر پهريائين اسان کي هلي پاڻي ڳولهڻ گهرجي ۽ تنهن ڪانپوءِ مان اڄ رات سمهڻ لاءِ ڪو جهڙو تهڙو تنبو کڙو ڪيان. پنهنجي پيتيءَ کي بين شين سان گڏ رکي ڇڏ، ايميلاٽين: هتي ان کي ڪٽڻ وارو ڪين آهي.

هو پنهنجي ساڄي پاسي تي ٻيلي ۾ اندر ويا. وڻ هنن جي مٿن مٿيان سائي ڇت پٽي ناهي. سندن هيٺان گهاٽا ٻوٽا اسريل هئا، جنهن جي وچ مان پنهنجو رستو ناهڻ لاءِ هنن کي زور لڳائڻو ٿي پيو يا لتاڙڻو ٿي پيو ۽ هوا گلن جي خوشبوءِ سان ڀريل هئي.

"مٿان، اسان وڃانجي ته نه ويندا سين." ايميلاٽين چيو.

"وڃانجي! هرگز نه!" مسٽر بٽن چيو. "اسين ٽڪر مٿي ٻيا وڃون ۽ اسان کي رڳو اهو ڪرڻو آهي ته وري هيٺ اچون، جڏهن واپس موٽڻ چاهيون."

اوچتو مسٽر بٽن رکيو.

"شش!" هن چيو.

سانت منجهان ... اهڙي سانت جنهن ۾ تمام پري کان ايندڙ سمنڊ جو گيت شامل هو... هن ڪرندڙ پاڻيءَ جو آواز ٻڌو. هو ڪابي ڏانهن وريو. جلد ئي هنن پاڻ کي هڪري ننڍڙي ساوڪ ڀريل ميدان ۾ پاتو. مٿين ٽڪريءَ کان پاڻيءَ جي هڪڙي ننڍڙي ندي چمڪندڙ ڪاري پٿر مٿان پٽي وهي. گل ۽ گلن جا ٻوٽا چوڌاري اسريل هئا. آبشار کان ٺورو مٿي هڪڙو ڪيلي جو وڻ هو جيڪو ميوي سان ڳرو هو.

ايميلاٽين ڊوڙ پاتي ۽ پنهنجا هٿ پاڻيءَ ۾ وڌا. جڏهن ته مسٽر بٽن پٿر تي مٿي چڙهي ويو. ڊڪ ڪيس وڻ ڏانهن ميرو ڪٽڻ لاءِ مٿي ويندي ڏٺو.

"ڏس،" ايميلاٽين چيو جڏهن مسٽر بٽن موٽي آيو. "هتي هڪڙو ننڍڙو پيپو پيو آهي." اهو گاهه سان ڍڪيل هو ۽ رڳو هڪڙي ٻار جون تيزاکيون ئي ان کي ڏسي ٿي سگهيون.

"اڙي ها!" مسٽر بٽن چيو. "ڪنهن جهاز جا ماڻهو ضرور هتي پاڻيءَ لاءِ آيا هوندا ۽ ان کي وساري ويا. مان انتي ويهان ٿو جڏهن ته اسين ماني کائيندا سين."

"جيڪڏهن هڪڙو جهاز هتي آيو هو" ، هن کائيندي چيو. "هتي ٻيهر جهاز ايندا."

"ڇا بابا جو جهاز هتي ايندو؟" ڊڪ چيو.

"چو نه. يقيناً. هاڻي ٻچو ۽ گلن سان کيڏو ته مان پنهنجو پائيپ ڇڪيان ۽ پوءِ اسان ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هلنداسين.

جڏهن هن پورو ڪيو، هن سڏ ڪيو ۽ ٻار ڊوڙندا موٽي آيا. ايميلاٽين جا هٿ گلن سان ڀريل هئا پر ڊڪ هڪڙي وڏي گول سينواريل شيءِ ڪٺي آيو هو.

"ڏس مون ڇا لڌو آهي!" هن چيو. "هن ۾ سوراخ آهن."

"ان کي ڦٽو ڪر،" مسٽر بٽن چيو. "اها توکي ڪٿان لڌي؟ اها مونکي ڏي!"

اها هڪڙي ڪوپڙي هئي. ان جي پٺيءَ ۾ ٽنگ هو، جيڪو ڪهاڙي يا تلوار جو هو. هن پنهنجي پوري طاقت سان ان کي وڻن ۾ پري اڇلائي ڇڏيو.

"اهو ڇا آهي پيدي." ڊڪ پڇيو.

"اها ڪا سٺي شيءِ ناهي." مسٽر بٽن جواب ڏنو.

"اتي ٻہ ٻيون آهن. مان انهن کي کڻي اچڻ ٿي چاهيو،" ڊڪ ڏک ۾ چيو.

"تون انهن جي پچر ڇڏ! هتي گذريل ڏينهن ۾ ڪنا ڪم ٿيندا رهيا آهن. اهو ڇا آهي، ايميلائين؟"

هن پنهنجا گل هن ڏانهن وڌايا. هن هڪڙو کڻي ان کي پنهنجي ڪوٽ ۾ رکيو پوءِ هو اڳيان ٽي ٽڪريءَ تي مٿي چڙهڻ لڳو.

جيئن هو مٿي چڙهندا ويا، وڻ گهٽجندا ويا، پوءِ هو هڪ تمام وڏي ڇپ وٽ آيا. اهو ٻيٽ جو سڀ کان مٿانهون هنڌ هو. هو انتي مٿي چڙهيا، انتي چڙهڻ سولو هو. چوٽي ميز جيان سنئين هئي. اتان هو سمورو ٻيٽ ۽ سمنڊ ڏسي ٿي سگهيا.

ڇپن جي هڪڙي ڇَلي اندر ڊنڊ هئي ۽ ان جي پويان پيسفڪ سمنڊ جي اڻ کٽيل پکيڙ هئي. سندن ۽ نيري پاڻيءَ جي وچ ۾ پيلي جي ساوڪ هئي. چمڪندڙ رنگين پکي ان جي مٿان پئي اُڏاڻا. ٻيٽ پنهنجي ويڪري پکيڙ وٽ اٽڪل ٽي ميل آرپار هو. اتي ڪنهن ڳوٺ يا گهر جو ڪو نشان ڪين هو ۽ سمنڊ ۾ ڪو ٻيڙو نظر ڪين ٿي آيو. اها اهڙي اڪيلي جاءِ هئي جنهن ۾ ٻاهرين دنيا کان ڪا شيءِ ڪين ٿي آئي سوائي سامونڊي پکين ۽ هوا جي ۽ شايد ورهين ۾ ورلي ڪو جهاز پاڻي ڪٽڻ ايندو هوندو.

مسٽر بٽن انهن ڳالهين تي ويچار ڪين ڪري رهيو هو، سندس اکيون تمام پري ڏکڻ - اولهہ ۾ هڪڙي ننڍڙي ۽ پوري شيءِ تي اٽڪيل هيون... هڪڙو ٻيو ٻيٽ. سوائي ان جي سمنڊ خالي هو.

ايميلائين ٻوٽن ۾ ڦرندي پري نڪري وئي هئي. هوءَ آريٺي جي ٻيرن جي ٽاري کڻي واپس موٽي.

"انهن کي هيٺ رک!" مسٽر بٽن رڙ ڪئي. "انهن کي پنهنجي وات ۾ نہ وجهجانءِ!"

"ڇو نہ؟" ڊڪ چيو. "ڇا اهي ڪنا آهن؟"

"جيڪڏهن توهان اهي کاڌا تہ اهي توهان کي سمهاري ڇڏيندا ۽ جيڪڏهن توهان اهي تمام گهڻا کاڌا هوندا تہ توهان ٻيهر ڪين جاڳندا."

هن ايميلائين جو وات کوليو ۽ اندر ڏٺو پر ان ۾ رڳو گلاب جي پتيءَ جهڙي سندس زبان هئي.

"اڇو هلون،" هن چيو. "هاڻي توهان وڃي کي ٻير نہ کائجو جيسين تائين مان نہ چوان."

هو واپس ڪناري ڏانهن موٽي ويا. پيديءَ ٻيڙيءَ جي ٻن ونجهن، ڪجهہ ٽارين ۽ سڙهہ سان هڪڙو تنبو ناهيو.

سج لهي ويو هو پر چنڊ اجان ڪين اڀريو هو. هو تارن جي روشنيءَ ۾ تنبوءَ جي ٻاهران ويٺا هئا ۽ مسٽر بٽن هنن کي گراٺ منڙي جي هڪڙي ڪهاڻي ٻڌائي، جڏهن ڪهاڻي پوري ٿي تہ چنڊ آسمان ۾ هو. پٿرن سان ٽڪرائيندڙ لهرن جي آواز رات کي راڳ سان ڀري ڇڏيو هو. ويڪري ڊنڊ چانديءَ جي ٿالهہ جيان پئي هئي.

"هي بستري جو وقت آهي،" مسٽر بٽن چيو. "توهان اندر وڃو! ۽ پنهنجي ننڊ ۾ هلجانءِ نہ، ايميلائين، نہ تہ تون تنبو هيٺ ڍاهي رکندينءِ!"

هڪڙي وڻ هينان لڪايائين جيڪو پاڻيءَ مان مٿي اسريو هو.

جهاز ويجهو ۽ ويجهو ايندو ويو. پيڙيون هيٺ لٿيون پوءِ مسٽر بٽن ٻارن ڏانهن موٽي ويو. اها رات هو ٻيلي ۾ ستا.

اڳين صبح جو جهاز وڃي چڪو هو. پنيان رڳو واريءَ ۾ گهٽا ني پيرن جا نشان، هڪڙي خالي بوتل ۽ اڌ پراڻي اخبار ڇڏي ويو هو. سندس گهر سلامت هو. دروازو پٽي کوليل هو پر ماڻهو کي سندن شيون ڪين لڀيون هيون جتي پيبڊيءَ انهن کي لڪايو هو. رڳو هڪڙي شيءَ گم هئي. تکڙ ۾ شيون پري ڪٽي ويندي مسٽر بٽن ايميلائين جي پيتي پنيان ڇڏي ويو هو. هن کي اها نظر ڪين آئي هئي، جتي ايميلائين ان کي ڪنڊ ۾ لڪايو هو. جيئن هو گهر ۾ موٽي آيا ايميلائين وڃي ان کي ڳولهڻ لڳي.

پر اها ڪنهن ٻئي جي هٿ لڳي هئي. وهيل مار جهاز جو هڪڙو ملاح ان کي کڻي ويو هو. ان کان هفتو پوءِ تائين هوءَ پنهنجي پيتيءَ بابت ڳالهائيندي هئي ۽ ان جي گم ٿيڻ تي روئندي هئي.

ان ڏينهن کانپوءِ هر روز پيبڊيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي انهيءَ پڪ کان ويندو هو ته متان ڪو ٻيو وهيل مار ٻيٽ تي اچي نڪري. هو جتي هو بلڪل خوش هو. ڊگهي ورهين جي سخت پورهئي کانپوءِ ٻيٽ جي اها پرسڪون زندگي سندس لاءِ جهڙو بهشت هئي. رڳو هڪڙي شيءِ هئي جنهن جي ڪمي ڪيس محسوس ٿيندي هئي ڳنو.

## پيپو

ايميلائين کي رنگين شين سان پيار هو. هوءَ گلن سان مٿي جا تاج ٺاهيندي هئي. هوءَ واريءَ تي ويهي سپن جي لڙي ٺاهي رهي هئي ۽ پيبڊي سندس پرسان ويهي مڇي صاف ڪري رهيو هو جنهن کي هو مانيءَ تي پچائڻ وارو هو. ڊڪ ٻيلي جو ڪنارو وٺي ڊڪندو آيو.

"مان ڪجهه لڌو آهي، پيبڊي،" هن چيو.

"تون ڇا لڌو آهي؟" ايميلائين چيو.

هو پري هليو ويو پوءِ آهستي هلندو موٽي آيو ۽ هڪڙو وڏو ڪوڏ سنهالي ڪٽي آيو هو.

"پيبڊي،" مون اهو پراڻو پيپو اونڌو ڪيو هو ۽ ان جو بوچ ٻاهر ڪڍيو هو ۽ اهو هن شيءِ سان ڀريل هو. ان ۾ ڏادي تکي ڌپ آهي."

پيبڊيءَ ان کي سنگهيو پوءِ هن ان کي چکيو. "رم!، هن چيو. "اهو رم آهي! ڇا تو چيو ته اهو پراڻي پيپي ۾ هو؟"

"ها. جڏهن مان بوچ ٻاهر ڇڪيو..."

"ڇا تو بوچ واپس رکيو؟"

"ها."

"پيپو ڪٿي آهي، من؟"

"نديءَ جي پرسان، جتي اسان ان کي پهريائين لڌو هو ۽ تو ن انتي وينو هئين جڏهن اسان پنهنجا ڪيلا ڪاڏا هئا."

"هتي رک! ۽ مان سوچيو هو ته اهو ڪنهن ڪم جو ناهي. پاڻي کڻڻ جي لائق به نه. ۽ اهو سمورو وقت مان اهو سوچيندو رهيو آهيان ته رم جو هڪڙو ڊڪ ڪهڙو مزيدار ٿيندو!"

هئا ۽ ستل هئا. هن وڏو ڪوڏ ڪنيو ۽ اتي ويو. ايميلاٽين رات جو جاڳي اٿي تہ ڪيس ڳائيندي ٻڌو.

اڳين صبح جو پيڊي پيپي جي پاسي ۾ ليٽيل جاڳيو. هن ڊڪ کي نيرن ڪئي اچڻ تي لاچار ڪيو ۽ سڄو صبح هڪڙي وڻ هيٺان ويهي پنهنجو پائيپ پيئندي گذرايو.

انهيءَ رات هن هڪ ٻي سنگيت شام سجائي ۽ هڪڙي هفتي تائين ائين ئي ٿيندو رهيو. هو ڪجهہ کائيندو نہ هو ۽ سڄو ڏينهن ويهي ڪجهہ ڪندو نہ هو ۽ رات جو هوسمهندو نہ هو.

پوءِ هڪڙي صبح جو ڊڪ هن کي ويٺل ڏٺو. هن جون اکيون سندس سامهون واريءَ ۾ هڪڙي هنڌ تي اٽڪيل هيون.

"اهو ڇاهي، پيڊي؟"

هن اشارو ڪيو: "هڪڙو ڳراٽ منڙو!.... سموري سائي لباس ۾.

ڊڪ کليو: "مونکي اهو نٿو ڏسجي."

"مونکي بہ نہ." ايميلاٽين چيو.

ٻٽن اٿي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪري نہ سگهيو.

"ڪونا!" هن چيو. "هنن ڏانهن ڏسو! ڳاڙها ڪونا واريءَ مان مٿان ٻاهر پيا اچن!

انهن کي پري ڀڄايو!"

هن ٻيهر اٿي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي. ڊڪ اٿڻ ۾ سندس مدد ڪئي ۽ هو هڪڙي وڻ جي ڇانو ۾ پهتا. هو پٽ تي ڪريو ۽ سمهي پيو.

## چپ

ڪجهہ ڏينهن کان، مسٽر ٻٽن "شراب کان توبہ تائب" هو.

"مان حيوان هيس! شراب جي پٽَ....!"

هن پيپو ڪولي ۽ باقي رم زمين تي اوتي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو هو پر هو اهڙو سنو رم اجايو وڃائڻ تي پاڻ کي پرچائي نہ سگهيو.

ٻيٽ جي ٻئي پاسي هڪڙي وڏي ڇپ لهرن جي پهچ کان مٿي بيٺل هئي. هن پيپو ٻيڙيءَ ۾ رکيو، ونجهہ هلائي ان ڏانهن ويو ۽ پيپو اتي رکيو. پوءِ هو ونجهہ هڻي، واپس موٽيو ۽ وڃي ماني پچائي. هن پنهنجي لاءِ ڪم ڪڍيو. جيئن هو پيپي بابت سڀ ڪجهہ ڀلجي وڃي. هن ايميلاٽين جي سبڻ لاءِ وڏيڪ ڪپڙو ڪٽيو. هن ڊڪ جا وار ڪٽيا. هن ڇت مٿان پٽن جو ٿلهو ڇپر وڇائڻ ۾ ڊڪ جي مدد ڪئي پر سمورو وقت رم ڪيس سڏيندي پئي لڳو. هو انجو سوچيندي، رات جو جاڳي پوندو هو.

هڪڙي شام جو هن ٻارن کي جيڪ ۽ سمنڊ جي بادشاهہ بابت ڪهاڻي ٻڌائي. ڪيئن بادشاهہ جيڪ کي سمنڊ جي تري ۾ مانيءَ تي وٺي ويو ۽ کيس اهي ٿانو ڏيکاريا جن ۾ هو مئل ملاحن جا روح رکندو هو ۽ پوءِ هنن ماني کاڌي ۽ بادشاهہ هڪڙي بوتل رم جي ڪڍي آيو. اها مسٽر ٻٽن جي يادگيريءَ لاءِ خراب ڪهاڻي هئي.

جڏهن ٻار بستري ۾ هئا تہ هن وڏو ڪوڏ کنيو ۽ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو. ٻيٽ ۽ آسمان تارن سان ڀريل هئا. چمڪندڙ مڇيون شفاف پاڻيءَ اندر ٻئي ترين ۽ لهرون گهري آواز سان پٿرن تي پئي ٽڪريون.

هن ٻيڙي کي ڇپ جي هڪڙي نوڪ سان ٻڌو، پوءِ مٿي ان جاءِ تي چڙهيو جتان هو چوڌاري سمورو سمنڊ ڏسي

هو ٻيڙيءَ وٽ پهتا. "چڙهه اندر." ڊڪ چيو.

ڊڪ چپ چاپ ونجهه هنيا ۽ آهستي جيئن سنئل جاڳي نه پئي، هن ٻيڙيءَ کي ڇپ جي نوڪ سان ٻڌو. پوءِ ٻاهر لٿو. هن ٻيڙيءَ کي اندر ڇڪي هڪڙي پاسي ڪيو ۽ ايميلائين کي خشڪيءَ تي لهڻ ۾ مدد ڪني.

پيبدي پنهنجي ساڄي پاسي تي ليٽيل هو ۽ سندس منهن سندس ٻانهن ۾ لڪل هو. هوا هن جا اڇا وار ٿي لوڏيا.

ڊڪ ۽ ايميلائين سانت سان قدم کڻندا آيا. جيسيتائين هوسندس بلڪل ويجهو پهتا. پوءِ ايميلائين گلن جو تاج پوڙهي جي مٿي تي رکيو ۽ ڊڪ هيٺ پنهنجي گوڏن تي ويهي سندس ڪن ۾ رڙ ڪئي خواب ڏسندڙ ڪين چريو.

"پيبدي!" ڊڪ دانهن ڪئي." اُٿ جاڳ! اُٿ جاڳ!"

هن پيبديءَ جي ٻانهن کي ڇڪيو. لاش ڦيرو کاڌو، اکيون پٽيل ۽ بي نور هيس ۽ وات کليل هيس.

ايميلائين هڪڙي رڙ ڪئي ۽ ڪري پئي. ڊڪ ڊپ ۾ وائڙو ٿي ڪيس ڇپ جي ڪناري ڏانهن ڇڪي ويو. ڪين ڪسڪڻ گهرجي.... هن پوائنتي شيءِ کان ڀڄڻ! ڪيس خبر نه هئي ته ڇا ٿيو ۽ نه سوچڻ جي ڪوشش ڪيائين. هن ايميلائين کي ٻيڙيءَ ۾ رکيو، پوءِ پنهنجي پوري طاقت سان ونجهه هڻي ڪناري تي پهتو.

## تنهائي

انهيءَ اونداهي رات جي وچ ۾، ٻار ٻئي ڪنهن پاسي مدد لاءِ واجهائي ڪين ٿي سگهيا. سوائي هڪ ٻئي جي. صبح ويجهو هو جڏهن ايميلائين کي ننڊ وٺي وئي. جيئن ئي ڊڪ کي سندس سانتيڪي ساهن مان پڪ ٿي ته هوءَ سنئل آهي ته هو ڪناري ڏانهن هليو ويو. سج سمنڊ جي ڪنيءَ مٿان هيئنر ظاهر ٿيو هو ۽ هلڪي هوا خشڪيءَ طرف پئي هلي.

رات وچ ۾ ايميلائين ورائي ورائي دانهن پئي ڪئي، "مونکي پري وٺي هل! اوهه مونکي پري وٺي هل، ڊڪ:" ۽ هن واعدو ڪيو هو.

سندن گهڻو تڻو سامان گهر پرسبان، وڻ هيٺ. هڪڙي سڙهه هيٺيان ڍڪيو پيو هو پراڻا ڪپڙا ڪماڙيءَ ۽ ڪاراٽي، پيبديءَ جي تماڪ مان جيڪي رهجي ويو هو، پاڻيءَ جو پيپو ۽ سبڻ جو دٻو. هن اهي سڀ ڪٺي وجهي ٻيڙيءَ ۾ رکيا. پوءِ هن ڪجهه ڪيلا ۽ مانيءَ ڦل، ۽ ڪالهه جي نيرن تي بچيل ڪجهه مڇيون ڪنيون ۽ انهن کي ٻيڙيءَ ۾ رکيو. هو واپس ويو ۽ نهايت نرميءَ سان ايميلائين کي پنهنجي ٻانهن ۾ کنيائين. هن جي ننڊ تمام گهري هئي، هوءَ چري به ڪين. هن پاڻيءَ تائين پهچندي رستي ۾ ڪيترا پيرا ساهي پٽي، پر هوءَ جاڳي ڪين. آخرڪار هو اتي پهتو ۽ ايميلائين کي نهايت آرام سان ڪيسن تي هيٺ ليٽايو، پوءِ هن ونجهه کنيا. هو ڪابو پاسو وٺي ٻيڙي هلائڻ لڳو. هو ڪناري جي ويجهو رهيو. هن کي نئين گهر جي ڳولها هئي. ڪجهه هنڌن تي تمام گهڻا وڻ يا گهاٽا ٻوٽا هئا. هن کي هوا ۽ ڪشادي جڳهه گهربل هئي، پوءِ اوچتو هن ان کي ڳولهي ورتو.

هڪڙي راس وٽان ڦرندي جيڪا ڳاڙهن گلن واري ٻوٽن سان ڍڪيل هئي، هو نئين دنيا ۾ پهچي ويو. پاڻيءَ جي ڪناري تائين ڦهليل پکڙيل ويڪرو سرسبز ميدان، ٻنهي طرفن کان ٻيلو هو. هتي ڍنڍ سندن پراڻي گهر کان وڌيڪ ڦهليل هئي ۽ ايتري نيري ڪين هئي، ڇاڪاڻ ته پاڻي گهڻو اونهو ڪين هو. هو پاڻيءَ ۾ ترندڙ مڇين کي بلڪل چٽو ڏسي ٿي سگهيو.

ڊڪ ونجهہ هٿڻ بند ڪيا. هوا ٻيڙيءَ کي ڪناري ڏانهن ڌڪي وني ونئي.

ايميلائين جاڳي پئي، هوءَ اٿي ويٺي ۽ پنهنجي چوڌاري نهارڻ لڳي.

## جواني

گهر گاهہ مٿان ٻن وڻن جي وچ ۾ جڙيل راس ٿيو هو. اهو تمام ننڍو هو. هڪڙي مرغي خاني کان وڏيڪ وڏو ڪين هو، پر اهو ٻن ماڻهن لاءِ هڪڙي اهڙي جاءِ تي جتي سدائين اونهارو هجي، ڪافي وڏو هو. اهو ننڍڙو هو... پر اهو نهايت سٺي ڏانءُ سان جڙيل هو. ان جي ٻنيان ويجهڙائيءَ ۾ زمين کي ڪوٽي ان ۾ پٽاٽا پوکيا ويا هئا.

گهر جو فرش سهاني خوشبو ڏيندڙ گاهہ سان ڍڪيل هو. ٻہ ڪيس ويڙهيل سيڙهيل دروازي جي ٻنهي پاسن کان پيا هئا. پٽ سان لڳل تاڪ تي ڪوپ رکيل هئا، جيڪي ڪوڏن مان ٺاهيا ويا هئا.

دروازي جي ڀرسان هڪڙي چوڪري ويٺل هئي يا.... ڪٿي هڪڙي نوجوان عورت جنهن جي ڪيس مختصر لباس هو جيڪو گوڏن تائين پئي پهتو. سندس ڊگها وار پنيان ٻڌل هئا ۽ سندس ساڄي ڪن جي پنيان هڪڙو ڳاڙهو گل لڳل هو.

سندس پاسي ۾ هڪڙو ڪوپ ڪنهن اڇي شيءِ سا ڀريل پيو هو، جنهن مان هوءَ هڪڙي چمڪندڙ رنگين پکيءَ کي داڻو کارائي رهي هئي. ڊڪ کي هي پکي ٻيلي مان هٿ آيو هو، جڏهن اهو تمام ننڍو هو. هنن ان کي پاليو ۽ هاڻي اهو گهر جو ڀاتي هو. اهو رات جو ڇت مٿان سمهندو هو ۽ مانيءَ مهل هميشہ نروار ٿيندو هو.

ايميلائين پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو ۽ پکي اڏري اچي سندس آڱر تي ويٺو.

"ڪوڪو،" هن چيو. "ڊڪ ڪٿي آهي؟"

پکيءَ پنهنجو ڪنڌ ڦيرايو جڻ تہ هو پنهنجي مالڪ لاءِ واجهائيندو هجي ۽ ايميلائين کلي پئي.

چند منٽن ۾ ڊڪ ٻہ ڊگها بانس گهليندو نروار ٿيو. هو ٺاهوڪو جانٺو جوان هو. هو ايميلائين جي ڀرسان هيٺ اچي ويٺو، هڪڙو بانس پنهنجي گوڏي تي رکي ۽ ان کي ڪٽڻ شروع ڪيو.

"تون ڇا ٿو ٺاهين؟" ايميلائين چيو.

"مڇين جو پالو،" ڊڪ چيو.

ڊڪ گهٽ ڪين ڳالهائيندو هو. حياتي سندس لاءِ سراسر سخت محنت هئي. جڏهن هو ايميلائين سان ڳالهائيندو هو تہ رڳو چند لفظ چوندو هو، پر هن چيزن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو هو.... مڇيءَ جي پالي سان، جنهنکي هو ڪاٽي رهيو هو. يا ڪوپ، جنهن کي هو ٺاهي رهيو هو. ايميلائين پڻ ٿورو ڳالهائيندي هئي. هن جي اندر ۾ ڪو ڳجهہ هو، ڄڻ سندس دماغ سندس ني اندر جي خوابن ۾ بند هو، جنجي رڳو ڪيس خبر هئي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ بوسٽن جي گهر بابت سوچيندي هئي، جيڪو ڇٽو ياد نہ هئس ۽ مسٽر ليسٽرينج جي شڪل، "نارٿمبرلينڊ" جو خيال ۽ ان مان آسمان ڏانهن چڙهندڙ دونهون ۽ ڇپ تي پيل پيديءَ جو لاش. ڪڏهن ڪڏهن سندس ڌيڄاريندڙ خوابن ۾ وٽس ايندا هئا ۽ هن کي چرڪ ڀرائي جاڳائڻ جو سبب ٿيندا هئا ۽ سندس دانهن نڪري ويندي هئي. گذريل دور ڄا اهي سڀ ماڻهو پاڇولا هئا پر ڊڪ حقيقي هو. هن کي سڀ کان وڏو ڊپ انهيءَ جو هو. ڇا ٿئي جيڪڏهن ڪو ڪيس پري ڪٽي وڃي ۽ هوءَ بلڪل اڪيلي رهجي وڃي؟

آخرڪار ڊڪ پنهنجو پالو ختم ڪيو ۽ اٿي بيٺو.

"تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ ايميلائين پڇيو.

هو واپس ڇپ ڏانهن موٽي ويا. هن مڇيون کنيون جيڪي هن پالي سان شڪار ڪيون هيون، پوءِ جيئن هن نيري ڍنڍ ۾ واپس ورڻ لاءِ ونجهه پٽي هنيا. هن ڳالهايو ۽ کليو. ورجائي ورجائي ويڙهه جي ڳالهه ڪئي. جڏهن رات آئي ته ڊڪ خشڪ گاهه تي ليٽيو ۽ سمهي پيو. هن پنهنجي ننڊ ۾ پٽي ڳالهايو. هڪڙي شڪاري ڪتي جيان جيڪو خواب ۾ شڪار ڪندو هجي.

ايميلائين سجاڳ ليٽيل هئي، سوچي پئي. هڪڙو نئون خوف سندس زندگيءَ ۾ پيهي آيو هو. هن موت کي ٻيو پيرو ڏٺو هو پر هن ڀيري اهو جيئرو موت هو.

## اوسر

ڊڪ وڻ جي پاڙ وٽ، گهر جي پر ۾ ويٺو هو. سندس پاسي ۾ مڇيءَ جي ڪنڊين جي دٻي رکي هئي ۽ هو انهن مان هڪڙيءَ ۾ مڇيءَ جي ڏور ٻڌي رهيو هو. جڏهن پيدي اها دٻي لڌي هئي ته ان ۾ وڏيون ننڍيون ڇوويهه ڪنڊيون هيون پر هاڻي رڳو ڇهه هيون -چار ننڍيون ۽ ٻه وڏيون. هو ڏور سان وڏي ڪنڊي ٻڌي رهيو هو.

سياڻي سندس ارادو پرائي هنڌ وڃي، جتي سندن پهريون گهر هو. ڪجهه ڪيلا حاصل ڪرڻ ۽ موٽ تي ڍنڍ جي اونهي حصي وٽ وڏي مڇي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو هو.

ايميلائين سندس پرسان ويٺي هئي ۽ ڏور کي سڌو ناهڻ ۾ مدد ڪري رهي هئي. اوچتو هن پنهنجو مٿو کنيو. موجن جي آواز سان، ڪنهن دهل جو واڄٽ مليل هو.

"ٻڌ!" هن چيو.

ڪڏهن آواز سمنڊ جي طرفان ايندي پئي لڳو ۽ ڪڏهن، جيئن هن پنهنجو ڪنڌ ورايو ته اهو ٻيلي طرفان ايندي پئي لڳو. پوءِ هوا بدلجي وئي ۽ آواز وڌيڪ ٻڌڻ ۾ ڪين آيو.

اڳين ڏينهن تي ڊڪ اڪيلو روانو ٿيو. هن اٽڪل هڪ ميل تائين ونجهه هنيا. پوءِ هن ونجهه ٻيڙيءَ ۾ ڇڪي ورتا. اتي پاڻي تمام اونهو هو. ايترو اونهو جو ترو نظر ڪين ٿي آيو. هن ڪنڊيءَ تي مڇيءَ جو ذرو اٽڪايو. ان کي پاڻيءَ اندر اڇلايو ۽ ڏور جي پڇڙيءَ ٻيڙيءَ سان ٻڌي ڇڏي.

اوچتو ٻيڙي هڪڙي پاسي تي لڙي وئي. ڊڪ پنهنجو بار ٻئي پاسي تي ڪٽي اڇلايو ۽ اهڙيءَ ريت ٻيڙي ذري گهٽ اونڌي ٿيڻ کان بچائي ورتي، پاڻي اُبرندو ٿي لڳو. هن هڪڙي تمام وڏي مڇي پڪڙي هئي. تمام ترت هن ڏور کي ٻيڙيءَ مان ڪوليو ۽ ان کي هڪڙي ونجهه سان ٻڌو ۽ ونجهه کي پاڻيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو. هڪدم هن ونجهه کي پاڻيءَ مٿان پري ويندي ڏٺو. ڪڏهن ڪڏهن اهو پاڻي اندر هيٺ پئي ويو، پوءِ اهو مٿي پئي آيو ۽ ٻيو پاسو پئي ورتو. ڪڏهن اهو هڪڙي هنڌ تي پئي رڪيو ۽ وري ٻيهر هلڻ ٿي لڳو.

هڪڙو ڪلاڪ گذري ويو ونجهه آهستي آهستي وچ ۾ ويو ۽ گول گول چڪر ڪاٽڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ اهو رڪجي ويو.

ڊڪ پنيان بيهي، ٻيڙيءَ کي رهيل ونجهه سان هلايو. هن ونجهه کنيو جيڪو پاڻيءَ ۾ پيو هو ۽ ڏور کي اندر ڇڪيو. آخرڪار هو مڇيءَ جي ڊگهي چانديءَ جهڙي جسم کي ڏسي ٿي سگهيو. پر جنگ ڍنڍ جي سردار به ٻڌي هئي. شارڪ... هڪڙو ڪارو پاڇو پاڻيءَ اندر نظر آيو. مڇي گم ٿي وئي! ڊڪ جي ڏور جي پڇڙي تي رڳو سندس منڍي رهجي وئي.

ڪجهه عرصو اڳ ڊڪ باراٽي ڪاوڙ سان پرجي وڃي ها پر هاڻي هو کليو. هن ڪنڌي ڪڍي ورتي، پوءِ هن

عجب ساموندي بوٽا جاچڻ لڳي ۽ ننڍيون مڇيون جيڪي هيڏانهن هوڏانهن نچي رهيو هيون، پوءِ هن هڪڙي رڙ ڪئي. هوءَ سڀ ڏئي اٿي ۽ اوڏانهن ڊڪڻ لڳي جنهن ڏانهن هن اشارو ڪيو. اوپر طرف، ٻيٽ جي آخري ڇيڙي تي هڪڙو وڏو سڙهن وارو جهاز اچي رهيو هو. ايميلائين ڊڪ پاڻي ۽ هن جي پاسي ۾ اچي بيٺي. جهاز ايترو ويجهو هو جو هو ماڻهن کي پاسي مان ٻاهر نهاريندي ڏسي ٿي سگهيا. ايميلائين جا وار سندس صورت تان پٺتي اڏري رهيا هئا جڏهنڪي سج ۽ هوا پورو ڪري جڏيو هو ۽ ڊڪ جي نيزي جي نوڪ سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهي هئي.

"هو پري پيا وڃن،" ايميلائين چيو. هوءَ خوش هئي.

ڊڪ جواب ڪين ڏنو، پوءِ هن هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪيو. هن جهاز کي موٽي اچڻ لاءِ واڪا ۽ سڏ ٿي ڪيا.

ڪيپٽن کي پڪ ڪين هئي ته خشڪيءَ تي ٻه ماڻهو ملاح هئا يا ٻيٽ وارا. جيڪي اتي رهندڙ هئا پر ڊڪ جي هٿ جي نيزي ڪيس فيصلو ڪرڻ ۾ مدد ڏني ته هو ٻيٽ جا ماڻهو هئا. جهاز جي ڪوهي تي جهنڊو چڙهيو. هن پرتي ڦيرو ڪاڏو ۽ نگاهن کان گم ٿي ويو.

## بهار جي مند

برسات ختم ٿي چڪي هئي. گاهه ڇهڇ ساوو هو. نوان گل ٻوٽن مٿان پٽي ڪڙيا ۽ نوان نوجوان پن وڻن تي پٽي نڪتا. ڪوڪوءَ زال ڳولهي ورتي هئي. هو گهر جي پرسان وڻ ۾ آکيرو جوڙڻ ۾ رڌل هئا. ايميلائين ويهي ڪين جاچيندي هئي. هو ٽارين ۽ گاهه جا ننڍڙا ذرڙا ڪٺي ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندس گهر جي ٻنن جا ٽڪرا ڇڪي پنهنجو گهر جوڙڻ ۾ لڳائيندا هئا.

ڊڪ سندس پرسان ويهي ٽوڪري ناهي رهيو هو. هو ان شام جو ٻيٽ جي ان حصي ڏانهن وڃڻ وارا هئا جتي زيتون حاصل ڪري ٿي سگهيا. اهو ڦل رڳو ان هنڌ ڪانسواءِ ٻيو ڪٿي ڪين اسرندو هو، پر اها اهڙي جاءِ هئي جنهن کان ايميلائين کي هميشه ڊپ ٿيندو هو.

ٻن پهرن جي گرمي گذري وئي هئي. ٽوڪري پوري ٿي چڪي هئي. ڊ ڪ اٿي بيٺو ۽ هو روانا ٿيا ڊڪ هڪڙو سنهڙو بانس کنيو ۽ ايميلائين وٽ خالي ٽوڪري هئي.

جيئن هو اڳتي وڌندا ٿي ويا ته وڻ گهاٽا ٿيندا ويا ۽ پيچرو مشڪل سان ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هو ٻيلي جي ساڻي اونداهيءَ کي چيريندا اڳتي وڌندا ويا جيسيتائين اوچتو هو هڪڙي کليل ميدان ۾ پهتا. هتي ماڻهن جي هٿن جا گهڙيل پٿرن جا وڏا ٽڪرا پيل هئا. اهي ماڻهو جيڪي ڪڏهن اتي رهندا هئا. ڪنهن کي خبر ڪين هئي ته ڪيترا هزارين سال اڳ، ۽ ڪي اهڙا پٿر به هئا جيڪي ڪنهن عجيب جانور يا انساني صورت ۾ گهڙيل هئا. ڪڏهن اتي ماڻهو وسندا هئا. ايميلائين کي ذري گهٽ سندن ڪارا پاڇولا نظر ٿي آيا ۽ انين ٿي لڳو ڄڻ وٽن سندن جهيڻو آواز پنهنجي پنن ۾ لڪايو هجي. ايميلائين ان هنڌ کي پٿريلي ماڻهو جو ماڳ سڏيندي هئي.

هن کي ڪڏهن ڪڏهن رات جو ان جو خيال ايندو هو، ڄڻ ته هو تارن جي روشنيءَ ۾ اتي بيٺو هجي، جڏهن ته ماضيءَ جا روح سندس چوڌاري عبادت لاءِ ڪنا ٿيا هجن.

ڊڪ ڦلي چوندي ورتا هئا، هو ٽوڪري ڪٺي موٽي آيو. ايميلائين کي هٿن ۾ بانس هو. هوءَ ان کي گولائيءَ ۾ موڙي رهي هئي، پوءِ هڪڙو ڇيڙو سندس آڱرين مان کسڪي ويو ۽ ڊڪ جي منهن تي، پاسي ۾ ڦهڪو ڪيو. هن ڦيرو ڪاڏو ۽ ايميلائين کي ڏک هنيو. ايميلائين هن ڏانهن ڏٺو ۽ هلڪي دانهن ڪئي. جيئن هن ڊڪ کي پٺي ڏنو، اوچتو ڊڪ

ڪيس پنهنجي ٻانهن ۾ ڀيڪوڙيو ۽ ڪيس چاتي، سان لڳائي ڇڏيو.

## ايميلائين گم آهي

ڪوڪو ٻيهر اڪيلو هو، آڪيرو خالي هو ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي پئي ڪريو. نيڙا ٻيڻ مان ٻار ڦٽا هئا ۽ ڪيئي هفتن تائين مسٽر ۽ مسز ڪوڪو کين داڻو چڳائڻ لاءِ سخت محنت ڪئي هئي، آخرڪار هو پرڻي اڏري وڃڻ لاءِ تيار هئا ۽ مسز ڪوڪو پڻ هلي وئي.

بن تن مهينن ۾ وري برسات اچڻ واري هئي. ڪوڪو کي برسات کان نفرت هئي، پر جڏهن اها پوري ٿيندي ته شايد مسز ڪوڪو ٻيهر موٽي ايندي.

ڊڪ ٻيٽ جي پرين پاسي مڇين جي شڪار لاءِ وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو. ايميلائين نيڪلس ناهي رهي هئي. نيڪلس جي پنهنجي تواريخ هئي، جڏهن سمنڊ لٿل هو ته ڊڪ ڪجهه سپون لڌيون هيون، هن هڪڙي ڪولي ۽ ان مان ڪيس هڪڙو وڏو موتي هٿ آيو. هن کي خبر ڪين هئي ته اهو ڇا آهي، پر اهو سهڻو ٿي نظر آيو. سو هن وڌيڪ سپون ڪوليون ۽ ٻيا موتي لڌا. پوءِ هن ڊگهه سپون هٿ ڪيون ۽ انهن کي سج جي تپش تي سڪڻ لاءِ ڇڏي ڏنو جيئن هو انهن کي سولائيءَ سان ڪولي سگهي. هن سڀڻ جي هڪڙي وڏي سئي ڪٽب آندي ۽ موتين جي آرپار سوراخ ڪيا. ايميلائين ڌاڳي ۾ آخري موتي پوئي پورو ڪيو. هن کي بهرحال خبر ڪين هئي ته سندس هٿن ۾ جيڪو نيڪلس هو، تنهنجو ملهه لکين پائونڊ هو. انهن مان ڪوبه هڪڙو وڏو موتي ڪنهن بادشاهي تاج ۾ مڙهڻ جي لائق هو.

ڊڪ پنهنجو ڀالو ۽ مڇيون مارڻ جون ڏوريون کڻي هليو ويو. هوءَ هن سان گڏجي ڪين وئي. ڪجهه هفتن کان هوءَ گهر ۾ ترسي ڪمر جو ٿورو گهڻو ڪم ڪندي هئي.

هوءَ ٿڪ ڪين هئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن چرپر ڪرڻ ڪين چاهيندي هئي. هن ڊڪ کي وڃڻ ڏنو.

سو هوءَ هاڻي پنهنجي هٿن ۾ نيڪلس جهلي، دروازي ۾ ويٺي هئي ۽ پنهنجي اکين سان سندس پيڇو ڪري رهي هئي، جيستائين هو وڻن ۾ گم ٿي ويو.

ٻيٽ جي ان هنڌ تائين جتي ڊڪ مڇيون مارڻ ٿي چاهيون، گهاٽي ٻيلي مان لنگهي پهچڻ جو ڊگهو پنڌ هو. اهو اتڪل ٻن پهرن جو وقت هو جڏهن هو اتي پهتو، هو هيٺ ويهي رهيو ۽ آرام ڪيو ۽ ڪاڏو ڪاڏو جيڪو هو پاڻ سان کڻي آيو هو، پوءِ هن ڏوريون وڌيون. ٽي ڪلاڪ گذري ويا ۽ هن ڪجهه ڪين پڪڙيو.

هن ايميلائين سان سج لٿي کان اڳ موٽي اچڻ جو وعدو ڪيو هو، پر جيئن ته هن ڪجهه ڪين پڪڙيو هو سو هو ترسيو. مڇيون شام جو ديرسان، سولائيءَ سان هٿ لڳنديون هيون. هن ڪان وقت پهري ويو. اونده سندس چوڌاري پکڙجي رهي هئي. هن محسوس ڪيو ته هن ايميلائين جو آواز ٻڌو. "ڊڪ"، هن مٿي ٽپ ڏنو. ترت پنهنجي ڏور کي چڪي ورتو، پنهنجو نيزو کنيو ۽ واپس روانو ٿيو.

اڳي جڏهن هو هميشه پري ويندو هو ته پهرين شيءِ جيڪا پنهنجي واپسيءَ تي ڏسندو هو ته اها گهر جي دروازي تي بيٺل يا ڍنڍ جي ڪناري تي اڳيرو آيل، ايميلائين هوندي هئي. اڄ رات هوءَ اتي انتظار نه ڪري رهي هئي. هو گهر ۾ گهڙيو: هوءَ اتي به ڪين هئي.

هن سڏ ڪيو. هوٻيلي جي ڪناري ڏانهن ڀڳو. سڏ ڪندو... سڏ ڪندو، اتي ڪو جواب ڪونه مليو. هو پنهنجو رستو ناهيندو، اونداهين وڻن جي هيٺان، ڏور ڏور آبشار تائين ويو. سمورو رستو سڏيندو ويو. ڪو جواب ڪين آيو.

هو موٽي آيو ۽ پنهنجو مٿو پنهنجي هٿن ۾ جهلي، گهر جي در وٽ ويهي رهيو. ڇا هن سندس آواز ٻڌو هو، جڏهن هن

مچيون پنهنجي ماريون؟ يا هي سندس خيال هو ته هن ٻڌو هو؟ ڇا هوءِ خطري ۾ هئي ۽ هن کجهه ڪين ڪيو هو؟ هن مٿي ٽپ ڏنو ۽ هيٺ ٻيڙيءَ ڏانهن ڊڪيو. هو ونجهه هڻندو ڇپن تائين ويو. هوءِ اتي ته ٽي ڪين ٿي سگهي!

هو گهر ڏانهن موٽي آيو. اهو اجان خالي هو. هن پاڻ کي پٽ تي اڇلايو. سندس سگهه پوري ٿي چڪي هئي. هو گهري ننڊ ۾ وڪوڙجي ويو ۽ خواب ڏٺائين ته هو اجان ڪيس ڳولهي رهيو آهي.

ڏينهن اچي پهتو. جڳ روشني ۽ رنگن سان ڀرجي ويو. هو گهر جي اڳيان وينو اجان چرپر ڪان نڪل هو.

پوءِ هن مٿي نهاريو.

ايميلائين وٽن جي اندران ٿيندي ٻاهر اچي رهي هئي .ڪيس سندس ٻانهن ۾ ڪا شيءِ جهليل هئي.

## حنا

هو هر صبح جو ٻار کي ڪتي ڊِنڊ تي ويندا هئا ۽ ان کي وهنجاريندا هئا. هو ڏاڍو نماڻو ٻار هو ۽ جڏهن پاڻي کي قدر ٿڌو هوندو هو ته به ڪين روئندو هو. ڊڪ پرسان ويهي جاچيندو هو. اهو ڪيس ڏاڍو عجيب لڳندو هو . ڪجهه هفتا اڳ هو پنهنجي اڪيلا هئا ۽ اوچتو هي ننڍون ماڻهو هنن سان شامل ٿيو هو ۽ هنن جي زندگي بدلائي ڇڏي هئي.

"اسان هن کي ڇا سڏيون؟" هڪڙي ڏينهن ڊڪ ڇيو.

"حنا،" ايميالائين چيو. گهڻو اڳ جي ڪنهن پنهنجي ٻار جي يادگيري سندس دماغ ۾ هئي. هن کي خبر ڪين هئي ته حنا ڇوڪريءَ جو نالو آهي.

مهينا لنگهي ويا. هاڻي حنا پنهنجي هٿن ۽ گوڏن تي هيڏانهن هوڏانهن چري پري ٿي سگهيو. هن ڪوڪو کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪوڪو هميشه سندس پهچ کان پري رهندو هو ۽ ڪيس ان راند ۾ مزو ايندو هو.

پهريون ڏند نڪتو ۽ ٻار کي کائڻ لاءِ مڇي يا ڪيلن جا ذرڙا ڏيئي پئي سگهيا.

هڪڙي ڏينهن جڏهن هو ٻيڙيءَ ۾ سوار ڊِنڊ ۾ ٻيري گهمي رهيا هئا، هن پنهنجو پهريون اکر اچاريو. هن پنهنجيون ٻانهون ونجهه هڻندڙ ڏانهن وڌايون ۽ چيائين، "ڊ.... ڊ... "ڊڪ."

## طوفان

آسمان ڪاري ڪڪرن جي هيٺائين ڇت هو. هوا ڪين هئي، هڪڙو دم کڻڻ لاءِ به ڪين. پکي هيڏانهن هوڏانهن پئي اڏريا، ڄڻ ڪنهن ان ڏٺي دشمن کان ڊنل هجن.

ڊڪ ٻاهه ٻاري ۽ نيرن تيار ڪئي. آسمان وڌيڪ اونداهون ٿي ويو ڄڻ رات متان پئي آئي. سمنڊ ۾ نمار پري کان گجگوڙ پئي آئي. گجگوڙ وڌندي، وڌندي ٿي آئي. مينهن جا وڏ ڦڙا ڪري رهيا هئا.

ايميلائين ننڍي گهر جي فرش تي ٻار کي هنج ۾ جهلي، ڇاتيءَ سان لڳائي ويٺي هئي. ڊڪ دروازي وٽ بيٺو هو. هو ڊنل هو، پر ظاهر ڪين ٿي ڪيائين.

پوءِ هوا وٽن کي هيڏانهن هوڏانهن سٽيندي اچي پهتي ۽ پنن ۽ تتل تارين جو لشڪر دروازي مان ڌوڪيندو لنگهندو رهيو. برسات آبشار جيان هئي. ڊڪ گهر ۾ گهڙي ويو هو ۽ ايميلائين کي پنهنجي قريب جهلي، پرسان وينو هو.

اوپر طرف مٿاهين زمين گهر کي اڏري وڃڻ کان بچائي ورتو هو.

طوفان ڪيئي ڪلاڪن تائين هلندو رهيو، پوءِ اڌ رات جي ويجهو اهو رڪجي ويو.

سج اڀرڻ صبح جو بي بادل آسمان ۾ مٿي آيو. هن ڪريل وڻ، ٽٽل ناريون ۽ مئل پکي ڏٺا هئا. گهر جي ڇت ۽ هڪڙي پٽ اڏري وئي هئي.

ڊڪ گهر کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ڪم ۾ جنبي ويو، جڏهن ته ايميلائين سندن شيون سج ۾ سڪائڻ لاءِ رکي ڇڏيون. طوفان هنن سان سٺو سلوڪ ڪيو هو. اهو ان ڪان به وڌيڪ هاڃو رسائي ٿي سگهيو پر بيٽ ٺيڪ ٺاڪ نظر ڪين ايندو.

هو ٻيڙي کي ڏسڻ لاءِ هيٺ ويا، اها اونڌي ٿي پئي هئي ۽ پاڻيءَ ۾ ڍڪجي وئي هئي ۽ ان کيس بچائي ورتو هو. ونجهه واريءَ تي اڇليا پيا هئا. هنن ٻيڙيءَ کي ڇڪي ڪناري تي ٻاهر ڪڍيو. ان کي ڏک ڪين پهتو هو.

"مونکي اچرج آهي ته ڪيلي جي وڻن جو ڇا حال هوندو،" ڊڪ چيو. "جيڪڏهن اجڙي ويا آهن ته پوءِ اسان کاڌي لاءِ ڇاڪنداسين؟ مان ٻيڙيءَ تي چڪر هڻي ايندس ۽ ڏسندس"

"مان توسان گڏجي هلنديس،" ايميلائين چيو.

ڊڪ راس جو چڪر ڪاٽيو. هو ڪناري جي ويجهو رهيو. هو پاڻيءَ جي مٿان ٻڪريل هڪڙي وڻ جي ٽارين هيٺيان لنگهيا. ان ۾ ڳاڙها ٻير لڳل هئا. ايميلائين هٿ وڌايو ۽ انهن کي پٽي ورتو.

"ننڍ ڏياريندڙ ٻير،" هن چيو ۽ انهن کي ٻيڙيءَ جي تري ۾ هيٺ اڇلائي ڇڏيو. ايميلائين هڪڙو وڏو ٻن ٻار کي سج کان بچائڻ لاءِ جهلي ويهي رهي جڏهن ته ڊڪ مٿي ٽڪريءَ تي چڙهي انهيءَ هنڌ ڏانهن ويو، جتي ڪيلن جا وڻ اسريل هئا.

اوچتو هن ٻيڙيءَ ۽ واري جي وچ ۾ پاڻيءَ جي نيري ليڪ کي ڏندي محسوس ڪيو ٻيڙي ڪناري کان پري کسڪي رهي هئي. هن ونجهن کي جهٽپ هڻي پر هڪڙو پاڻيءَ ۾ ڪري پيو. هن ٻيڙيءَ جي پٺ ۾ ويهي هڪ ونجهه سان ٻيڙي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن هن کي ڪندي ڏٺو هو پر هن ان کان اڳ انين ڪڏهن ڪين ڪيو هو. هن ڊڪ کي ٻيلي مان ٻاهر ايندي ڏٺو. هن ڪيلا پٽ تي اڇلايا، پاڻيءَ ۾ ڊوڪي پيو ۽ ترڻ شروع ڪري ڏنو. هن کيس ونجهه پڪڙيندي ڏٺو ۽ ان کي پاڻ سان ڪٽي ايندي ڏٺو. جڏهن هو گهڻو ويجهو ٿيو ۽ رڳو ڏهه فوٽ پرتي هو ته ايميلائين پاڻيءَ ۾ هڪڙي ڪار شڪل کي هن ڏانهن تيزيءَ سان وڌندي ڏٺو. اها هڪڙي شارڪ هئي.

هن کيس رڙ ڪري خبردار ڪيو. ڊڪ پنهنجو ڪنڌ ورائي ان کي ڏٺو. هن ونجهه کي ڇڏي ڏنو ۽ ٻيڙيءَ طرف ترڻ لڳو. ايميلائين ٻيو ونجهه کنيو ۽ ان کي ڀالي جيان شارڪ ڏانهن اڇلايو. ڊڪ ٻيڙيءَ وٽ پهتو، هو اندر جڙهي ويو ۽ ونجهه وڃانجي ويو. اهو رڳو چند فوٽ پري هو پر ان ڏانهن ترڻ وڃڻ يقيني موت هو. ٻيڙيءَ ۾ ڪابه اهڙي شيءِ ڪين هئي جنهن کي هو ونجهن جي جاءِ تي استعمال ڪري سگهن. هڪڙو طاقتور وهڪرو ٻيڙيءَ کي ڪناري کان ڏور وڌيڪ ڏور ڪيو پئي ويو. سمنڊ پٿرن جي ان لنگهه مان ٻاهر پئي ويو جنهن مان ڪٻني ورهه اڳ پيدي ڪين اندر وٺي آيو هو ٻاهر، کلي سمند ۾.

## چريو ليسترينج

سان فرانسسڪو جا ماڻهو هن کي چريو ليسترينج چوندا هئا. هو چوندا هئا ته هن کي سندس دماغ ۾ خلل آهي. هو چريو ڪين هو، پر هو اهڙو ماڻهو هو جنهن جي دماغ ۾ رڳو هڪ ئي خيال جهميل هو. ٻن ٻارن جو ويچار ۽ هڪڙو پوڙهو ملاح، هڪڙي ننڍڙيءَ ٻيڙي ۾ ڦهليل نيري سمنڊ مٿان.

جڏهن 'آرگو' نالي جهاز پنهنجي واٽ وٺي پاپيٽي کان سان فرانسسڪو وبندي، 'نارٿمبر لينڊ' جي ٻيڙيءَ کي

لڌو هو تہ ڪيپٽن فارج ڇريو هو ۽ ليسٽرينج ڏاڍو بيمار هو. سان فرانسسڪو جي ڊاڪٽرن جو خيال هو تہ هو بچندو ڪين پر حياتي هن ۾ موٽي آئي. هو پاڻ کي موت جي اجازت ڏيئي نٿي سگهيو. هن کي هميشہ انهن ٻارن جو ويچار هوندو هو ۽ ان ويچار کيس نئون حوصلو ڏنو تہ هو انهن کي ضرور ڳولهي لهندو.

پهريائين هن کي اهو ڳولهي ڪڍڻ گهرجي تہ جڏهن ٻاهہ لڳي هئي تہ نارٿمبر لينڊ ڪٿي هو. ان ڪان اڳ جو ڪيپٽن ڪاغذ ڪٿي سگهي، ٻاهہ انهن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪيپٽن هاڻي ڇريو هو: هو کيس ڪجهہ ٻڌائي نٿي سگهيو.

ٻيڙي ڪٿي هئي جڏهن آرگو ان کي هٿ ڪيو؟ هن جهازن جي آفيس مان آرگو بابت پڇاڳاڇا ڪئي. آرگو واپس پاپيتيءَ ڏانهن روانو ٿي ويو هو ۽ طوفان ۾ گم ٿي ويو. اهو ڪڏهن موٽي ڪين آيو.

ليسٽرينج مالدار ماڻهو هو. سال لنگهي ويا پر هن کي اڃا اميد هئي تہ هو پنهنجي ٻارن کي ڳولهي ڪڍندو. هن اهڙي سڀني اخبارن ۾ اشتهار ڇپرايو جيڪي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ملاح پڙهندا هئا: جنهن ۾ ان ماڻهوءَ لاءِ ڏهہ هزار ڊالرن جي آڇ ڪيل هئي جيڪو ٻارن جي باري ۾ ڏس ڏيئي سگهي ۽ ويهہ هزار جيڪڏهن اهي جيئرا ليجن. ورهہ لنگهي ويا: اشتهار بار بار ڇپجندو رهيو. هڪڙي ڀيري ٻن ٻارن جي باري ۾ خبر آئي جن کي گلبرٽ ٻيٽ ويجهو سمنڊ مان بچايو ويو هو، پر اهي سندس ڪين هئا. ان کس دکي ڪين ڪيو، ان کيس اميد ڏياري. هن چيو: "جيڪڏهن هو ٻار بچائي سگهجن ٿا تہ منهنجا ڇو ڪين؟" کيس اعتبار ني ڪين ٿي آيو تہ هو مئل هوندا. اعتبار جوڳو هر هڪ سبب موجود هو تہ هو مري ويا هوندا پر هن کي من ۾ اهو يقين محسوس ٿيندو هو تہ هو جيئرا هوندا. هن هڪڙو ننڍڙو جهاز خريد ڪيو ۽ ٻن سالن تائين پيسفڪ سمنڊ جي ننڍن ۽ اڻ ڄاتل ٻيٽن ۾ ڦرندو رهيو. هڪڙي ڀيري هو هڪڙي اهڙي ٻيٽ تي پهتو جيڪو اسان جي ڪهاڻيءَ جي ننڍڙي ٻيٽ کان رڳو ٽي سو ميل پري هو.

سمنڊ لکين ميلن ۾ پکڙيل هو، ان ۾ هزارين ننڍڙا ٻيٽ هئا. ڪجهہ اهڙا بہ هئا جن جي ڪنهن کي ڪجهہ سال اڳ تائين ڪابہ ڄاڻ ڪين هئي. هو گهمندو ئي رهي ها پر هن کي ان جي همت نہ هئي. ان وقت تائين هن محسوس ڪرڻ شروع ڪيو هو تہ اهو ڪيتري قدر اڻ ٿيڻي آهي. هو پنهنجي سموري ڄمار ۾ اهي سڀ ٻيٽ گهمي نٿي سگهيو.

هو سان فرانسسڪو ۾ پنهنجي دوست مسٽر وانا ميڪر وٽ موٽي ويو.

## ڪيپٽن فاؤنٽين

ليسٽرينج پيلس هوٽل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويهي پڙهي رهيو هو، جڏهن تہ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي.

"هيلو! مسٽر ليسٽرينج؟"

"ها."

"اوهان جو وڪيل وانا ميڪر پيو ڳالهايان. مون سان هڪدم اچي ملو. مون وٽ اوهان لاءِ خبر آهي."

هو ڪمري ڪان تڪڙو ٻاهر نڪتو.

وانا ميڪر جي آفيس ڪيئرني اسٽريٽ تي هئي.

"منهنجي آفيس ۾ اندر اچو"، مسٽر وانا ميڪر چيو. "مون کي هي مليو آهي." هن ليسٽرينج کي هڪڙو ڪاغذ ڏنو. "ڪيپٽين فاؤنٽين نالي هي ماڻهو جيڪو ۴۵، راڻي اسٽريٽ تي رهي ٿو، تنهن اوهان جو اشتهار اخبار ۾ ڏٺو آهي ۽ سندس خيال آهي تہ هو اوهان کي ڪجهہ ٻڌائي سگهي ٿو. هن اهو ڪين چيو تہ هو اوهان کي ڇا ٻڌائي سگهندو پر آءٌ سمجهان ٿو تہ اوهان هن سان ملو."

"مان هڪدم ويندس"، ليسٽرينج چيو.

اهو هڪڙي پوئين گهٽي ۾ هڪ ننڍڙو گهر هو. هڪڙي ٻندري پوڙهي عورت دروازو کوليو.

"ڇا ڪيپٽين فاؤنٽين اندر آهي؟ مان اخبار ۾ ڏنل پنهنجي اشتهار لاءِ آيو آهيان."

"اوه، هائو، سائين: ڪيپٽن بستري ۾ آهي. هو ڏگهي وقت کان بيمار پيو آهي. هن جو خيال هو اوهان ايندا. هو اوهان سان هڪڙي منٽ ۾ ملندو جيڪڏهن اوهان انتظار ڪرڻ تي دل ۾ نه ڪريو."

"مان اٽڪل ڏهن ورهين تائين انتظار ڪيو آهي" ، ليسٽرينج چيو. هو هيٺ ويٺو. ننڍڙي ڪمري جي ڀتين تي جهازن جون تصويرون لڳل هيون ۽ تاڪ تي بوتل ۾ بند هڪڙو جهاز رکيل هو. دريءَ مان ويجهڙائيءَ ۾ پاڻيءَ جي ڪناري لڳ جهازن تي ڪم ڪندڙ ماڻهن جو آواز پئي آيو.

نيٺ دروازو کليو. پوڙهي هن کي هڪڙي ننڍڙي سمنڊ واري ڪمري ۾ وٺي وئي. هڪڙو ڪاري ڏاڙهيءَ سان تمام ڊگهو مڙس بستري تي ليٽيل هو.

"ويهو" ، ماڻهوءَ چيو. هن پنهنجي بستري جي پرسان رکيل ميز تان هڪڙي اخبار کنئي. "مون کي ڪالهه شام جو هيءَ اخبار هٿ لڳي هئي." هن اخبار مسٽر ليسٽرينج کي ڏني. اها آسٽريليا جي ٽي سال پراڻي اخبار هئي.

"ها: اهو منهنجو اشتهار آهي."

"اهو عجيب آهي-- نهايت عجيب." ڪيپٽن فاؤنٽين چيو. "اها اخبار مون وٽ گذريل ٽن سالن کان منهنجي پيٽيءَ جي ٿري ۾ پئي هئي. منهنجي گهر واريءَ ان مان شيون ٻاهر ڪڍي تي اڇلايون ۽ پراڻو سامان ڦٽو پئي ڪيو. مون چيس 'مون کي اها اخبار ڏي' ۽ مان ان کي پڙهڻ شروع ڪيو. مان هڪڙي وهيل مار جهاز تي چاليهه وريه ڪم ڪيو آهي. منهنجي آخري جهاز جو نالو "ساموندي گهوڙو" هو. اٽڪل ست سال اڳ يا وڌيڪ، منهنجي ماڻهن مان هڪڙو مارڪيوساس جي اوير ۾ ننڍڙي ٻيٽن مان هڪڙي ٻيٽ تي ڪجهه لڌو هو."

"ها، ها!" ليسٽرينج چيو. "هن ڇا لڌو هو؟"

"گهر واري" ، هن پنهنجي زال کي سڏ ڪيو. "هيءَ چابي کڻ ۽ ميز کول."

جوڻس کي خبر هئي ته ڪيس ڇا گهرجي. هن ميز کوليو ۽ ان مان هڪڙي ننڍڙي پيٽي ڪڍي، جيڪا هن ڪيس ڏني. هن ڏاڍي جون ڳنڍيون کوليون ۽ ان جي اندران هڪڙو ٻاراٿو ٽي سيٽ، چانهه داني، ڪوپ ۽ ٿالهيون ڪڍي ڏيکاريون.

اها ايميلائين جي پيتي هئي!

"ڪٿان....." تو اها ڪٿان لڌي هئي؟" ليسٽرينج چيو.

"اسان هڪڙي ننڍڙي ٻيٽ تي پاڻي کڻڻ لاءِ ويا هئاسين. اسان ان کي نيري ڍنڊ وارو ٻيٽ سڏيندا آهيون، ڇاڪاڻ ته پٿرن جي گهيري اندر سمنڊ نهايت نيرو آهي. منهنجي ماڻهن مان هڪڙي ان کي هڪڙي ننڍڙي گهر مان لڌو هو، جيڪو ڪناري تي ڪنهن اڏيو هو."

"شڪر رب جو!" ليسٽرين چيو. "ڇا اتي ڪوبه ڪين هو؟" ڇا اتي ٻيو ڪجهه به ڪين هو؟"

"ٻيو ڪجهه به ڪين؛ رڳو اها پيتي هئي ۽ اسان ٻيو ڪنهن کي ڪين ڏٺو. مون وٽ وقت ڪونه هو جو ٻيٽ تي پنڪيل ملاحن کي ڳولهي هٿ ڪيان. موسم ۾ چڱي نظر نٿي آئي ۽ آءُ وهيل جي شڪار تي نڪتل هئس. يقيناً ٻار ٻيٽ تي ڪٿي پري لڪل هوندا، ٿي سگهي ٿو هو هينئر اتي ئي هجن."

"هو هينئر اتي ئي آهن!" ليسٽرينج دانهن ڪئي. "ٻيٽ ڪٿي آهي؟ ڇا تو ان جو نوٽ ورتو هو؟"

"مون کي منهنجو ڪتاب ڏي، گهر واري" ، ڪيپٽن فاؤنٽين چيو.

هن ورق اٿلايا. "اجهو هي آهي، ١٣٧ ڊگري ١٥ فوٽ اولهه، ٧ ڊگري ٤٢ فوٽ ڏکڻ: نيري ڍنڊ وارو ٻيٽ. ايڊمس ٻار جي پيتي ڪٿي آيو جيڪا هن هڪڙي جهوپڙيءَ مان لڌي هئي ۽ رم جي هڪڙي بوتل بدران مون کي وڪرو ڪئي."

ليسٽرينج ڪيپٽن فاؤنٽين جو هٿ ورتو ۽ ان کي جهليو. "مان تنهنجو ٿورو پوريءَ طرح لاهي ڪين سگهندس! مان اج شام جو ئي توکي ڏهه هزار ڊالر موڪلي ڏيندس."

"نہ سائين!" ڪيپٽن جواب ڏنو، "جيڪڏهن اوهان انهن کي ڳولهي ونو تہ اوهان مون کي ننڍڙي سوکڙي موڪلي سگهو ٿا. پر ويهہ هزار ڊالر رانديڪن جي هن ننڍڙي پيتيءَ لاءِ...... وهنوار ڪرڻ جو اهو طريقو منهنجو ناهي. هاڻي مان پڇي سگهان ٿو تہ اوهان ان جي باري ۾ ڇا ڪرڻ جو سوچي رهيا آهيو؟" هو ڪوپ ۽ ٿالهيون واپس پيتيءَ ۾ رکي رهيو هو.

"مان هڪڙو جهاز حاصل ڪندس ۽ اتي ويندس، هڪدم. مان رڳو اهو ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ اتي پهچڻ جو ترت رستو ڪهڙو آهي."

"ان سلسلي ۾ مان شايد اوهان جي مدد ڪري سگهان ٿو"، ڪيپٽن فاؤنٽين پيتيءَ جي چوڌاري ڌاڳو ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. "جيڪو جهاز اوهان چاهيو ٿا. سو هينئر سمنڊ ۾ لهڻ لاءِ تيار آهي. گهر واري!"

"جي؟"

"ڇا ڪيپٽن اسٽينسٽريٽ گهر تي آهي؟"

"مون کي خبر ناهي. مان وڃي ڏسانس ٿي"، هن دروازي مان ٻاهر ويندي چيو.

"هو هن گهٽيءَ ۾ رهندو آهي. هو ڀلو ماڻهو آهي ۽ انهن علائقن کان چڱيءَ ريت واقف آهي. سندس جهاز "ريرا ٽونگا" ساڱني ماپ جي ٻين جهازن جهڙوني سنو آهي. مون تي ڇڏيو تہ اوهان لاءِ اهو بندوبست ڪريان."

ٿورڙي وقت کان پوءِ ڪيپٽن اسٽينسٽريٽ ڪمري ۾ داخل ٿيو. هو ناهوڪو نوجوان هو. عمر اٽڪل ٽيهہ سال هيس، جڏهن هن ماجرا ٻڌي تہ هو مدد لاءِ ٻنهہ تير ٿي بيٺو.

"مون سان گڏجي هلو"، هن چيو. "مان اوهان کي جهاز ڏيکاريان ٿو."

## ٧ ٻگريون ۴۲ فوٽ ڏکڻ

هو ١٠ مئي تي سان فرانسسڪو کان روانا ٿيا. پهريائين ڪجهہ ڏينهن تائين هو تکا هلندا رهيا. هوا زور هئي ۽ سندن پنيان هئي، پوءِ اها بدلجي وئي ۽ هو معمولي سفر ڪري ٿي سگهيا. اها وڌيڪ زور ٿي ۽ هو پنج سو ميلن تائين ائين ڪجي ويا ڄڻ خواب ۾ هجن. پيهر هوا ڍري ٿي. سمنڊ ۽ هوا سانت ٿي ويا. ٻہ ڏينهن لڳهي ويا ۽ جهاز ڪين چريو. ٽئين ڏينهن صبح جو هوا پيهر ڪر کنيا ۽ ڪيپٽن اسٽينٽريٽ سمورا سڙهہ کٽي مٿي چاڙهيا. جيترا بہ جهاز ۾ موجود هئا.

ايسٽرينج ۽ ڪيپٽن هڪ شام جو عرشي تي گهمي رهيا هئا.

"توکي خوابن تي ويساهہ ناهي، ڪيپٽن؟"

"توهان کي اها خبر ڪئين پئي؟" ڪيپٽن چيو.

"مان رڳو سوال پڇيو هو، گهڻائي ماڻهو چوندا آهن تہ ڪين ناهي."

"ها، پر گهڻا سچ پچ ڪندا بہ آهن."

"مان ڪندو آهيان"، ليسٽرينج چيو. "مان هن کان اڳ اهڙا خواب نہ ڏٺا آهن. پر ڪا شيءِ مون کي چئي ٿي تہ ٻار اتي آهن ۽ هو خطري ۾ آهن. ڪيپٽن فاؤنٽين چيو ٿي تہ ان ٻيٽ تي ڪوبہ ماڻهو ڪونہ هو."

"نہ"، اسٽينسٽريٽ چيو. "هن رڳو ايترو چيو هو تہ هن ڪنهن کي ڪونہ ڏٺو هو، هن رڳو ڪناري بابت ڳالهہ ڪئي هئي."

"شايد ٻيٽ جي ٻئي پاسي تي ماڻهو آهن."

"جيڪڏهن اتي آهن تہ ٻار ٻيٽ جي ماڻهن وٽ پلجي وڏا ٿيا هوندا."

"۽ انهن جهڙا ئي ٿي ويا هوندا؟"

"انهن پيسفڪ ٻيٽن جا ماڻهو ڏاڍا سٺا آهن..... سادا، ٻاجهارا. مان انهن کي چڱيءَ ريت سڃاڻان."

"پر......"

"ٻڌو!" ڪيپٽن چيو. "اسين ماڻهو جيڪي شهرن ۽ انگلينڊ ۽ آمريڪا جهڙي ملڪن ۾ رهون ٿا. اهڙن ماڻهن

"نيٺ اوهان کين ڳولهي ورتو"، ڪيپٽن چيو.

"ها...... مون کي سدائين خبر هئي تہ هو اتي آهن.... ڪٿي، جيئرا."

"۽ ڇا هنن اوهان کي سڃاتو؟"

"اوهہ، ها: پر ڇڻ تہ مان ڪنهن خواب جو حصو هئس. اجا ڪين پڪ ناهي تہ ڇا مان سچ پچ آهيان. هو هڪ ٻئي کي ويجهو جهلي ويٺا آهن، هن جهاز کان ڊنل آهن. هن مون کان پڇيو، "ڇا هي وهيل مار آهي؟" مون چيس تہ نہ. هو وهيل مار جهازن کان ڏاڍو ڊنل لڳن ٿا."

"هوءَ هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ چاڪ ٿي ويندي"، ڪيپٽن چيو.

"اوهہ، ها: مون کي اهائي اميد آهي. ڊڪ ڪيس بار بار چئي ٿو تہ هوءَ ڊڄي ڪين ۽ هن کي ان بابت سموري ڄاڻ آهي.... ڇڻ هن "بابا" سان هيٺي گڏجڻ جو بندوبست ڪيو هو."

"هو بلڪل چاڪ ٿي ويندا،" ڪيپٽن چيو. "پر اوهان ڇا ڪندا؟"

"مان؟"

"ها، اوهان"، ڪيپٽن مڙندي، سندس منهن مقابل ٿيندي چيو. "اوهان هنن جي باري ۾ ڇا ڪندا؟"

"مون کي خبر ناهي. هو ٻارن جيان آهن. هو پڙهي يا لکي نٿا سگهن. هنن ننڍي هوندي کان جڏهن اجا سمجهہ پريا بہ ڪين هئا، ڪڏهن ريل گاڏي يا شهر جي گهٽي ڪين ڏٺي آهي. هو مورڳو وڏا ٻار آهن!"

"نہ"، اسٽينسٽريٽ جواب ڏنو. "هو هڪ مرد ۽ عورت آهن، سگهارا ۽ سمجهو. ڪيترن ئي معاملن ۾ گهڻن ئي ماڻهن کان وڌيڪ. ڪيئي ورهيہ هو ائين رهيا آهن جو سندن مدد ڪرڻ وارو ڪوبہ نہ هو، سواءِ هڪ ٻئي جي. هنن پنهنجو ڪاڌو پاڻ تلاش ڪيو.... ڪنهن دڪان تان خريد ڪونہ ڪيو. پنهنجي ضرورت جي هر شيءِ پاڻ جوڙي، پنهنجو گهر پاڻ اڏيو، جيتوڻيڪ سادو، پر ڪنهن ٻئي جي ناهيل ۾ ڪونہ رهيا. هنن الائجي ڪهڙي مصيبتن سان منهن ڏنو هوندو، جنهن جي اسان کي پروڙ بہ ناهي، رڳو پنهنجي سگهہ تي ويساهہ ڪندي."

"اوهہ....... مون کي هنن تي فخر آهي"، ليسٽرينج چيو. "پر هو هاڻي ڇا ڪندا؟ ڇا هو سان فرانسسڪو ۾ پيهر اسڪول موٽي ويندا؟،

".......... ۽ ٻارڙن جي پاسي لڳ ويهي، اي بي سي سکندا؟"

"مان پنهنجي گهر ۾ ڪين ذاتي استاد رکي ڏيندس."

"ڪٿي؟ سان فرانسسڪو ۾؟"

"ڇڱو.... ٻيو ڪٿي؟"

"ڇا هو شهر ۾ ڪڏهن خوش رهي سگهندا؟"

"ٻيو ڇا ڪجي؟ ڇا مان ڪين واپس سندس نيري ڊنڊ واري ٻيٽ تي وٺي وڃان ۽ اميد رکان تہ هو وساري ڇڏيندا تہ هنن مون کي پيهر ڪڏهن ڏٺو هو؟ هينئر اهو سڀ ڪجهہ اڌ خواب مثل آهي ۽ جلدئي اهو سمورو خواب ٿي سگهي ٿو"، ليسٽرينج ڪيپٽن ڏانهن ڏٺو. "ڇا تنهنجو اهو مطلب آهي؟"

"نہ، يقيناً هرگز نہ"، هن جواب ڏنو. "پر...... هتي ٻيا ٻيٽ بہ آهن...... ٻيٽ جيڪي ڪنهن خشڪي يا شهرن جي گهڻو ويجها ڪونہ آهن، تنهن هوندي بہ گهڻو پري ڪين آهن.... ڪو ٻيٽ جتي اوهان پنهنجي ٻارن کي وحشي جيوت مان پنهنجو رستو تلاش ڪندي جاچي سگهو ۽ ڪين ائين ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهو ۽ پنهنجي پوٽن کي پنهنجي پاسي ۾ وڌندي ڏسي سگهو."

چنڊ آسمان جي ڪناري کان هيٺ لڙهي رهيو هو.

"اوهان کي خبر آهي"، ڪيپٽن چيو. "مان سمنڊ طرف ڇو ويو هيس؟"

کرتار سنگھہ دُگل

سنڌيڪار: "محسن" عباسي

# زندگيءَ هڪ لُچي عورت

ننڍڙي ريلوي لائين جي هڪ ننڍڙي ريلوي اسٽيشن تي گاڏي اچي بيهي رهي. پنج منٽ... ڏهہ منٽ.... پندرهن منٽ گذري ويا. گاڏي هلڻ جو نالو ئي نہ وٺي. اچا سوچي رهيو هوس تہ گارڊ کي ڳولي وڃي چوان تہ هن گاڏيءَ ۾ آهيني هڪڙو فرسٽ ڪلاس گاڏو، جنهن ۾ بہ آهيني هڪڙو مسافر، جنهن کي اڳيان وڃي ڪا ٻي گاڏي هٿ ڪري سياڻي ئي دهلي پهچي ڪنهن ضروري ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻو آهي. اينتري ۾ سامهون ايندڙ هڪ ٻي گاڏي اچي اسان واريءَ گاڏيءَ جي پر ۾ بيٺي. ننڍڙي لائين جي هڪ ننڍڙي اسٽيشن تي، ننڍڙي گاڏيءَ جي پر ۾ هڪ ٻي ننڍڙي گاڏي اچي بيهي رهي. سوچيم تہ شايد هن گاڏيءَ جي لاءِ ئي اسان جي گاڏي ترسي هئي، سو آءٌ اخبار پڙهڻ لڳس. اخبارن ۾ ڪجهہ ڏينهن کان هڪ عجيب ڪيس جي ڪارروائي ڇپجي رهي هئي. هڪ هندستاني آفيسر ڪنهن ڪم سان ولايت ويو تہ اتان هڪ پريءَ جهڙي خوبصورت انگريز عورت پرڻجي آيو. زال مڙس ٻئي خوش خورم رهڻ لڳا. هڪڙو، ٻيو، ٽيون. ائين ڪين ٽي ٻار بہ ڄمي پيا. ڳاڙها، لعلن جهڙا ٽي ٻار. مشرقي مائرن وانگر، انگريز عورت بہ ٻارن تي ساهہ ڇڏيندي هئي. سندس مڙس ڪنهن نوڪريءَ ۾ هو، سو مهينن جا مهينا ٻاهر دوري تي هليو ويندو هو؛ پويان زال ۽ ٻار سندس انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ رهندا هئا. ائين زندگي جي گاڏي روان دوان رهي. ان شهر جي هڪ واپاريءَ ان انگريز عورت سان دوستي رکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ وٽس اچڻ وڃڻ لڳو. مڙس جي گهڻو ٽئو ٻاهر رهڻ ڪري عورت جي زندگي هونئن بہ ٻي مزي گذرندي هئي؛ واپاريءَ جي موجودگي، گهمائڻ ڦيرائڻ ۽ وندرائڻ ۾ عورت ايترو اڳتي نڪري ويئي، جو پنهنجو سڀڪجهہ ان جي حوالي ڪري ويٺي. هڪ دفعي جڏهن عورت جو مڙس گهر موٽيو تہ کيس پنهنجي زال برف وانگر ٿڌي لڳي. دل تہ هئي ئي هڪڙي، جا عورت ڪنهن ٻئي کي ڏيئي ڇڏي هئي. گهٽيءَ ٻڌڻ کان پوءِ سمورو سچ پنهنجي مڙس کي ٻڌائي ڇڏيائين. هڪڙو ڏوهہ ڪري ۽ ان کي لڪائڻ لاءِ روز روز وري ٻيا نوان ڏوهہ ڪندي رهي، انگريز عورت ڪٿ ائين ٿي نٿي سگهيو! مڙس کي پنهنجي پيرن هيٺان زمين ڪسڪندي محسوس ٿي! پنهنجي ٻارن جي ماءُ، جنهن جي ياد ئي کيس پرديس ۾ سڌير بنائيندي ۽ خوش رکندي هئي، ان جي بيوفائيءَ کيس ڏاڍو صدمو پهچايو. آخر پنهنجي زال جي عاشق کي گولين سان پروڻ ڪري پاڻ کي پوليس جي حوالي ڪيائين. جنهن سندس دنيا ڦري هئي، تنهن کي ئي ختم ڪري ڇڏيائين.

گاڏي اجا بہ بيٺي رهي. اخبار تان ٿڙي، منهنجي نظر پر ۾ بيٺل گاڏيءَ ۾ سوار هڪ مکڙي تي وڃي پيئي. ٻڪي وڏي گيدوڙي وانگر ٻَر ٻَر ڪندڙ عورت جو منهن، ماحول ۾ مُرڪون ورهائي رهيو هو. شايد ڪا ڳوناٽي عورت شهر وڃي رهي هئي، مون دل ئي دل ۾ سوچيو. ننڍڪلي دريءَ تي قبضو ڪريو ويٺي هئي، جڻ ڪنهن ڪا سهڻي تصوير دريءَ جي چوکٽي ۾ فريم ڪري ڇڏي هئي. ڪن پل لاءِ اسان جون نظرون مليون. هوءَ ٽڙي ٽڙي ٽمڪ ڏيندي رهي، جڻ چئي رهي هجي تہ "مون کي خبر هئي تہ تون ضرور مون ڏانهن نهاريندين." ڳوناٽي عورت جي .ٻ لوٺ ڪِل چئي رهي هئي تہ "ڏس نہ سائين، نرم گادين واري گاڏي ۾ اڪيلو ويٺو آهين، ۽ اسين .... هتي ڪڪڙن ۽ ڪڪڙين وانگر سٿيا پيا آهيون، هڪ ٻئي جي مٿان. تون شيشن واريءَ دريءَ مان اُس جو مزو بہ پيو وٺين. ڪجهہ ويهندي ڪجهہ

ليئينديس اخبار بہ پيو پڙهين ۽ سفر بہ پيو ڪرين. جيو سائين جيو، توهان شهري ماڻهو." ٽڙ ٽڙ ٺهڪ ڏيئي پئي ڪِلي. ڇڻ ڪنهن چنچل جي چُنيءَ جي پلاند مان پٽل موتين جون مکڙيون ڇڙي، ٽڙي پکڙي رهيون هجن.

مون وري اخبار ڏٺي. انگريز عورت جج اڳيان بيان ڏنو هو تہ منهنجو اندر واپاري، ڪمزور ڪري وڌو. ان ڪري مون پنهنجي مڙس سان بي وفائي ڪئي. واپاري مون کي شاديءَ جا ڏاڍا ڏيئي پري پري گهمائڻ ڦيرائڻ وٺي ويندو هو ۽ وڏين وڏين هوٽلن ۾ رهائيندو هو. منهنجو مڙس ڇهہ ڇهہ مهينا ٻاهر، پويان سياري جون ڪيڏيون نہ ڊگهيون راتيون! ڪاش منهنجو مڙس پرڏيهہ نہ وڃي ها. هو تہ ديوتا آهي. واپاري بلڪل خراب ماڻهو هو. هر ڀيري مون کي شاديءَ جو آسرو ڏيئي ٻاهر وٺي ويندو هو، پر واعدي نباهڻ کان سواءِ ئي مون کي جُونو ڪري واپس گهر ڇڏي ويندو هو.

منهنجون اکيون جيئن ئي اخبار کان هٽيون، سامهون دريءَ واري عورت ساڳئي نموني مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. اوچتو سندس چُني منهن تان هيٺ ترڪي، ڪسڪي وئي. گهاٽا ڪارا وارا خوشبودار تيل لڳڻ ڪري چمڪيا پئي. ڪن پويان ڇلڪات ڪندڙ بَڪل، وارن مان ڪڍي وري واپس هڻڻ لڳي تہ وارن جي ڪا چڳ سندس مُکڙي تي اچي ڪري. "هيءَ نہ ڳوناٺي عورت نٿي لڳي." مون دل ئي دل ۾ سوچيو "هيءَ تہ پنهنجو پاڻ پسائڻ بہ ڄاڻي ٿي!" ڀَنيي چڳ سندس ڳلن تي ڪيڏڻ لڳي. ڳاڙهن ڳاڙهن ڳلن تي ڪنبندڙ ڪاري چڳ... پوءِ هوءَ پنهنجي تلهي، ڊگهي ۽ ڪاري چوٽي ڪلهي تان ورائي اڳيان ڪئي آئي ۽ ساڻس ڪيڏندي رهي. گهڙي چوٽيءَ جا ويڙهہ کولي نہ گهڙي ويڙهي. ڪهڙا نہ ڊگها ۽ سهڻا وار هئس.

مون وري اخبار پڙهڻ شروع ڪئي. ماڻهو ان ڪيس بڌڻ لاءِ اصل چريا هئا چريا. ڪورٽ جي ٻاهران ميڙ لڳي ويندا هئا شنوائيءَ جي ڏينهن. جنهن جيپ ۾ جوابدار ايندو هو ان تي ماڻهو گل وَسائيندا هئا. ڪورٽ جي ٻاهران ڪاليجي جوان بائبل ۽ گيتا جو پاٺ ڪندا هئا. هٿ کڻي دعائون گهرندا هئا تہ اي ڌڻي هن کي ڪيس مان آجو ڪر. شهر جون جوان جوان ڇوڪريون هن کي خطن ۾ پنهنجون تصويرون وجهي موڪلينديون هيون ۽ هرڪا ساڻس شادي ڪرڻ تيار هئي.

ڪارروائي ڇپجڻ جي ڏينهن اخبارن کي پنهنجا وڏيڪ ۽ وري وري ايڊيشن ڪڍڻا پوندا هئا .اخبارون وڌ ۾ وڌ اهميت هن ڪيس جي خبرن کي ڏيند يون هيون. ماڻهو هزارن جا شرط رکندا هئا. هن جي ڇُٽڻ يا نہ ڇُٽڻ بابت.

گاڏي جو اجا بہ نہ هلي تہ پريشانيءَ ۾ منهنجي اک اخبار تان ٿڙڪندي ئي ساڳئي ڪِلندڙ ٽِڙندڙ مُکڙي تي پيئي. هاڻي سندس پاڪرن ۾ هڪ ٻار هو. ڳورو، ڳٿول جهڙو مکڻ جو ڇاٽو. ماٽس ڪٽڪ ورني تہ ٻار ڪير جهڙو اڇو. اسان جون اکيون ملنديٰ ئي عورت گاڏيءَ ۾ وينلن کي پُٺ ڏيئي سڌي دريءَ ڏانهن ٿي چولي جا بٽڻ کولڻ شروع ڪيا. ڪن پل ۾ سندس جُلڪندڙ ڇاتي صاف نظر اچڻ لڳي. پنهنجو ٿڻ جهلي ٻار جي وات ۾ وجهي ٻار کي ڪير پيارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، پر ٻار ڪو خاص بکايل نٿي لڳو. ڪنهن وقت ڪا ڍُڪ بہ ورتائين ٿي نہ تہ گهڻو تڻو پنهنجي مچريل مٽي سان ماٽس جي ڇاتيءَ کي ٺونا هڻندو رهيو ۽ هوءَ ٻار سان ڪيچل ڪندي کلندي رهي. اٺاهہ پيار پريل پلڪن سان پُٺ کي ڏسندي، ڪنهن وقت ٿڻ کي هٿ سان هيٺ مٿي ڪندي تہ ڪنهن وقت ٻار کي هيٺ مٿي ڪندي ڪيس ٿڃ ڏارائڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين، پر ٻار جي اها ئي ساڳي شيطاني! گهڻو وقت ائين ڪندي عورت وري مون ڏانهن ڏٺو، ڄڻ چئي پيئي. "ڪيڏو نہ شرارتي آهي، پر پوتينڙيءَ جا سڀ ٻار ائين ٿيندا آهن. ڇاتي ڪير مان ڦاٽيم ٿي ۽ ڪير جمي پوڻ ڪري ڇاتيءَ ۾ ڳنڍا ٿي سور ٿي پيو اٿم، ٻري هي تہ پيئي ئي نٿو.

اوچتو مون کي هوش آيو تہ هيءَ ڇا، آءٌ پراڻي عورت جي اوگهڙ پيو ڏسان! سو جهٽ گهٻرائجي وري اخبار ۾ ڏٺم. ڪيس جي رپورٽ اجا هلندڙ هئي. جوابدار جي آفيسر جو بيان هو تہ اسان جي آفيس ۾ هي سڀ کان وڌ شريف

۽ لائق، ڪم ڪندڙ ماڻهو آهي. آفيس ۾ هن جو ذڪر هميشه نيڪ ۽ چڱن ماڻهن وانگر ٿيندو آهي، هن جي خلاف ڪڏهن به ڪا رپورٽ نه آئي آهي. شهر جي سڀ کان وڏي ڊاڪٽر جو چوڻ هو ته فوتيءَ کي لڳل سڀ جون سڀ گوليون سامهون کان لڳل آهن ۽ بزدلن وانگر پويان لڪي بي خبريءَ ۾ ڪا به گولي لڳل ناهي.

ٻنهي ٻيڻل گاڏين مان خبر ناهي ڪهڙي گاڏيءَ جي سيٽي لڳي. مون اخبار ڇڏي ته نظر ساڳي عورت تي وڃي پيئي. ڇا ڪجي، جاءِ ئي اهڙيءَ تي ويٺل هئي، نظر جي بلڪل سامهون. ساڳي طرح ڪلندي مُرڪندي ٻار کي دريءَ مان ٻاهر ڪڍي پيشاب ڪرائي رهي هئي. ٻار جي پيشاب جي سيڙهه ذري گهٽ اسان واري گاڏي تائين پهتي ٿي. مون کي لڳو ڄڻ مائيءَ جون شوخ نظرون صاف صاف چئي رهيون هيون. " ڇا ٿو ڇنين ٻچا! چوين ته ٻار جي پيشاب جي سيڙهه تنهنجي گاڏيءَ جي گاديلن تائين به پُڄائي سگهجي ٿي. اڪيلو ئي سڄي گاڏيءَ تي قبضو ڪريو ويٺو آهين. سفر به پيو ڪرين، مزو به ويٺو وٺين، اخبار به پيو پڙهين!"

اوچتو سامهون واري گاڏي هلڻ لڳي. ٻار پيشاب ڪندو رهيو ۽ گاڏي هلندي رهي. مون دريءَ مان اٿي ڏٺو ته اُن شيطان جي پيشاب جي سيڙهه، اسان واريءَ گاڏيءَ تي ليڪو پائيندي وڃي رهي هئي.

هاڻي اسان جي گاڏيءَ جي هلڻ جو وارو هو. ٻاهران اخبارون وڪڻندڙ ڇوڪرو هوڪو ڏيئي رهيو هو "تازي اخبار پڙهو، اڄ جي تازي خبر: قتل جي ڪيس جو فيصلو ٿي ويو!"

مون کي هاڻي ان ڪيس ۾ ڪا به دلچسپي نه لڳي ۽ ڪيتريءَ دير تائين ان عورت جا به نيڻ، ڳڙ ڳڙ ڏڳها ڪارا ۽ ريشمي وار، ڇلڪندڙ ڇاتين کي ٿونا هڻندڙ ڳورو ڳورو ٻار ۽ اسان جي گاڏيءَ تائين پهچندڙ هڪ پيشاب جي سيڙهه! منهنجي اکين اڳيان اهو سڀ ڪجهه ڦرندو رهيو، ڦرندو رهيو، ڦرندو رهيو...

(ٿماهي "پنجابي ادب"، نمبر ٢٨ تان ترجمو ڪيل)



# اج نہ اوطاقن ۾...!

## حاجي ولي محمد جت (ڪَڇ)

اج ڪڇ جي ٻني علائقي مان حاجي سليمان وزيرائي جت جي چٺي آئي تہ "۲۲ جون تي اسان جو عالم ۽ شاھہ جي رسالي جو ڄاڻو حاجي ولي محمد ڀٽاري وارو اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو. شال ڪيس رب پاڪ جنت ۾ جاءِ ڏني، آمين."

حاجي ولي محمد صاحب جن سان منهنجي پهرين ملاقات مارچ ۱۹۸۴ع ۾ ٿي هئي، جڏهن مان پهريون دفعو سندن ڳوٺ ڀٽاري ۾ ويو هوس. هڪ سڄو ڏينهن حاجي صاحب سان رهاڻ ٿي هئي ۽ مون وٽ سندن انٽرويو هڪ آڊيو ڪئسيٽ تي آهي ۽ اُها ڪئسيٽ اج منهنجي لاءِ هڪ اَملهہ خزانو آهي. خط پڙهي مون کي ائين لڳو تہ نہ فقط ٻنيءَ جي سنڌين، ڀارت جي سنڌين، پر دنيا جي سنڌين هڪ بلند پايي جو عالم ۽ "شاھہ جي رسالي" جو هڪ وڏو عالم وڃايو آهي. شخصي طور مون ٻنيءَ جو هڪ اهڙو بزرگ وڃايو آهي، جنهن سان خاص پوني مان وڃي ٻنيءَ ۾ رهاڻ ڪندو هوس.

ڪڇ ۾ جتن ۽ ٻين ڪيترين جاتين ۾ حاجي تہ گهڻا، پر "حاجي ولي محمد هڪڙو." پاڻ مون کي انٽرويوءَ ۾ ٻڌايائون تہ هو ٻہ دفعا حج تي ويا هئا: هڪ پڳين ( يعني پنڌ. ڪڇي ٻوليءَ ۾ پير کي پڳ چوندا آهن) ۽ ٻيو دفعو هوائي جهاز ۾. پاڻ ائين پڻ فرمايو هئائون تہ جڏهن هو پنڌ ويا هئا تڏهن هنن اُن دوري جا تاثرات، شهرن جا بيان ۽ جن جن عالمن سان هو گڏيا هئا، اُنهن جا بيان ۽ ٻيا آزمودا لکيا آهن، اُها ڊائري وٽن سلامت آهي. مون گهڻي ڪوشش ڪئي تہ جيئن اُها ڊائري ڇپجي سگهي، پر حاجي صاحب اُها ڇپائڻ لاءِ تيار نہ ٿيا.

حاجي صاحب علم جا وڏا شائق هئا. ڪڇ جي رڻ ۾ خاص ڪري ٻني علائقي ۾، جتي واري ڀيٽي وَسي، اُتي حاجي صاحب وٽ ٻہ وڏا ڪاٺ جا ڪبٽ ڪتابن سان ڀريل هئا. جن ۾ ڪيترائي عربي، اُردو ۽ سنڌيءَ جا ديني ڪتاب تہ هئا، پر اُنهن کان سواءِ ٻيا ڪيترائي ڪتاب، جن ۾ طب ۽ تاريخ سان واسطو رکندڙ ڪتاب پڻ هئا. وڏي شوق ۽ حفاظت سان رکيل هئا.

حاجي صاحب جي ڪتب خاني ۾ ناياب ۽ املهہ ماڻڪ جيڪو مون ڏٺو، اُهو آهي شاھہ جي رسالي جو هڪ تمام سهڻو دستخط، جو دراصل حاجي جي والد صاحب جي هٿن سان لکيل هو. هيءُ دستخط ۱۹ صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري لکيل آهي.

حاجي ولي محمد صاحب شاھہ جي ڪلام جا وڏا پارکو هئا ۽ جڏهن بہ ملاقات ٿيندي هئي تڏهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ هو شاھہ صاحب، بُلي شاھہ، ڪبير ۽ ٻين ڪيترن ئي صوفي شاعرن جي ڪلام جي تمام سهڻي وياکياڻ ڏيندا هئا.

۱۹۸۰ع ۾ ئي مون حاجي ولي محمد صاحب جن جي ڪتبخاني ۾ "ڇڳي جَت" جي ڪلام جو دستخط ڏٺو هو، جيڪو حاجي ولي محمد صاحب پنهنجن هٿن سان لکيو هو. اهو سڄو ڪلام حاجي سليمان جت "ٻنيءَ جا ٻول-جتن جا قول" ڪتاب ۾ ڇپايو، جيڪو ڪتاب گجرات سنڌي اڪادميءَ سرڪاري خرچ تي ڇپايو.

پوين ڏهن سالن کان ڀڄ ريڊيو تان حاجي ولي محمد صاحب جي تقريرن جو هڪسلسلو چالو ٿيو هو، جيڪو ڪڇ جي سنڌين ۾ چڱو مقبول ٿيو هو. اهڙي عالم کانسواءِ "ٻني" اج چئني ڇوري ٿي پيئي آهي. شال رب پاڪ کين جنت ۾ جاءِ ڏني. (آمين)

ڊاڪٽر پرسو. جي. گدواڻي
(پونا، ڀارت)

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

(١) پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اهو ڄاڻائڻ لازمي آهي تہ اهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ لاءِ ڪنهن اخبار يا رسالي کي نہ موڪليل آهن.

(٢) ترجمي جي صورت ۾، جڏهن مواد ترجمو ڪيو وڃي، ان اصل جي صاف فوٽو ڪاپي سان موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح ضروري حوالا پڻ ڄڻائيءِ سان ڄاڻائڻ لازم آهن، جي آخر ۾ اچن.

(٣) مواد ۾ پيش ڪيل راين، تجويزن، نتيجن ۽ علمي ۽ فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ کپي.

(٤) اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر پابند نہ رهندو.

(٥) ايڊيٽر کي مواد ۾ درستين ۽ ڦيرفار ڪرڻ جو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

(٦) فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.

(٧) مواد، صاف سُٺن اکرن ۾، مس سان، فل اسڪيپ ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي، فون نمبر هجي تہ اهو بہ لکجي.

(٨) پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي. ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ پابند نہ رهندو.

(٩) ڇڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ ڪافي وقت ڏيڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، اطمينان ڪجي تہ مواد آخري طرح صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي. -- **ادارو**

*Attention*

Habib Bank
Account Holders
You can now draw cash
24 Hours a Day
365 Days of the Year




Habib Bank has installed ATMs to provide round the clock Self Service Banking to more and more account holders.

ATMs are presently operating at Karachi, Lahore, Islamabad, Rawalpindi, Peshawar and Faisalabad.

Our ATM network will soon cover other important commercial centres throughout Pakistan.

Contact your Branch Manager today for your ATM Card.

A Tradition of Better Service

Habib Bank Limited

PID(I)